
يورپ جا
ڏينهن
يورپ جون
راتيون
(سفر نامو)
الطاف شيخ

# يورپ جا ڏينھن، يورپ جون راتيون

(اسڪئنڊينيوين ملڪن جو سفرنامو)

الطاف شيخ

ڊجيٽل ايڊيشن
2021ع
سنڌ سلامت ڪتاب گھر

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر 203

ڇپائيندڙ نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
ڇپيندڙ واحد پرنٽنگ پريسڪراچي
عبدالبردارس، ليزر سسٽم،
لجپت روڊ، حيدرآباد سنڌ
پهريون ايڊيشن آگسٽ 1996ع
ٻيو ايڊيشن اپريل 2001ع
قيمت 90/- رپيا

(ليکڪ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم)

## ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com

Europe Ja Ddeenhan. Europe Joon Rattiyoon
(Travelogue)
By: ALTAF SHAIKH
Published by New Fields Publications.
Tando Wali Mohammad, Hyderabad, Sindh
First Edition August 1996,
Second Edition April 2001.
Price per copy Rs 90
Book No 203

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران ناميارِي سفرنامانگار ۽ مئرين انجنيئر **الطاف شيخ** جو اسڪئنڊينيوين ملڪن بابت لکيل سفرنامو **”يورپ جا ڏينهن ۽ يورپ جون راتيون“** اوهان اڳيان پيش آهي. يوسف شاهين لکي ٿو:

”گذريل پنجاهه سالن دوران سنڌ مان چند ماڻهن ڪن خاص ملڪن بابت سفرنامہ لکيا آهن، پر الطاف شيخ شايد واحد شخص آهي جنهن نہ فقط دنيا جو وڏو حصو اکين سان ڏٺو آهي بلڪ اتي جون حالتون، تيز مشاهدي سبب بيحد عالمانہ انداز ۾ قلمبند ڪيون آهن. هن جون بامقصد لکڻيون نہ فقط سنڌي ادب جو اهم ترين ورثو آهن، بلڪ اڄوڪي تاريخ جو انتهائي ڪارائتو حصو پڻ آهن. هن شخص، باقاعده مهم طور هڪ مجاهد جي حيثيت ۾ پنهنجي لکڻين ذريعي اها ڪوشش ڪئي آهي تہ سنڌي پنهنجي ذات، احساس ڪمتري ۽ اڇاڇائي جي قيد کان آزاد ٿي ڳوٺن کان ٻاهر نڪرڻ جي همٿ ڪن.“

هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو 1996ع ۾ ۽ ٻيو ڇاپو 2001ع ۾ نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد پاران ڇپايو ويو. اسان ٿورائتا آهيون الطاف شيخ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ آنلائين اپلوڊ ڪرڻ لاءِ موڪلي.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست


1- . مهاڳ - يوسف شاهين 9
2- . پيش لفظ- ڊاڪٽر نسرين جوڻيجو 20
3- . راٽرڊئم - (هاليند) پهچڻ 30
4- عيون تناجي عيون.... 36
5- عرب نوڪري نٿا ڏين 42
6- سوئر ڪاڏئي تہ ڪهڙي ڳالهہ تي 47
7- هاليند جي ٽرام ۾ مِس ٽِري 50
8- قصو راٽرڊم ۾ ڊنر جو 56
9- مالمو (سئيڊن) کان ائمسٽرڊم (هالند) 65
10- سياري جو مينهن ساهہ سڪائي 72
11- پنهنجي زال سان بہ نٿو گهمي سگهجي 80
12- ڪهڙي ملڪ جو تي سگهي ٿو... 87
13- سري نام ڏکڻ آمريڪا جو هندوستان 95
14- جهازن جي چڪاس لاءِ 103
15- عورت خوشيءَ سان رنڊي نٿي ٿئي 108
16- پاڪستاني سامان جي فنشنگ سٺي 113
17- مجبوريءَ جو جهندو ۾ شادي 116
18- مسلمانن لاءِ مانيءَ جو مسئلو 120

19- ڊسڪو لينڊ ۽ اسپرنگ برائيڊ 115

20- 17 صدي- ڊچ تاريخ جو سونهري دور 130

21- ڊچ زبان 134

22- ڊچ انڊيز 138

23- پاپئا نيوگني ۽ ايريان جايا 140

24- ڊچ لڙايون 141

25- ڊچ ويسٽ انڊيا ڪمپني 144

26- يورپين جي ڌارين لاءِ سوچ 146

27- ريل گاڏيون سمنڊ ڪيئن ٽپن ٿيون 154

28- ڌارئين ناٽي مٿائڻ جو مسئلو 159

29- هر ايئرپورٽ تي پاڪستانيءَ لاءِ مسئلو 166

30- اوسلو جي هوائي اڏي تي انتظار 172

31- جهاز لاءِ هڪ ضروري ٽيسٽ 181

32- نارويجن جو ايراني پٽ 186

33- اليسُنڊ (ناروي) جو گل آهوجا 189

34- ٿائي ۽ فلپينو عورتون ناروي ۾ 197

35- پڪي اچڻ تي ڇريون تڪيون ڪيون 201

36- ڪجهه ناروي بابت 204

37- فنلينڊ ۾ ٿائي ڪاڏو 207

38- اعليٰ تعليمي نظام جو راز 212

| | |
|---|---|
| 39- تون سوئر ڇو نٿو کائين.....؟ | 218 |
| 40- هيلسنڪي کان ڪوپن هيگن ۽ مالمو | 223 |
| 41- ڊائناسورس معنيٰ خوفناڪ ڇِڇي | 229 |
| 42- پرديس ۾ ڪجهه مذهبي مونجهارا | 234 |
| 43- چيني آفيمي ڪيئن ٿيا | 242 |
| 44- يورپ ۾ رهندڙ جپسي ڪير آهن؟ | 256 |
| 45- ڇا سگريٽ مان نقصان آهي؟ | 262 |
| 46- اصل بار ڪهڙو آهي؟ | 265 |
| 47- پٽ ڪپي يا پٽاٽا؟ | 267 |
| 48- اسان جا ٻار موڳا ڇو آهن؟ | 269 |
| 49- ڇا ٻج پکين جو کاڌو آهي؟ | 273 |
| 50- ڇا عربي ڳالهائڻ وارا مسلمان آهن؟ | 275 |
| 51- ڪهڙي فلم جو گانو آهي؟ | 276 |
| 52- ولايت ۾ نوڪري لاءِ پورهيت | 280 |
| 53- سرڪار جا نہ جهاز، نہ بندرگاهہ | 284 |
| 54- جنهن کي وڻين مور بڻائين | 288 |
| 55- فنلينڊ ۽ ٿائيلينڊ ۾ فرق | 296 |
| 56- فنلينڊ- سيسو ۽ سانا جو ملڪ | 301 |
| 57- راتين بنا راتيون | 306 |
| 58- گهران رُسي گهمڻ لاءِ نہ نڪرجي | 311 |

59- بهتر آهي سموڪنگ ڇڏي ڏجي 316

60- هيلسنڪيءَ جو شهر 373

61- ”يورب ڄائي“ ڪتاب سئيڊش زبان ۾ 328

62- آخري زار ۽ زرينا جو اولاد 337

63- فنلينڊ ۽ هيلسنڪي بابت 341

# مهاڳ

1981ع ۾ منهنجو بئنڪاڪ وڃڻ ٿيو، منهنجي زندگي جو اهو پهريون غير ملڪي دورو هو. ٿائليند جي گادي واري شهر بئنڪاڪ ۾ منهنجي هڪ پاڪستاني مهاجر دوست جي ريسٽورينٽ هئي جيڪا هن تمام ٿورن پئسن ۾ مون کي ڪراچي ۾ وڪرو ڪري ڏني، مون بنا ڏسڻ وائسڻ جي، محض ان ڪري اهو سودو ڪري ڇڏيو ته گهٽ ۾ گهٽ ان بهاني سان بئنڪاڪ ۾ پير ڪپائڻ ۾ سولائي ٿي پوندي، خاص طور معمولي سيڙپ سان ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ ڌنڌو ڪرڻ جو موقعو ملي پوي ته انڪان وڌيڪ ڪا سٺي ڳالهه نه هئي. اهو ڊسمبر جو مهينو هو، سخت سيءَ سبب اسان ڏاڍا ڪوٽ سئوٽ پائي ايس اي ايس جي جهاز ۾ بئنڪاڪ پهچي وياسين، جيئن ئي بئنڪاڪ جي ايئرپورٽ کان ٻاهر نڪتاسين ته گرمي وڪوڙي وئي ۽ گرم ڪپڙا ڪائڻ لڳا. معلوم ٿيو ته بئنڪاڪ ۾ سيارو ٿيندو ئي ناهي، هتي سڄو سال موسم گرم رهندي آهي. اسان ايئرپورٽ کان سڌو ان ريسٽورينٽ تي وياسين جنهنجو مون سودو ڪيو هو. ان ريسٽورينٽ ۾ يارنهن ڪن جوان ڇوڪريون ڪم ڪري رهيون هيون. منهنجي مهاجر دوست سيني سان منهنجو تعارف ڪرايو ۽ پوءِ ٿائي ٻولي ۾ ڪافي دير تائين ملازم

ڇوڪرين سان ڳالهائيندو رهيو. آئون حيران هوس ته هن همراهه فقط ڇهه مهينا اڳ اها ريسٽورينٽ کولي هئي ۽ ايتري مختصر عرصي ۾ ايڏي رواني سان ٿائي ٻولي ڳالهائي رهيو هو، ائين ٿي لڳو ڄڻ هو ٿائي هو. مون دل ۾ سوچيو ته سنڌ ۾ رهندڙ هي مهاجر جيڪي ڳڏريل چاليهه سالن کان سنڌ ۾ رهن ٿا، انهن ڪڏهن به سنڌي جا ٻه اکر سکڻ جي ڪوشش نه ڪئي. بهرحال، آئون ست ڏينهن بئنڪاڪ ۾ رهيو پيو هوس، جنهن هوٽل ۾ ترسيل هوس انجي ٻاهران ڪيترائي عورتن جا دلال هر وقت بيٺل نظر ايندا هئا، جيڪي هٿن ۾ اگهاڙين ڇوڪرين جا فوٽو کنيو، هوٽل مان نڪرندڙ هر مسافر کي ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. مون به رونشي طور ۽ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي دلالن سان ڳالهايو ۽ تصويرون ڏٺيون. انهن ۾ ڪجهه امريڪي ڇوڪرين جون به اگهاڙيون تصويرون هيون. مون پڇيو ته ڇا هي به هتي هلن ٿيون؟ ڇيائون هائو، اوهان حڪم ڪريو. جڏهن مون وڌيڪ امريڪي ڇوڪرين بابت سوال ڪيا ته چيائون اهي بيڪار آهن اوهان ٿائي، چيني يا ويٽنامي ڇوڪرين مان ڪا پسند ڪريو، جن جو اگهه سئو ڏيڍ سئو رپين کان مٿي نه هو. آئون جيترا به ڏينهن بئنڪاڪ ۾ رهيو پيو هوس انهن سڀني ڏينهن دوران منهنجو دوست هر روز مون کي ڪڏهن ڪلب ۾ ته ڪڏهن ڪنهن ڊسڪو ۾ وٺي

ويندو هو، جتي وچ اتي ڊانس، ميوزڪ، شراب ۽ عطر جي تيز خوشبو سان گڏ جوان خوبصورت ڇوڪرين جا ولر ملندا هئا. هڪ ڊسڪو ۾ جڏهن وڃڻ ٿيو ته اتي ويهارو کن ڇوڪريون ڊانس ڪري رهيون هيون. اسان هڪ خالي ٽيبل تي ويهي رهياسين. اڃا مس ويٺاسين ته هڪ ڇوڪري اسٽيج تان لهي مون ڏانهن هلي آئي ۽ چيائين اچ ته ڊانس ڪيون. ائين چئي هن منهنجي ٻانهن ۾ هٿ وڌو ۽ پاڻ ڏانهن ڇڪيائين. آئون وائڙن جيان هن ڏانهن ڏسندو رهيس، هوءَ پاڪر ۾ ويڙهي، مونکي اڳيان ڪٺي وئي. اهڙي قسم جا ڪيترائي واقعا مون سان پيش ايندا رهيا جن منهنجي ذهن کي ڌوڏي وڌو. ائين لڳم ٿي جڻ ته دماغ ۾ ڪي نه ختم ٿيندڙ زلزلا اچي رهيا هجن، مون ان کان اڳ زندگي جا ڪيئي روپ ڏٺا هئا، ڪيئي فلسفا، ڪيئي قومن جي عروج ۽ زوال جا داستان پڙهيا هئا ... مذهب، ٻولين، تهذيبن ۽ عالمي تاريخ بابت ڪيئي ڪتاب منهنجي مطالعي هيٺ رهيا هئا، پر ڪنهن به ڪتاب يا تاريخي واقعي منهنجي ذهن کي ايترو متاثر نه ڪيو جيترو آئون هتي ستن ڏينهن اندر ٿيس. سڀ کان اول مون ريسٽورينٽ جو سودو منسوخ ڪري ڇڏيو. سوچيم ته سياڻي منهنجا پٽ يا پائر هتي ايندا ته پوءِ انهن جو ڇا ٿيندو؟ آئون واپس ڪراچي هليو آيس. ڪيترائي ڏينهن ان ويڌن ۾ مبتلا رهيس ته دنيا بابت جيڪو تصور

منهنجي ذهن ۾ آهي، يقينن دنيا ان کان مختلف آهي. مون پاڻ کي کوهه ۾ بند محسوس ڪيو. نيٺ فيصلو ڪيم ته سڄي دنيا لازمي طور ڏسڻ گهرجي، پر اهو ڪو سولو ڪم نه هو، ان لاءِ ڪافي پئسا ۽ وقت گهرجي. ان مسئلي جو حل فقط اهو هو ته ايڪسپورٽ جو ڌنڌو ڪيو وڃي، جنهن ذريعي نه فقط ٻاهر جا ملڪ ڏسي سگهبا بلڪ اهو ڪم آمدني جو وڏو ذريعو به ٿي سگهي ٿو. بهرحال، وڏي جاکوڙ ڪانپو غاليچا ۽ اونيڪس (سائو پٿر) ٻاهر موڪلڻ جا آرڊر مليا. پهريون آرڊر سنگاپور کان آيو، نتيجي طور آهسته آهسته سنگاپور ڏانهن وڃڻ ٿيو. ٻن سالن دوران گهٽ ۾ گهٽ ويهه ڀيرا سنگاپور ويس، ان کانپوءِ جاپان، هانگ ڪانگ ۽ تائيوان ڏانهن وڃڻ ٿيو، جتان پوءِ جرمني، اٽلي، برطانيا ۽ آمريڪا جا دورا ڪيم. انهن دورن سبب اها ڳالهه يقين ۾ بدلجي وئي ته جيڪي ڪجهه ڪتابن ۾ پڙهيو هوم دنيا ان کان گهڻو بدلجي چڪي آهي. قديم تهذيبون تيزي سان پڄجي پورا پورا ٿي رهيون آهن. مذهبي قدر، بدلجندڙ دنيا جو ساٿ نٿا ڏئي سگهن. مذهبن طرفان اخلاق بابت جيڪي معيار مقرر ڪيا ويا هئا انهن کي ترقي يافته قومن اڻ سڌي طرح رد ڪري ڇڏيو آهي. هاڻ اهو ضروري نه رهيو آهي ته عورت پڙدي ۾ رهي يا بي پڙدي عورت کي بداخلاق سمجهيو وڃي. ايتري قدر جو اڌ اگهاڙي، غير مرد سان

ڳالهيون ڪندڙ عورت به بداخلاقي جي دائري ۾ نٿي اچي. برطانيا جي شهزادي جي زال "ڊايانا" تي وي تي اچي اهو چئي ڏنو ته هن شادي ڪانپوءِ چئن غير مردن سان ياري رکي ۽ انهن سان هم بستر به ٿي آهي. برطانيا جو شهزادو چارلس، اهو سڀ ڪجهه ٻڌڻ جي باوجود ڪجهه به نه ڪري سگهيو، جڏهن ته هن جي پڙ ڏاڏي هينري انين، محض شڪ جي بنياد تي پنهنجي زال ڪيٿرين جو ڪنڌ ڪپائي ڇڏيو هو. اڄ برطانيا جي وزيراعظم جان ميجر ڪي خبر ناهي ته هن جو پيءُ ڪير آهي؟ هن وقت ترقي يافته ملڪن جي عورتن بابت جيڪڏهن جيڪب آباد جي ماڻهن کان فيصلو ڪرايو وڃي ته هو سيني کي "ڪارو ڪاري" جي سزا ٻڌائي مارائي ڇڏين. حالت ان حد تي پهتل آهي ته ڪا به ڪنواري ڇوڪري، پيٽ ۾ ٻار ڪٽي ڪنهن به اسپتال ۾ ان جو ويم ڪرائي سگهي ٿي. اسپتال وارن کي قانوني طور اهڙو ڪو به حق حاصل ناهي ته هو ان ڇوڪريءَ کان ٻار جي پيءُ جو نالو پڇي سگهن.

ترقي يافته ملڪن ۾ هاڻ شادي ڪرڻ جو رواج به گهٽجي رهيو آهي. مذهبن طرفان ڄاڻايل اها رسم آهسته آهسته پنهنجي اهميت وڃائي رهي آهي. چون ٿا ته عورت ۽ مرد پاڻمرادو هڪ ٻئي سان گڏ زال مڙس جيان زندگي گذاري سگهن ٿا. يورپ ۽ آمريڪي ڪنڊ ۾ اهڙا هزارين جوڙا

ملن ٿا جن ڪڏهن به شادي نه ڪئي آهي. هنن ڪي ٻار به آهن ۽ پيار ڀري زندگي به گذارين ٿا. ڪي ڪي اهڙا جوڙا به آهن، جيڪي پيري ۾، پٽن پوٽن وارا ٿيڻ ڪانپوءِ شادي واري رسم ادا ڪن ٿا. دراصل، مذهب جي ڄاڻايل اخلاقي قدرن جو بادشاهن، شهزادن، راجائن، نوابن، جاگيردارن ۽ سردارن انتهائي ناجائز فائدو ورتو. هنن پاڻ سڀ ڪجهه ڪيو پر عوام کي اهڙن ڪمن کان نه فقط روڪيندا هئا بلڪ سخت سزائون به ڏيندا هئا. فرينچ ۽ سوشلسٽ انقلابن اچڻ ڪانپوءِ دنيا تيزي سان پلٽو کاڌو آهي ۽ مذهبي قدرن خلاف هر طرف بغاوتون شروع ٿي ويون آهن، جيڪي اڃا تائين جاري آهن. هاڻ ترقي يافته ملڪن ۾ عورت کي ڪنهن به لحاظ کان مرد کان گهٽ درجو حاصل ناهي. هوءَ پنهنجي مڙس کي طلاق ڏئي سگهي ٿي ۽ ملڪ جي قيادت به ڪري سگهي ٿي، جڏهن ته مذهبي نظريه انهن ڳالهين جي مخالفت ڪن ٿا. عيسائي دنيا ۾ اڳي اها مذهبي روايت هئي ته زال ۽ مڙس جو رشتو خود خدا جوڙي ٿو، ان ڪري اهو رشتو خدا کانسواءِ ٻيو ڪو به شخص ٽوڙي نٿو سگهي. نتيجي طور زال ۽ مڙس وچ ۾ طلاق ناممڪن ٿي پئي. اهو معمولي معاملو حل ڪرڻ لاءِ عيسائيت ۾ ڪيئي تحريڪون هليون، جن ۾ پروٽيسٽنٽ تحريڪ خاص طور قابل ذڪر آهي، جيڪا چار سئو سال اڳ جرمني کان شروع ٿي. ان تحريڪ سبب طلاق

جي معاملي تان بيشمار ماڻهن کي جيئري ساڙيو ويو. هينئر عيسائي دنيا جي حڪمرانن مذهبي نظريا پاسي تي رکي، ڪورٽن کي اختيار ڏئي ڇڏيا آهن ته ڪا به زال يا مڙس جڏهن به طلاق جي درخواست ڏي ته ان کي منظور ڪيو وڃي. ترقي يافته قومن خيرات ۽ زڪوات جي مذهبي نظريه ڪان تمام مٿاهون ”سوشل سيڪيورٽي“ جو نظام به رائج ڪيو آهي. ان نظام هيٺ ڪنهن کي به غريب، يتيم يا محتاج سمجهڻ بدران، حڪومتن کي پابند ڪيو ويو آهي ته هر ضرورتمند شخص کي بنيادي ضرورتون مهيا ڪن. ان نظام تحت بيروزگارن کي هر هفتي باقاعده الائونس ڏنا وڃن ٿا ته جيئن هو معاشري ۾ بهتر زندگي گذاري سگهن. اهو بيروزگاري الائونس، زڪوات ۽ خيرات بدران ”حق“ طور ڏنو وڃي ٿو ته جيئن ڪنهن جي به ضمير کي ڌڪ نه لڳي ۽ ڪو به احساس ڪمتري ۾ مبتلا نه ٿئي. اڄ دنيا ۾ هڪ نئين عوامي تهذيب پروان چڙهي رهي آهي جنهنجو خالق خود عوام آهي. هو مذهبي روايتن کي ٽوڙي، پنهنجي سمجهه ۽ ضرورت آهر نيون نيون روايتون ۽ نوان اخلاقي قدر جوڙي رهيو آهي. فقط ٽين دنيا جي ملڪن ۾ جتي عوام کي اڃا تائين حقيقي اقتدار حاصل نه ٿي سگهيو آهي، جتي بي انتها غربت ۽ جهالت آهي، اتي جا معاشرا اڃا تائين مذهبي روايتن جي تابع هلن ٿا. اڄ تاريخ ۾ پهريون ڀيرو هيءَ ڳالهه به ڪئي

وجي ٿي ته نه فقط سڀ قومون ۽ ملڪ آزاد ۽ خودمختيار هئڻ گهرجن بلڪ هر شخص، انفرادي طور آزاد ۽ خود مختيار هئڻ جو حق رکي ٿو. شخصي آزادي، قوم ۽ ملڪ جي آزادي وانگر مقدس ۽ اهم آهي. دنيا ۾ جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي، اهو غلط هجي يا صحيح، اسان کي ان جي ڄاڻ ضرور هئڻ گهرجي، اڻ ڄاڻ رهڻ گناهه آهي. مون جن ٻه ملڪن جو دورو ڪيو ۽ جيڪي ڪجهه اتي ڏٺو، ان بابت سوچيو هوم ته ڪو ڀرپور سفر نامو لکندس. اجا اهڙيون تياريون ڪري رهيو هوس ته اوچتو الطاف شيخ جا سفرنامه سنڌي اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيڻ لڳا. مون ابتدائي طور متاثرو ڪجهه ڪجهه هنجا سفرنامه پڙهيا پوءِ ته هنجي لکڻين مان ڦاسجي پيس، منهنجي هن سان واقفيت نه هئي. سوچيندو هوس ته هي ڪير شخص ٿي سگهي ٿو، جنهنجو مشاهدو هڪ شاعر جيان تيز ۽ لکڻين ۾ بي پناهه قوت آهي. هو ننڍڙن پر انتهائي اهم معاملن کي تمام سادي ٻوليءَ ۾ قلمبند ڪري رهيو هو. هي ڪير نوجوان ٿي سگهي ٿو جنهنکي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان ايڏو پيار آهي، جو ماڙين ۾ رهندي مارن جي ڳالهه ڪري ٿو. هو سنڌي ماڻهن تائين اهڙي معلومات رسائي رهيو آهي، جنهن جي انهن کي وڏي عرصي کان اشد ضرورت هئي. اهي سفرنامه پڙهڻ کانپوءِ مون پنهنجو سفرنامو لکڻ جو ارادو ڇڏي ڏنو. جيڪو ڪم

مون کي ڪرڻو هو، اهو الطاف شيخ وڏيڪ خوبصورتي سان سرانجام ڏئي رهيو هو. گذريل پنجاهه سالن دوران سنڌ مان چند ماڻهن ڪن خاص ملڪن بابت سفرنامه لکيا آهن، پر الطاف شيخ شايد واحد شخص آهي جنهن نه فقط دنيا جو وڏو حصو اکين سان ڏٺو آهي بلڪ اتي جون حالتون، تيز مشاهدي سبب بيحد عالمانه انداز ۾ قلمبند ڪيون آهن. هنجون بامقصد لکڻيون نه فقط سنڌي ادب جو اهم ترين ورثو آهن، بلڪ اجوڪي تاريخ جو انتهائي ڪارائتو حصوپڻ آهن. هن شخص، باقاعده مهم طور هڪ مجاهد جي حيثيت ۾ پنهنجي لکڻين ذريعي اها ڪوشش ڪئي آهي ته سنڌي پنهنجي ذات، احساس ڪمتري ۽ اڻجاڻائي جي قيد کان آزاد ٿي ڳوٺن کان ٻاهر نڪرڻ جي همٿ ڪن. سنڌي هڪ وڏي عرصي کان اڻ ڄاڻائي جي کُن ۾ ڦاٿل رهيا آهن. دنيا ۾ ڇا پيو واهي واپري، اها ڳالهه ڇڏيو، سنڌ سان ڪهڙي ويڌن ٿي رهي آهي، اسان کي انجي به پوري خبر ناهي. شايد حر تحريڪ کان ايم آر ڊي تحريڪ تائين سنڌين کي ڏاڍو ماريو ۽ هيسايو ويو آهي. نتيجي طور سنڌين جي اڪثريت ڳوٺن ۾ لڪي وئي آهي ۽ هاڻ فقط”ڳوٺن“ کي پنهنجو وطن سمجهن ٿا. هنن کي اڄ پنهنجن ئي شهرن ۾ ايندي خوف لڳي ٿو. ورهاڱي وقت اسان اسلام ۽ پاڪستان جي نالي ۾ سڄي هندستان لاءِ سنڌ جا دروازا کولي ڇڏيا. هينئر نعرا هنيا

وجن ٿا ته سنڌي، سنڌ ۾ اقليت ۾ اچي چڪا آهن. اسان جي اڻجاڻائي سبب نه فقط هندستان مان بلڪ دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن مان لکين ماڻهو لڏي سنڌ ۾ آباد ٿي ويا آهن، انهن مهاجرن جو تعداد وڌاءُ ڪري ٻه ڪروڙ ويهه لک ٻڌايو وڃي ٿو، جڏهن ته سنڌ مان پنج لک هندو ويا هئا ۽ انهن جي جاءِ تي وڌ ۾ وڌ پنج لک هندستاني هتي اچي سگهيا ٿي.

هيءَ صدي آزادين جي صدي آهي. پنجين صديءَ ۾ روم جي زوال ڪانپوءِ دنيا ۾ بيشمار قومون آزاد ٿيون ۽ ڪيترائي نوان نوان ملڪ وجود ۾ آيا. ان واقعي ڪانپوءِ پهريون ڀيرو هن صدي دوران بيشمار قومون آزاد ٿيون آهن ۽ سئو کان وڌيڪ ملڪ وجود ۾ آيا آهن. سنڌين کي هلندڙ ويهين صدي جي اهميت کي سمجهڻ گهرجي ته جيئن ايڪهين صدي لاءِ ڪا منصوبابندي ڪري سگهن.

بهرحال، سفر ڪرڻ، علم حاصل ڪرڻ برابر آهي. اڪين ڏٺي جو ڪو بدل ناهي، بلڪ مان چوندس ته "سفر" علم جو اهم ترين شعبو آهي ۽ ان شعبي ۾ الطاف شيخ شاندار خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. هي شخص اسانکان وڏي مجتا لهڻي. ستيتاليهه (47) ڪتابن جي هن مصنف کي سندس علمي ۽ ادبي خدمتن جي عيوض سنڌ جي يونيورسٽين طرفان مان ڏيڻ گهرجي، خاص طور علم جي مخصوص

شعبي ۾ نمايان ڪم ڪرڻ سبب هن کي اعزازي ڊاڪٽريٽ ملڻ گهرجي. جيئن ته اسان وٽ جيئري مان ڏيڻ جو رواج ناهي، ان ڪري اهڙي آس رکڻ اجائي لڳي ٿي. سنڌ جي يونيورسٽين اجا تائين اڄوڪي سنڌ جي سڀ کان وڏي عالم شيخ اياز کي به نه سڃاتو آهي. هنن ڪڏهن به هن شخص کي پنهنجي شاگردن سان متعارف ڪرائڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي. آخر ۾ منهنجي دعا آهي ته الطاف شيخ اجا سٺاوا سفر ڪندو رهي، سنڌين لاءِ لکندو رهي. شايد اهو ڏينهن به اچي وڃي جڏهن سنڌي ڳوٺن ۽ اٽڪاٽائي جي قيد کان آزاد ٿي پنهنجي شاندار ماضي جيان مستقبل کي به شاندار ٺاهي سگهن.

**ڏنءُ لهي هن ڏيهه تان، ڏک پون ڏري،**
**هر هر اها هانءَ تي، اچي ڳالهه تري،**
**ته ويڙهيچا وري، شال سکيا ڏسن ڏينهڙا.**

**يوسف شاهين**
**5 آگسٽ 1995ع**
**ڪراچي**

# پيش لفظ

الطاف شيخ جي سفرنامي ”يورپ جا ڏينهن-يورپ جون راتيون“ تي مهاڳ لکڻ لاءِ، سندس ڏنل اسڪرپٽ کي ائين لڪايو ويٺي آهيان جيئن ڪاريهر نانگ ڪنهن اڻ ميي خزاني تي ويهندو آهي. نڪو تي مهاڳ لکان، نڪو ئي تي ڪيس اسڪرپٽ واپس ڪيان (جنهن جي ٻي ڪاپي به وٽس ناهي) پر پوءِ به لک شابسون هجن انهيءَ اشراف ۽ صابرين انسان کي جيڪو اجان تائين ٻڙڪ ئي ٻاهر ڪونه ٿو ڪڍي. مون کي خبر نه آهي ته دنيا ۾ ڪٿي صبر جو نوبل پرائيز به ملندو آهي يا نه؟ پر جي ڪٿي ملندو هجي ته لاشڪ اهو هن سال ليڪڪ کي ملڻ گهرجي ۽ گنيز بوڪ آف ورلڊ رڪارڊ ۾ اهڙو ذڪر پڻ اچڻ گهرجي.

مون کي اها به خبر ناهي ته ڪنهن به ڪتاب تي پيش لفظ لکرائڻ آخر چو ايترو ضروري هوندو آهي؟ ۽ پيش لفظ ۾ ڇا لکبو آهي؟ نڪو ئي منهنجو ادبي قد ڪاٺ الطاف کان وڏو آهي ۽ نه ئي مان ڪائنس وڌيڪ پڙهيل ڳڙهيل ۽ معتبر آهيان. ان ڪري هي پيش لفظ جيڪو مان سندس حجت تي لکي رهي آهيان ۽ جنهن جي مان پاڻ کي اهل به نٿي

سمجهان، تنهن ۾ لکيل ڪنهن به ڳالهه کي ٽيڪا ٽپڻي يا ڪا مستند ڳالهه نه، پر محض هڪ پڙهندڙ وٽان پنهنجي دلپسند ليکڪ لاءِ سندس ذاتي پسند ۽ ناپسند جو اظهار سمجهيو وڃي.

الطاف شيخ سان منهنجي پهرين ملاقات، اخباري ۽ ادبي ملاقات هئي. منهنجي گهر جو ماحول ڪو خاص ادبي ڪونه هو. ادب جي نالي تي پڙهڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ڪا سنڌي اخبار، ڳل ڦل رسالو يا نئين زندگي نصيب ٿيندو هو، پر انهي ذري به ايترو مزو ڏنو جو ان شيءِ جي طلب وڌ کان وڌ ٿيندي وئي. اهو وقت اهو هو جڏهن ڏيسارو جو سفر ڪو ورلي ڪندو هو. پاٽ ڪان دادو يا دادوءَ ڪان لاڙڪاڻي جو قصد به ولايت جو پنڌ لڳندو هو. اهڙي زماني ۾ الطاف شيخ جا ڏيسارو منجهان لکيل خط اخبارن ۾ پڙهبا هئا ته انهي جهڙو پاڳوند ٻيو ڪو لڳندوئي ڪونه هو، جيڪو طلسمي شهزادن جيان، سامونڊي ٻيڙن ۾ سوار ٿي، ماٺ ئي ماٺ ۾ ملڪان ملڪ گهمندو ٿي وتيو. نه رڳو اهو پر انهيءَ گهوم جا مزي مزي جا احوال اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇاپرائي، گهوم جي شوقين اسان جهڙن ماڻهن جا اندر به ٺي ساڙيائين. ڪنهن ڪان سڙڻ به سچ پچو ته اڻ سڌي ريت جهڙو سندس وڏائي جو اعتراف ڪرڻ آهي ۽ اهو اعتراف ڪرڻ ۾ مان ڪو به عار نه ٿي سمجهان.

الطاف شيخ سان منهنجي ٻي ملاقات هڪ خط وسيلي ٿي. انهن ڏينهن ۾ مان لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ تازو داخل ٿي هئس ۽ ڪاليج منجهان نڪرندڙ ڪجھ مخزنن ۾ ٻه ٽي ڪچيون ڦڪيون ڪهاڻيون پڻ لکيون هئم. انهن منجهان ڪا هڪڙي مخزن جهر جبل جهاڳي، سمونڊ لتاڙي الائجي ڪيئن الطاف تائين ٻه وڃي پهتي هئي. هن نه صرف اها مخزن پڙهي، پر شابس هجيس جو ايترو ناميارو ليکڪ هوندي ٻه، محض هڪ نئين ليکڪا کي، لکڻ لاءِ اتساهه ڏيارڻ لاءِ، ساراهه ۽ همٿ افزائي جو خط لکيو هئائين. نه ته اڪثر وڏا اديب ته پاڻ کي ئي افلاطون سمجهندا آهن ۽ جهڙن تهڙن تي ته ڪنگهڻ به نه چاهيندا آهن. ها! سو ڳالهه پئي ڪئيسون خط جي. اهو خط الطاف جپان منجهان لکيو هو. لفافي تي جيئن ته زيب النساءِ هاسٽل جي ائڊريس پيل هئي ۽ مان، ڊي-اسڪالر هئس، ان ڪري ٽپاليءَ اهو لفافو زيبالنساءِ هاسٽل جي نوٽيس بورڊ تي اٽڪائي ڇڏيو. لفافي تي منهنجو نالو پڙهي، منهنجيون ڪي هاسٽلر ساهيڙيون بورڊ تان لفافو لاهي آيون ۽ اچي مون کي هٿ ۾ ڏنائون. خط پڙهي اچي خوشيءَ ۾ ٻڊ ورايو. خوشي به اهڙي جو اصل ڪپڙن ۾ ئي نه پئي ماپان ۽ پاڻ کي الائي ڇا پئي سمجهان ۽ ٻڊ وري اهو ته متان مائٽن کي خبر پئجي وڃي ته هاڻ ميڊيڪل ۾ وئي آهي ته ڪاليج جي ائڊريس تي پراوا ماڻهو ٽا خط لکنس

تہ ڏئي دڙڪا سڄو ادب ئي نہ ڪن پورو. سو خوشي ۾ ٻيپ جي انهن احساسن کي دل ۾ سانڍي، اهو خط ستن پردن ۾ لڪائي، گم ڪري ڇڏيم.

الطاف شيخ سان منهنجي ٽين ملاقات روبرو ٿي، شام جو وقت هو. اسان ٽي وي پئي ڏٺي. فون جي گهنٽي وڳي. ٻئي پاسي اڪرم سلطانہ هئي. جيڪي ماڻهو اڪرم کي سڃاڻن ٿا انهن کي خبر هوندي تہ اڪرم سلطانہ جڏهن بہ ڪا نئين، انوکي، يا ڇرڪائيندڙ خبر (surprise) ٻڌائڻ واري هوندي آهي تہ سندس اکين ۾ هڪ خاص چمڪ ۽ لهجي ۾ عجب سنسني سمائجي ويندي آهي. بهرحال فون کڻي مون هيلو چيو تہ ٻئي پاسي اڪرم هيلو سلام يا حال احوال پڇڻ کانسواءِ هڪدم وڏي ايڪسائٽمنٽ منجهان چيو، نسرين! ڳالهہ ٻڌ... الطاف شيخ سان ملندينءَ؟ اسان وٽ وينو آهي. (اڄوڪي وي. سي. آر ۽ ڊش دور جا پڙهندڙ شايد انهيءَ سنسني، جوش، ايڪسائٽمنٽ ۽ چاشني جي مزي کي سمجهي نہ سگهن، جيڪو ان دور ۾ پنهنجي پسنديده ڪنهن بہ فنڪار کي اوچتو ملي يا ڏسي حاصل ٿيندو هو. پر ائين ڪري سمجهو تہ اڄوڪي دور جي ڪنهن بہ نوجوان ڇوڪري يا ڇوڪري کي اوچتو فون ڪري چئجي تہ..ڳالهہ ٻڌ... ماڌوري سان ملندين؟ تہ سندس دل ۾ ڪهڙيون نہ هنبوڇيون لڳنديون. تہ ان مهل ڪجهہ اهڙائي احساس منهنجا بہ هئا)

اڪرم وارن جو الطاف شيخ سان گهرو اچ وڃ جو رستو هو، جنهن ڪري هوءَ آرام سان ساڻس ملي ۽ ڪچهري ڪري پئي سگهي پر جنهن ماحول ۾ مان رهيس پئي، اتي جي اهو چوان ها تہ امان ۽ بابا مون کي موڪل ڏيو تہ الطاف شيخ سان ملي اچان (توڻي هڪ ليکڪ جي حيثيت ۾ ئي سهي) تہ اجازت ڏيڻ تہ پري، ماڳهين گهٽو ڏئي ماري وجهن ها. سو تڏهن زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو مائٽن سان اڪرم جي گهر پارٽيءَ جو ڪوڙ ڳالهائي ويس. الطاف کي ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ ساڻس گفتگو ۾ بيحد مزو آيو. انهيءَ ڏينهن سنڌي ادبي سنگت حيدرآباد وارن ساڻس گفتگو ۾ بيحد مزو آيو. انهيءَ ڏينهن سنڌي ادبي سنگت حيدرآباد وارن ساڻس شام ملهائي هئي ۽ اتي ئي سندس نئين سفر نامي ”بندر بازاريون“ جو مهورت پڻ ٿيو هو. ان ڪري پاڻ ڏاڍي سٺي موڊ ۾ هو. ڪيس الائجي ياد هجي بہ يا نہ پر ٻڌايائين پئي تہ اتي وينل ڪجھ اديب دوستن چرچا پئي ڪيا تہ، ”يار ڪتاب جو نالو ڪجھ ٻيو رکين ها متان پڙهندڙ انهن بندرن، ساموندي) کي ٻيا بندر (پولڙا) نہ سمجهن. بهرحال ڪلاڪ کن اڪرم ۽ الطاف سان ڪچهري ڪري جڏهن موڪلايم تہ ساڳي وقت الطاف بہ موڪلائڻ جي ڪئي. ۽ ويندي ويندي تمام اطمينان سان ڪار جي ڊگي کولي، سندس سفرنامي”بندر بازاريون“ جي ٿهن مان هڪ ڪاپي ڪڍيائين

۽ اها تمام خلوص سان اڪرم سلطانہ جي نذر ڪيائين. مان انهيءَ آس ۾ هئس تہ هاڻ هڪ ڪاپي بي بہ ڪڍندو ۽ مون کي ڏيندو، پر خبر تڏهن پئي جو ڊگي نڪ ڪري بند بہ ٿي وئي ۽ الطاف ٽاٽا ڪري ويو بہ هليو، ڏاڍو ڏک ٿيم، منهنجو پنو صفا لهي ويو. دل چاهيو تہ اوچنگارون ڏئي روئان، پر اڪرم جي سامهون ننڍڙي ٿيڻ جي شرم ڪان پاڻ سنڀالي ويس ۽ هانءُ تي بار ڪٽي گهر موٽيس ۽ ڏاڙهي تي هٿ رکي دل ئي دل ۾ پڪو انجام ڪيم تہ چا بہ ٿي پوي هاڻي الطاف جي ڪتابن تي ٽڪو بہ خرچ نہ ڪنديس. انهي ئي ويل شاهہ صاحب جي انهي شعر جو حقيقي مفهوم پنهنجي روحاني راز سوڌو هانءَ اندر لهي ويو تہ، "ڳولهيان ڳولهيان مَ لهان..."

(توٽي جو عمر جي هن دور ۾، ننڍڙائپ جون اهي سڀ ڳالهيون ياد ڪري پنهنجين بيوقوفين تي ڏاڍي کل پڻ ايندي اٿم. عمر جي انهي دور ۾ ماڻهو ڪيترو نہ معصوم ۽ حساس هوندو آهي جو ڪک بہ سهي نہ سگهندو آهي. پر... پوءِ وقت، حالتون ۽ زماني جون گردشون انسان کي ڪيترو نہ پڪو ۽ نرجو ناهي ٿيون ڇڏين جو اڄ وڏي ڪان وڏي وار جو بہ اثر ئي ڪونہ ٿو ٿئي)

توهان سوچيندا هوندائو تہ هي الطاف جي ڪتاب جو پيش لفظ آهي يا نسرين جا Memoirs. پر لکڻ مهل الائي چو

ذهن ۽ قلم ٻئي بي قابو ٿيو وڃن ۽ جيڏانهن ٿو وڻين اوڏانهن ٿا پڄن.

انهيءَ ڪانپوءِ مون ميڊيڪل ڪئي، شادي ٿي وئي، الطاف شيخ به ڏيسارو جي سفرن مان تنگ ٿي اچي ڪراچي وسائي ته ساڻس بي شمار ملاقاتون ٿيون. سنڌ گريجيوئيٽس ايسوسيئيشن جي فنڪشن ۾، مرٽن پرٽن تي ۽ گهر ۾ ساڻس ڪوڙ دفعا ملياسين ۽ جهڙو گهرو اچ وڃ جو رستو ٿي پيو ته هن جي شخصيت جا وڌيڪ پهلو اسان جي آڏو ظاهر ٿيا. توڙي جو هو سڄي دنيا گهميو آهي، پر منجهس چالاڪي نالي ماتر به ناهي، صفا سادو سودو، شريف، مخلص ۽ همدرد ۽ دنياداري ۾ اصل ٻڙي (تڏهن ته مون ڪي ڪتاب ڏيڻ وسري ويو هئس)، سندس جسم ضرور ولايت جا ملڪ گهميو آهي، پر روح سنڌ کان ته ڇا، پر هالن کان به ٻاهر نه نڪتو اٿس. هو آمريڪا، جپان ۽ سئيڊن ۾ رهي به هر وقت هتان جي اون ۾ رهي ٿو. مئڪڊونالڊ ۽ ڪينٽڪي تي ويهي به هالن جي پيالي ۽ پڪان جي ٻاڙ محسوس ڪري ٿو. توڙي جو هينئر سڄي دنيا گهمڻ بعد ڪراچي ۾ رهيل آهي ۽ سنڌي عورت جي سجاڳي، آزادي ۽ علم جو حامي آهي. پوءِ به سندس ڪنهن نه ڪنهن ڳالهه مان سنڌ جو پنجاهه سال پراڻو سخت گير ۽ روايتي مرد ڪر موڙيندي نظر اچي ٿو.

الطاف جا سڀ سفرناما مون شوق سان پڙهيا آهن ۽ بار بار پڙهيا آهن. ڪاڏي به گهمڻ وڃون ته الطاف جو ان ملڪ جي باري ۾ سفرنامو ضرور پڙهندي آهيان. سندس سفرنامن ۾ سڀ کان وڏيڪ وڻندا اٿم سفر جي دوران سندس ڪچهرين جا احوال. سفر جي دوران دوستن جي ڪچهري اهڙي ته پُر لطف ۽ دلچسپ انداز سان بيان ڪندو آهي جو مطالعي جو مزو اچيو وڃي- ائين محسوس ٿيندو آهي ته ماڻهو پاڻ پاڻيءَ جي جهاز ۾ ويهي وينو ڪچهري ڪري ۽ مزي مزي جا گفتا ۽ يوڳ چرچا ٻڌي. ان کان پوءِ مختلف جاين جڳهين تي گهمڻ ڦرڻ جو احوال به اهڙو ته وندرائيندڙ هوندو آهي جو پڙهندڙ کي لڳندو ته ڪو انعام يا لاٽري ڪلي پوي ته يڪدم ٽڪيٽ وٺي سفر جي سنبت ڪجي. پر... وري سڄو مزو ڪرڪرو ۽ موڊ آف تڏهن ٿيندو اٿم جڏهن اصل ڳالهه سان گڏ تاريخ، جاگرافي ۽ شهريت جي پتاڙ شروع ٿي ويندي آهي ته فلاڻو يا فلاڻو ملڪ بحر اوقيانوس جي اولهه يا اوپر پاسي تي، خط استوا کان هيترين ڦاڪون پري، فلاڻي يا فلاڻي هنڌ تي واقع آهي ... وغيره وغيره. پوءِ ته اصل مٿو ئي ڦريو وڃي ۽ پڙهندڙ ته اهو ڪتاب بند ڪري وڃي اڳوپوءِ سوشل اسٽڊيز پڙهجي ۽ يونيورسٽي مان هڪڙي ڊگري ٻي به وٺجي. ٿي سگهي ٿو ته هڪ سٺي سفرنامي لاءِ اهو مرچ مصالحو ضروري هجي، پر اسان پارو مزور ماڻهو سڄي

ڏينهن جي هڻ هٽان ۽ وڻ وڻان ڪانپوءِ، ٽائيم ڪڍي ڪجهه رليڪس ٿيڻ لاءِ مطالعو ڪري ۽ پڙهڻو پويس چنگيز خان ۽ ظهير الدين بابر جو حال احوال، پاڻيپٽ جون ويڙهون، پهرين ۽ ٻين مهاڀاري لڙائي ۽ الائي ڪهڙا بادشاهه ۽ شهنشاهه اول ۽ پنجم ۽ چوماسيون هوائون ته پوءِ اهڙي پڙهڻ ڪان ماٺ پلي. ننڍي هوندي ئي جڏهن امڙ سماجي اڀياس ياد ڪرڻ لاءِ چوندي هئي ته ائين ٻهانا ناهي روئيندي هئس جو پوءِ گهروارا ويتر چيڙائيندا هئا ۽ منهنجي چڙ ناهي هئن ته:

جاگرافي جگرڦاٽي ڪونه پڙهنداسين،

هريءَ جو نالو ڳنهي مري وينداسين.

سو يقين ڪريو ته تمام دلچسپ ۽ مزيدار ڳالهين ۾ جڏهن لاچار ائين تاريخ ۽ جاگرافي پڙهڻي پوندي اٿم ته وات جو ذائقو بلڪل ائين ٿي ويندو آهي جيئن آئيسڪريم ۾ پستن جي بدران ساوا مرچ ٻرڪي ڪائجن.

ٻي شڪايت جيڪا مون کي الطاف سان آهي سا اها ته هو پنهنجن سفرنامن ۾ شاپنگ جو احوال گهٽ يا بلڪل ڪونه ٿو ڏئي، بلڪ مون کي ته اهو محسوس ٿيو آهي ته هو ائين ٿو سمجهي ته شاپنگ ڪرڻ ڪا گهٽ يا خراب ڳالهه آهي، جنهن کان سندس دامن پاڪ آهي. ائين ڇو؟ ضروري ناهي ته ٻاهر وڃي شاپنگ جي ناليِ تي اسمگلنگ ڪجي ۽ گهمڻ جو مزو اوور ويٽ جي ڳٽتي ۾ وڃائجي، پر آخر

ٻچڙيوال ماڻهو گهر کان شاهي بازار تائين ٻه ويندو ته واپسي تي، شيءِ شڪل جي اوسيئڙي ۾ وينل ٻار ٿيلها ضروري ڦولهيندا. هونءَ به ماڻهو ميهڙ وڃي ۽ ميندي مائو نه وٺي، هالن منجهان سوسي ۽ اجرڪ نه خريد ڪري، گمبٽ مان ڪيس نه وٺي، شڪارپور مان آچار نه وٺي، لاڙڪاڻي ۾ ٻهه ۽ پاٽ ۾ پوهوءَ جي برفي نه کائي ته اهو گهمڻ ئي ڪهڙو؟ ان ڪري مان ڪيس عرض ڪنديس ته توڻي جو ڪيس شاپنگ جو شوق ناهي ته به پڙهندڙن جي سهولت لاءِ شاپنگ جي ڪجهه نه ڪجهه ڄاڻ ضرور ڏئي، جيئن ماڻهو پاڻ ڦرائن ۽ اجائي رلڻ کان بچي پوي. مثال طور ڪهڙين جاين تي خريداري سستي پوندي، ڪهڙين جاين تي لاهو گاهو نه ڪرڻو پوندو ۽ ڪهڙين جاين تي گراهڪ جي مڏي ڪاتي سان ڪل لاهيندا، وغيره وغيره.

سندس سوچ سگهاري، قلم قابل ۽ نظر وسيع آهي. دنيا جو اپياس جيڪو ڪيس حاصل ٿيو آهي سو هر هڪ جي ڀاڳ ۾ نه ٿو اچي. منهنجي دعا آهي ته خدا سندس ذهن ۽ قلم کي اڃا به سگهارو، پختو ۽ روان ڪري، پڙهندڙ سندس نڪور لکڻين مان لطف اندوز ٿين ۽ گهر ويٺي ولايتن جا مزا ماڻين.

**ڊاڪٽر نسرين جوڻيجو**

ايل. ايم. سي ڄامشورو

7 سيپٽمبر 1995ع

# راٽردم (هالنڊ) پهچڻ

راٽردم (Rotterdam) دنيا جو وڏي ۾ وڏو بندرگاهه آهي، جتي روزانو ڪيترائي جهاز اچن وڃن ٿا ۽ بندرگاهه ۾ سوين جهازن جي بيهڻ جو بندوبست آهي. راٽردم جو بندرگاهه ڇا آهي سڄو شهر ڄڻ بندرگاهه لڳو پيو آهي. شهر جي چوڌاري ته ڇا اندر گهٽين گهوٽين تائين سمنڊ ڇانئيو پيو آهي، جنهن ۾ دنيا جي انيڪ ملڪن جا جهاز ئي جهاز نظر اچن ٿا. جهازن جي ايڏي چرپر ڪري هتي شپ يارڊ، انشورنس ڪمپنيون، جهازران آفيسون ۽ ڪلاسيفڪيشن سوسائٽيون پڻ آهن. ڪلاسيفڪيشن سوسائٽيون جهازن جي ٺهڻ ۽ ٺهي وڃڻ بعد هلڻ چلڻ ۽ مرمت تي نظر رکن ٿيون ته سلامتي جي خيال کان جهاز جو مالڪ پنهنجي جهاز تي صحيح طرح خرچ ڪري پيو يا نه. مثال طور جهاز جي تري جي ڪنهن حصي کي ڪٽ لڳڻ يا ڌڪ لڳڻ ڪري مالڪ ان کي صحيح لوهه جي چادر سان بدلايو آهي يا نه. صحيح لوهه يا صحيح مرمت نه ڪرائڻ تي ڪلاسيفڪيشن سوسائٽي وارا مالڪ تي زور آڻين ٿا. ساڳي وقت جهاز جي حالت بابت وقت بوقت رپورٽون جاري ڪن ٿا، جنهن جي آڌار تي جهاز جي انشورنس گهٽ يا وڌ اگهه ۾ ٿئي ٿي.

دنيا ۾ يارهن کن اهم ۽ ناليواريون ڪلاسيفڪيشن سوسائٽيون آهن، جن مان هڪ انگلينڊ جي (LLOYD)، هڪ آمريڪا جي (ABS)، هڪ جپان جيNKK ، هڪ جرمنيءَ جي GLSE ۽ هڪ اٽليءَ جي RIN، چين، پولينڊ وغيره جي آهي، انهن جون راٽرڊم ۾ وڏيون برانچ آفيسون آهن. انهن مان هر هڪ سوسائٽي سئيڊن جي ورلڊ ميريٽائيم يونيورسٽيءَ ۾ تعليم حاصل ڪندڙ اسان جهازرانن مان هڪ يا ٻن کي دعوت ڏئي راٽرڊم ۾ گهرايو آهي. راٽرڊم ۾ رهائش دوران هوٽل ۽ کاڌي پيتي جو خرچ هنن جي ذمي آهي، جتان صبح جي وقت اسان پنهنجي پنهنجي آفيس ۾ وڃون ٿا. ڪم جي نوعيت مطابق اسان انهن آفيس وارن سان گڏ مختلف جهازن، بندرگاهن ۽ شپ ياردن ۾ وڃڻو پوي ٿو. شام جو هوٽل ۾ گهڻو ڪري يمن جي محمد مبارڪ جي ڪمري ۾ گڏ ٿي ڪچهري ڪندا آهيون ۽ ڪلاڪ ڏيڍ لاءِ ٻاهر نڪري شهر جي ڪنهن ڪنڊ پاسي جو سير پڻ ڪريون ٿا. مبارڪ ڏکڻ يمن جي شهر عدن جو رهاڪو آهي ۽ عدن جي ئي بندرگاهه ۾ آفيسر آهي. پاڻ سول (يا شايد مڪينيڪل) انجنيئرنگ ۾ عدن مان ئي ڊگري حاصل ڪئي اٿس. هينئر اسان سان گڏ مئريٽائيم ائڊمنسٽريشن ۾ ايم ايس سي ڪري رهيو آهي. انگريزن جي ڏينهن ۾ عدن نندي ڪنڊ سان ائين ڳنڍيل هو، جيئن سنگاپور هندستان سان هو.

سنگاپور ۾ هندستان جي ڏکڻ ۽ اوپر ڪناري جي ماڻهن جو گهڻو واسطو رهيو ٿي، جن جي زبان مليالم، تامل ۽ بنگالي وغيره هئي ۽ هيڏانهن عدن پاسي هندستان جي انهن رهاڪن جي گهڻي اچ وڃ هئي، جيڪي اولهه ڪناري تي رهيا ٿي- يعني گجراتي، مراٺي، ملباري، ڪوڪني وغيره. مبارڪ جي ڏاڏي يا ڏاڏو هندستان جي ڪنهن شهر جو هو يا ڏاڏو يمن جو عرب ئي هجي، پوءِ هندستان ۾ ڏنڌي ڌاڙي لاءِ اچي رهيو هجي. اهڙي طرح سندس سهرو پڻ جيڪو يا ته هندستاني هو ۽ يمن جي عربياڻي سان شادي ڪيائين يا عرب هو ڪنهن هندستاني عورت سان شادي ڪيائين، ان لاءِ مبارڪ هر وقت چوندو رهندو آهي:

”منهنجي ڏاڏي کي تنهنجي زبان ايندي هئي ۽ منهنجي زال به ڪجهه ڪجهه سمجهي ٿي.“

۽ پوءِ هو ڪجهه لفظ اڪثر مون کي ٻڌائيندو آهي، جيڪي پنهنجي سمجهه کان ٻاهر هوندا آهن.

”ڏس مبارڪ“، هڪ ڏينهن مون ٻڌايومانس، ”هندوستان ۽ پاڪستان ۾ ڪيترين ئي زبانون ڳالهايون وڃن ٿيون. مون کي سنڌي، هندي، اردو ۽ ٿوري ٿوري پنجابي اچي ٿي پر اهي لفظ، جيڪي تون ٻڌائين ٿو ڏکڻ هندستان جي ڪنهن ٻي ٻوليءَ جا آهن.“

ٿي سگهي ٿو اهي لفظ تامل، تيلگو يا مليالم زبان جا هجن، جو مبارڪ ٻڌايو ته هن کي ننڍپڻ جا ڏينهن چٽي طرح ياد آهن، جڏهن ڪيس سندس پيءُ موڪلن ۾ مهيني ڪن لاءِ ڏکڻ هندستان جي شهر مدراس ۾ وٺي ويو هو ۽ مدراس پاسي تامل زبان ئي ڳالهائي وڃي ٿي. مدراس ۾ مبارڪ سندس پيءُ جي دوست جي فليٽ ۾ رهيو هو، مبارڪ چرچن يوڳن، دوستي ياري ۽ جهيڙي جهٽي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

آئون ننڍي هوندي به ڏاڍو ڏنگو هئس. ماءُ پيءُ ۽ ماستر جون ڏاڍيون مارون کائيندو هوس.“ مبارڪ چيو.

مبارڪ هڪ ڏينهن پڇيو ته ٻٽر (Battar) ڇا آهي. سمجهه ۾ نه آيو.

آخر رستي تان پتر کڻي پڇيائين ته هي ڇا آهي. پوءِ آئون سمجهي ويس ته هن جو مطلب ”پٽر“ سان آهي، پر عرب ٿي ڪري هن کان پي پلو اچاريو نٿو ٿئي. مبارڪ ”پ“ بدران هميشه ”ب“ استعمال ڪري ٿو. (پاڪستان کي باڪستان، Problem of port Pollutionبدران ”برابلم آف بورت بالوشن“ چوندو آهي. ان ڪري نئين ماڻهو کي سندس ڳالهه يڪدم سمجهه ۾ اصل نه ايندي آهي.)

”اهو لفظ پٽر ڪٿان ٻڌئي؟“ مون پڇيومانس.

”جڏهن آئون بابا امان سان گڏ ننڍي هوندي هندستان ويو هئس، تڏهن اتي جي گهٽي جي ڇوڪرن کان ٻڌو هوم. ان

وقت آئون ستن اٺن سالن جو هئس، پر ڏاڍو ڏنگو هئس. هندستاني زبان نہ ايندي هئي تہ بہ گهٽي جي ٻارن سان وڙهندو هئس ۽ ڪيتريون ئي گاريون سکيو هئس. انهن مان هڪ مادر.... اڃا ياد اٿم.“

مبارڪ ٻڌايو تہ مدراس ۾ هو پيءُ سان گڏ جنهن فلئٽ ۾ مهيني کن لاءِ وڃي رهيو هو. اهو ٿي ماڙ تي هو.

”آئون ڇا ڪندو هئس جو روز گهٽي مان پتر ميڙي مٿي کڻي ايندو هئس. پوءِ جڏهن بابا ٻاهر ويندو هو تہ بالڪني ۾ ويهي گهٽي مان لنگهندڙ ٻارن کي هٽندو هئس. ڪو مٿي مون ڏي ڏسندو هو تہ يڪدم چوندو هوسانس:”مادر...“ مون سمجهيو مون کي ڪير ڪونہ ٿو ڏسي يا سڃاڻي، پر سامهون پان جي پيدي واري دڪاندار ڏسي ورتو، تنهن شام جو بابا جي موٽڻ تي هن کي سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌائي. بابا ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي گهر ۾ گهڙيو. ”ڪٿي آهي محمد مبارڪ؟“ هن پڇيو ۽ آئون خطري کي محسوس ڪري دت هٽي سمهي رهيس. پوءِ امان کي پئي ٻڌائين تہ مبارڪ جون هي حرڪتون آهن. امان کي اعتبار ئي نہ اچي، هوءَ منهنجو پاسو کڻي کيس اهوئي سمجهائيندي رهي تہ ٻچڙو غريب آهي. سڄو ڏينهن گهر ۾ وينو آهي. هو ڪيئن هن ملڪ جي زبان جون گاريون ڏئي سگهندو، جنهن جي الف بي کان بہ واقف ناهي. پر بابا ڪا دير امان کي چوندو رهيو: هيٺ پان وارو

منهنجو دوست ڪڏهن ٻه ڪوڙ نه ڳالهائيندو، سچو پاڙو اسان تي بگڙيو وينو آهي. چون ٿا ته اهو ڇوڪرو رڳو نڪري ته ڪٽڪا وجهونس. آئون خطرو سمجهي ماٺ ٿي ويس ۽ ٽن ڏينهن تائين نه پيءُ جي منهن تي پڙهيس نه گهٽي ۾ نڪتس.

ٽيونيشيا جي غياض سندس ڳالهه ٻڌي اسان کي چيو: ”مبارڪ نندي هوندي کان ماٺهو گهٽ هو.“

جواب ۾ مبارڪ فقط کلندو رهيو.

# عيون تناجي عيون...

راٽرڊئم جي هوٽل ۾ منهنجي سُئيڊن يونيورسٽيءَ جي عرب ڪلاس ميٽن سان ڪچهرين دوران، هڪ دفعي ٽيونيشيا جي انجنيئر محمد عياض يمن جي محمد مبارڪ کي چيو، ”توهان جي ترَ جي عربن کي رڳو آهي شادي تي زور.“

مبارڪ يڪدم وراڻيس:“ اسان يمنين کي ايترو ناهي، جيترو سعودي عرب جي رهاڪن کي آهي. هو پنهنجي جوان مڙسي يا طاقت زالن جي تعداد ۾ ئي سمجهن ٿا. هنن جي دماغ ۾ اهو اُٺُ ويٺل آهي ته عورت لاءِ سڀ کان وڏي خوشي هن سان مهلو ڪمهلو جنسي تعلقات رکڻ آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته ننڍي عمر ۾ حد کان وڌيڪ جنسي تعلقات ڪري بس ٿيو وڃن پوءِ وتن دوا درمان، ٽوٽڪن ڦيٽڻ ۽ ڪشتن معجونن جي ٽيڪن تي هلندا. ڪويت ۽ سعودي عرب جي ڪيترن اميرن ته چا ڪيو آهي، جو نوڪرياڻين جي بهاني پنهنجي پٽن کي ننڍي هوندي ئي فلپينو، ڪورين، انڊين ۽ پاڪستاني ڇوڪريون Keeps طور رکي ڏنيون آهن ته وتن گهر ۾ عيش ڪندا. ڇي ٻاهرين ملڪن ۾ وڃي پنهنجي ملڪ

جي بدنامي ڪن يا بيماريون لڳرائين ان ڪان گهر ۾ ويٺا ڪارو منهن ڪن. ڪيترا سعودي جا وڏي عمر جا عرب اسان جي ملڪ (يمن) مان ننڍين نيٽين ڇوڪرين سان شادي ڪري ڪين پاڻ سان وٺيو وڃن. اسان جي ملڪ جون غريب يمني ڇوڪريون پلا ڇا ڪن. ڪيتريون ته سگهو ئي پڇيو اچن، ڇي پئسو ۽ ڪاڏو پيتو ڪٽي آهي، پر ڪوٺن ۾ بند ڪيو ويٺا آهن. ڪا آزادي يا عورت جي عزت ناهي. ان ڪان ته غريب جي گهر ۾ ماڻهو سکيو آهي. عرب بدو پاڻ وطن ٻاهر عيش ۽ موج مزا ڪندا، زالون آهن سي سونن پڃرن ۾ قيد ٿيون پيون آهن! جنهن وقت به جنسي خواهش ٿئينته زال ڪي رنڊي سمجهيو پڳا بيٺا آهن. زال ڇا چاهي ٿي، ان جو ڪين فڪر نه آهي.“

۽ پوءِ مبارڪ پنهنجي پاڙي جي هڪ عورت جي ڳالهه ٻڌائي ته هن جي شادي کي اڃا مهينو مس ٿيو ته مڙس کي ڇڏي سعودي عرب ڪان پڇي آئي.

”ڇو پلا؟“ مبارڪ ڪان اسان پڇيو.

”گهٽي sex ڪري، ٻيو ڇا جي ڪري!“ مبارڪ ٺهه پهه ٻڌايو. ”مڙس اصل ڇتو ڪري ڇڏيس. گهر جي ٻاهران سندس دڪان هو. صبح نه ڏس شام نه ڏس، جنهن وقت دل چيو ٿي ته گهر جو رخ رکيو ٿي. ۽ جنهن وقت به گهر ۾ گهڙندو هو ته هٿ اڳٺ ۾ هوندا هئس.“ مبارڪ ٻڌايو.

”اها ڳالهه هن عورت توسان ڪئي ڇا؟“ اسان پڇيس.

”نه، مون سان نه.“ مبارڪ چيو، ”هوءَ امان وٽ آئي هئي، ان سان پئي ڪيائين. آئون پرواري ڪمري ۾ ٻڌي رهيو هوس. امان کيس سمجهائي رهي هئي: اجايو مڙس ڇڏي آئي آهين. اتي ان سعوديه جي عرب وٽ سکي ويني هئينءَ، پر ڇوڪري اصل سخت بيزار لڳي ٿي. هر هر پنهنجي ان پوڙهي مڙس لاءِ امان کي چئي رهي هئي، ’يا خالا! خلقني هاذا الرجال‘ -ماسي! هن مڙسالي منهنجو خانو خراب ڪري ڇڏيو آهي. بيزار ڪري وڌو، ان ڪري ڀڄي آيس.“

مبارڪ جي ان قصي بعد اسان سندس اهو آخري جملو اڪثر ڪوڊ طور استعمال ڪرڻ لڳا آهيون. مثال طور ڪو پڇي ٿو ته اڄوڪو ڏينهن ڪيئن گذريو ته پنهنجي باس لاءِ چوندا آهيون. ”يا خالا! خلقني هاذا الرجال“ بلڪ ان ڳالهه کانپوءِ مبارڪ کي سندس نالي بدران ”يا خالا“ چوڻ لڳا آهيون. سو مبارڪ جا ڪيترا قصا ٻڌڻ بعد ان مان ڪيترا لفظ ۽ نالا سندس ئي مٿان رکندا آهيون.

مبارڪ ننڍپڻ جي هڪ ٻي به ڳالهه ٻڌائي ته ڪيس سندس ماءُ ڏنگائيءَ تان ڪيئن مار ڏني هئي.

”اسان جي پاڙي واري گهر جي پرسان هڪ ننڍڙو وٿاڻ به هو، جتي هنن جون ٻڪريون ٻڌنديون هيون. ڪين ننڍا ننڍا ڇيلا ڇيليون ڄمنديو هيون ته اسين گهٽي جا ننڍا ٻار

انهن سان وجي ڪيڏندا هئاسين. آئون ننڍي هوندي ڪان حد ڪان وڌيڪ Curious Minded هئس. هر ڳالهہ جي پڇا ڪندو هئس. امان ڪان اهو بہ پڇندو هئس تہ ٻڪري ڪٿان ٿي ڦر ڄڻي ۽ امان چوندي هئي تہ ان جي گوڏي مان ٿو نڪري. هڪڙي ڏينهن آئون ان وٿاڻ ۾ ويس تہ ٻڪري ان وقت ڪو ڦر ڄڻي رهي هئي. آئون ڪنڌ ۾ ويهي تعجب مان ڏسڻ لڳس. رت وغيره ڏسي منهنجي ايڏي دل ڪچي ٿي جو الٽيون ٿي پيم پر تہ بہ اٽيس ڪونہ. اتي ئي الٽيون بہ ڪندو رهيس تہ ٻڪري کي بہ غور سان ڏسندو رهيس. نجاڻ ان وقت ان گهر جي مائي اچي اتان لنگهي، تنهن جو مون کي ڏنو تہ رڙ ڪري امان کي چيو تہ، ”خالا تون پئي چوڪري کي گهٽي ۾ ڳولين هي هتي وينو الٽيون ڪري. امان ڏندو ڪٽي آئي تہ بنا ٻڌائڻ جي ڪلاڪ ڪان هڪ تہ گم آهين ۽ ٻيو هتي هي چا وينو ڪرين.“

مون چيومانس. ”تون تہ چوندي آهين ٻڪري جو ٻچو گوڏي مان ٿو نڪري پر هي تہ گوڏي مان نڪتو ڪونہ پئي سو ويني ڏنم“. امان کي اهڙي ڪاوڙ آئي جو گهر پهچي منهنجا ڪپڙا لاهي مون کي الف اگهاڙو ڪري اس ۾ نہ فقط ڪٽ سان ٻڌي ڇڏيو پر منهن تي ڳاڙها مرچ بہ هٽي ڇڏيا“.

”پوءِ توسان تہ حالت هوندي؟“ اسان پڇيس.

”ٻيو نہ تہ وري. مون اهڙيون وٺي دانهون ڪيون جو بس. يا مسلمين! يا مسلمين!.“

”اهو پلا ڇو؟“ مون پڇيومانس.

”اسان وٽ يمن ۾ اهو رواج آهي تہ پاڙي اوڙي ۾ ڪا باھ لڳندي آهي يا ڪنهن تي آفت ايندي آهي تہ اسان وٺي رڙيون ڪندا آهيون: ”يا مسلمين! يا مسلمين!“ جيئن يورپ ۽ مغرب ۾ Help me, Help me, چون ٿا.“ مبارڪ ٻڌايو.

”پوءِ ڇا ٿيو؟“ اسان پڇيس.

”بس پوءِ پاڙي جا ماڻهو اچي گڏ ٿيا ۽ انهن امان کي منٿون ڪيون تہ خالا ٻار آهي، معصوم آهي. هاڻي ڇڏينس ڪٽي. پوءِ مس مس امان ڇڏيو.“

بهرحال ان قصي بعد ڪتي يا مسلمين! يا مسلمين! چئي مبارڪ کي سڏ ڪندا آهيون.

ڪيترن ماڻهن کي رکي رکي ڪنهن شعر جي ڪا سٽ بار بار چوڻ جي عادت هوندي آهي. ويني ويني ٿڌو ساھ ڪڍي ڪو سنو شعر پڙهندا يا فقط ان جي ڪا سٽ جهونگهاريندا آهن. مبارڪ ادب ۽ شعر شاعري جو شوقين آهي يا نہ، پر رکي رکي عربيءَ جو ڪونہ ڪو شعر ضرور پڙهندو آهي. عربي مون کي نٿي اچي سو ڪڏهن ڪڏهن انهن سٽن جي معنيٰ پڇندو آهيانس. هن وقت تہ انهن شعرن

مان ڪوبہ ياد نہ اٿم. سواءِ هڪ سٽ جي جيڪا هو تمام گهڻو ورجائيندو آهي:”عيون تناجي عيون.“

ان جي معني ڇا آهي؟ اها ٻڌائڻ ڪان مبارڪ بہ قاصر هو. ”ان سٽ جو انگريزيءَ ۾ ترجمو اهڙو سهڻو ٿي نہ ٿو سگهي، جهڙو هئڻ کپي، عين هڪ اک کي چئجي ٿو ۽ عيون اکين کي. ان جو مطلب ڪجهہ هن ريت آهي تہ عاشق جون فقط اکيون محبوب جي اکين سان مليون ۽ اکين اکين کي سلام ڪيو.عيون تناجي عيون.“

# عرب نوڪري نٿا ڏين

اهو ته ڀڏائي چڪو آهيان ته هتي راٽردم (هالنڊ) ۾ شام جي وقت ٽيونيشيا جو عياض، سعودي عرب جو ڪمانڊر خالد ۽ آئون اسان جي چوٿين ساٿي يمن جي پورٽ انجنيئر محمد مبارڪ جي ڪمري ۾ اچي ويهندا آهيون. هو ڏکڻ يمن جي مشهور شهر ۽ بندرگاهه عدن جو آهي. هِتان هُتان جي ٻٽاڪ سٽاڪ، چرچو يوڳ يا ڪڏهن ڪنهن سنجيدي ڳالهه تي بحث مباحثو ڪندا آهيون. خاص خبرون هالنڊ جي هن شهر راٽردم بابت هلنديون آهن. منهنجي ڪري هنن ٽنهي عربن کي به انگريزي ڳالهائڻي پوي ٿي. پر تنهن هوندي به ڪڏهن زورائتي بحث وقت، جوش ۾ اچي منهنجي موجودگي وسري ويندي اٿن ۽ پنهنجي مادري زبان عربي ۾ شروع ٿي ويندا آهن. خاص ڪري ڪنهن بحث ۾ هڪٻئي تي چوهه چنبڙيا هوندا اٿن ته پوءِ ڪاوڙ ۾ عربي زبان ئي سولي لڳندي اٿن، جيئن هر هڪ کي نوٽ ڳڻڻ پنهنجي مادري زبان ۾ سولا ٿيندا آهن. ڪجهه دير عربي ڳالهائڻ بعد پوءِ جيئن ئي ڪنهن کي ڌيان ۾ ايندو آهي ته مون کان معافي وٺي ٻين کي عربي ڳالهائڻ کان جهليندو آهي: ”يار ڪجهه الطاف جو به ته خيال ڪريو.“ هو انگريزي ۾ ٻين کي چوندو آهي ۽ آئون کين اهو ئي چوندو آهيان:

”مڙيئي خير آهي، پريان سندي پار جي مڙيئي منائي. عربيءَ ۾ توهان جا جهيڙا به اسان کي سريلا لڳن ٿا. هونءَ باءِ دي وي، مون کي پهريون دفعو معلوم ٿيو آهي ته عربيءَ ۾ جهيڙا به ڪيا وڃن ٿا.“

”ابا عرب!“ مبارڪ چيو، ”ماٺ اٿئي پلي، جتي چار عرب گڏ ٿين اتي رڳو بحث ۽ جهيڙي ڪانسواءِ ڇا ٿي سگهي ٿو؟“

”يار مون کي پهريون دفعو معلوم ٿيو آهي ته پاڪستان، انڊيا، بنگلاديش، ملائيشيا جي مسلمانن کي عربي نه ٿي اچي.“ ٽيونيشيا جي عياض چيو، ”مون سمجهيو ته جيئن اسان آفريڪا جي مسلمان ملڪن موراڪو، ماريطانيا، الجيريا، سوڊان، لبيا، ٽيونيشيا وارن کي عربي اچي ٿي تيئن توهان مسلمان به ڳالهائيندا هوندائو.“

”نه. اسان وٽ قرآن شريف پڙهڻ جي حد تائين ٿوري گهڻي عربي پڙهائي وڃي ٿي. اها ٻي ڳالهه آهي ته اسان جي ملڪ جي زبانن ۾ ڪيترائي عربي جا لفظ آهن ۽ لکڻي پڻ عربي نموني جي اٿئون. ان ڪري ملائيشيا يا بنگلاديش جهڙن ملڪن جي ماڻهن جي مقابلي ۾ اسين عربي جلدي سکي سگهون ٿا.“ مون هن کي ٻڌايو.

هڪ ڏينهن بحث هليو ته يورپ جا ملڪ هڪ ٻئي جي ماڻهن جو ڏاڍو خيال رکن ٿا. اڄڪلهه سئيڊن، ڊئنمارڪ، فنلنڊ، جرمني جهڙا ملڪ امير ٿي ويا آهن ته پنهنجي غريب

يورپي ملڪن جو خيال رکن ٿا ۽ پولنڊ، هنگري، ويندي ايسٽونيا جي ملڪن جا ماڻهو مٿين امير ملڪن ۾ اچي پورهيو يا ڌنڌو، واپار ڪري چار پئسا ڪمائين ٿا.

”ڪويت ۽ سعودي عرب جهڙن امير ملڪن کي به ڪپي ته گهٽي ڪان گهٽا ماڻهو ڪوريا، ٿائلنڊ ۽ فلپين جهڙن ملڪن مان گهرائڻ بدران پاڪستان، مصر، ويندي هندوستان سوڊان جهڙن ملڪن مان گهرائين. ڪو ڏينهن ڪهڙو ڪو ڏينهن ڪهڙو. اڄ جو امير ملڪ سڀاڻي غريبٽي سگهي ٿو ۽ پوءِ پاڙيسري ملڪ مڃي ماني وارو هوندو ته ڏکئي وقت ۾ سندن به مدد ڪري سگهندو.“ مون چيو.

ٽيونيشيا جي عياض منهن ٺاهي چيو:

”هي سعودي عرب ائينڪڏهن به نه ڪن. توهان پاڪستانين ۽ بنگلاديشين کي ته نهيو اسان ٽيونيشيا جي عربن کي به نوڪري ڏيڻ ڪان آڱوٺو ڪڍي وينا آهن ۽ جي نوڪري ڏيندا تڏهن به گهٽ پگهار تي. مون چار پنج سال اڳ سعودي عرب جي جهازن تي نوڪريءَ لاءِ Apply ڪيو هو پر نوڪري نه ڏنائون.“

”هاڻ ڏس عياض،“ سعودي عرب جي خالد ڪيس سمجهائيندي چيو، ”جهاز سعودي عرب جي ماڻهن جا ضرور آهن، پر هنن انهن کي هلائڻ لاءِ ٻين کي نيڪو ڏنو آهي، جيئن اڪثر ٿيندو آهي ته جهازن جو ڪم مئنيجمينٽ

ڪمپنيون هلائين ٿيون ۽ هو ڪم مطابق فلپينو، چيني يا بنگالي Crew رکن ٿيون، باقي ٻين نوڪرين لاءِ آئون توکي سچاٽان ٿو. محنتي ۽ ايماندار ماڻهو آهين، مون کي خوشي ٿيندي، جيڪڏهن تون اسان جي ملڪ ۾ هلي نوڪري ڪندين. باقي جيترو پگهار تون چاهين ٿو ايترو ملڻ ڏکيو آهي. تون ڪنهن کان ٻہ معلوم ڪري ڏس. گهر، سواري، ميڊيڪل وغيره هر ڪمپني ضرور ڏئي ٿي باقي روڪ پگهار ڪٿي ٻہ گهٽ ناهي. تون هلي اسان جي فئملي بزنيس ۾ ڪم ڪر يا ڪليل ويزا ذريعي اتي ٻي ڪا نوڪري ڳولهہ. پگهار ان ئي Range ۾ ملندءِ.“

”نہ منهنجي زال کي بہ ڪا بئنڪ ۾ نوڪري وٺرائي ڏي تہ پوءِ زال ۽ ٻارن سان سعودي عرب اچي رهندس. اڪيلو نہ.“ عياض چيو.

”ڏس هاڻ وري اها ڦڙتي ٿو هٽين نہ. مون کي خبر آهي تہ تون يا تنهنجا ٻيا ٽيونيشيا جا ماڻهو اسان وٽ اسان جي پگهار مطابق ڪم نہ ڪندائو.“ خالد چيس. ”۽ عورت کي سعودي عرب ۾ نوڪري ڪرڻ جي اجازت ناهي.“

”ايتري پگهار تي ڪيئن ڪم ڪريون. اڌ تہ Tax ۾ حڪومت کي ڏيڻو پوي ٿو.“ عياض ورندي ڏنس.

”اهو توکي پنهنجي ٽيونيشيا حڪومت کي ڏيڻو پوي ٿو نہ اسان جي سعوي حڪومت کي. ان ۾ تنهنجي ملڪ جي

حڪومت جو ڏوهہ آهي، جنهن اهڙا اڻانگا قاعدا ٺاهيا آهن جوتوهان جي ملڪ جو ڪو پورهيت ٻاهر ڪمائڻ لاءِ نٿو نڪري، جن ملڪن ۾ نہ آهن انهن جا تہ اسان وٽ خوشيءَ سان نوڪريءَ لاءِ ايندا رهن ٿا.“

# سوئر ڪاڏئي تہ کهڙي ڳالهہ

هتي راٽرڊم ۾ جنهن هوٽل ۾ رهيل آهيون، نيرن جي ماني ان هوٽل طرفان روز جي مسواڙ ۾ شامل آهي، سو هر ڪو نيرن پيٽ ڀري ضرورت کان وڌيڪ ڪائي ٿو. ان بعد منجهند جي ماني ڪڏهن جهازن تي ڪائيندا آهيون تہ ڪڏهن مئڪڊونالڊ تانجيڪا سستي ۾ سستي ماني هوندي آهي. پر ان هوندي بہ ان جا ڏهہ گلڊر-يعني بہ سئو رپيا ٿين. ان کان پنهنجي ملڪ جا ڏهين روپين جا پڪوڙا سنبوسہ وڌيڪ سوادي ۽ پيٽ ڀرين ٿا. رات جي ماني ڪمري تي اڪيلي سر ڪجهہ ٺاهي ڪائون ٿا يا مبارڪ جي ڪمري ۾ گڏجي ڪائيندا آهيون. مبارڪ ڪبٽ مٿان رکيل گتي جو وڏو ڊبو لاهيندو آهي، جيڪو مکڻ، جئم، ماکي، ڊبل روٽي، بن، چاڪليٽ، پي-نٽ ۽ بسڪٽن جهڙين شين سان ڀريل رهي ٿو. ان کي هو Portable ڪچن سڏي. ان مان ڪجهہ ڪڍي ڪائيندا آهيون. چانهہ لاءِ گلاس ۾ ٻوڙڻ وارو (Immersion) هيٽر اٿئون، جيڪو جگ ۾ وجهي پاڻي ڪاڙهيندا آهيون ۽ پوءِ چانهہ يا ڪافي ٺاهيون. ان بعد ٿوري دير ڪچهري ڪري اگوات وٺي آيل کير، پيئندا آهيون. مبارڪ جو گهڻو زور بيئر ۽ وسڪي تي هوندو آهي. سئيڊن کان هيڏانهن هالنڊ ايندي وقت

وسڪي جي بوتل مالمو (سئيڊن) ايئرپورٽ تان ڊيوٽي فري وٺي آيو ۽ هاڻ پيئندو رهي ٿو.

هڪ رات عياض مون کي اک ڀڃي مبارڪ کي چيو: ”پنهنجي هوٽل ۾ نيرن تي جيڪو گوشت ملي ٿو اهو سوئر جو اٿئي؟“

”واقعي؟“ مبارڪ پڪ لاءِ مون کان پڇيو.

”خبر ناهي. ٿي سگهي ٿو هجي.“ مون چيومانس.

”پر قسم سان مون ٻه دفعا هوٽل وارن کان پڇيو، انهن چيو ته چڪن ۽ بيف آهي.“مبارڪ چيو.

عياض کلي چيو: ”ها چڪن آهي. بيف آهي. ٻڌائي الطاف! هن کي چيائون ته چڪن آهن. آئون سڄي عمر يورپ ۾ رهيو آهيان. صبح جي وقت سڄي يورپ ۾ هئم ۽ ٻئڪن کائين ٿا، جيڪو خنزير جو گوشت آهي.“

تون ٻڌاءِ الطاف؟“ مبارڪ غريباڻي شڪل ٺاهي مون کان پڇيو.

”مبارڪ! ڍڳي جو گوشت (بيف) ته ٿي نه ٿو سگهي. سوچ ته سهي! هتي ڳائو گوشت ڪيترو مهانگو آهي. اهو ڪيئن ڏيندا؟“ مون چيومانس.

مبارڪ بيزار ٿي چيو: ”ڏوڙ وجي پايو. باقي مون پڪ ڪئي آهي ته سوئر جو گوشت ناهي.“

”توکي پڪ ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪهڙي هئي. سڄو ڏينهن شراب وينو ڏوگهين، باقي سوئر کاڌئي تہ ڪهڙي وڏي ڳالهہ ٿي.“ عياض چيس.

”تون سمجهندو هوندين تہ آئون ڪو شراب جو عادي آهيان پر اها ڳالهہ ناهي. پنهنجي ملڪ ۾ تہ مون ڪڏهن بہ نہ پيتو آهي. اهو مڙيئي هتي وقت گذاري ۽ دل وندرائڻ لاءِ آهي.“ مبارڪ چيو.“

”ضمير کي مطمئن ڪرڻ لاءِ حضرت انسان ڇا ڇا نہ ڊائلاگ ايجاد ڪيا آهن!“ عياض چپن ۾ پڙڪيو.

# هالنڊ جي ترام ۾ مِس ٽري

راٽرڊم ۾ رهڻ دوران هڪ ڏينهن سعودي عرب جي خالد زور پريو تہ هلي ٻاهر ڪنهن هوٽل ۾ پيٽ يا ٻوڙ جهڙي شيءِ کائجي. هڪ هڪ ڪي منٿون ڪيائين پر ڪنهن بہ سندس ساٿ نہ ڏنو. اها سيني کي خبر آهي تہ پئسا هوئي ڏيندو، جو الله جي فضل سان نہ فقط سڪئي ملڪ جي امير پيءُ جو پٽ آهي، پر سندس ذاتي پگهار بہ ايترو گهڻو آهي جو هو اسان سيني جو روز جوخرچ پري تہ بہ هن لاءِ ڪجهہ ناهي. هڪ دفعي اليڪشن دوران خبرن لاءِ ڪانئس واڪ مئن ريڊيو گهريم. سڄو ڏينهن گذري ويو پر اليڪشن جي نتيجي جو اڃان اعلان نہ ٿيو. BBCريڊيو هر وقت اها خبر ڏيئي رهيو هو تہ پاڪستان ۾ اڃان ووٽن جي ڳڻپ ٿي رهي آهي. نيٺ شام جو خالد کي چيم:

”هاڻ مهرباني ڪري هن ريڊيو جي پڇر ڇڏ. سڀاڻي تون پنهنجي لاءِ نئون وڃي وٺجانءِ.“

۽ خالد ٻئي ڏينهن پنهنجي لاءِ ٻيو ريڊيو وٺي آيو ۽ سندس آئون ڪٽي هلڻ لڳس. ٿائلنڊ جي ڪلاس ميٽ سوتيءَ چيو: ”ڪمال آهي. هڪ تون گهرڻ وارو- نڪ جو پڪو ٿي

هن ڪان ريڊيو گهرئي ۽ ٻيو هي خالد جنهن ڏيڻ ۾ منهن ٻہ نہ گهنجايو.“

”مڙيئي خير آهي. اسان جا پاڙيسري سعودي عرب ۽ ايران شاهوڪار سوٽ آهن. انهن لاءِ اها وڏي ڳالهہ ناهي. سندن بادشاهہ جتي ڪروڙها ريالن جي مدد اسان جي ملڪ کي ڏيئي ٿو اتي خالد جي سئو ڊالرن جو ريڊيو مون کي ڏنو تہ مڙيئي خير آهي.“

سو اسان جي سنگت جي ڪارائڻ پيارڻ جا اهڙا تهڙا خرچ خالد جي مٿي تي هوندا آهن ۽ هينئر بہ هو فقط گڏ هلي ساٿس ڪائڻ لاءِ منٿون ڪري رهيو هو. نيٺ مبارڪ ۽ عياض چيو:

”اسين روز توسان هلندا آهيون. الطاف ڪڏهن بہ نٿو هلي.“

”مون ڪان ايترو پنڌ نہ ٿيندو.“ مون چيو.

”پنڌ جي پرواهہ نہ ڪر. ٽرام ذريعي هلون ٿا.“ خالد چيو.

مون مبارڪ ڪان سندس سفر جو ڪارڊ (Travel Card) ورتو ۽ اتي ڪڙا ٿياسين. مبارڪ کي آفيس تائين يا راترڊم شهر ۾ هيڏانهن هوڏانهن گهمڻ ڦرڻ لاءِ سندس ڪلاسيفڪيشن سوسائٽي وارن ميزبانن ٽڪيٽن جو يڪو پترو ڏنو آهي، جنهن ۾ پنجيتاليهہ ڪن ٽڪيٽون ٿين ٿيون.

راٽردم ۾ نيدرلئنڊس جي ٻين شهرن ۾ شهر جو شهر ۾ سواري لاءِ بسون ٽرامون ۽ انڊر گرائونڊ ريل گاڏيون آهن. باقي هڪ شهر کان ٻئي شهر تائين وڏيون ريل گاڏيون آهن. زمين دوز ريل گاڏين کي هي ميٽرو سڏين ٿا ۽ ان جي اسٽيشن مٿان انگريزي جو اکر .ايم، لکيل ٿئي. فرانس ۾ بہ زمين جي هيٺان هلندڙ هنن گاڏين کي ميٽرو سڏين ٿا. انگلنڊ، آمريڪا، ڪئناڊا وغيره ۾ ”سب وي“ يا ”انڊر گرائونڊ“ سڏين ۽ جپان ۾ ”چڪاٽيٽسو“. هتي جي ٽرين نہ فقط راٽردم کان هيگ، ليئڊن يا ايمسٽرڊام شهرن تائين هلي ٿي، پر اها ئي ٽرين بارڊر لتاڙي پر وارن ملڪن بيلجم، جرمني-ويندي فرانس جي شهرن تائين هلي ٿي. راٽردم جي ريلوي اسٽيشن تي ان قسم جا اعلان پيا ٻڌبا تہ پئرس، برسلس ۽ ائنٽورپ کان ايندڙ ٽرين پليٽ فارم نمبر ٽي تي مقرر وقت کان ڏهہ منٽ اڳ يا دير سان پهچي رهي آهي يا بداپيسٽ (هنگري) فرئنڪفرٽ، هئمبرگ (جرمني) کان ايندڙ ٽرين نمبر چوٿين بدران پليٽ فارم نمبر پنجين تي بيهندي. ٽرينن لاءِ هنن ڌار قسم جي ٽڪيٽ رکي آهي ۽ شهر جي ڏورانهين هجڻ مطابق ملي ٿي. مثال طور ايمسٽرڊام کان راٽردم تائين ٽرين ۾ سفر جي ٽڪيٽ ويهن گلڊرن يعني چار سئو رپيا کن جي ملي ٿي. باقي شهر جو شهر ۾ ٽرام، بس ۽ ميٽرو (زمين هيٺ هلندڙ) گاڏي لاءِ انن، سورهن، ٽيهن

يا پنجيتاليهه ٽڪيٽن جو يڪو ڊگهو پترو ملي ٿو. ٽرام يا بس ۾ چڙهڻ وقت اهو پترو مشين ۾ وجهي هڪ ٽڪيٽ کي ڪٽاٽو پوي ٿو، جنهن تي وقت ۽ تاريخ لڳي ويندو آهي ۽ پوءِ ڪلاڪ تائين ساڳي ٽڪيٽ ۾ ٻين هنڌن ڏي ويندڙ ٽرامن ۽ بسن ۾ سواري ڪري سگهجي ٿي. جنهن هوٽل ۾ اسين رهيل آهيون ان جي در وٽ ئي ٽرام جو آخري اسٽاپ آهي، جتي نمبر پنجون ٽرام اچي دنگ ڪري ٿي. اسان (خالد ۽ آئون) هوٽل مان نڪتاسين. ٽرين چٽڻ ۾ اجان ويهه منٽ ڪن هئا. ڊرائيور دستور موجب سامهون ٽرام آفيس ۾ چانهه پي رهيو هو. ٽرام ۾ فقط هڪ پوڙهي عورت اڌ جاڳ اڌ ننڊ جي حالت ۾ ڪونگهرا هڻي رهي هئي"اڳيان ويهون يا پويان؟" خالد ٽرام ۾ گهڙندي مون کان پڇيو.

اجا ڪو جواب ڏيانس اتي سامهون واري رستي تي هڪ ڪار اچي بيٺي ۽ هارن ڏيئي ڪار هلائيندڙ ڪجهه چيو. سمجهه ۾ نه آيو ته انگريزي ۾ ڪجهه چيائين يا هتي جيڊچ زبان ۾، پر آواز جي نوعيت مان لڳو ته هو سڏ ڪري رهيو آهي. ٽرام ۾ رڪيل قدم وري هيٺ لاهي، پنهنجي ڇاتي تي آڱر رکي پڪ ڪيم ته آيا مون کي ٿو سڏي يا ڪنهن ٻئي کي.

"Me." مون پڇيومانس. مون کي شڪ ٿيو ته متان اسان جي آفيس جو ڪو همراهه هجي. اسان کي ٽرام ۾ ويندو

ڏسي، پنهنجي ڪار ۾ وڃي ٿو هلي. پر هن نهڪار ڪندي ٽرام ۾ بيٺل خالد ڏي اشارو ڪيو.

خالد کي چيم:

”بابا لهي اچ. تنهنجي آفيس جو ڪو مهربان سرويئر ٿو ڏسجي، جتي چونداسونس اتي هلي ڇڏيندو.“

خالد به ڪالر لوڏي هيٺ لٿو ته سندس لئه ٿي وهي. تيسين خالد ڏي اشارو ڪري وري پڪ ڪيم ته هن کي پيو سڏين ته ان تي به نهڪار ڪري ڪجهه چوڻ لڳو. اتي سمجهي ويس ته هي ڪو ٻئي کي پيو سڏي. سو انگريزي ۾ پڇيومانس ته، ڪنهن کي پيو سڏين؟ اسان کي تنهنجي ڊچ سمجهه ۾ نٿي اچي.

”I am calling Miss Tree“ هن صاف انگريزي ۾ وراڻيو. (آئون ٽري کي سڏي رهيو آهيان.)

”ٽري“ مون رڙ ڪري اڌ ننڊ اڌ سجاڳ واري پوڙهي کي سڏيو. مس ٽري-اٽري يا ٽري سان ملندڙ جلندڙ نالي واري هيءَ ڊچ عورت ڇرڪ ڀري اٿي ۽ خالد ڪل ۾ اونڌو ٿي ويو.

”Someone Calling You“ مون ڪيس لفظ لفظ الڳ ڪري انگريزيءَ ۾ چيو ۽ هوءَ ”مهرباني“ چوندي ٽرام مان ٽپ ڏيئي لهي وڃي ڪار ۾ ويني ۽ هاڻ ٽرام ۾ وڃي خالد ۽ آئون رهياسين. پنج ڇهه منٽن بعد ڊرائيور آيو. ان وقت رات جا پورا ڏهه ٿيا هئا. اهو وقت ڪو ٻاهر نڪرڻ يا گهمڻ جو نه

هو پر اسين ماني کائڻ لاءِ نڪري پيا هئاسين، جيڪا جيتوڻيڪ مبارڪ ۽ عياض سان گڏ مون بہ سوير کائي ڇڏي هئي، پر جيئن تہ خالد نہ کاڌي هئي ۽ خالد اسان لاءِ بادشاهہ ماڻهو ٿيو، سو مري جهري بہ ان کي ڪمپني ڏيڻي هئي. هي تہ رات جا ڏهہ ٿيا هئا پر آڌيءَ رات جو بہ هلڻو هو. رستي تي مئڪڊونالڊ جو دڪان آيو تہ مون چيو: ”خالد هتان ئي ڪجهہ ڪري کائون.“

مون خالد کي مئڪڊونالڊ جي صلاح ڏني جيئن گهٽ پئسن ۾ دڪان جي در تان بن (Burger) ۽ ڪوڪا ڪولا جو گلاس وٺي واندا ٿي وڃون. پر خالد چيو:

”ڪنهن اهڙي هوٽل ۾ هلجي جتي پُر تڪلف نموني سان ٻوڙ ماني کائي سگهجي. يعني ٽيبل تي ٿي ويهجي ۽ بئرو هڪ هڪ ڊش Serve ڪري.“

”تون ڪٿي ۽ ڇا کائڻ چاهين ٿو؟“ خالد مون کان پڇيو.

”خالد سچي ڳالهہ هيءُ آهي تہ هن وقت منهنجو موڊ ناهي. تون پلي جتي وڻئي اتي کاءَ. آئون چانهہ ڪٽي پيئندس.“

”نہ نہ ائين ڪيئن ٿيندو. ڪا سٺي هوٽل ڳول تہ اتي هلي کائون. تون اڄ پهريون دفعو مس مس تہ هليو آهين.“ خالد چيو.

# قصو راتردم ۾ ڊنر جو

خالد جي ڳالهين مان لڳو تہ هو هونءَ ئي ڪنهن پرتڪلف هوٽل ۾ ڪاڌو کائڻ چاهي ٿو، پر اڄ تہ هيڪاندو منهنجي ڪري وڏي هوٽل ۾ هلڻو ئي هلڻو اٿس ۽ راتردئم جهڙي مهانگي شهر جي ڪا اهڙي تهڙي هوٽل بہ الله ڏئي ۽ بندو سهي وارو حساب آهي. سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ مون کي بک بہ نہ هئي، خالد هرو ڀرو مون تي ٿورو ڪرڻ جي چڪر ۾ هو يا منهنجا ٿورا لاهڻ جي فڪر ۾ هو. منهنجا ٿورا هن تي اهي چئي سگهجن ٿا تہ هونءَ هي منهنجا ٽئي عرب ساٿي روز شام جو چڪر تي نڪرندا آهن ۽ گهمي ڦري ڪائي پي دير دير تائين موٽندا آهن، آئون ساڻن نڪري اجايو وقت وڃائڻ بدران هوٽل جي ڪمري تي ئي ترسي پوندو آهيان. سڀني ڏينهن جي رپورٽ ناهيندو آهيان. اخبارن لاءِ سنڌي مضمون لکندو آهيان ۽ سندن (هر هڪ جي) لکيل ٽيسز جو روز هڪ هڪ چئپٽر پڙهي چڪون صحيح ڪندو آهيان، جو ٽئي انگريزي ۾ يا ٿيسز لکڻ ۾ اهڙا هوشيار نہ آهن، جيترو اسين پاڪستاني، هندستاني، ملائيشين، سنگاپوري وغيره. وڃڻ وقت مون لاءِ ڪجهہ وني اچڻ لاءِ زور ڀريندا آهن تہ آئون هر وقت پنهنجي پسنديده شيءِ آئسڪريم يا کير آڻڻ لاءِ چوندو آهيان، جيڪا ڪٽي کير بہ ڪٽي اچي پر پئسا خالد

ڏيندو آهي. سئيڊن کان ٻاهر ڪنهن ٻه ملڪ ۾ فيلڊ ٽرپ لاءِ نڪرون ته گڏجي خرچ جو بل خالد ئي ڀري ٿو. پئسي ڏوڪڙن جي معاملي ۾ خالد اسان لاءِ هلندڙ چلندڙ بئنڪ آهي. پنهنجي ڪيسي مان فقط تڏهن ڀريندا آهيون، جڏهن اڪيلا هوندا آهيون، پر اهو آهي ته اسين ٽئي ڄڻا گڏ هلڻ وقت ڪوشش ڪري ڪنهن ٻه شيءِ جي پسنديدگي جو اظهار نه ڪندا آهيون، جو متان خالد تي بار پوي. اها ٻي ڳالهه آهي ته خالد لاءِ اهي بار ته نهيو پر ان کان وڏا خرچ ٻه ڦلن مٺ آهن. بقول يمن جي مبارڪ جي-جيڪو خالد جي وڏيڪ ويجهو هئڻ ڪري سندس هڪ هڪ ڳالهه کان واقف آهي- خالد ايڏو امير آهي، جو ڪو سوچي نٿو سگهي.

”خالد منهنجي ڳالهه مڃين ته مون لاءِ مئڪڊونالڊ جو ملڪ شيڪ سڀ ۾ بهتر آهي.“ هوٽل جي ڳولا ۾ اجان پري وڃڻ کان جهليندي مون خالد کي چيو.

”اهو ٻه پيئنداسين پر ماني ضرور کائبي.“ خالد ضد ڪيو. اتي ٽرام شهر جي وچ واري اسٽيشن (Central Station) تي پهتي.

”خالد لهه ته لهون. رات جي هن ٽائي جيڪي هوٽلون کليل هونديون سي هن اسٽيشن جي ويجهو ئي هونديون.“ مون چيو ۽ ٽرام جيئن ئي بيٺي ته لٿاسين.

ريلوي اسٽيشن ۾ ئي هڪ پاڪستاني شڪل جي همراهه جو دڪان هو، جنهن ڪان اردو ۾ ڏيچ هوٽل جو پڇي سندس ڏس مطابق ان هوٽل تائين پهتاسين. هن پاڪستاني همراهه جيڪا هوٽل ٻڌائي اها به چڱي خاصي اهم هئي، جنهن ۾ اسان جهڙو ماني ته ڇا پر چانهه جو ڪوپ به نه پيئڻ چاهيندو، جو چانهه جو ڪوپ به سئو ڏيڍ سئو روپئي ڪان گهٽ نه هو. دراصل اهڙين هوٽلن ۾ چانهه جي قيمت ڪان وڌيڪ هوٽل جي اهتمام ۽ Services جا پئسا ورتا وڃن ٿا. خالد ان ڪان به اعليٰ قسم جي هوٽل ۾ وڃڻ چاهيو ٿي، جيڪا اتفاق سان ٿوروڙوئي اڳيان ڪنڌ تي ئي ملي وئي. سندس ٿلهن اوچن پٿرن جي پٿين جو اڌو اڌ ٿلهو (Tinted) شيشو هو. بيلجم جهڙو ملڪ جنهن جو پاڙيسري هجي ان ۾ اعليٰ شيشي جا در ۽ پٿيون نه هجن ته ٻيو پلا ڪٿي هجن. هوٽل ۾ اندر نوجوان ۽ امير جوڙا هئا يا ٿلها پوڙها، گنجا انٽرنيشنل بزنيس مين ۽ جهازن جا مالڪ. آيل گراهڪن ڪي ٻئرو درتي ئي آڏرياءُ ڪري اندر ٽيبل تائين وني آيو ٿي ۽ اتي بيٺل خدمتگار چوڪريءَ ڪرسيون ڇڪي هڪ هڪ ڪي ويهاريو ٿي.

اسين ايشيائي ڪارا، جڏهن هوٽل جي در وٽ پهتاسين ته هوٽل جي ٻئري منهن ڪٽي ٻئي طرف ڦيرايو. شايد اهو سوچي ته اسان شايد ڪنهن گهر يا دڪان جو ڏس پڇو ٿا

پڇون يا ڪيسو ڪٽجي وڃڻ ڪري ڪانئس ميرپورساڪرو ويندڙ بس جو ڀاڙو ٿا گهرون. بئري (Waiter) جي بي رخي خالد بہ محسوس ڪئي، پر مون ڪيس شڪي ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ ۽ ڪجهہ اهو سوچي تہ متان بئرو اڇل مان چوي تہ هوٽل اڳيان نہ لنگهو بئري کي چيم:" We Would like to have a dinner" بئرو ڪا گهڙي اسان کي اچرج مان ڏسڻ لڳو. منهنجي ان جملي ٻڌڻ لاءِ هو نہ تيار هو ۽ نہ وري سوچيو هئائين. نہ تہ اسان کي ڀڄائڻ لاءِ هن جو ايترو ئي چوڻ ڪافي هو تہ: All Tables are Raserved پر هو جلدي ۾ ٻيو ڪجهہ چئي اسان کي در وٽان ئي ڀڄائڻ بدران ڪومايل انداز ۾ O.K چيو. بقول مبارڪ جي هتي جا يورپي اسان ايشين کي تہ اهڙو فقير سمجهن ٿا جو اسان کان پري ڀيا ڀڄن. مجبوري جي حالت ۾ جڏهن ڪين ڳالهائڻو پوي ٿو تہ ائين ٿا ڳالهائين ڄڻ ناني مري وئي هجين.

۽ هن هوٽل واري بئري جي ڳالهائڻ مان تہ ائين لڳي رهيو هو ڄڻ نانيءَ ڪانسواءِ ڪو ٻيو بہ مائٽ لاڏاڻو ڪري ويو هجيس. ظاهري ڳالهہ آهي تہ پاڪستاني جيڪي هن پاسي سخت بدنام آهن ۽ وتن نڳيون لچايون ڪندا سي هن نِش مِش واري هوٽل ۾ چو اچي رهيا آهن. ڪيس ضرور خدشو ٿيو هوندو تہ اسين ماني کائڻ بعد مانيءَ جو بل بہ

ڪائي ويندا سين. خالد نڪ مان سو عرب لڳي ٿو باقي شڪل ۾ اسان جهڙو پاڪستاني مهاندو آهي.

بهرحال گيٽ وٽ موجود هن ٻئي اسان کي مان شان سان اندر وٺي هلڻ بدران هٿ جي اشاري سان اڳيان ڪنڊ ۾ رکيل هڪ ٽيبل ڏي وڃڻ جو اشارو ڪيو ۽ اسان سندس بي رخيءَ کي درگذر ڪري، وڃي ان ڪنڊ واري ٽيبل تي ويناسين. ٽيبل وٽ بيٺل خدمتگار عورت اسان لاءِ ڪرسيون چڪڻ جا آداب ته پورا نه ڪيا، پر ڪو خاص توجهه به نه ڏنو. اهي سڀ ڳالهيون اسان چٽيءَ طرح محسوس ڪيون پئي ۽ مون درگذر ڪرڻ ڪانسواءِ زوريءَ ڪا هتِي هُتي جي ڳالهه ڪيدي خالد جو ڌيان ان بي توجهي ۽ بي رخي ڪان پري پئي ڪيو ۽ ڪيس اهو احساس پئي ڏياريو ته گهٽ ۾ گهٽ ٽيندڙ بي عزتي آئون محسوس نه پيو ڪريان. ڇو جو هو ته مون کي لڪ سئو عزتون ڏئي خاص ان ڪري وٺي آيو هو ته ڪنهن چڱي هوٽل ۾ وٺي خذمت جو موقعو مون لاءِ مهيا ڪري. پر هتي ماڻهين اسان کي اڇوت سمجهيو پئي ويو.

مون کي سئيڊن ۾ رهندڙ ڪوئيٽا جي ارباب دائود جي ڳالهه ياد آئي ته اسان ڪٽي ڇا به ڪريون پر هتي جا يورپي اسان ايشيائي ۽ آفريڪي باشندن کي نيچ سمجهن ٿا- خاص ڪري پاڪستانين کي ۽ ٻئي نمبر تي ٻين مسلمانن کي. ڪو پاڪستاني گهٽ خرچ ڪندو يا ڪنهن سستي هوٽل ۾

ويندو تہ چوندا تہ هي ڪنجوس آهي يا بکيو، فقير، مسڪين آهي. پر جي ڪو پاڪستاني وڏي پئسي وارو آهي (جيڪو پئسو هن پلي ڪٽي وڏي نوڪري يا حق حلال جي ڏنڌي ڌاڙي ذريعي ڪمايو هجي) تہ بہ هتي جا يورپي هن ڪي وڏا خرچ ڪندي يا وڏين هوٽلن ۾ ويندو ڏسي چوندا تہ هن پڪ سمگلنگ مان پئسو ڪمايو آهي. سو ٿي سگهي ٿو تہ هن هوٽل جو گورو اسٽاف توڙي هال ۾ موجود گورا يورپي مهمان، اسان لاءِ ڪجھ اهڙو پڻ خيال ڪري رهيا هجن تہ اسين سمگلر هجون يا هڙ ۾ هرير بہ نہ هجي ۽ ماني ڪائي پچي وڃڻ جو ارادو رکندا هجون. هڪ بڪ ڪانہ هئي اجايو پئسو وڃائي رهيا هئاسين، ٻيو ڪافي رات گذري چڪي هئي ۽ اسان کي جلدي وڃي سمهڻ ڪتوتي جيئن ٻئي ڏينهن صبح جو سوير اٽي آفيس وڃڻو هو ۽ ان مٿان وري اها مصيبت تہ ٻئرو ٻين ڪان تہ مانيءَ جا آرڊر وٺي رهيو هو، پر اسان کي ٿيڏي اک سان ڏسي لنوائي پئي ويو. آخر مون ڪان رهيو نہ ٿيو ۽ هڪ واندي همراھ (Waiter) کي هٿ جي اشاري سان سڏ ڪيم. هو بنا پني پين جي آرڊر وٺڻ آيو. هن سمجهيو اسان ۾ ڪافي يا چانھ جيتري طاقت مس هوندي. ظاهر آهي ايتري تہ هن بہ جاڻ رکي ٿي تہ هڪ تہ دنيا ۾ هر شيءِ مهانگي ٿي وئي آهي ٻيو تہ ڊالر، مارڪ ۽ يين (Yen) سان گڏ پائونڊ گلڊر جو بہ اگھ چوٽ چڙهي ويو آهي ۽ ٿيون

تہ پاڪستان جي روپئي ۾ ماڻهوءَ جي ساک جو وجي پيو مان ڪرندو، سو اهڙي صورت ۾ اسان پاڪستاني راتردم جهڙي يورپي شهر جي هڪ اعليٰ هوٽل ۾ ڇا ٽا افورڊ ڪري سگهون! هن جي سوچ بلڪل صحيح هئي، پر ڪيس اها ڄاڻ نہ هئي تہ جن ڪي هو پاڪستاني سمجهي رهيو هو انهن ۾ هڪ همراهہ تيل جي دنيا جو امير عرب شهزادو آهي، جنهن جي ملڪيت جو ڪيس بہ ڪاٿو ناهي ۽ هو چاهي تہ هڪ ڏينہ تہ ڇا پر هن سڄي هوٽل جي قيمت ادا ڪري ان جو هن ئي گهڙي سوڏو ڪري سگهي ٿو.

مينو تي ڏنل شين مان خالد نہ فقط هڪ ٻہ ٻوڙ چيا، پر چانور، مڇي، گانگٽ ۽ ڪنهن مٺي لاءِ بہ چيو ۽ ان سان گڏ ڪا ڪولڊ ڊرنڪ.

ٻئرو چپ چاپ مونڻي ويو ۽ پنو پينسل ڪڍي مٿين شين جا مينو مطابق نمبر نوٽ ڪرڻ لڳو، جن جي لسٽ خالد اڳا ٻہ ڏگهي ڪئي ٿي، پر منهنجي زور تي گهٽائي گهٽائي اتي پهچايائين. ڪجهہ دير بعد، هن هوٽل جي رواج موجب، هر شيءِ ان وقت تيار ٿي ڪجي آئي.

ماني ڪائڻ دوران هڪ ٻہ ٻيا بہ اهڙا واقعا ٿيا، جن مان ٻئرن جو اسان ڏي بدافعالي وارو رويو ظاهر ٿيندو رهيو- جيئن تہ ڊبل روٽي ۾ بن سان گڏ مکڻ آڻڻ وسري وين. وري ياد ڏياريوسين تہ پليٽ ۾ آڻڻ بدران مکڻ جون پني ۾

ويڙهيل ننديون پڙيون اسان جي اڳيان اچل سان رکي ويو. اسان ٻنهي اهي ڳالهيون محسوس ڪيون. مون بک نه هجڻ ڪري گراهه به ڪو مس کاڌو. خالد ان قسم جي بي عزتيءَ جو گهرو اثر ورتو، نه برابر کاڌو ۽ بئري کي جلدي جلدي پليٽون کڻڻ ۽ ميوو آڻڻ لاءِ چيو. بئري جو اڻ ڄاتو خوف شايد وڌيڪ ويو ته اسان غريب ملڪ جا غريب ماڻهو پڪ مانيءَ جو بل ڏيڻ بدران پڄي ويندا سين. ان ڪري، (شايد)، هن ميوو آڻڻ کان اڳ ان ميوي جا پئسا به بل ۾ هڻي پليٽ تي بل رکي پهرين اهو اچي پيش ڪيو. ان ڳالهه خالد کي ويتر باهه ڏياري جو هن پئي سوچيو ته ان بعد چانهه يا ڪافي به گهرائجي، جيڪا خالد لاءِ اهڙي Tension واري حالت ۾ ضروري به هئي. بل تي منهنجي به نظر پئي جيڪو ٽپ سميت به سئو گلڊر (يعني ٻن هزار روپين) کان به مٿي هو. پر خالد لاءِ ڪجهه نه هو، جيتوڻيڪ بل ۾ ٽپ به شامل هئي، پر ان هوندي به خالد پنج سئو روپين کن جا وڌيڪ گلڊر بئري جي Tip لاءِ پليٽ تي رکيا. ڏنو وڃي ته ان ڊنر ۾ کايا پيا ڪجهه نهين گلاس توڙا باره آنا وارو حساب ٿيو. پر اهو مون لاءِ ڪٽي چئجي، خالد لاءِ اها هڪ معمولي ڳالهه هئي.

بل ادا ڪري اٿياسين. هوٽل جي ڪنڊ ۾ رکيل فون ۾ پئسا وجهي خالد پنهنجي زال سان جدي ڳالهايو. تيسين بئرو جيڪو ايتري ٽپ حاصل ڪري عجب جي نشاني ٿيو بيٺو

هو، تنهن مون کان آهستي اچي خالد لاءِ پڇيو تہ هي ڪير آهي؟

”سعودي عرب جو بزنيس مئن ۽ اعليٰ سرڪاري آفيسر.“ مون ڪيس انگريزي ۾ ٻڌايو جيڪو هن ڊچ زبان ۾ ٻين خدمتگار ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي ٻڌايو. تيسين ٽيليفون تي خالد ڳالهائي بس ڪيو ۽ هاڻ هوٽل مان نڪرڻ لاءِ هڪ بدران ٻہ ٻہ ڄڻا در کي کولي بيٺا ۽ اسان کي نہ فقط فرشي سلام ڪرڻ لڳا پر اسان لاءِ ٽئڪسي گهرائڻ لاءِ بہ پڇڻ لڳا.

دل ۾ مون چيو پئسي جو وڏو مان آهي. پئسي کي وڏو سلام آهي. خالد جي موڊ سخت آف هئي. ڪا دير اسين راٽردم جي رستن تي چپ چاپ واڪ ڪندا رهياسين. خالد سخت مونجهاري واري عالم ۾ هو. خالد جو ڌيان هٽائڻ ڪارڻ مون هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ٻڌائي ڪيس آهستي آهستي نارمل حالت ۾ آندو. مبارڪ ۽ عياض واپسي تي ڪير آڻڻ لاءِ اسان کي چيو هو. سو هيڏانهن هوڏانهن ڪير جو دڪان پڇائڻ لڳاسين. آخر هڪ تان ملي ويو. ٽرام جو اسٽاپ بہ اتي هو. ڪير جا ٻہ پاڪيٽ وٺي اچي ٽرام ۾ چڙهياسين، جنهن اچي ان هوٽل وٽ ڇڏيو، جنهن ۾ اسين سڀ رهيل آهيون.

# مالمو (سئيڊن) کان ايمسٽرڊم (هالنڊ)

ورلڊ مئريٽائيم يونيورسٽي جي ٻن سالن واري مدي ۾ آخري ڇهه مهينا کن مختلف ملڪن ۾ ٽريننگ لاءِ وڃڻو پوندو آهي، جيئن ته اسان جو هڪ پاڪستاني ڪليگ TMS (ٽيڪنيڪل مئنيجمينٽ آف شپنگ ڪمپنيز) ۾ ايم ايس سي ڪري رهيو آهي ته هن کي يونان، انگلنڊ، فرانس جهڙن ملڪن ۾ موڪليو پيو وڃي، جتي گهٽي کان گهٽيون جهازران ڪمپنيون ۽ جهازن جا مالڪ ۽ انهن جون آفيسون آهن جيئن هنن سان ملي هنن جي ڪم جو طور طريقو ڏسي سگهي.

آئون مئريٽائيم سيفٽي ائڊمنسٽريشن ۾ ايم ايس سي ڪري رهيو آهيان سو منهنجي ڪورس مطابق مون کي ۽ منهنجن ٻين ساٿين کي ناروي، ڊئنمارڪ ۽ فنلنڊ جهڙين ترقي يافته ملڪن جون مئريٽائيم ائڊمنسٽريشن آفيسون ڏيکاريون ويون. ٻئي نمبر تي لنڊن ۾ IMO جي آفيسن ۾ هلندڙ ميٽنگون ڏيکاريون ويون ته ڪيئن دنيا جي ملڪن جا نمائندا سمنڊ کي گندگي کان بچائڻ ۽ جهازرانيءَ جي سلامتي لاءِ بحث مباحثا ڪري قانون ناهين ٿا. ٽئين نمبر تي جرمني ۽ پولينڊ ۾ اڌ اڌ مهينو کن رهايو ويو، جتي جهازن جي مشينن جون فئڪٽريون ۽ جهاز تي استعمال ٿيندڙ

اليڪٽرانڪ جو سامان نهي ٿو ۽ چوٿين نمبر تي فرانس ۽ هالنڊ (نيدر لئنڊس) جهڙا ملڪ اچن ٿا، جتي ڪلاسيفڪيشن سوسائٽين جون گهٽي ڪان گهٽيون آفيسون آهن.

مختلف ملڪن ۾ رهڻ جي دوري/ٽريننگ جو هي شهر راٽرڊم آخري منزل آهي. راٽرڊم دنيا ۾ وڏي ڪان وڏو ۽ مشغول ترين بندرگاهه آهي، جتي مهيني ۾ ٻه هزار ڪن جهاز اچن ٿا ۽ بندرگاهه سٺ ڪلو ميٽر ڪن ڊگهو آهي، جتي هر قسم جا مال بردار، مسافر، تيل جا ٽئنڪر، گئس ڪئريئر، ڪيميڪل ٽئنڪر ۽ ڪنٽينر جهاز اچن ٿا. بندرگاهه جو هڪ حصو ته ايڏو ماڊرن آهي، جو هر ڳالهه آٽوميٽڪ ۽ بنا ماڻهن جي ٿئي ٿي. جهاز تان بنا آپريٽر جي ڪرينون ڪنٽينر (دٻا) لاهي مقرر هنڌ تي هڪ ٻئي مٿان رکن ٿيون ۽ پوءِ ٽرڪن جي اچڻ تي اهي دٻا پروگرام مطابق الڳ الڳ ٽرڪن تي رکن ٿيون ۽ ٽرڪون بنا ڊرائيور جي پاڻهي هلي بندرگاهه جي ٻاهرين در Main Gate وٽ پهچن ٿيون. ان بعد اتي بيٺل هر ٽرڪ جو ڊرائيور پنهنجي ٽرڪ ۾ چڙهي ان کي پنهنجي منزل—جرمني، بيلجم ڏي ڪاهي وڃي ٿو. بندرگاهه جي ان حصي کي Ghost Area غيباتي حصو سڏجي ٿو.

هن بندرگاهه راٽرڊم ۾ منهنجو ٻه هي پهريون دفعو آهي. جڏهن جهاز تي هوندو هئس ته هن پاسي ضرور اچڻ ٿيندو هو پر ڪڏهن ٻه راٽرڊم يا هالنڊ (نيدر لئنڊس) جي ڪنهن

بندرگاهه ۾ اچڻ نہ ٿيو هو. راٽرڊم ۽ ايمسٽرڊام بابت گهڻن ئي ٻڌو هوندو تہ هڪ وڏو بندرگاهه ۽ ٻيو وڏو هوائي اڏو آهي، پر اها خبر گهٽ ماڻهن کي آهي تہ اهي شهر هالنڊ ملڪ ۾ آهن، جنهن کي نيدر لئنڊس بہ سڏجي ٿو. اها ڄاڻ بہ گهٽ ماڻهن کي آهي تہ هن ملڪ جي رهاڪن کي ”ڊچ“ سڏجي ٿو. ڊچ ۽ ڊيوچ ۾ فرق آهي. ڊيوچ مارڪ جرمني جو سڪو آهي ۽ جرمني کي ڊيوچ لئنڊ سڏجي ٿو. دنيا جي مشهور تيل ڪمپني Shell ۽ ريڊيو ۽ بلبن وغيره جي ڪمپني Phillips اصل ۾ هن ملڪ هالنڊ جون آهن. ڊچ جيتوڻيڪ انگريزن ۽ پورچوگيزن کان بہ سٺا جهازي هئا ۽ آهن ۽ انگريزن کان بہ پهرين نندي ڪنڊ توڙي ڏکڻ ايشيا جي ملڪن کان اچي نڪتا، پر بقول اسان جي ميزبان سروير مسٽر هوگلنڊ جي:”اسان جو (ڊچن جو) مقصد فقط ۽ فقط واپار رهيو ان ڪري انگريزن وانگر ڪٿي بہ ڄمي نہ ويناسين، ڪٿي بہ مڪاني ماڻهن کي ويڙهائي سندن زمين کي نہ ڳڙڪايوسين سواءِ انڊونيشيا جي.“ انڊونيشيا 1984ع تائين ڊچ ڪالوني رهي. ان ڪري جيئن انگلنڊ ۾ پاڪستاني، هندستاني، جئميڪن ۽ نائيجيريا، ملائيشيا ۽ ڪينيا جا ماڻهو گهڻا نظر اچن ٿا، ۽ جيئن فرانس ۾ الجيريا، ٽيونيشيا وغيره جا آهن، تيئن هتي هالنڊ ۾ انڊونيشي جام نظر ايندا. ملائيشي يا انڊونيشين يورپ پاسي تمام گهٽ ۽ نہ برابر آهن، پر ايمسٽرڊم جي

هوائي اڏي کان راٽرڊم جي بندرگاهہ تائين جتي ڪٿي انڊونيشي ملندا، انڊونيشي هوٽلون، دڪان ۽ محلا ۽ گهٽيون ڏسڻ ۾ اينديون. ٻئي نمبر تي سري نام (سائوٿ آمريڪا جي ملڪ) جا ماڻهو ۽ فلپين جا آهن. ان بعد ٻين ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن جا.

دنيا جي مشهور ايئر لائين KLM پڻ ڊچ آهي. يعني هتي جي آهي. هالينڊ جو وڏو حصو سمنڊ جي ليول کان هيٺاهون آهي ۽ سامونڊي وڏي لهر اچڻ تي سڄو ٻڏيو وڃي، پر هتي جا ماڻهو (ڊچ) هميشہ سمنڊ سان وڙهندا رهيا آهن. سمنڊ جي چولين ۽ ٻوڏ کان بچڻ لاءِ هنن صدين کان وڏيون ڪاهيون کوٽيون آهن. جن مان Wind Mills (هوائي چرخين) ذريعي پاڻي ڪڍيو وڃي ٿو. جهازن جي سهولت لاءِ بندرگاهہ ۽ سامونڊي چئنلن جي کوٽائي ڪري، ان کوٽيل مٽي سان پر وارا سامونڊي حصا پري وڏيڪ زمين حاصل ڪئي آهي. سمنڊ جي کوٽائي Dredging ڪري ان کي جهازن جي آمدرفت لاءِ اونهو ڪرڻ ۽ مٽيءَ سان سمنڊ پري زمين حاصل ڪرڻ (Reclaim ڪرڻ)، ۾ ڊچ سڄي دنيا ۾ مڃيل آهن. ڪجهہ صديون اڳ سنڌن ملڪ هالنڊ جڻ سمنڊ هو ان کي هنن مٽيءَ سان پري پري اڄ جي شڪل ڏني آهي.

ان ڪري هنن ماڻهن لاءِ چوڻي مشهور آهي تہ:

"God made Land-Dutch made Holland"

يا ائين بہ چيو وڃي ٿو تہ:

"God made Sea-Dutch made Shore"

پورٽ قاسم جي ساموندي چئنل جي کوٽائي ۽ ان مان نڪرندڙ مٽيءَ سان ڊفينس سوسائٽيءَ جا ڪجھ حصا پرڻ ۾ ڊچ انجنيئرن جو پڻ هٿ آهي.

هي ملڪ ڍڳين، کير مکڻ ۽ خاص ڪري پنير ڪان پڻ مشهور آهي. شهر کان ٻاهر نڪرڻ تي رڳو چراگاهہ ۽ ڍڳيون نظر اچن ٿيون، بقول اسان جي هڪ ساٿي-يمن جي مبارڪ جي، ماڻهن کان وڌيڪ ڍڳيون آهن. هالنڊ ۾ هوا تي هلندڙ چرخين ڪانسواءِ ڪاٺ جا بوٽ ۽ سليپر پڻ مشهور آهن، جيڪي هتي جا هاري ناري ٻنين ۾ ڪم ڪرڻ وقت پائين ٿا. فلپ، شيل ۽ KLM ڪانسواءِ فوڪر، هئنڪن ۽ اڪزو پڻ مشهور نالا آهن، جيڪي ڊچ ڪمپنيون آهن ۽ سندن هيڊ ڪوارٽر هالنڊ ۾ آهن. فوڪر هوائي جهازن جي ڪمپني آهي، جنهن جا فوڪر 50 ۽ فوڪر 100 جهاز دنيا ۾ تمام گهڻو مشهور آهن، ايتري قدر جو ٻي ڪا ڪمپني ان سان ملندڙ جهاز ناهي ٺٺي تہ ان کي بہ عام ماڻهو فوڪر سڏي ٿو. جيئن جيپ Jeep گاڏي نہ پر ڪمپني جو نالو آهي. پر ان ڪمپني جي ان شڪل واري گاڏي ايڏي مشهور ٿي جو هاڻي سوزوڪي يا ٽويوٽا ان قسم جون گاڏيون ناهي انهن جا نالا پلي ڇا بہ رکي، پر رستي تي بيٺل عام ماڻهو ان کي جيپ

ئي سڏي ٿو.Heineken شراب جي ڪمپني آهي ۽ يورپ ۾ ان نالي جو بيئر هوائي جهازن توڙي هوٽلن ۾، دڪانن توڙي گهرن ۾ نظر ايندو ۽ خالي ڏٻا رستن ۽ بس اسٽاپن وٽ ٽڙيا پکڙيا، چپيا چيپاٽيا ڏسڻ ۾ ايندا. ڊاڪٽر ۽ دل جا مريض ان ڪان واقف آهن ته ڪيترين دوائن، اوزار ۽ ٻيا Cadiovascular Pharmaceuticals ڊچ ڪمپني ائڪزو (AKZO) جا آهن، ان ڪان ٿورو هيٺيرو مشهور DAF ٽرڪون ناهيندڙ ڪمپني، لوهه ۽ رڪ ناهيندڙ ڪمپني Hoogovens ۽ ڪاغذ ناهيندڙ ڪمپني KPN پڻ ڊچ ڪمپنيون آهن، جن جا مرڪز يا اڏا شروع ڪان هالنڊ (نيدر لئنڊس) ۾ آهن.

آرٽ جي دنيا سان واسطو رکندڙن لاءِ اهو لکڻ پڻ ضروري سمجهان ٿو ته دنيا جي مشهور آرٽسٽ رمبرانٽ (Rembrandt Harmensozoon) هتي (هالنڊ) جو ڊچ هو، جيڪو ليئڊن (Leiden) نالي شهر ۾ 1606ع ۾ ڄائو هو. دنيا جون مشهور تصويرون "The Night Watch" ۽ "The Syndics of Draper's Guild" وغيره هن ڊچ پينٽر ريمبرانٽ جون آهن.

هالنڊ جي ٻن وڏن شهرن ايمسٽرڊم ۽ راٽرڊم کانسواءِ هيگ پڻ مشهور شهر آهي، جنهن کي انگريزي ۾ The Hogue ڊچ زبان ۾ Den Haag سڏجي ٿو ۽ بين الاقوامي ميٽنگن ۽ Treaties ڪان مشهور آهي. ان ئي قسم جي ڳالهين ڪان هالنڊ جو هڪ ٻيو ڏاڪٽو شهر Maasticht ماسٽرفٽ پڻ دنيا ۾

مشهور آهي. خاص ڪري يورپين ڪميونٽي جي ميٽنگن ڪان.

# سياري جو مينهن ساهه سڪائي

سئڊن کان هالنڊ اسان KLM جهاز رستي آياسين. سئيڊن جي شهر مالمو کان KLM جي روزانو هڪ اڏام سڌو ائمسٽرڊام اچي ٿي. مالمو شهر توڙي سندس هوائي اڏو حيدرآباد-سکر جيڏو آهي. هونءَ مالمو کان جڏهن بہ جرمني فنلينڊ توڙي ناروي انگلنڊ ويا آهيون تہ مالمو جي ايئرپورٽ تان وڃڻ بدران ڪوپن هيگن جي ايئرپورٽ تان ئي هوائي جهاز ۾ چڙهيا آهيون، جو ڪوپن هيگن جو هوائي اڏي تان هر ملڪ ڏي هر روز ڪا نہ ڪا اڏام ويندي رهي ٿي. هي پهريون دفعو مالمو ايئرپورٽ ڏسڻ جو موقعو مليو. ٽڪيٽ ڏيکاري بورڊنگ ڪارڊ وٺڻ مهل يمن جي مبارڪ ۽ مون هميشہ وانگر بڪنگ ڪلارڪ کان پهرين قطار ۾ وهڻ جي سيٽ جي گهر ڪئي، جيڪا فرسٽ ڪلاس (بزنيس ڪلاس) بعد شروع ٿئي ٿي. چو جو ان ۾ ٽنگون ڊگهيون ڪرڻ لاءِ گهڻي جاءِ هوندي آهي ۽ انگريزي اخبار پڻ مليو وڃي، نہ تہ پوين سيٽن تائين پهچندي ايئر هوسٽس وٽ رڳو سئيڊش يا جرمن اخبارون هونديون آهن.

”هن جهاز ۾ فرسٽ ڪلاس آهي ئي ڪونہ ۽ نہ سيٽن جي رزرويشن آهي، جنهن کي جيڪا وڻي ان تي ويهي.“ KLM وارن ٻڌايو.

اهو ٻڌي اسان لائوڊ اسپيڪر تان اعلان جي انتظار ۾ رهياسين. جيئن ئي اعلان ٿيو تہ قطار ۾ اڳيان اسين اچي بيناسين ۽ هوائي جهاز ۾ گهڙندي اڳين سيٽن تي قبضو ڪري ورتوسين. هوائي جهاز ايڏو ننڍو هو جو مٿين خانن ۾ ڪو ننڍو ٿيلهو بہ وجي نہ سگهيو. ان ڪري باقي سامان پيرن جي وچ ۾ ۽ بوٽن تي رکيوسين، جهاز ۾ سيٽون بہ ايتريون ٿوريون هيون جو ڏهہ ڪن اسين يونيورسٽي جا هئاسين ۽ اهڙا ڏهہ ڪن ٻيا مسافر ٿيندا، جن ۾ ايئر هوسٽس بہ شامل ڇئي سگهجي ٿي جو جهاز ۾ ان جي وهڻ لاءِ بہ ڏار ڪا جاءِ نہ هئي. مسافرن واري هڪ سيٽ تي هوءَ ويٺي. مبارڪ ڇيو ايتري ننڍي جهاز جو اسان جي عرب ملڪن ۾ ڪو سوچي نٿو سگهي. پر ايئر هوسٽس ٻڌايو تہ سندس KLM ڪمپني ههڙن ننڍن جهازن ذريعي يورپ جا ننڍا شهر ڳنڍڻ واري هيءَ نئين سروس ويجهڙائيءَ ۾ شروع ڪئي آهي ۽ ڪافي ڪامياب وڃي رهي آهي.

مسافرن جي وهڻ بعد در وٽ رکيل سلائيڊنگ واري ڪبٽ ڪي ايئر هوسٽس اڪيلي سر ريڙهي اندر ڪيو ۽ پوءِ در ڪي ڪاٻي گسڪائي انجيسن سان بند ڪيو ۽ پوءِ ڪبٽ ڪي واپس ريڙهي پنهنجي جاءِ تائين آندو. ان بعد مائيڪرو فون ڪٽي دستوري تقرير ذريعي مسافرن کي ٻڌايو تہ جهاز جا ايمرجنسي دروازا ڪٽي آهن، جهاز سمنڊ مٿان اڏامندو ۽

خدانخواسته ڪو حادثو ٿي پيو ته هيٺ رکيل لائيف جئڪيٽ ڪڍي ۽ پائي ڏاڪي کي ٻاهر سٽ ڏينداءِ ته اها ڦوڪجي ويندي-وغيره وغيره.

(۽ جڏهن اهڙا حادثا ٿين ٿا ته اڌ کان وڌيڪ مسافرن کي اها جئڪيٽ ڳولهي نٿي ملي ۽ جن کي ملي ٿي انهن کان تڪڙ ۾ پاتي نٿي ٿئي. باقي جنهن ايڪڙ ٻيڪڙ کان پاتي ٿئي ٿي ته ان کي هوا ڀرڻ لاءِ لڙڪيل ڏاڪو نظر نٿو اچي يا صحيح طرح نٿو ڇڪجي.) بقول مبارڪ جي:”اسان سيني پاران اها نيرين اکين واري ڊچ ايئر هوسٽس پاڻ پائي پنهنجي زندگي بچائي وڃي ته به ٿيو وڏو خير.“

بهرحال هر جهاز ۾ ايئر هوسٽس بچاءُ جي ترڪيب ايڏو تڪڙو ٻڌائي ٿي جو سمجهه ۾ اچڻ سولو ناهي. پر ان جو مطلب اهو هرگز نه آهي ته ان تي پورت ڪجي. هر مسافر جي اڳيان ٻن يا ٽن صفحن جو ڪتابچو رکيل ٿئي ٿو. جنهن ۾ تصويرن سان اها سڄي ڪهاڻي سمجهايل آهي. ايئر هوسٽس پڻ آخر ۾ ان ڪتابچي کي پڙهڻ جي تاڪيد ڪري ٿي. جيئن سيان ڪو مٿس يا هوائي ڪمپنيءَ تي ڏوهه نه ڏئي.

اهي ڪم لاهي پوءِ پاڻ به بيلٽ ٻڌي بالم تي ويهي رهي. جهاز رن-وي تي ڊوڙڻ لڳو. خبر ناهي کهڙي ڊوڙ ڪانپوءِ مٿي اڏامڻ به شروع ڪري ڏنو پر اسان کي اهو ئي محسوس ٿيندو رهيو ته هو اجا ڏامر جي رن-وي تي ڊوڙي پيو. نه فقط

سندس لوڏا جاري هئا پر انجڻ جي زوزات ۽ ڌڪڻ (Vibration) ۾ به ڪو فرق نه آيو. ٻاهر موسم به خاص خراب نه هئي، پر ۾ وينل مبارڪ سان ڳالهائيندي به رڙيون ڪرڻيون پيون ٿئي. نيٺ مبارڪ پنهنجي روايتي ٽون ۾ ”ماءِ ڊيئر فرينڊ“ جو تڪيو ڪلام استعمال ڪندي چيو:

”هي مٽي جو سور ائين ئي هلندو يا گهٽ به ٿيندو.“

مبارڪ جي پڇڻ ڪان اڳهين آئون پڻ ان جي ڪوچ ۾ هئس ته شايد جهاز ننڍو آهي ان ڪري ٿي رهيو آهي. جو وڏي جهاز ۾ ته ڪڏهن به نه ٿيو، پر پوءِ خبر پيئي ته هوائي جهاز جو پر جنهن ۾ انجڻ هئي اهو بلڪل اسان جي سيٽ سان لاڳو هو. مبارڪ کي اها ڌڪوئيندڙ ڪٿا ٻڌائيندي چيم:

”هيڏانهن هوڏانهن لوٽا هڻ ته ڪا خالي سيٽ هجي ته هتان اٿون.“

سڄي جهاز ۾ ڪل سيٽون ئي ڇا هيون. هي سڀ مسافرن سان پريل هيون ۽ جيڪي به خالي هيون سي اسان جي پويان واريون هيون. يعني انڌي جهڙي پيڪين تهڙي ساهرين. هڪ فوٽ ڪن پنيان وهڻ ۾ ڪهڙو فرق! ۽ اهو سمجهيوسين ته سياڻا مسافر هن جهاز ۾ هنن سيٽن ڪان پڇن ٿا، پر اسان پڌڻ ٿي انهن تي اچي وينا هئاسين. مبارڪ چيو: ” هاڻي ڇا ڪجي. هڪ ته جهاز جي ڌڪڻ ڪري ڪنن ۾ ڪٽڪٽاڙي پئي ٿئي. ڪن ڪنهي ڪنهي ٽڪجي پيو آهيان

ويتر جي پنهنجن ساٿين کي هن لقاءَ جي خبر پوندي ته هو به ڪلندا.“

”هاڻ منهنجي خيال ۾ ته ماٺ ڪري ويهجي. ڏيڊ ڪلاڪ جو پنڌ آهي. ڄاڻ ته ويو گذري. ڦاٽي ته ڦٽڪڻ ڪهڙو.“ مون چيومانس.

”اها به ڳالهه صحيح آهي.“ ۽ پوءِ ايئر هوسٽس کي ڏسي مبارڪ به ائين پنهنجو مٿو جهاز جي دري تي رکي اکيون پوري سمهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر مزو نه آيس سو ڏهه منٽن کانپوءِ پاسا ورائي، اخبار ڪڍي پڙهڻ لڳو، پر Vibration ڪري اها به پڙهي نه سگهيو.

”اجا ڪيترو وقت آهي؟“ مبارڪ پڇيو.

”بس هاڻ باقي ڪلاڪ کن آهي.“ وراڻيومانس.

”يلاايئر هوسٽس پاڻهي اٿندي يا اٺارٽو پوندس.“ مبارڪ چيو.

چو يلا؟“ مون پڇيومانس.

”ماءِ ڊيئر فرينڊ! ٽائيم ئي ڇا وڃي بچيو آهي. اجا ڪيس مانيءَ جا ٽري ڪڍي هر هڪ جي اڳيان رکڻا آهن، ان بعد چانهه جو دور. پوءِ ڊيوٽي فري شيون وڪڻيون اٿس. ان بعد خالي ٿانو گڏ ڪرڻا اٿس. تون سمجهين ٿو ته ايمسٽرادم ٽائين اهي سڀ ڪم پورا ڪري سگهندي؟-۽ جهاز جي

دروازي کي کولڻ لاءِ چپ جهڙو ڪبٽ به وري ريڙهٽو اٿس.“ مبارڪ چيو.

”في الحال سمهڻ ڏينس.“ مون چيو.

مبارڪ ڪلندي منهنجي ٻڌايل ڪجهه ڏينهن اڳ جي ڳالهه دهرائي،

”چا هيءَ به آزادي جو خواب ڏسي رهي آهي؟“

ڪنهن اسان جهڙي غريب ملڪ جي رهاڪوءَ ڪي رستي جي ڪپر تي سُتل ڏسي ڪو ڏاهو اثاري رهيو هو ته واٽ ويندڙ همراهه چيس: ”ٻائو چو ستل همراهه کي اٿاري رهيو آهين. ٿي سگهي ٿو هو آزادي جو خواب ڏسي رهيو هجي.“

ڏاهي وراڻيس: ”جي اها ڳالهه آهي ته خواب لهڻ بدران ننڊ مان اٿي آزادي لاءِ جدوجهد ڪري ته بهتر ٿيندو.“

سو مبارڪ اها ڳالهه ياد ڏياري چيو ته چا هيءَ به آزادي جو خواب لهي رهي آهي.

ڪلندي وراڻيومانس: ”اها دِچ عورت آزادي جو نه پر ٿي سگهي ٿو اسان کي غلام بڻائڻ جو خواب لهي رهي هجي. اسان کي نه ته ڪنهن ٻي انڊونيشيا کي، ڪنهن ٻي ملائيشيا کي، سري نام کي، سريلنڪا کي فلپين کي.“

مبارڪ سنجيده ٿي چيو: ”ماءِ ڊيئر فرينڊ! تون هر وقت يورپين ۽ انگريزن تي بگڙيل رهين ٿو ته هنن اسان تي حڪومت ڪئي، پر ڪڏهن حقيقت پسند ٿي اهو سوچيو

اٿئي تہ اسان جي پنهنجن حاڪمن کان هي يورپي ۽ انگريز بهتر هئا. سئو سالن جي حڪومت ۾ انگريزن سڄي نديءَ ڪنڌ جا ايترا ماڻهو نہ ماريا هوندا، جيترا اڄ پنهنجي حاڪمن جي غلطين ڪري غريب ماڻهو مرن ٿا، يوگنڊا ۽ نائيجيريا کان انگولا ۽ موزمبق تائين ڪنهن بہ آفريڪي ملڪ جو مثال کڻي وٺ تہ فرينچن توڙي اٽلين يا اسپينين ايترا ماڻهو نہ ماريا هوندا، جيترا اڄ سندن پنهنجا ليڊر ڪوس ڪري رهيا آهن، يورپين ڦرلٽ ضرور ڪئي، پر ان جي بدلي ۾ ملڪ کي بہ ٺاهيندا رهيا. اسان جا ليڊر ملڪ ۽ عوام جي پيننگ ڪري پنهنجو فقط ڳوٺ ۾ بہ نٿا ٺاهي سگهن.“

مبارڪ اهو چئي بس ڪيو تہ جهاز ۾ ڪم ڪندڙ هيءَ واحد ايئر هوسٽس اٿي کڙي ٿي. پوءِ خبر نہ آهي ننڍ پوري ٿيڻ تي اٿي يا مبارڪ جي زوردار تقرير تي يا ڊيوٽي جي سڏ تي.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هوءَ ڪم جي اچت هئي، جلدي جلدي مانيءَ جو ڪم لاٿائين ان بعد ڪافيءَ جو دور هڪ بہ نہ پر بہ دفعا هلايائين ۽ ڊيوٽي فري سامان وڪڻي، گئلي (رڌڻي) جو در بند ڪري ويني تہ جهاز ڪکرن کان هيٺ لهڻ لڳو ۽ پائلٽ اعلان ڪيو تہ ائمسٽرڊم ايئرپورٽ تي ست ڊگريون ٿڌ آهي ۽ سخت بارش هلي رهي آهي. اهو ٻڌي

پري کان وينئل سعودي عرب جي خالد الجهلميءَ کي مبارک ڏنيسين: ”هاڻ تنهنجي ڇٽي توکي ڪم ايندي.“

گذريل ڇئن مهينن کان هو هر ملڪ ۾ هوائي اڏي تي پاڻ سان ڇٽي کڻي هليو ٿي پر ڪم ۾ نه ٿي آئي، پر اڄ هوائي جهاز مان لهي احساس ٿيو ته يورپ ۾ سڀ کان ضروري شيءِ ڇٽي (Umbrella) آهي. اونهاري جو مينهن کٽي واهه واهه پر سياري جو مينهن ساهه ٿو سڪائي.

# پنهنجي زال سان ٻہ نٽو گهمي سگهجي

منهنجي خيال ۾ يورپ جو هي پهريون ايئرپورٽ آهي، جتي نہ اميگريشن وارن ڪاغذن جي گهٽي پُڇ پُڇ ڪئي ۽ نہ ڪسٽم وارن سامان جي کول کولان. ڪين پهرين جو اطلاع هو تہ اسان وارو گروپ اچي پيو يا شايد ڏائڻ بہ ست گهر ٽاريندي آهي جي اصول تي اک ٻوٽ ڪري ڇڏيائون يا شفٽ جو آخري وقت هو ٿڪل هوندا. هونءَ بہ اميگريشن توڙي ڪسٽم وارن جا ڪات کهاڙا آفريڪي ۽ ايشيائي ماڻهن جي پويان هوندا آهن سي سڄي ايئرپورٽ تي گهٽائي پئي هليا. مسافرن ۾ بہ هئا تہ ايئرپورٽ تي ڪم ڪندڙ مختلف ايجنسين ۾ بہ. ان ڪانسواءِ يورپ آفريڪا ۽ ايشيا کنڊ جي ڪار پڻ هئي، جنهن کي يورو آفريڪن، يورو ايشين، يورو انڊين يا اٽلو انڊين، انگلو پاڪستاني، يا فرينچو الجيرين، اٽلو ٽيونيشن چيو وڃي ٿو.

شڪل ۾ اڇي گوري ۽ وارن جي ڪاري رنگ واري ناهوڪي جوان پوليس آفيسر کان پڇيم تہ ڪٿان جو آهين؟

”هتان جو آهيان.“ وراڻيائين.

”منهنجو مطلب آهي اصل کان هتان جو آهين يا ڪنهن ٻئي ملڪ جوآهين؟“ مون پڇيومانس.

”اصل ترڪي جو ترڪ آهيان. منهنجو پيءُ يا شايد ڏاڏو نندپڻ ۾ لڏي اچي هتي رهيو هو.“ هن وراڻيو.

”مهرباني. مون ائين پڇڻ ٿي چاهيو. آئون بہ تنهنجي پر واري ملڪ پاڪستان جو آهيان.“

هن هٿ ملائي چيو: ”ڪيترا پاڪستاني بہ اسان واري ڊپارٽمينٽ ۾ آهن.“

”مون لاءِ تعجب ۽ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي نہ تہ يورپ جي ٻين ملڪن ۾ ڌارين کي اهم ڪاتن ۾ تہ ڇا پر جهڙي تهڙي بہ نوڪري نٿا ڏين. يا بيروزگار ٿيو وينا خيرات (Social) جي ماهوار پتي مان گذارو ڪن. يا وري ريلوي اسٽيشن، هوائي اڏن يا ڪارخانن جي در اڳيان (گهڻي ڀاڱي پاڪستاني توڙي عراقي، فلسطيني عرب) ڊگهي لٺ وارو ٻهارو ڪڙي پيا ڪک پن جي صفائي ڪن.

هن ملڪ (هالينڊ) ۾ ايتري نسل پرستي ناهي ۽ جيڪي اصل ڪان هتي جا رهاڪو ٿي ويا آهن، انهن کي هاڻ هتي جو ئي سمجهن ٿا. اها بي ڳالهہ آهي تہ ڪنهن نئين ڌارئين کي هتي ٽِڪڻ ڪان سختي ڪن ٿا جو هي ملڪ ئي ننڍو آهي.

اها ئي ڳالهہ ٻئي ڏينهن اسان جي آفيس جي ڊچ سرويئر مسٽر هوگلئنڊ ڪئي تہ ”ڊچ دوست مزاج آهن ۽ هن ملڪ ۾ هر هڪ کي موڪل آهي تہ جيڪا وڻيس اها زبان

ڳالهائي، جيڪو وڻيس مذهب اختيار ڪري. جيستائين هو بئي ڪنهن کي تڪليف نٿو رسائي، هو اسان جينظرن ۾ سٺو شهري آهي. هڪ ڪرسچن شراب پي دنگو فساد ڪري محلي وارن جو سک ڦٽائي ٿو، ان کان اهو يهودي بهتر آهي جو خاموشيءَ سان عبادت ڪري ٿو ۽ واپار ڪري ملڪيت ناهي ٿو“.

ترڪ آفيسر سان اجان ڳالهائي رهيو هئس ته ٽيونيشيا جو عياض آيو:”منهنجو سامان جهل ته آئون ٽئاليٽ مان ٿي اچان“ هن چيو.

”هل ته آئون به هلان ٿو ۽ سامان جي ٽرالي به ڪٺي هلون ٿا“. مون چيومانس.

اسين واش روم جو پڇائيندا ان ڪنڊ ۾ پهتاسين جتي w.c جا لفظ لکيل هئا. در اڳيان ٻهاري، ٻاردي،پوچي جي ڪپڙي، ٽئاليٽ ۾ استعمال ٿيندڙ پنن جي ويڙهن ۽ صابڻن جي ٽرالي جهلي هڪ پاڪستاني عورت بيٺي هئي. هوءَ واش روم صاف ڪري نڪري رهي هئي يا شايد هاڻ وڃي رهي هئي، هن پاسي يورپ جي ملڪ ۾ صفائي جون جايون عورتون صاف ڪن ۽ جنهن وقت در اڳيان صفائي جي سامان واري ٽرالي ڏسجي ته اندر نه وڃجي، معنيٰ مرداني ٽئاليٽ ۾ عورت صفائي ڪري رهي آهي. پر هاڻ هوءَ ٻاڙ در اڳيان بيٺي هئي، سو ڪانئس انگريزي ۾ پڇيم:

”اسان اندر وجي سگهون ٿا يا تون صفائي لاءِ وجي رهي آهين؟“

هن کي انگريزي سمجهه ۾ نه آئي ۽ مون کي هم شڪل ڏسي سمجهي وئي ته آئون دنيا جي گولي جي ان پاسي کان آهيان جتان يا جنهن جي اوس پاس کان هوءَ آئي آهي، هن پنجابيءَ ۾ وراڻيو:”ڍچ يا پنجابي اچيم ٿي.“

يعني هوءَ يا سندس ماءُ پيءُ هتي ڪافي عرصي کان ٽڪيل آهن ۽ ڊچ به ڄاڻي ٿي.

”ايسٽ پنجاب جي آهين يا ويسٽ پنجاب جي؟“مون ڪانئس پاڪستان يا هندوستاني پڇڻ صحيح نه سمجهيو.

”گجرانوالا جي آهيان“، هن وراڻيو. سندس جواب مان لڳو ته جاگرافي مان ڪمزور آهي. پاڻ صفائي ڪري چڪي هئي ۽ اسان جي موڪل وٺڻ تي گاڏو هٽائي اسان کي اندر گهڙڻ لاءِ جاءِ ڏني. اندر پهچي عياض کي چيو، ”اجان هاڻ ان پوليس آفيسر کي دانهون پئي ڏنم ته يورپ جا ماڻهو اسان ايشين يا آفريڪن کي پنهنجي ملڪ ۾ سٺيون نوڪريون نٿا ڏين ته هتي جو هتي پنهنجي ملڪ جي ملي وئي.“

عياض اڳهين ڪو پريو وينو هو سو شروع ٿي ويو.

”هي ذليل يورپي اسان کي نيچ ئي سمجهن ٿا. مون سان گڏ فرانس هل ته ڏيکاريائين. اسان جي ملڪ ٽيونيشيا جا

ڪيترائي اتي رهن ٿا، پر ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ سٺي نوڪريءَ ۾ هوندو نه ته جتي ڪٿي رڳو ٻهارن سان اسان جا عرب ۽ عربياڻيون ٻينيون هونديون. ان ڪان ته پنهنجي ملڪ وڃي رهن ته اهو بهتر.“ ”نه، آئون نٿو سمجهان ته ڪو اهو اهڙو اهم مسئلو آهي، جنهن ڪي غيرت جو سوال بڻايو وڃي ۽ ساڳئي وقت ۾ هي جيڪي نوڪريون مليون آهن، اهي به ڇڏي واپس وطن ورڻ مسئلي جو حل نه آهي“ مون چيو

”ڪيئن يلا؟“ عياض چيو.

بس آئون سمجهان ٿو انسان جي مجبوري آهي. ڇا اهڙي نوڪري ڪين پنهنجي وطن ۾ ملي سگهندي، جنهن مان عزت جو وقت گذاري سگهن؟ ۽ جي ملي به ٿي ته پاڻ وٽ اهڙو ماحول آهي، جتي عورت ذات بنا ڪنهن رمارڪ ٻڌڻ جي نوڪري ڪري سگهي؟ ٽين ڳالهه ته هي صفائي واريون ۽ ٻيون نوڪريون جن کي اسان خراب سمجهون ٿا اهو به اسان جي دماغ ۽ سوچ جي ڪمزوري آهي. هتي جا ماڻهو ان کي خراب نه ٿا سمجهن. هتي هر اهو ماڻهو جيڪو پنهنجي نوڪري ايمانداري سان ڏئي ٿو، اهو سٺو پورهيت سمجهيو وڃي ٿو، چاهي ڪٿي هو ٻنگي هجي ۽ اهو انسان جيڪو ديوٽي ڏيڻ ڪان گسائي ٿو، ننگي ڪري ٿو، اهو خراب سمجهيو وڃي ٿو، پوءِ هو ڀلي ڪٿي ڊاڪٽر هجي يا انجنيئر. ٻي ڳالهه ته هتي گهٽ نوڪريءَ واري کي به ايترو پگهار

مليو وڃي جنهن مان هن جون بنيادي ضرورتون پوريون ٿيو وڃن. سندن ٻارن جو علاج ٿيو وڃي، پڙهائي ۽ اسڪول ۾ داخلا مليو وڃي. دراصل يورپ ۾ رهندڙ اسان جي هم وطنين تي اگر فقط تڏهن ڪنئي وڃي، جڏهن هو جيڪي ڪمائين ان ڪان وڏيڪ عورت، شراب، جوا ۽ ٻين برائين ۾ وڃائي، نشئي پٽئي (Drug Addicted) ٿيو وينا هجن. هي ماڻهو- چاهي جهاڙو پوچو ڪندڙ گجرانوالا جي هيءَ پنجابي عورت هجي يا ڪوپن هيگن ۾ ٽيڪسي هلائيندڙ ڪراچي جو مڪراني، بيحد گهڻي عزت ۽ احترام جا حقدار آهن.هو پنهنجي مائٽن، سنگتين ساٿين ڪان پري پرديس ۾ رهي، حق حلال جو پورهيو ڪري، پنهنجو ۽ پنهنجن ٻارن جو نه پيٽ پالي رهيا آهن پر ملڪ لاءِ پڻ غير ملڪي ناڻو ڪمائي رهيا آهن.“

خبر ناهي منهنجي سوچ ڪيتري حد تائين صحيح چئجي، پر هر ڳالهه تي ضد ڪرڻ واري عياض نه فقط ماٺ ڪري منهنجي ڳالهه ٻڌي پر ڳالهه ختم ٿيڻ بعد ڪجهه لمحا سوچي چيو: ”اها ڳالهه صحيح آهي. اسان جي ملڪ ٽيونيشيا ۾ نه تيل بہ ڪونهي. وڏو ڪمائي جو ذريعو ٽوئرزم آهي ۽ ٻئي نمبر تي ولايت ۾ پورهيو ڪندڙ اسان جا ماڻهو آهن، جيڪي پنهنجي ڪمائي جو حصو وطن موڪلين ٿا.“

”خبر اٿئي“، مون عياض کي پنهنجي هڪ دوست بابت حقيقت ٻڌائي، جيڪو سئيڊن مان ٿي ويو آهي،”اسان جو هڪ انجنيئر دوست ڪڏهن ڪڏهن آفيس جي سياست يا ملڪ ۾ ٿيندڙ لاهين چاڙهين کان بيزار ٿي چوندو آهي ته ان کان ته بهتر آهي سئيڊن ۾ پنگي ٿي هلي رستا صاف ڪجن، ذهني سڪون ته هوندو“

عياض ڪلندي چيو: ” فلاٽو الجيريا وارو ته چوندو آهي ته پنهنجا مسلمان ملڪ ته ويتر عجيب آهن،پنهنجي نڪاح ٿيل زال سان به گڏ مارڪيٽ ۾ به نٿو نڪري سگهجي. هر ڪو اشارا ڪندو، رمارڪ ڏيندو ۽ ٻي جي زال کي رنڊيءَ کان گهٽ نه سمجهندو! هڪ هي يورپي ملڪ آهن، جتي هٿ هٿ ۾ چا پاڪر پايو پيا هلن ته به ڪنهن کي ڪا ڌيان ۾ ئي ڳالهه ناهي، هر ڪو پنهنجي نوڪري،پورهئي يا ڪرت ۾ مشغول آهي. ٻيو ڇا پيو ڪري، ان بابت سوچڻ، هو وقت جو زيان ۽ معاشري ۾ ڏڦير پيدا ڪرڻ ٿو سمجهي.“

# کهڙي ملڪ جو ٿي سگهي ٿو...

ائمسٽرڊئم ايئرپورٽ جي واش روم مان ٿي آياسين ته ايئرپورٽ کان ٻاهر نڪرڻ واري در وٽ اسان جا باقي ساٿي سامان جهليو بيٺا هئا.اسان جي ٽولي جي اڳواڻ گلبرٽ، جيڪو فلپين جو آهي،ان کي چيم: "ايمسٽرڊم ته پهچي ويا آهيون، پر هاڻ راٽرڊم هلڻ جو ڇا پروگرام آهي؟"

"مون کي ڪا خبر نه آهي، مون کي ته اها به سڌ ناهي ته اهو هتان ڪيترو پري آهي- بس ذريعي هلبو يا ٽرام ٽرين، ٽئڪسي ذريعي. توکي ڪا آئيڊيا آهي؟" گلبرٽ ويتر مونکان پڇيو.

"مون کي ڪا خبر نه آهي، مون هي  ملڪ ته ڇا پر ملڪ جو نقشو به غور سان نه ڏٺو آهي. عياض آيل آهي ان کان پڇجي." مون صلاح ڏني.

"مون کي ڪهڙي خبر". ٽيونيشيا جي عياض چيو.

"تون ئي ته هر وقت راٽرڊم جي ڳالهه ڪندو هئين؟" اسان چيس.

"راٽرڊم جي ضرور ڪندو هوس ۽ راٽرڊم آيل آهيان پر پاڻي واري جهاز ۾ ۽ نه هينئن ٻاءِ ايئر" عياض وراڻيو.

”چڱو هاڻ ترسو ته آئون معلوم ڪري اچان ٿو“، گلبرٽ چيو ۽ آئون دل ئي دل ۾ دعا گهرڻ لڳس ته ڪنهن اهڙي طريقي سان وڃڻ ٿئي جو ايئرپورٽ جي در وٽ ئي بس يا ٽئڪسي ملي. ريلوي اسٽيشن يا بس اسٽاپ لاءِ جي فرلانگ اڌ به هلڻو پيو ته بنا چٺيءَ جي ههڙي مينهن سيءَ ۾، حال برا ٿي ويندا.ٿوري دير بعد گلبرٽ معلوم ڪري آيو ۽ اسان کي اتان ئي هيٺ ويندڙ ڏاڪڻين ڏي لهڻ لاءِ چيو. ”ريلوي اسٽيشن هيٺ آهي ۽ اجها ته ٽرين آئي، جيڪا ايمسٽرڊام کان راٽرڊم وڃي هلندي“، هن ٻڌايو ۽ مون دل ئي دل ۾ شڪر ڪيو ته ٻاهر نڪرڻ کان ڇٽي وياسين. ايئرپورٽ واري ٽراليءَ ۾ سامان ڊوئي هيٺ لٿاسين ۽ ٽڪيٽن واري دري تي هر هڪ سورنهن گلڊر (ٽي سئو رپيا کن) ڏئي، راٽرڊم جي ٽڪيٽ ورتي. هالينڊ جي سڪي جو نالو (Gilder) آهي ۽ هڪ گلڊر ۾ ارڙهن اوڻويهه روپيا ٿين ٿا، بشرطيڪ پاڪستان جو سڪو هاڻ وڌيڪ نه ڪري. هالينڊ جو سڪو سئيڊن مان ئي بدلايو هئوسين.

ٽڪيٽون وٺي پليٽ فارم ڏي وڌياسين ته هڪ ٻئي پويان ٽرينون ايندي ويندي نظر آيون. ڪنهن کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڪهڙي ٽرين ۾ چڙهڻو آهي. هڪ ۾ چڙهي معلوم ڪيوسين، وينل مسافررن مان ڪن چيو، ”هي

راٽرڊم وڃڻي آهي پر رستي تي ٽنل جي مرمت پئي هلي سو فقط هيگ شهر تائين ويندي.“

سمجهه ۾ نه آيو ته ڇا ڪجي. ڪلاڪ کن اڳ جيڪو سڀ خوش هئا ۽ هوائي جهاز ۾ چرچا ڀوڳ ڪري رهيا هئاسين، هاڻ وائڙن وانگر هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳاسين ته ڇا ڪجي؟ ٿوري غلطي ڪرڻ سان هڪ شهر ڪان ٻئي ۾ وڃي نڪربو. اتي وري لهڻ جو فيصلو ڪيوسين، پر ڪنڊ ۾ هڪ پاڻ جهڙو- يعني ننڍي ڪنڊ جو ماڻهو ڏسي ڪانئس پڇيم. همراهه بيحد شريف ٿي لڳو. اسان کي لهڻ کان روڪي ٻڌايائين ته هيءَ صحيح ٽرين آهي، هيگ مان يڪدم ٻي ٽرين راٽرڊم لاءِ ملي ويندي.

”توهان ڪيستائين پيا وڃو؟“ مون هاڻ ڪانئس اردو ۾ پڇيو،

”آئون هيگ کان ٻه پهرين واري اسٽيشن ليڊن (Leiden) تي لهندس ۽ توهان چاهيو ته اتان ئي ٻي ٽرين راٽرڊم لاءِ وٺي سگهو ٿا“ هن اردو ۽ هندي مڪسچر زبان ۾ وراڻيو، پر عجيب لهجو هوس. دل ۾ اردو ڪيم ته سانتيڪو ٿي ڪانئس معلوم ڪندس ته هو ڪٿي جو آهي.

ٽرين جا در بند ٿيا ۽ هلڻ لڳي. هالنڊ جي ههڙي ٽرين مون ڪي ٻئي هنڌ نه ٿي سجهي، ٽرين جو دروازو پليٽ فارم جي ليول تي هو ان بعد هڪ ڏاڪڻ مٿي ۽ هڪ هيٺ وئي

ٽي ۽ وهڻ لاءِ ڊبل بس وانگر سيٽون هيس. اسان در وٽ ئي سامان رکي اتي ئي ويهي رهياسين، جو ٻن ٽن اسٽيشن بعد وري لهڻو هو.

”آپ ڪهان سي آئين هين“ جڏهن ٽرين هلي ته هن پڇيو.

” هن وقت سئيڊن جي شهر مالمو کان اچي رهيا آهيون، پر هونءَ ڪراچي پاڪستان ۾ رهان ٿو“، مون جواب ڏنو مانس ۽ ان دوران سندس شڪل شبيهه، قد بت ۽ ڳالهائڻ جي نموني مان اندازو لڳائي ورتم ته هي بنگالي آهي.

”توهان بنگلاديش جا آهيو؟“ مون پڇيو مانس.

”نهين جي“ هن وراڻيو.

”منهنجو مطلب آهي ڪلڪتي جا بنگالي آهيو؟“

”نه آئون هتي جو ئي آهيان. هالئنڊ جو.“ هن وراڻيو.

”هونءَ اصل ڪٿان جا آهيو؟“ مون پڇيو مانس، ڇو جو اسان جا ڪيترا پاڪستاني، هندوستاني ۽ بنگلاديشي جيڪي يورپ جي ملڪن ۾ رهن ٿا، مڪاني ماڻهن کان وڌيڪ پنهنجو واسطو يورپ سان جوڙين ٿا ۽ يڪدم پنهنجي اصلي ملڪ هندوستان جو نالو ٻڌائيندي عار محسوس ڪن ٿا. رنگ کان مار ڪائي ويا آهن نه ته هرگز اهو نه مڃين ته هو يا هنن جا ابا ڏاڏا پاڪستان-هندستان يا سريلنڪا جهڙي ڪنهن غريب ملڪ کان آيل آهن. ان هوندي

۽ ڪيترائي ڪجھ اچيري رنگ جا پنهنجي سجاڳپ لڪائي پاڻ کي يورپينجو ڏيک ڏيڻ لاءِ پنهنجا وار هئڊروجن پر آڪسائيڊ جهڙن تيزابن سان ڳاڙها ڪري هلندا آهن. اهڙا مرد توڙي عورتون مالمو سئيڊن ۾ پڻ نظر اچن ٿا، سو هن به جڏهن هندستان يا هندستان جو نالو يڪدم نه ڪنيو ته مون ان کي نارمل سمجهيو پر پوءِ منهنجو اهو خيال غلط نڪتو جو پهرين گفتگو ۾ ڪيڪار ڪان وٺي هي نهايت سڀاجهو لڳي رهيو هو، جنهن ۾ ٺيڙي ۾ ٺانءَ جهڙي ته ڪا شيءِ نه هئي ۽ جڏهن مون ڪانئس سندس اصل ملڪ جو پڇيو ته هندستان، پاڪستان يا سريلنڪا-بنگلاديش چوڻ بدران ”سائوٿ آمريڪا“ٻڌايائين.

اها مون لاءِ ويتر تعجب خيز ڳالھ ٿي. سائوٿ آفريڪا چئي ها ته ايترو تعجب نه لڳي ها جو سائوٿ آفريڪا ۾ ڪيترائي ننڍي کنڊ جا ماڻهو خاص ڪري گجراتي ڪيترين ئي پيڙهين ڪان رهن ٿا- ويندي ڪرم چند گانڌي سائوٿ آفريڪا جو هو ۽ آزادي جي تحريڪ هلائڻ لاءِ بعد ۾ انڊيا آيو.

هڪ دفعو پڪ ڪرڻ لاءِ مون ڪانئس وري پڇيو ۽ جواب ۾ سائوٿ آمريڪا ٻڌم.

”شڪل ۾ اسان جهڙو ننڍي کنڊ جو رهاڪو لڳي ٿو، اردو/هندي ڪجھ بنگالي ۽سنسڪرت جي لفظن سان

ڳالهائي ٿو، ڊچ به اچيس ٿي ۽ انگريزي به سني پيو ڳالهائي ۽ سائوٿ آمريڪا جو ٻڌائي ٿو- يعني ڪيس اسپيني زبان به ايندي هوندي جو سڄو ڏکڻ ۽ وچ آمريڪا Spanish زبان ڳالهائي ٿو، ويندي آمريڪا (USA) جي ڏاکڻين رياستن: ٽيڪساز (Texas)، ليوزيانا ۽ ميڪسيڪو وغيره ۾ اسپيني زبان ڳالهائي وڃي ٿي.“ مون سوچيو

”توهان کي اسپيني زبان ته ايندي هوندي؟“ مون پڇيو مانس.

”نه، اها نه ٿي اچي.“ هن وراڻيو ۽ آئون ويتر تعجب ۾ پئجي ويس ته هي نيڪ انسان پلا ڪٿي جو آهي.

”توهان ٻڌايو ته توهان سائوٿ آمريڪا جا آهيو پر سائوٿ آمريڪا جي ڪهڙي ملڪ جا آهيو؟“ چلي، وينزوئلا، ڪولمبيا، اڪيڊار، ارجنٽائنا...“

”نه، نه، آئون سري نام جو آهيان.“ هن ٻڌايو.

”اها ڳالهه ڪريو. آئون به سوچي رهيو هوس ته سائوٿ آمريڪن ٿي ڪري توهان کي هسپانوي (Spanish language) چو نٿي اچيوَ! پر سرينام اهڙو ملڪ آهي، جتي انگريزي ۽ ڊچ هلي ٿي.“

” نه، ڏٺو ناهي. پر اتان لنگهه ضرور ٿيو آهي. ڪيپ آف گڊ هوپ ڪان ڦيرو ڪري جڏهن آمريڪا وڃڻ ٿيندو هو ته توهان جي ملڪ سرينام جو ڪنارو وٺي لنگهندا هئاسين.

اهو سمورو وقت سري نام ريڊيو اسٽيشن تان اردو-هندي ۾ گانا ۽ ٻيو پروگرام ٻڌندا هئاسين.“

”سري نام ۾ توهان جو ڪڏهن اچڻ ٿيو؟“ مون پڇيو مانس.

”اها خبر ناهي، منهنجي ڏاڏي يا شايد پڙڏاڏي ڪي ڪم ڪار واسطي ڏچ واپاري هندستان مان وٺي آيا هئا، پوءِ هو سري نام ۾ ئي رهي پيو، اسان سڀ اتي ڄاواسين ۽ پوءِ آئون پنجويهن سان جو ٿيس ته وڌيڪ تعليم لاءِ هالنڊ ۾ آيس، ان بعد يڪو هتي ٽڪيل آهيان، اڄ ان کي ٻه ٽيهه سال کن اچي ٿيندا، هاڻ نه فقط منهنجا ٻار پر منهنجي ماتا پتا پڻ هتي رهن ٿا. منهنجي ماتا چاق ناهي ۽ ليڊن شهر جي اسپتال ۾ داخل آهي. هينئر آئون هن کي پڇڻ وڃي رهيو آهيان.“

”پاڻ هڪ ٻئي کان نالو ته پڇيوسين ڪو نه.“ مون چيو ۽ پنهنجو نالو ڪيس ٻڌايو،

”منهنجو نالو ڪنهياسنگهه آهي ۽ هي فون نمبر اٿم. ڇنڇر ۽ آچر موڪل وارن ڏينهن تي فون ڪري ايمسٽرڊم هليو اچجانءِ“ اسان کي ملي خوشي ٿيندي ۽ توهان جو به وقت گذري ويندو.“

ٻن اسٽيشنن بعد ليڊن آيو. ساڍس گڏ اسان به ٽرين مان لٿاسين. ٻئي پاسي واري پٽي تي ٻي ٽرين راٽرڊم ڏي وڃڻ لاءِ اچڻي هئي. ڪنهيا تيسين بيٺو رهيو جيسين ٽرين

آئي. جڏهن سپ ٽرين ۾ چڙهياسين تہ پوءِ هٿ لوڏي اسان کان موڪلائي اسٽيشن کان ٻاهر هليو ويو.

# سري نام ڏکڻ آمريڪا جو هندوستان

ڏکڻ آمريڪا جو نقشو ڏسبو ته وينزوئلا جي ساڄي پاسي ۽ برازيل جي مٿان ته ٽي ملڪ آهن، ٽنهي جو گيانا نالو آهي، هڪ فرينچ گيانا سڏجي ٿو، ٻيو ڊچ گيانا ۽ ٽيون انگلش گيانا.”ڊچ گيانا“ جيڪو ڊچن جي ڪالوني ٿي رهيو، سري نام (Suriname) پڻ سڏجي ٿو.

سري نام واري سر زمين ڪرسٽافر ڪولمبس کي 1498ع ۾ نظر آئي، ان بعد ٻئي ۽ ٽي سال ٻيا ٻه اسپين جا جهازي اتي پهتا، ان وقت اتي ريڊ انڊين قوم جا ماڻهو رهندا هئا. سترهين صديءَ جي اڌ تائين اسپيني، ڊچ، انگريز ۽ فرينچ هن ملڪ تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا پر ريڊ انڊينسندن حملا ٿاري پئي ڇڏيا. آخر ڪار 1651ع ۾ هڪ انگريز زميندارن جو جٿو غلامن سميت هن ملڪ ۾ رهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. ان بعد 1667ع ۾ ڊچن حملو ڪري هن ملڪ تي قبضو ڪيو.تن ڏينهن ۾ برازيل ۽ اڄ وارو نيويارڪ پڻ ڊچن جي هٿن ۾ هو ۽ نيويارڪ جو نالو نيو ايمسٽرڊم هو. پوءِ اهي ٻئي ملڪ ڊچن جي هٿن مان نڪري ويا ۽ اتي جا ڊچ زميندار، جاگيردار ۽ Planters سري نام ڪان اچي نڪتا. هنن سري نام جي ڌرتيءَ کي پوک ۽ کيتي جي ڪمن ۾ استعمال ڪيو، خاص پوک ڪمند جي ڪيائون ۽ ڪنڊ ناهي

وڪڻن لاءِ يورپ موڪلڻ لڳا. پوءِ ارڙهين صديءَ جي شروعات کان ڪافي ۽ ڪاڪائو (Cacao) چاڪليٽ جي پوک پڻ وڌڻ لڳي ۽ پوءِ ڪپهه، انڊيگو ۽ عمارتي ڪاٺ جي پئدائش پڻ شروع ٿي وئي. اوڻويهن صديءَ جي اڌ تائين سمجهو سري نام ٻيلا، جهنگلات ۽ ٻنيون ٻاراهو. چند يورپي گورا جيڪي ڊچ هئا بندرگاهه جي ويجهو رهندا هئا، باقي گهڻائي شيدي غلامن جي هئي، جيڪي ٻنين ٻارن ۽ ٻيلن ۾ ڪمند جي پوک ڪرڻ ۽ وڻ ڪٽڻ ۾ رڌل رهيا ٿي. اهي شيدي غلام آفريڪا جي ڏاکڻي ڪناري واري ملڪن سينيگال، گئمبيا، ائنگولا، گني، ڪانگو وغيره کان گهرايا ويا ٿي.

1853ع ۾ پوک جي ڪم لاءِ چيني ۽ Maderian مزرو گهرايا ويا، اهي پنج پنج سالن جي مدي(Contract) لاءِ آيا ٿي. انهن مان ڪيترائي زميندارن وٽ ٻيو مدو Contract ڪرڻ بدران ننڍي پئماني جا سوداگر ٿي رهڻ لڳا، ڪن دڪان کوليا، ڪي سائيڪل تي روزمره جي ضرورت جو سامان رکي پوکن ۽ آبادين ۾ وڪڻڻ لڳا. 1863ع ۾سري نام ۾ غلامن جي واپار تي بندش وڌي وئي ۽ موجود غلامن کي سرڪار حوالي ڪيو ويو، جيئن هو مفت ۾ پورهيو ڪرڻ بدران پگهار تي ڪم ڪن ۽ ان مان پنهنجي مرضي مطابق خرچ ڪن.

غلاميءَ تي بندش پوڻ بعد، پگهار ۽ نيڪي تي ڪم ڪرڻ لاءِ 1873ع کان 1916ع تائين انڊيا کان مزرو گهرايا ويا ۽ 1890ع کان 1940ع تائين جاوا (انڊونيشيا) کان گهرايا وايا. هي جيڪي اردو يا هندي ڳالهائيندڙ انڊين، سري نام جا رهاڪو آهن ۽ هتيهالنڊ ۾ به نظر اچن ٿا، نوي سيڪڙو انهن جو اولاد آهن، جيڪي اڻويهين صديءَ جي آخر ۾ ۽ ويهين صديءَ جي شروعات وارن سالن ۾ سري نام ۾ پورئي لاءِ گهرايا ويا هئا.

ويهين صديءَ جي شروعات ۾ سري نام ۾ ٽيندڙ پوک جي اپت گهٽجي وئي ۽ انهن ڏينهن ۾ اتي Bauxite ڌاتو لڌو ويو، جنهن مان ڌڃن جي چڱي اپت ٿيڻ لڳي. ٻي وڏي لڙائيءَ کانپوءِ جتي ڪٿي آزادي جون ڳالهيون اٿڻ لڳيون. سري نام جي رهاڪن ۾ به سياسي شعور پيدا ٿيو. 1948ع ڌاري ڏچ حڪومت جي اجازت سان سياسي پارٽيون ٺاهيون ويون، جيڪي مذهب، زبان يا قوم جي بنياد تي ٺهيون. اڇي چمڙي وارن ڏچن ۽ ٻين يورپين، جيڪي مڪاني ماڻهن کي خودمختياري يا آزادي ڏيڻ جي حق ۾ نه هئا تن ”سرينام نيشنل پارٽي“ ٺاهي، هندستانين ۽ انڊونيشين پهرين گڏجي هڪ پارٽي ٺاهي پر پوءِ هندوستانين پنهنجي ڌار پارٽي ”يونائيٽيڊ هندو پارٽي“ ٺاهي، جيڪا پوءِ ”پروگريسوِ ريفارم پارٽي“ سڏجڻ لڳي. 1954ع ۾ نيدرلئنڊس وارن هنن کي

اندروني معاملا پاڻ سلجهائڻ جي آزادي ڏني. 1958ع ۾ گڏيل پارٽين جي حڪومت (Coalition Govt) ناهي وئي، جنهن ۾ يونائيٽيڊ هندو پارٽي به شامل هئي، جنهن جو چيئرمين جگرناٿ لڇمڻ هو. اها حڪومت 1967ع تائين هلي، ان بعد سياسي پارٽين ۾ واڌ ايندي رهي. هڪ ٻئي سان جهيڙا جهٽا به وڌي ويا. ملڪ جي ايڪانامي ڪرنڊڙ رهي. 1983ع ڌاري ملڪ جو سياسي نظام ملٽريءَ پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو، ان بعد ملڪ جا خرچ هيڪاندا وڌي ويا، خاص ڪري ڊفينس پنيان. ڪمائي جا ذريعا ڏينهون ڏينهن گهٽجڻ لڳا ۽ ملڪ ويو پيننگ ٿيندو. 1987ع ۾ نيٺ ملٽري وارن اليڪشن ڪرائي، حڪومت جون واڳون سياستدانن حوالي ڪيون. يونائيٽيڊ هندو پارٽي جيڪا هاڻ "پروگريسِو ريفارم پارٽي" سڏجي ٿي ان جو اڳواڻ ملڪ جو صدر ٿيو ۽ سرينام نيشنل پارٽي جو اڳواڻ نائب صدر.

پڪيڙ ۾ سرينام ٽيهٺ هزار چورس ميل (164 هزار چورس ڪلوميٽر ڪن) آهي. سرينام جي اتر ۾ ائٽلانٽڪ سمنڊ آهي، اوير ۾ فرينچ گيانا، ڏکڻ ۾ برازيل ۽ اولهه ۾ انگلش گيانا (جيڪو ملڪ فقط گيانا به سڏجي ٿو). سرينام جي گادي جو هنڌ پاراماربو (Paramaribo) آهي. سرينام کي ڊچن (نيدرلئنڊس) کان مڪمل خودمختياري 25 نومبر 1975ع ۾ ملي. سرينام جي رهاڪن جو ٽيون حصو هندستانين جو

آهي، باقي ٻن حصن ۾ يورپي، آفريڪا جا شيدي ۽ انڊونيشيا پاسي جا آهن. ڪجهه چيني ۽ لبناني عرب پڻ رهن ٿا. سرينام جي سرڪاري زبان ڊچ آهي پر انگريزي، هندي، اردو ۽ انڊونيشي زبانون پڻ ڳالهايون وڃن ٿيون.

ان رات، ريل گاڏي هيگ اسٽيشن ۽ ٻين ٻن ٽن ننڍين اسٽيشنن تان ٿيندي ڪلاڪ اندر راٽرڊئم جي سينٽرل اسٽيشن تي پهتي. اسان جي رهائش جو بندوبست راٽرڊم جي ”سي مينس هوم“ هوٽل ۾ ٿيل هو، جنهن جو ڊچ زبان ۾ نالو Zeemanshuis آهي. اهي ماڻهو جيڪي جهاز تي ڪم ڪن ٿا يا ڪم ڪري چڪا آهن، انهن ۽ انهن جي فيملين لاءِ هن هوٽل ۾ رهائش جي مسواڙ گهٽ آهي، اسٽيشن ڪان هوٽل تائين چار چار ڄڻا ٽي ٽئڪسين ۾ پهتاسين.

هوٽل جي ٻاهران ۽ اندر ريسيپشن وٽ ڪيترائي ايشيائي، آفريڪا ۽ يورپ جا رنگ برنگي جهازي ڦري رهيا هئا. سڀ کان گهڻو تعداد فلپينو ۽ انڊونيشي جهازين جو هو. انڊونيشين لاءِ ته راٽرڊم ۽ ايمسٽرڊم ائين ٿيو جيئن اسان پاڪستان لاءِ لنڊن ۽ براڊ فورڊ. هونءَ ملئي يا انڊونيشي ماڻهو ٻاهر نڪرڻ، ٻاهر رهڻ ۽ ٻاهر نوڪري ڪرڻ جا سست آهن، پر يورپ جي ملڪ هالنڊ ۾ ضرور نظر ايندا، جو هي ملڪ سندن لاءِ ابي امان مثال آهي. سماترا ۾ سياسي گوڙ ٿئي، جاوا ۾ مذهبي وڳوڙ ۽ مار مارا ٿئي، بورنيو ۾ نسلي

فساد ٿين - هو انصاف، سلامتي ۽ خوشحالي لاءِ هيڏانهن اچن ٿا، جيئن الجيريا، ٽيونيشيا، موراڪو جا فرانس ڏي رخ ڪن ٿا يا لبيا ۽ سوماليا جا اٽلي ڏي پڄن ٿا. باقي رهيا فلپين جا ماڻهو، سي اڄ ڪلهه دنيا ۾ گهر توڙي هوٽل ڪارخانن جي ڪمن ڪارين کان وٺي جهازن تي خلاصي ٿي نوڪري ڪرڻ لاءِ بيحد ڪامياب ٿي ويا آهن. گهٽ پگهار تي، بنا ڪينجهي ۽ ڪِر ڪِر ڪرڻ جي هو گهٽي ڪان گهٽو ڪم ڪن ٿا. هو جهيڙي فساد يا مڪاني سياست ۾ پنهنجو پاڻ کي ٽنبڻ بنا پنهنجي دنيا ۾ مگن رهن ٿا. هر ڳالهه ۾ پنهنجي بي عزتي سمجهڻ يا رد ڪد ڏيڻ بدران، پنهنجي مالڪ يا آفيسر جو چيو مڃين ٿا. ان ڪامياب پاليسي ڪري اڄ ڪلهه هو جتي ڪٿي سعودي عرب ۽ ڪويت کان وٺي سئيڊن ۽ ڪئناڊا تائين (جتي پورهيو آهي)، اتي هو سڏيا وڃن ٿا. ڪارخانا، کيتي ٻاڙي، جهازراني يا گهر جي ڪم لاءِ جتي پهرين چيني، بنگالي، پاڪستاني يا آفريڪي چانيل هئا اتي اڄڪلهه فلپينو ئي فلپينو آهن. هڪ سعودي عرب جي ٺيڪيدار کان پڇيم:

”پاڪستاني مزدور ۽ فورمين ڇو نه ٿو رکين؟“

”هو هر وقت ڪم کان گسائين ٿا، معمولي ڳالهه لاءِ کين موڪل کپي، شل نه سندن ڪنهن پائيتي، پاڙيجي جي

شادي، عقيقو يا قضيو ٿئي- سڀ ڪم ڇڏي وطن هليا ويندا“. هن سبب ٻڌايو.

”پاڪستاني خلاصين کي پنهنجن جهازن تي ڇو نہ ٿا نوڪريون ڏيو؟“

هڪ دفعي يوناني جهازن جي مالڪ کان پڇيم.

”ڪنهن زماني ۾ اسان تمام گهڻا پاڪستاني رکندا هئاسين، خاص ڪري پناڻ، پوءِ چيني رکياسين، پر اڄڪلهہ فلپينو خلاصي سڀ کان سٺي طرح هلن ٿا. پاڪستاني معمولي معمولي ڳالهہ تي سوال جواب ڪن ٿا ۽ پنهنجن جا ۽ ٻين جا مٿا ڦاڙيو پنهنجي لاءِ ۽ اسان لاءِ پوليس جو پرابلم پيدا ڪن ٿا.“ هن وراڻيو.

آئون اڄ چوڏاري فلپينو ۽ ٻين قومن جي خلاصين کي ڏسي سوچڻ لڳيس تہ ڪاش! انهن ۾ اسان جي ملڪ جا بہ هجن ها. اسان جو ساٿي- فلپين جو گلبرٽ ۽ روميو تگالوگ زبان ۾ ڪجهہ سجاتل فلپينو جهازين سان عليڪ سليڪ ڪرڻ لڳا. اسين اڳيان وڏي رسيپشن تي پهتاسين. ديوٽي تي ويٺل ڇوڪريءَ هر هڪ جو نالو پڇي ڪيس هوٽل جي ڪمري جي چابي ڏني. اسان جي اچڻ جو ڪين اڳواٽ اطلاع ٿيل هو، ان ڪري فارم ڀرڻ يا پاسپورٽ ڏيکارڻ واري گهڻي فشريءَ کان بچي وياسين. چابي ڪيسي ۾ وجهي سامان کڻي لفٽ ذريعي ٽي ماڙ تي ڪمري نمبر 304 ۾

پهتس، جيڪو ايندڙ ٻن ٽن هفتن لاءِ راترڊم ۾ منهنجو رهائش گاهہ ٿيڻو هو.

# جهازن جي چڪاس لاءِ

راٽرڊم ۾ اچڻ جو مقصد فقط اهو آهي ته جيئن دنيا جي ڪلاسيفڪيشن سوسائٽين جو ڪم ڏسي سگهون ٿا.

جهازي دنيا ۾ Classification Society اهم پارٽ ادا ڪري ٿي. ڪلاسيفڪيشن سوسائٽي ڪي پنهنجا قابل جهازي انجنيئر (Marine Engineers) نيول آرڪيٽيڪٽ، قانوني مشير ۽ ايڪانامسٽ ٿين ٿا، جيڪي جهاز جي نهڻ يعني شروع کان وٺي سندس پڄاڻيءَ تائين هن تي نظر رکن ٿا ۽ مالڪ کي وقت بوقت ان جي مرمت بابت آگاهه ڪن ٿا. انشورنس ڪمپني جهاز کي تڏهن انشوئر ڪري ٿي، جڏهن ڪلاسيفڪيشن سوسائٽي ان کي پاس ڪري ٿي. انهي ڪري ڪلاسيفڪيشن سوسائٽي جي رهنمائيءَ هيٺ نهيل جهاز ۽ سندن ٻڌايل مرمت موجب هلندڙ جهاز جو حادثو ٿيڻ تي انشورنس ڪمپني ان جو نقصان پري ڏئي ٿي.

دنيا ۾ ٿيهارو کن ڪلاسيفڪيشن سوسائٽيون آهن، جيڪي جهاز جي نهڻ توڙي هلڻ دوران نگهباني ڪن ٿيون پر انهن ۾ يارنهن تمام وڏيون ۽ اهم آهن، لنڊن لائيڊ (London Llyod)، فرانس جي بيرو ويريتاس (B.V)جپان جي (نپان ڪائجي ڪيوڪي) (NKK) وغيره، انهن يارهن ئي

سوسائٽين جي پنهنجي ائسوسيئيشن ”انٽرنيشنل ائسوسيئيشن آف ڪلاسيفڪيشن سوسائٽيز“ (IACS) سڏجي ٿي. پاڪستان جا گهڻي ڪان گهڻا جهاز لنڊن جي لائيڊ ڪلاسيفڪيشن سوسائٽي جي نگهباني هيٺ هلن ٿا. پراڻي يا نئين ڪار وني انشوئر ڪرائڻ سولي آهي پر جهاز انشوئر ڪرڻ کان اڳ ڪلاسيفڪيشن سوسائٽي ان جي انجڻ توڙي جسم جون لوهي پليٽون (Hull) چڱي طرح ڏسڻ چاهي ٿي تہ آيا لوهي پليٽن جي ٿولهہ صحيح آهي يا ڪٽ لڳڻ ڪري ڳريون آهن؟ انهن جي ويلڊنگ صحيح ٿيل آهي يا نہ؟ پمپن، ڪمپريسرن ۽ جنريٽرن کان وٺي هر مشينري صحيح ڪم ڪري رهي آهي. يا ان کي مرمت جي ضرورت آهي؟ پوءِ جڏهن هر شيءِ صحيح هوندي آهي يا مرمت ذريعي ان معيار تي آندي ويندي آهي تہ پوءِ سوسائٽيءَ جو سرويئر جهاز کي پاس ڪري Sea Worthiness جو سرٽيفڪيٽ ڏيندو آهي - يعني جهاز کلئي سمنڊ ۾ هلي سگهي ٿو ۽ اهو جهاز انشوئر ڪيو ويندو آهي. جهاز جو مالڪ جهاز جي قدبت ۽ مال کڻڻ مطابق هر سال ويمي جا پئسا-تقريبن اٺ ڏهہ لک رپيا کن انشوئرنس ڪمپني کي ڏيندو رهندو آهي ۽ اها انشوئرنس پنجن پنجن سالن تائين هوندي آهي. پنجن سالن بعد سوسائٽي وري جهاز جي چڪاس ڪندي آهي، ڇو جو وقت گذرڻ تي ان جي خراب ٿيڻ يا حادثي/ٻڏڻ جا وڌيڪ چانس

هوندا آهن. جيڪڏهن جهاز کي پنجن سالن اندر ڪا بہ خرابي يا حادثو پيش نہ آيو تہ ويمي جا ساليانا پئسا انشوئرنس ڪمپني کي قبيا پر جي خدانخواستہ حادثو ٿي پيو، ويندي جهاز ٻڏي بہ ويو تہ انشوئرنس ڪمپني جهاز جي مالڪ کي نئون جهاز يا ان لاءِ پئسا ڏئي ٿي. اهڙي طرح جهاز جو مالڪ دل جي دوري کان بچيووجي ٿو، ان ڪانسواءِ انشورنس ٿيل جهاز سامان موڪليندڙ لاءِ ساک وارو سمجهيو ويندو آهي، چو جو انهن کي خبر آهي تہ انشونس ڪرڻ لاءِ ڪلاسيفڪيشن سوسائٽي جا قاعدا قانون تمام سخت آهن، جن تي جهاز جي مالڪ کي جهاز هلائڻو پوي ٿو. سندس لک بن لک رپين جي سامان کان وڌيڪ سوسائٽيءَ جو ساھ مٺ ۾ هوندو آهي تہ جهاز جي انجڻ گڙبڙ ڪئي يا ٻڏي ويو تہ سوسائٽيءَ کي ڪروڙها پري ڏيٽا پوندا. جهاز تي ڪرڙي اک لاءِ سوسائٽي جا سرويئر دنيا جي هر بندرگاھ ۾ موجود ٿين ٿا، جيڪي جهاز جي جسم توڙي انجڻ جي رکي رکي چڪاس ڪندا رهن ٿا- جنهن کي ساليانی سروي (Survey)، پيراڊيڪل سروي، وچ واري سروي وغيره سڏيو وڃي ٿو. ڪنهن بہ وقت ڪنهن بہ مشينريءَ جي ڪارڪردگي صحيح نہ لڳندي اٿن تہ هو جهاز جي مالڪ کي اها مشين بدلائڻ لاءِ چوندا آهن. جهاز جو مالڪ انلاءِ ڪڏهن بہ انڪار نہ ڪندو

آهي، جو ٻي صورت ۾ اڳتيهلي ان مشين ڪري جهاز جو نقصان ٿيو ته پوءِ سوسائٽي ڪيس پائي به نه ڏياريندي.

ساڳي وقت جهاز هلائيندڙ به سک ۽ سڪون ۾ رهن ٿا ته جيئن ئي جهاز خراب ٿيندو ته مالڪ نهرائي وٺندا نه ته ڪو به جهاز جو مالڪ نه ٿو چاهي ته ڪو جهاز جي مشينري يا ٻاهرين جسم (Hull) تي خرچ ڪريان، بلڪ ڪيترا ته اهو ئي چاهيندا ته جهاز سان گڏ هلائيندڙ به ٻڏن ته پلي ٻڏن ڪين سندن جهاز جا پئسا ملي ويندا.

اڄڪلهه ته گهڻو ڪري جهاز ٺهرائيندڙ، شروع کان ئي جهاز جو ڪم ڪلاسيفڪيشن سوسائٽي جي حوالي ڪري ٿو ته جهاز ٺهڻ وقت کان هو چيڪ ڪندا رهن ته شپ يارڊ سندن معيار مطابق جهاز ٺاهي پيو يا نه، جيئن ٺهي راس ٿيڻ تي هن ۾ تبديليون آڻڻ بنا ان کي انشوئر ڪيو وڃي.

ڪجهه جهازن جا مالڪ پنهنجن جهازن کي انشوئر نه ڪرائيندا آهن، ان جو مطلب اهو هرگز ناهي ته انهن جا جهاز شپ يارڊ وارا ٿين جي سنهين لوهي چادرن مان ٺاهي ڏين ٿا. انشوئر نه ڪرائڻ جي صورت ۾ به هر جهاز هڪ گهربل بين الاقوامي ”گهٽ ۾ گهٽ“ معيار جو ٺاهڻو پوي ٿو، پر ڪلاسيفڪيشن سوسائٽين جو معيار ان Minimum بين الاقوامي معيار کان مٿي ئي ٿئي ٿو.

هتي راڄڌاڻي ۾ رهي آئون جپان جي ڪلاسيفڪيشن سوسائٽي NKKوارن جو ڪم ڏسي رهيو آهيان، سعودي عرب جو ڪمانڊر خالد ناروي وارن جي سوسائٽي سان گڏ آهي، وينزوئلا جو ڪئپٽن ايفرين آمريڪا وارن جي سوسائٽي (ABS) سان گڏ آهي. اهڙي طرح اسان جو هر هڪ ساٿي هڪ هڪ سوسائٽي سان گڏ آهي. روزانو انهن جي ڪنهن سرويئر سان گڏ نڪرڻو پوي ٿو، پوءِ هڪ يا ٻن جهازن جا ڪي حصا چڪاس ڪرڻا پوندا آهن.

# ڪا بہ عورت خوشيءَ سان رنڍي نہ ٿي ٿئي

هالنڊ جي راٽرڊئم شهر ۾ جپاني ڪلاسيفڪيشن سوسائٽي (NKK) جي آفيس منهنجي هوٽل کان ميل ڪن پنڌ تي ٿيندي. صبح جو جيڪڏهن مينهن پيو پوندو آهي تہ پوءِ هوٽل جي در وٽان پنجون نمبر ٽرام وٺي اتي پهچندو آهيان نہ تہ ڪوٽ مٿان گرم ڪوٽ پائي ٽڏڪار ۾ واڪ ڪندو آفيس پهچندو آهيان. هوٽل کان سمنڊ جو ڪنارو ڏئي Endrachwag رستي تي پهچي West Blaak روڊ ڪراس ڪري Muritzweeg روڊ تي پهچندو آهيان، جنهن جي 23 نمبر بلڊنگ ٽئين فلور تي جپان جي ڪلاسيفڪيشن سوسائٽي نپان ڪائجي ڪيوڪي آهي. رستي تي Zorba ۽ پئسفڪ جهڙن نالن جي ٽن چئن نائيٽ ڪلبن ۽ اگهاڙين ڊانسن جي شراب خانن وٽان لنگهڻو پوندو آهي. سندن ٻاهران شيشي جي بورڊ اندر ڏهاڪو ڊانسر ڇوڪرين جا الف اگهاڙا فوٽا لڳل آهن، جيئن گراهڪ ٻاهران ئي وکر جو اندازو لڳائي سگهن، ڪنهن ڪنهن ڏينهن تہ انهن ڇوڪرين مان دير سان فارغ ٿيندڙ ڇوڪريون ڪنڊڙيل وارن، ڏوڙاٽيل ميڪ اپ ۽ ڊٺل سرخي ۽ ڪجل سان انهن ڪلبن مان نڪري، پرس لوڏي گهر موٽڻ لاءِ سامهون ٽرام جي اسٽاپ ڏي وينديون نظر ايندیون آهن. پهرين ڏينهن اتان لنگهندي، پٽ تي لڳل شيشي

جي فريم ۾ انهن کم کنڌڙ ڇوڪرين جون چنبڙيل تصويرون، هڪ هڪ ڪري سڀ ڏنم.

پندرهن ويهه سال اڳ تائين هي يورپي بندرگاهه اگهاڙپ، اگهاڙن ناچن، اگهاڙين فلمن، ڇڪلن ڪان مشهور هئا، جن ۾ مڪاني ڊچ، جرمن، پولش، ڊئنش ڇوڪريون پنهنجي جسم جي نمائش يا سودي بازي ڪنديون هيون. هاڻ يورپ جي ايڪانامي اها خراب نہ رهي آهي، جيڪا ٻي وڏي لڙائيءَ کان پوءِ ڪيترائي سال رهي. هينئر بہ تيل يا ڌاتو، اناج يا مئن پاور ۽ ڪچو مال ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن ۾ آهي، پر جيئن تہ عقل هنن وٽ آهي سو اهو سامان گهميو ڦريو هنن وٽ پهچي ٿو ۽ ٽيڪنالاجي ۾ پڙ هجڻ ڪري هنن کي ئي فائدو رسي ٿو- پلي کٽي ڪافي ۽ چانهہ برازيل ۽ سريلنڪا ۾ ٿيندي هجي، ڪپهہ ۽ ڪٽڪ پاڪستان هندستان ۾ ٿيندي هجي، تيل ۽ مڇي عرب ملڪ ۾ جام هجي پر انهن جو اگهہ مقرر ڪرڻ وارا، انهن کي خريد ڪري استعمال ڪرڻ وارا، هي يورپي آهن. اڄ بہ هنن يورپين جي مٿيرائي آهي ۽ اسان وٽان نڪتل شين مان بہ هي ئي سُکيا ۽ شاهوڪار ٿي رهيا آهن. يورپ ڏي ايندي وقت جهازي دوستن ٻڌايو هو تہ هاڻ اهو ڦيرو آيو آهي جو گس ويندي بہ ڪا يورپي ڇوڪري نٿي ڳالهائي. مجبوري ۽ غربت انسان کي چور ۽ رنڍي بنائي ٿي. اڄ يورپ جو غريب بہ سکيو

ستابو آهي. بندرگاهن واريون گهٽيون جيڪي يورپي عورتن جي چڪلن ۽ ناچ گهرن سان ڀريل هونديون هيون، انهن ۾ هاڻ آفيسون ۽ دڪان ٿيندا وڃن ۽ جيڪي ڪجهه چڪلا ۽ ناچ گهر ايڪڙ ٻيڪڙ وڃي بچيا آهن، انهن ۾ ورلي ڪا يورپي عورت جسم جي نمائش يا سودو ڪري ٿي.

مون نائيٽ ڪلبن جي ٻاهران لڳل اڌ اگهاڙين نچندڙ عورتن جا فوٽو غور سان ڏٺا، منجهن ڪابه يورپي عورت نظر نه آئي. ٿائي، فلپينو، چيني ۽ آفريڪن ملڪن جون هيون. يورپي توڙي ايشين آفريڪن-ڪابه عورت خوشيءَ سان رنڊي نٿي ٿيڻ چاهي.”ڪيس ۽ سندس ٻچن جي سار سنڀال لاءِ سندس مڙس، سندس معاشرو، سندس ملڪ عزت جا ٻه ويلا مهيا ڪري ته هوءَ ڪڏهن به جسم جو سودو نه ڪري.“ -هڪ ٿائي عورت جو بيان ڪجهه ڏينهن اڳ انگلينڊ جي ڪنهن اخبار ۾ آيو هو ۽ اهڙا دل جا غمگين داستان خطن جي روپ ۾ ڪيترن ئي اخبارن ۾ ڇپجندا رهن ٿا. يورپ ۽ جپان جهڙن ملڪن جي خوشحاليءَ مان فيض حاصل ڪرڻ لاءِ اسان جا ڪيترا ماڻهو انهن ملڪن ڏي نوڪريءَ لاءِ رخ رکن ٿا. اجازت نه ملڻ تي هو غيرقانوني طور به اتي پهچن ٿا. جيتوڻيڪ پوليس سندن ڪڍ لڳي رهي ٿي، پر ان هوندي به هو پيٽ پوجا ڪرڻ لاءِ نوڪري جي ڳولا ۾ رهن ٿا. پوءِ مڪاني ڪارخانيدار، دڪاندار، هوٽل شراب گهرن

وارا سندن مجبوريءَ جو فائدو وٺي ڪين پنهنجن مقصدن لاءِ نيچ پورهين لاءِ گهڻ پگهار تي استعمال ڪن ٿا.

ٽيونيشيا جي هڪ عورت جو اخبار ۾ بيان آيو هو ته هوءَ پنهنجي ملڪ ۾ نرس هئي.” پوءِ ٻاهر نوڪري ڏياريندڙ ايجنسيءَ جي لالچ ۾ آئون پنهنجي ملڪ جي ان نوڪريءَ تان استعيفيٰ ڏئي، پاڇي ڪيل پئسو پونجي ايجنٽ کي في ۽ ٽڪيٽ طور ڏئي جڏهن فرانس پهتيس ته خبر پئي ته مون کي اتي جي اسپتال ۾ سٺي پگهار تي نرس ٿي ڪم ڪرڻ بدران شراب خاني ۾ روزانو گراهڪن کي خوش ڪرڻو آهي. مون گهڻو ئي احتجاجڪيو، پر مالڪ مون کي چٺ ۽ لٺ ڏيڪاري مجرائڻ لڳو. ڀڄي وڃڻ جي به راهه نه هئي، جو مون کي غيرقانوني طور آندو ويو هو ۽ پاسپورٽ پهرين ڏينهن کان مالڪ پاڻ وٽ سوگهو ڪري ڇڏيو هو. پوليس ۾ دانهن ڪٽي وڃڻ تي پوليس پنهنجي ملڪ جي ماڻهوءَ جو پاسو ڪٽي غيرقانوني آيل کي جيل روانو ڪري ٿي ۽ ان بعد هٿين خالي ملڪ پهچڻ جو الڳ خوف. ان هوندي به هڪ ٻه دفعو ڀڄي نڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ تي مون کي سخت ماريو ويو،اگهاڙا فوٽو ڪڍيا ويا ۽ ان بعد زوريءَ نشي جو عادي بڻايو ويو. هاڻ ان نشي ۾ اهڙي سوگهي ٿي وئي آهيان جو منهنجو ڏينهن رات فقط اهو مقصد رهيو آهي ته هر طرح

سان نشو حاصل ڪريان،پوءِ پلي ان لاءِ مون کي ڇا بہ ڪرڻو پوي.“

ان قسم جا ڏڪوئينڊڙ مجبورين سان ڀريل عورتن جي ڪهاڻين سان ملائيشيا، سنگاپور، ٿائيليند، فلپين جي اخبارن کان وٺي يورپ ۽ آمريڪا جا مشهور ٽائيم، نيوز ويڪ، ايشيا ويڪ رسالا ڀريا پيا آهن. هي اگهاڙين عورتن جي تصويرن ۾ نجاڻ ڪيتريون ان قسم جون بدنصيب آهن، جيڪي پنهنجو وطن ڇڏي هن ڏورانهين ڏيهہ ۾ ظلم جي قيد ۾ اچي ڦاٿيون آهن. مون هڪ دفعو وري تصويرن کي غور سان ڏٺو. سندن چپن تي مرڪ ضرور آهي، پر اکيون چغلي هڻي رهيون آهن- اهي غمن جا داستان ٻڌائي رهيون آهن. صبح سان جڏهن هتان لنگهندو آهيان ۽ تصويرن تي يا انهن زنده عورتن جي ڪمزور ۽ نبل جسم ۽ غمگين چهرن تي نظر پوندي اٿم تہ ائين لڳندو آهي جڻ اسان جا ملڪ اڃا بہ يورپ جون ڪالونيون آهن، فرق فقط اهو آهي تہ آزاديءَ کان اڳ هو ٻجي ڪنهن Native جي هٿ چراند ڪندا هئا ۽ هاڻ کلي عام اشتهارن ذريعي هنن کي چوندي پاڻ وٽ گهرائين ٿا يا ايشيا ۽ آفريڪا جي فائيو اسٽار هوٽلن ۾ عياشيءَ لاءِ پهچيو وڃن. پوءِ اهو ملڪ ڪٽي فلپين، ٿائيليند هجي يا ٽيونيشيا، بنگلاديش، موراڪو هجي يا هندستان، تاجڪستان.

# پاڪستاني سامان جي فنشنگ سٺي ناهي

راٽردم جي هن آفيس ۾ پهچڻ کان اڳ رستي تي ترڪيءَ جو قونصل خانو پڻ اچي ٿو، جنهن جي ٻاهران صبح پهر روزانو ٿيهارو کن ترڪ مرد ۽ عورتون نظر اينديون آهن. ڪجهه ڳاڙهي رنگ جي ڪاري ٿونئر واري ترڪي ٽوپيءَ ۾ به هوندا آهن. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ترڪ رنگ ۾ اڇا ۽ يورپين وانگر آهن. عورتن جو لباس به يورپي نموني جو آهي. بس مٿي جا وار سو ايشين وانگر ڪارا اٿن. ايترن ماڻهن کي ميڙ ڪري بيٺل ڏسي آخر هڪ ڏينهن هڪ کان اتي بيهڻ جو سبب پڇيم. ”اسان هتي ترڪي وڃڻ لاءِ ويزا وٺڻ ايندا آهيون. اسين اصل ترڪيءَ جا آهيون. هتي گهڻو اڳ آياسين ۽ هاڻ اسان وٽ هالينڊ جو پاسپورٽ آهي. پنهنجي مائٽن سان ملڻ لاءِ يا واپار وڙي لاءِ پنهنجي اصل وطن ترڪيءَ ڏي وقت بوقت ويندا رهون ٿا.“ هن ٻڌايو.

ان ترڪش قونصل خاني جي پر ۾ ”وطن“ نالي هڪ ترڪ همراهه جو دڪان پڻ آهي، جنهن ۾ گهڻو ڪري اهي شيون آهن، جيڪي ترڪ ماڻهن جون پسنديده آهن. ڪپڙي لٽي، چادر وهاڻي کان مرچ مصالي ۽ مختلف ڪاڏن جون

شيون. هڪ ڏينهن شام جو آفيس کان سوير موٽيس سو هن دڪان ۾ هليو ويس. عليڪ سليڪ بعد دڪان ۾ رکيل سامان کي ڏسندو رهيس، جنهن ۾ گهڻو سامان ترڪي، مصر ۽ ايران جو نهيل هو. خاص ڪري رومال، گوڏين جو ڪپڙو، پلاسٽڪ جا ايراني ڊنر سيٽ، فريم ٿيل قرآني آيتون، پلاسٽڪ جي بوتلن ۾ بند ٿيل سڪل ميوو وغيره. دڪاندار ٻڌايو : ”آئون هر سال مختلف ملڪن ۾ ويندو آهيان ۽ جتي ڪا سستي يا سٺي شيءِ ڏسندو آهيان ته وٺي ايندو آهيان. پاڪستان جي ٽيڪسٽائيل ڪيئن آهي؟“ هن مون کان پڇيو.

پاڪستان ۾ ڪاٽن تمام گهڻي ٿئي ٿي ۽ يورپ جي پيٽ ۾ ڪپڙو تمام سستو ٿئي ٿو. هتي جيڪا گنجي ڏهين گلڊرن (ٻه سئو روپئي) ملي ٿي اها اتي ٻن گلڊرن اندر مليو وڃي.“ مون پنهنجي ملڪ جي تعريف ڪندي ٻڌايو.

”ها، اها ڳالهه آهي پر پاڪستاني ڪپڙي جي Finishing سٺي نه آهي.“ پوءِ پاسي واري ڪٻٽ ۾ رکيل هڪ پئڪ ٿيل بيڊ شيٽ ڪڍي مون کي ڏيکاريندي چيو، ”ڏس هيءَ مون اتان سئمپل طور گهرائي آهي، پر فنشنگ سٺي ناهيس. اڳئين دفعي ٽوال گهرايم اهي به ائين هئا. ٿورو اگهه ڪٽي مٿي رکجي، پر فنشنگ سٺي هئڻ ڪپي، جيڪا گراهڪ کي Appeal ڪري.“

ڪنهن حد تائين تنهنجي اها ڳالهه صحيح آهي. ” مون سندس ڳالهه کي قبول ڪندي چيو. ڇو جو ان قسم جي ڳالهه مالمو (سئيڊن) جا ايراني واپاري به مون سان هڪ دفعو ڪري چڪا هئا ته هو پاڪستان کان چانور گهرائين ٿا، جيڪي بلاشڪ اوچي جنس جا آهن، پر جنهن ٿيلهيءَ ۾ پئڪ ڪري موڪلين ٿا اها تمام سادي ٿئي ٿي. ساڳي طرح پاڪستاني آچار پڻ سادين بوتلن ۽ دٻن ۾ پئڪ ٿي ولايت ۾ اچي ٿو، پر قيمت گهٽ هوندي به گراهڪ ان ۾ هٿ نٿو وجهي.

# مجبوريءَ جو جهنڊو ۽ شادي

صبح جو نائين وڳي آفيس پهچڻو هوندو آهي، پر آئون سادي انين وڳي ئي پهچي ويندو آهيان جو منهنجي هتي جي (راٽرڊم) آفيس ۾ جپاني ڪم ڪن ٿا ۽ جپانين جي عادت کان واقف آهيان ته نوَ جو ٽائيم هوندو ته معنيٰ نون ۾ پنج منٽ سمجهڻ کپي ۽ نوَ لڳي پنج منٽن تي هرگز نه. پر آئون جڏهن سادي اٺي پهچندو آهيان ته آفيس ۾ سڀ موجود هوندا آهن. ڪڏهن آفيس جون ڊچ ڪلارڪ ڇوڪريون پوڻين نائين ۽ نائين جي وچ ۾ اينديون آهن، پر ٻئي جپاني باس ناڪانشي(Nakanishi)۽ تڪانوسان وقت کان گهڻو اڳ پهچي ويندا آهن ۽ موڪل به آخر ۾ ڪن. ٻاهرين ملڪ ۾ ماڻهو اڪثر سست ٿي ويندا جو سندن اعليٰ عملدار اتي نه هوندا آهن. گهڻ ۾ گهڻ اسان جي سفارتخانن ۽ ايئر ڪمپنين جي آفيسن جو اهو حال هوندو آهي، پر هي جپاني پرديس ۾ پنهنجي ملڪ کان به وڌيڪ محنت ۽ ايمانداريءَ سان ڪم ڪرڻ جو مثال پيدا ڪن ٿا ۽ اهي ئي سندن ترقيءَ جا راز آهن.

مسٽر ناڪانشي ڪي هتي هالينڊ ۾ رهي ڪيترائي سال ٿي ويا آهن ۽ پاڻ هن ريجن جو جنرل مئنيجر آهي. 55 سالن جو ٿيندو. مسٽر تڪانو چاليهه ورهين جو ٿيندو ۽ تازو مهينو

کن اڳ آيو آهي. هن کان اڳ هو ٽوڪيو ۾ ڪم ڪري رهيو هو. انهن ٻن جپاني سرويئرن کان علاوه هڪ هتي جو مڪاني ڊچ سرويئر پڻ آهي. نالو هوگلنڊ اٽس ۽ سٺ ورهن جو ٿيندو. پاڻ جهازن تي چيف انجنيئر ٿي رهڻ بعد 1980ع کان سروي جو ڪم شروع ڪيو. پهرين سرڪاري سرويئر ٿي رهيو ان بعد مختلف سوسائٽين وٽ عارضي طور ڪم ڪندو رهيو. هاڻ ٻن سالن کان هن جپاني سوسائٽي جو Exclusive سرويئر آهي. يعني هنن وٽ پڪي نوڪريءَ ۾ آهي. ٻه ڪلارڪ ڇوڪريون ٽائپنگ، ڪمپيوٽر ۽ فئڪس وغيره جو ڪم ڪرڻ کان علاوه آفيس جي فائلن کي ترتيب ۾ رکن ٿيون. ٻئي ڊچ آهن. هڪ جو نالو مائون آهي ۽ ٻيءَ جو خيري، جيڪو Gery لکيو وڃي ٿو. ڊچ ۽ جرمن زبانن ۾ ”خ“ جو اچار عام آهي. آفيس ۾ هڪ ڪمرو چانهه ڪافيءَ لاءِ مقرر آهي، جنهن کي چانهه جي ضرورت هجي پاڻهي اٿي وڃي ٺاهي. ايندڙ مهمان لاءِ به پاڻهي اٿي ٺاهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته هيڏي امير سوسائٽيءَ جي آفيس آهي،جيڪا ڪروڙن جا سودا ٿي ڪري، پر انهن وٽ نه نوڪر آهي نه پٽيوالو. سڄو سڄو ڏينهن گذريو وڃي وٽن ڪو مهمان نٿو اچي. يعني پنهنجي ڪنهن دوست دڙي کي آفيس ۾ گهرائي آفيس جو وقت خراب ڪرڻ لاءِ دعوت ئي نٿا ڏين. گهرائڻ ته ڇا آفيس جو فون نمبر به ذاتي ڪم لاءِ ڪنهن کي نٿا ڏين. جهاز

يا جهاز سان واسطو رکندڙ ورڪشاپ ۽ ٻين ايجنسين وارا ڪانئن فون گهرندا آهن ته پنهنجو ڪارڊ ڏئي چوندا اٿن:

”آفيس ۾ گهٽو ڪري اسان نه هوندا آهيون. فون بدران فئڪس ڪجو جيئن پوءِ جڏهن به اچون ته نياپو ملي سگهي ۽ ڪم جو جواب ٻئي ڏينهن تي توهان کي فئڪس ذريعي موڪليندا اسين.“

۽ واقعي اڄ ڏينهن کان مٿي هي ٽئي سرويئر جهازن جي چڪاس لاءِ ٻاهرئي رهن ٿا. آفيس ۾ گهڙڻ سان سامهون بورڊ تي جهازن جا نالا لکيل آهن ته فلاڻي ڏينهن تي راٽرڊم ۾ سندن سوسائٽي جا انشورنس ٿيل ڪهڙا جهاز هوندا ۽ انهن جهازن جي ڪهڙي مشينري يا ٻيو ڪَلَ پرزو جانچڻو آهي.

آئون ڪڏهن ’تڪانوسانَ‘ سان گڏ ته ڪڏهن ڊچ سرويئر هوگلنڊ سان جهاز تي ويندو آهيان ۽ کين ڏسندو آهيان ته ڪيئن سروي ڪن ٿا. اڄ تڪانوسان سان هڪ ٻارهن سال پراڻي جپاني جهاز جي سروي تي وڃڻ ٿيو. هن جهاز جو موجوده مالڪ ڊچ آهي. پهرين يوناني مالڪ هن جهاز کي قبرص (Cyprus) ۾ رجسٽرڊ ڪرايو هو پر هاڻ هن نئين ڊچ مالڪ ان جهاز کي ڏکڻ آمريڪا جي پرسان بهاما ٻيٽ جي حڪومت وٽ رجسٽرڊ ڪرايو آهي. قبرص، بهاما، لائبيريا، پامانا- اهي اهڙا ملڪ آهن، جن وٽ پنهنجا جهاز يا نيويون(Navies)نه آهن، پر ڌاريان جهازي مالڪ ٽئڪس بچائڻ

خاطر هنن ملڪن ۾ پنهنجا جهاز رجسٽرڊ ڪن ٿا ۽ سهوليت حاصل ڪرڻ واسطي جهاز تي پنهنجي اصل ملڪ جو جهندو جهولڻ بدران اهڙي ڪنهن ڌارئين ملڪ جو جهندو چاڙهين ٿا. ان ڪري پاناما، لائيبيريا جهڙن ملڪن کي Flag of Convenience به سڏيو وڃي ٿو، جيئن ڪيترا آفريڪن ۽ ايشيائي همراهه آمريڪا يا يورپ ۾ رهڻ جي غرض سان اتي جي ڪنهن پوڙهي پڪي يا نشي جي عادي يورپي عورت سان شادي ڪن ٿا، پوءِ سندن هنن سان دل نٿي لڳي، پر هن جي ملڪ ۾ رهڻ لاءِ ان طريقي مان فائدو وٺن ٿا ۽ ساڳي طرح عورت به سمهجي ٿي ته هو ڪيس دل سان نٿو چاهي پر ڪيس سندس سار سنڀال لهڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ڪجهه سالن لاءِ مڙس جي نالي ۾ سنو نوڪر مليو وڃي. اهڙي شاديءَ کي Marriage of Convenience سڏجي ٿو.

# مسلمانن لاءِ مانيءَ جو مسئلو

راٽردئم جي بندرگاهہ ۾ جنهن پهرين جهاز تي سروي (چڪاس) لاءِ پهتاسين، ان جهاز جو اصل نالو سفيد پري (White Fairy)هو، پر هاڻ نئين مالڪ سندس نئون نالو ”ناچ ميوزڪ جي ڌرتي“(Disco Land) رکيو آهي ۽ جهاز هلائيندڙ پڻ سڀ نوان رکيا اٿس. ڪئپٽن ۽ چيف انجنيئر کان وٺي بورچي ۽ خلاصيءَ تائين سڀ فلپينو آهن، جيڪي جهاز جي نالي سان پڻ نهڪي اچن ٿا. فلپين جا ماڻهو ڳائڻ وڄائڻ جا بيحد شوقين آهن. اسان جي يونيورسٽي ۾ ڪل پنج ڄڻا آهن تہ بہ شل نہ ڪو موقعو مهل ملي. گٽار ڪڍي چارئي ڳائڻ شروع ڪندا آهن ۽ پنجين ديزيءَ نالي ڇوڪري آهي، ان کي نچائيندا آهن. اها سندن نيويءَ جي ليفٽيننٽ ڪمانڊر آهي. هتي هن جهاز تي يڪا ٽيهہ ڄڻا آهن. ڊائننگ روم ۾ ميوزڪ جو سڄو سامان ڏسي جپاني سرويئر تڪانو جهاز جي ڪئپٽن کي چيو:

”جهاز جي نئين مالڪ جهاز جو نہ فقط نالو بدلايو آهي، پر ان کي صحيح رنگ ڏيڻ خاطر ميوزڪ جو سامان بہ مهيا ڪيو آهي.“

”نہ نہ.“ ڪپٽن وراڻيو،”هي بئنڊ باجا اسان ڦوڙي ڪري ورتا آهن، جيئن وندر ۾ ڳائڻ وڄائڻ لڳو رهي.“

”توهان خوش نصيب آهيو جو ميوزڪ ۽ ڳائڻ جا ڄاڻو توهان جي جهاز تي آهن“، مون چيومانس.

”ڪنهن هڪ يا ٻن جي ڳالهہ ٿا ڪريو. هتي اسين سڀ ميوزيشن آهيون. آئون ڊرم بہ وڄائي سگهان ٿو تہ ڳائي بہ سگهان ٿو.“ ڪئپٽن جواب ڏنو.

جهاز جي ڪئپٽن اسان کي لنچ کائڻ لاءِ زور پريو. ”ڇا خيال آهي کائجي يا نہ؟ “ جپاني سرويئر مسٽر تڪانو مون کان صلاح ورتي.

”بلڪل کائجي. هڪ ٿي رهيو آهي، هتان خبر نہ آهي ڪيڏي مهل واندا ٿيون جو شهر ۾ هلي کائون. مون کي ڏاڍي بک لڳي اٿئي.“ مون وراڻيومانس.

”اوڪي ڪئپٽن لنچ کائي پوءِ باقي جهاز جي مشينريءَ جي چڪاس ٿا ڪريون.“

دنيا جي سيني جهاز تي لنچ جو ٽائيم ٻارهين کان هڪ وڳي تائين ساڳيو هوندو آهي. جهاز جا آفيسر توڙي خلاصي کائي چڪا هئا، سواءِ ڪنهن هڪ ٻن جي اسان کي کارائڻ لاءِ هڪ اسٽيورڊ انتظار ۾ بيٺو هو. هن جلدي جلدي سوپ اسان اڳيان رکيو.

سوپ سائي رنگ جي دال(شايد مڱن جي دال هجي) ۽ پاڄيءَ جو هو. بک هئيسين. ٻاهر سخت سيءَ ۾ هليا هئاسين. سو گرم گرم سوپ سيني کي وڻيو. جپاني سرويئر تعريف ڪئي ۽ ڪپيٽن ٻيو دفعو کڻڻ لاءِ چيو مون چمچي ۾ هٿ وڌو. ”ضرور کائڻ کپي“ جپاني سرويئر مون کي آهستي چيو. ان وقت ڪئپٽن جهاز جي ڪئڊٽ کي ڪجهه جهاز جي سلسلي ۾ سمجهائي رهيو هو. سو جپاني سرويئر کي چيم:

”تون کائين يا نه کائين آئون ان سان ئي پيٽ ڀريان جو ان ڪانپوءِ خاص ڊش خبر نه آهي ڇا جو هجي.“

”وڪاريماستا (مون سمجهيو).“ هن ڪلي جپانيءَ ۾ وراڻيو. هن کي خبر هئي ته مسلمان ڪجهه شيون نٿا کائين ۽ تازو گذريل ڏينهن ٻي جپاني سرويئر ناڪاشيءَ اسان کي راٽرڊم جي چيني هوٽل ۾ لنچ لاءِ وني هليو هو. فڪسڊ مينو هو، سوپ ۾ مين ڊش ته پورڪ يعني سوئر جو هو پر پاڄيءَ ۾ به ان جا ٽڪرا مليل هئا. ظاهر آهي آئون جهڙو هليو هوس اهڙو ئي موٽيس. فقط ڪوڪا ڪولا نصيب ٿي. پوءِ ناڪاشيءَ کي افسوس ٿيو جو خاص مون لاءِ هن لنچ جي دعوت ڪئي ۽ مون نه کاڌي ۽ بنا کائڻ جي آفيس آياسين ۽ مئڪڊونالڊ تان مڇيءَ جا سئنڊوچ ۽ منهنجي پسنديده شيءِ آئسڪريم گهرائي ڏني هئائين. سو ان بعد ٽڪانو کي به خبر

پئي ته مسلمان اهڙين دعوتن ۾ ميزبان لاءِ مٿي جو سور بڻبا آهن ۽ سڄو ڏينهن بڪ مرندا آهن.

سوپ جو ڊش ۽ پليٽون کڻي وڃڻ بعد اسٽيورڊ چانورن جو پيالو کڻي آيو ۽ ان سان گڏ اهم ڊش ڪٽليٽن ۽ ڀوڳ جو هو. ڪانئس آهستي پڇا ڪيم ته ڇا آهي. خاص ڪري ڪٽليٽ مڇيءَ جا لڳي رهيا هئا.

”ٻئي پورڪ آهن.“ اسٽيورڊ وراڻيو ۽ جپاني سرويئر تڪانو ٻه ٻڌي ورتو.

”ويري ساري!“ جپاني سرويئر مون ڏي منهن ڪري چيو، ”توکي ٺي گهٽي بک لڳي هئي ۽ تنهنجو نصيب سٺو نه نڪتو.“

”مڙيئي خير آهي. آئون رُکو پٽ سلاد سان کائيندس.“ مون چيو مانس ۽ اسان جي سُس پُس تي ڪئپٽن پڇيو ته ڪهڙو معاملو آهي. هاڻ جي ڪيس ننٺا ٻڌايون ته سمجهندو ته اسانخبر ناهي ڇو پيا ڪِلون ۽ جي ٻڌايونس ٿا ته هن لاءِ پريشاني ٿيندي. بهرحال تڪانو ڪيس ٻڌايو ۽ هن يڪدم اسٽيورڊ کي سڏي تگالوگ(فلپيني زبان) ۾ ڪجهه چيو ۽ آئون سمجهي ويس ته هن کي مون لاءِ ڪا ٻي شيءِ آڻڻ لاءِ چئي رهيو آهي. مون ڪيس انگريزيءَ ۾ ٻيو ڪجهه آڻڻ کان جهليو پر هو نه مڙيو. ٿوري دير بعد اسٽيورڊ هٿين خالي موٽي هن کي ”درد ڀري ڪهاڻي“ واري انداز ۾ ٻڌائڻ لڳو ۽

آئون سمجهي ويس تہ وقت هڪ ڪان مٿي ٿي ويو آهي. چيف ڪڪ هليو ويو هوندو ۽ مڇي گوشت يا ڀاڄي گهٽ ۾ گهٽ ٻارهن ڪلاڪ اڳواٽ جهاز جي ڪولڊ اسٽور مان ڪڍٽي پوندي آهي. جيڪو ڪم هن وقت ناممڪن آهي. مون ڪئپٽن کي مون بابت سوچڻ ۽ پريشان ٿيڻ لاءِ ۽ ساڳي وقت چيف ڪڪ کي تڪليف ڏيڻ کان جهليو.

”چڱو ڀلا تون هڪ بدران منهنجي حصي جو صوف بہ ڪائجانءِ“.ڪئپٽن چيو.

”اهو بہ صحيح آهي.“ مون وراڻيو مانس.

۽ پوءِ لمحو بہ ترسي ڪئپٽن پڇيو:”اسان تہ پنهنجي قومي ٻولي”تگالوگ“ ۾ ڳالهائي رهيا هئاسين توکي ڪيئن خبر پئي تہ، نہ بورچي آهي نہ بورچيخاني ۾ ٻي ڪا ڀاڄي يا گوشت؟“

”منهنجي پڻ عمر جهازن تي گذري آهي ۽ بندرگاهہ ۾ هرڪو ڊيوٽي ڪري ٻاهر وڃڻ چاهي ٿو. سو هڪ تہ ڪُڪ(بورچي) ٻارهين بجي کاڌو تيار ڪري اسٽيورڊن حوالي ڪري هليو ويو هوندو ۽ ٻيو تہ جيڪو ڪجهہ رڌٺو آهي اهو ڪولڊ اسٽور مان هڪ ڏينهن اڳ ڪڍيو وڃي ٿو. هن وقت اهو ٿڌو ڪمرو کولي ڪجهہ ڪڍڻ ۽ ان کي رڌڻ بيحد اٽانگو ڪم آهي.“

# ڊسڪولئنڊ ۾ اسپرنگ برائيڊ

ڊسڪولئنڊ جهاز تي لنچ کان اڳ اسان جهاز جو بئالر سروي ڪيو هو. بئالر جا ڪيترائي ٽيوب ڦاٽي چڪا هئا، جن کي بند ڪرڻ لاءِ (Metal Plug)ڏيئي جهاز جا انجنيئر هن جهاز کي هلائي رهيا هئا. پر هتي راٽرڊيم پهچڻ سان جپاني ڪلاسيفڪيشن سوسائٽيءَ جي هن سرويئر ڪين ڦاٽل ٽوڙي سڄا سپ ٽيوب ڪڍي نوان لڳائڻ لاءِ چيو. ان لاءِ ڊئنمارڪ ملڪ جي البرگ شهر کان 'البرگ بئالر ورڪ شاپ' وارا ڪم ڪرڻ آيا هئا. اڄ اسان پريشر ٽيسٽ وٺي بئالر کي پاس ڪيو. البرگ بئالر وارن کي ڏسي پنهنجا جهازي ڏينهن ياد آيا، جڏهن اسان جي پاڪستاني ڪمپنيءَ جا جهاز ڊئنمارڪ ۾ ايندا هئا ته هن ورڪشاپ کان ئي بئالر مرمت ڪرائيندا هئاسين، جو اسان جي ڪيترن جهازن تي هن ڪمپنيءَ جا ئي بئالر لڳل آهن.

البرگ بئالر ورڪشاپ جي ڊئنش انجنيئر سان گڏ ٽي انڊونيشي مستري ۽ مزدور ڪم ڪري رهيا هئا. بئالر جا والو(Valves)بند ڪرڻ لاءِ کولڻ مهل "توتپ" ۽ "بڪا" جهڙا ملئي زبان جا لفظ سندن واتان ٻڌي سمجهي ويس ته ملئي

يا انڊونيشي آهن. مون ڪانئن ملئي زبان ۾ پڇيو ته ڪٿي جا آهيو ۽ هتي ڪيئن آيائو.

”اسين انڊونيشيا جي ٻيٽ ملوڪا جا آهيون. اسين ننڍا هئاسين ته پيءُ سان گڏ هتي آيا هئاسين. انهن ڏينهن ۾ انڊونيشيا تي ڊچن جي حڪومت هئي ۽ هيڏانهن اچڻ ڏکيو نه هو.“

”هتي ڪيئن ٿو لڳانو؟“ مون پڇيو مان.

”سٺو آهي.“ هڪ وراڻيو، ”پر سيءُ ڏاڍو آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته اسين ورڪشاپ يا جهاز جي انجڻ روم ۾ ڪم ڪريون ٿا جتي گرمائش آهي ۽ ڪا خاص تڪليف ناهي.“

”پر اهو آهي ته پگهار سٺو ملندو هوندانو.“ مون چيو مان.

”ها، اها به ڳالهه آهي.“ ٻئي وراڻيو، ”پر.....“

”پر ڇا؟“ هن جي ماٺ تي وجڻ تي پڇيومانس.

”جيڪي هتي ڪمائجي ٿو اهو شراب پنيان چٽ ٿيو وڃي. بچايو ته پوءِ سٺو آهي.“

”هونءَ به هر شيءِ ڪيڏي مهانگي آهي. رڳو سگريٽ جو هڪ پاڪيٽ ڇهن گلڊرن (اٽڪل هڪ سئو رپين) جو آهي. معمولي مکڻ لڳل سئنڊوچ به هڪ گلڊر(ويهين روپئي ڪن) جي آهي.“ ٽئي وراڻيو.

اها ڳالهہ صحيح آهي. هونءَ بہ چوندا آهن تہ It is the saving that counts, not the salary مون چيو.

”پر وري بہ پنهنجي ملڪ کان بهتر آهيون. ڪنهن جي اڳيان هٿ ٽنگڻو تہ نٿو پوي. ڪو چوريءَ جي ڪوڙي ڪيس ۾ پوليس وارو تہ نٿو جهلي. اهي بہ ڪي ڏينهن هئا ۽ اسان خوش نصيب هئاسين جو هتان اچي نڪتاسين. هاڻ تہ ڪا مزدوري پورهيو بہ نٿو ملي. اسان ڏاريا تہ ڇا پر مڪاني ماڻهو بہ بيروزگار ٿيو پيا هلن ۽ هنن ٿڌن ۽ اوپرن ملڪن ۾ بنا پئسي، بنا گرم ڪپڙي ۽ بنا ڪاڌي پيتي جي هڪ ڏينهن رهڻ بہ عذاب آهي.“

بئالر لنچ کان اڳ سروي ٿي چڪو هو ۽ هاڻ اسان ڪي جهاز جا هئچ ڪور چيڪ ڪرڻا هئا تہ منجهن پاڻي ليڪ تہ نٿو ٿئي. ان لاءِ هئچ بند ڪري پوءِ مٿان پريشر سان پاڻيءَ جا ڦوهارا هنيا ويا ۽ پاسي واري در کان هيٺ ان هئچ ۾ وڃي چيڪ ڪيوسين. جهاز جي ڇئن هئچن مان هڪ ۾ هڪ هنڌ ٿورو پاڻي سمي رهيو هو سو جهاز وارن کي ٻڌايوسين تہ ورڪ شاپ گهرائي ان هنڌ ربڙ جي نئين پئڪنگ وجهن جيئن اندر پاڻي بنهہ نہ اچي. جهاز جا هئچ سامان رکڻ جا گدام آهن ۽ انهن جا ڍڪ مضبوطيءَ سان بند ٿيڻ ضروري آهن، نہ تہ سمنڊ جون وڏيون ڇوليون مٿان اچڻ ڪري سمنڊ جو کارو پاڻي انهن گدامن ۾ اندر وڃي سگهي ٿو جيڪو

سامان (Cargo) کي خراب ڪري سگهي ٿو. ڪارگو خراب ٿئي ۽ پوءِ انشورنس ڪمپني ڀري ڏئي ان کان بهتر آهي جهاز وارا ٿورو خرچ ڪري جهاز کي صحيح رکن ۽ وڏي نقصان کان انشورنس ڪمپنيءَ کي بچائين. ها البت ان هوندي ڪو وڏو طوفان اچي وڃي ۽ جهاز ڀڄي پوي يا ٻڏي وڃي ته پوءِ اها ياڳ اياڳ جي ڳالهه ٿي. هيءَ ڪور چيڪ ڪرڻ بعد آخري شيءِ جهاز جو Radar چيڪ ڪرڻو هو. اونداهه، ڌنڌ، مينهن، برف باري وغيره ۾ جڏهن جهازي اکين سان ڏسي نٿو سگهي تڏهن هن لاءِ هي اوزار وڏو ڪارآمد ثابت ٿئي ٿو. رڊار ذريعي ٻيا ايندڙ ويندڙ جهاز ۽ انهن جي رفتار، سمنڊ اندر جبل ٽڪريون ۽ اڳيان ايندڙ ٻيٽ ۽ ڪنارن جي خبر پئجيو وڃي. رڊار جي هو تازي مرامت ڪري چڪا هئا ۽ هر لحاظ کان چيڪ ڪري ڏٺوسين ته صحيح طرح ڪم ڪري رهيو هو. ان بعد جهاز وارن کان موڪلائي سندن جهاز Disco Land تان لٿاسين. ساڳي مالڪ جو هڪ ٻيو جهاز Spring Bride پڻ پر ۾ بيٺل هو.

’اسپرنگ برائيڊ‘ جهاز پڻ ’ڊسڪو لئنڊ‘ جهاز وانگر ڏکڻ ۽ وچ آمريڪا کان ميوو کڻي يورپ اچي ٿو. هن دفعي، ايندي وقت ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ سندس هڪ هيڇ ۾ باهه لڳي هئي، جيڪا اليڪٽرڪ جي تارن جي شارٽ سرڪٽ ڪري لڳي هئي، ان باهه کي ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ گئس يا ٻئي

ڪنهن طريقي سان وسائڻ بدران جهاز جي خلاصين پاڻيءَ جي ڦوهارن سان وسائڻ جي ڪوشش ڪئي. باهه ته خوش قسمتيءَ سان وسامي ويئي پر هيٺ مان اهو پاڻي ڪڍڻ وارو پمپ ڪم ڪرڻ کان پڙ ڪري بيهي رهيو. هيٺ جو پاڻيءَ سان ڀرجڻ ڪري جهاز جي Stability جو مسئلو ٿي پيو هو. جهاز سفر جا باقي ٻه ڏينهن هيڏانهن هوڏانهن لڏندو رهيو ۽ ٻڏندي ٻڏندي بچيو.

راتردم جي بندرگاهه ۾ پهچي ڪناري جي پمپن ذريعي پاڻ ڪڍيو ويو. پاڻيءَ ۾ ٻُسڻ ڪري ان هيٺ جو سڀ سامان خراب ٿي ويو. هيٺ جي Insulation کي پڻ نقصان رسيو آهي. هاڻ سياڻي ان جو چڱي طرح جائزو وٺي جهاز جي مالڪ کي ضروري مرمت لاءِ ڪلاسيفڪيشن سوسائٽي پاران چوڻو پوندو، جيڪا مرمت انهن کي هي بندرگاهه ڇڏڻ کان اڳ ڪرائي سوسائٽيءَ کان صحيح هجڻ جو سرٽيفڪيٽ وٺڻو پوندو. هن باهه جي ڪري سمورو نقصان انشورنس ڪمپني مالڪ کي ڏيندي.

# سترهين صدي ڊچ تاريخ جو سونهري دور هو

نيدرلئنڊس جي اتر ۽ اولهه ۾ اتر سمنڊ (North Sea) آهي، اوڀر پاسي جرمني آهي ۽ ڏکڻ پاسي بيلجم. نيدرلئنڊس کي اڪثر هالنڊ جي نالي سان به سڏيو وڃي ٿو، جيڪو نالو ڏهين صديءَ کان پوءِ مشهور ٿيو. هالنڊ لاءِ چيو وڃي ٿو ته هولٽ لئنڊ(Holt Land) مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ٻيلن جي ڌرتي(Wood Land). هونءَ هالنڊ دراصل نيدرلئنڊس جي ستن صوبن مان هڪ صوبي جو نالو آهي. جيئن برطانيه کي اسان انگلنڊ سڏيون ٿا، جيتوڻيڪ انگلنڊ برطانيا جو فقط ڏاڪڻو حصو آهي. ان ڪري اتر ۾ رهندڙ اسڪاٽلنڊ توڙي آئرلنڊ وارن کي ان تي چڙ به لڳي ٿي پر انگلنڊ کان به وڌيڪ هالنڊ مشهور ٿي ويو آهي. ان ڪري مون به ڪٿي هالنڊ ڪٿي نيدرلئنڊ ۽ ڪٿي ٻئي نالا استعمال ڪيا آهن.

ساڳي طرح نيدر لئنڊس جي گاديءَ جو هنڌ ايمسٽرڊم آهي، جتي هن ملڪ جو بادشاهه ۽ راڻي رهن ٿا پر سرڪاري آفيسون سڀ هيگ ۾ آهن. ان ڪري ڪيترا ماڻهو نيدرلئنڊس جي گاديءَ جو هنڌ هيگ سمجهن ٿا.

سڄي هالنڊ جي هن وقت پکيڙ سورهن هزار ڪن چورس ميل آهي، جنهن مان ڌرتيءَ جا ٽڪرا تيرهن هزار چورس

ميل ٿيندا باقي درياهه ۽ سمنڊ آهن، جيڪو ڏچ پريخشڪيءَ جو حصو وڌائي رهيا آهن. هينئر به هو سمنڊ پرڻ جو ڪم جاري رکندا اچن ۽ هي مضمون ڇپجي پڙهندڙن تائين پهچڻ تائين ڪجهه ٻيا سمنڊ جا چورس ميل ڌرتي ٿي چڪا هوندا. نيدرلئنڊس جو جهنڊو ٽن پٽين ۾ ورهايل آهي. ڳاڙهي پٽي، اڇي ۽ تکي بلو رنگ جي.

اڄڪلهه جو نيدرلئنڊس يارهن صوبن ۾ ورهايل آهي، جيڪي 957 ميونسپالٽين ۾ ورهايل آهن. سڀ کان گهڻا ماڻهو ڏکڻ هالنڊ (Zuid Holland) ۾ رهن ٿا ۽ سڀ کان گهٽ ڊرنٿي(Drenthe) صوبي ۾. نيدرلئنڊس جي رهاڪن جي ڪمائي پوک، مڇيون مارڻ، ڍڳيون پالڻ ۽ ان جي گوشت، کير مکڻ مان ٿئي ٿي. جهازراني ۽ ڪارخانن مان پڻ چڱي اُپت ٿئين ٿي. هتي جا ماڻهو سهڻا گل ۽ ٻوٽا تمام گهڻا پوکي وڪڻن ٿا.

نيدرلئنڊس تي 1948ع کان وٺي 1980ع تائين راڻي جوليانا راڄ ڪيو. هن شهزادي پرنهارڊ سان شادي ڪئي هئي جنهن مان چار ڌيئون ٿيس. پيٽرڪس 1938ع ۾، آئرن 1939ع ۾، مارگريٽ 1943ع ۾ ۽ ماريا ڪرسٽينا 1947ع ۾ ڄائي. 1980ع ۾ راڻي جوليانا پنهنجي وڏي ڌيءَ پيٽرڪس جي حق ۾ تخت تان دستبردار ٿي.

هالنڊ ۾ آئيني راڄ(Constitutional Monarchy) آهي. انتظامي حڪومت ڪابينا جي هٿ ۾ آهي، جيڪا ميجارٽي ذريعي چوندجي ٿي. پارليامينٽ (جنهن کي هتي Staten General سڏجي ٿو) جا ٻه طبقا آهن. هيٺيون طبقو جيڪو سيڪنڊ چئمبر سڏجي ٿو ۽ مٿيون طبقو فرسٽ چئمبر سڏجي ٿو.

پارليامينٽ جيڪي بل پاس ڪري ٿي اهي آخر ۾ ملڪ جي راڻيءَ کي صحيح ڪرڻا پوندا آهن. (1890ع کان وٺي هالنڊ تي راڄ راڻيءَ جو هلندو اچي) ٿيوري مطابق هوءَ چاهي ته ڪنهن به بل کي پاس ٿيڻ کان انڪار ڪري سگهي ٿي پر اڄ تائين هتي جي ڪنهن به راڻيءَ ائين ڪيو نه آهي.

سترهين صدي ڊچ تواريخ جو سونهري دور سڏيو وڃي ٿو. سونهري ان ڪري جو هڪ طرف ڊچ جهاز آفريڪا، ايشيا، آمريڪا جي ملڪن کان خوب مال ۽ ملڪيتون ڪٺي پئي آيا ۽ ٻئي پاسي هالنڊ جا امير امراءُ هٿ آيل ناڻي جو ڪافي حصو آرٽ ۽ هنرن تي خرچ ڪرڻ لڳا. ملڪ جا آرٽسٽ ۽ هنرمند، رازا، واڍا عمارت سازيءَ جا ماهر وڌندا رهيا. ان دور جون عمارتون ۽ آرٽ اڄ هالنڊ جي جنهن تنهن شهر ۾ نظر اچي ٿو. مشهور آرٽسٽ ريمبرانڊٿ (1606-1669ع) ان دور جو آهي. ان کان علاوه فرانس هالس، اڊريئن وان اوستاد، باٿولوميوز ۽ ٻيا به ڪيترائي آرٽسٽ هالنڊ ۾ ٿي گذريا.

ميوزيشن، سائنسدان ۽ فلاسفر پڻ هن دور ۾ گهٽي ڪان گهٽا پيدا ٿيا.هيستائين پندرهن کن ڊچن کي نوبل پرائيز ملي چڪو آهي.

# ڊچ زبان

ڊچ زبان جيڪا اڄڪلهه ڳالهائي وڃي ٿي سا ماڊرن ڊچ چئي سگهجي ٿي. ٻه اڍائي سئو سال اڳ واري ڊچ ايتري ئي مختلف هئي، جيتري ان وقت جي انگريزي زبان. سترهين صديءَ جي وڏي شاعر جوسٽ ووندل (Joost Van Den Vondel) جيڪا ڊچ ٻولي پنهنجين لکڻين ۾ استعمال ڪئي آهي اها اڄ جي پڙهندڙ لاءِ ايتري ئي ڏکي آهي، جيتري شيڪسپيئر جي انگريزي اڄ جي انگريزي ڄاڻندڙن لاءِ.

جرمن ۽ انگريزي زبانن وانگر ڊچ به جرمنڪ زبان چئي وڃي ٿي. منجهس ڪيترائي اهڙا لفظ آهن، جيڪي انگريزي ۽ جرمن زبانن ۾ آهن. پر نئين ڪرڻ لاءِ انهن جا ﭙﭻ ڪڍياويا آهن. ان ڪري ڊچ زبان جون اسپيلون انگريزيءَ کان سوليون آهن. ڊچ کان علاوه ٻيو زبانون Dialects جيڪي هن ملڪ هالنڊ(نيدرلئنڊ) ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون اهي آهن:

Oost Hollands, Limburgs, Drents, Gronings, West Vlaams, Brabants جرمن يا انگريزي ڄاڻندڙ کي ڊچ زبان جي گرامر سکڻ ۾ ڪا خاص ڏکيائي درپيش نٿي اچي. ڪيترائي ڊچ

لفظ انگريزي يا جرمن جهڙا ساڳيا آهن، يا انهن سان ملن ٿا. مثال طور ڪجهه ڊچ لفظ جيڪي روزمره جي زندگيءَ ۾ نظر اچن ٿا يا ٻڌجن ٿا:

| | |
|---|---|
| Man | (Man) |
| Drie | (Three) |
| Warm | (Warm) |
| Ijs | (Ice) |
| Melk | (Milk) |
| Zuid | (South) |
| School | (School) |

پر ڪيترائي عام استعمال جا لفظ انگريزيءَ کان ائين بلڪل مختلف آهن، جيئن سنڌي تامل ۽ چيني زبان جا لفظ هڪٻئي کان. جيئن ته:

| | |
|---|---|
| Mooi | (Pertty) |
| Kwaad | (Bad) |
| Fiets | (Bicycle) |
| Leuk | (Nice) |
| Heus | (Really) |

۽ ڪجھ ڊچ اچار Dipthongs انگريزن لاءِ نرالا پڻ آهن. جيئن تہ "Ij" کي آءِ اچارين، IU کي OU اچارين ۽ Out بدران IUT لکن ۽ ڪجھ ڪانسوننٽ(Consonants)پڻ انگريزن کي اچاريندي ڏکيا لڳن ٿا. جيئن تہ G کي خ پڙهن- جيئن اسان جي آفيس ۾ ڪم ڪندڙ چوڪريءَ جو نالو Gery آهي، پر ڪيس سڏيو خيري وڃي ٿو. جيڪو فلپينو، جپانين،اسپيني ماڻهن لاءِ اچارڻ ڪٺي ڏکيو هجي، پر اڙدو، سنڌي، هندي ۽ عربي زبانون ڳالهائيندڙ لاءِ ڪو ڏکيو ناهي.

چيو وڃي ٿو تہ دنيا ۾ ويھ ملين ماڻهو ڊچ زبان ڳالهائين ٿا، جن مان پندرهن ملين تہ هتي نيدرلئنڊ (هالنڊ) ۾ ئي رهن ٿا. باقي پنج ملين پر واري ملڪ بيلجم ۾ رهن ٿا، جتي هو ڊچ زبان ٿوري معمولي فرق سان ڳالهائين ٿا، جنهن کي Flemish زبان سڏجي ٿو. جيئن سنڌ ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ عربي ۽ فارسيءَ جا گھڻا لفظ استعمال ڪن ٿا. ان کان علاوه ڪيترن ئي هنڌن تي ٿوري گھڻي ڊچ ڳالهائي وڃي ٿي. جيئن تہ انڊونيشيا ۽ سري نام (سائوٿ آمريڪا) جي ملڪن ۽ ڪولمبو (سريلنڪا) ۾ تمام گھٽ ماڻهو آهن، جيڪي ڊچ ڳالهائين ٿا. سائوٿ آفريڪا ۾ پاڻ ڪافي اتي جا ڪارا (Afrikaners) ڊچ زبان ڳالهائين ٿا، جيڪا سترهين صديءَ جي ڊچن جي پهچڻ تي اتي ڳالهائڻ شروع ڪئي وئي هئي. اها پنهنجو پاڻمرادو Develope ٿيندي رهي ۽ هتي هالنڊ ۾ جيڪا

اڄڪلهه ماډرن ڊچ زبان ڳالهائي وڃي ٿي ان ڪان به وڌيڪ آسان ڇئي وڃي ٿي. اها بي ڳالهه آهي ته سائوٿ آفريڪا وارن ڊچ زبان کي وڌيڪ سولو ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ڪجهه مونجهارو به پيدا ڪري وڌو آهي. جيئن اسان جي آفيس جو ڊچ سرويئر ٻڌائي رهيو هو ته فرٽيلائيزر (ولايتي پاڻ)لفظ کي سولو ڪرڻ جي ارادي سان ان جو جيڪو نئون ڊچ نالو رکيو ويو آهي، ان جي معنيٰ هٽرادو ڪاڪوس آهي.(ڇو جو ڍڳين جو ڇيڻي وارو پاڻ قدرتي ڪاڪوس آهي ۽ هي ڪارخاني ۾ نهيل پاڻ فرٽيلائيزر هٽرادو ئي ٿيو).

# ڊچ انڊيز

ڏکڻ آفريڪا جي پر وارو سمنڊ ڪئريبين سمنڊ سڏجي ٿو، جنهن ۾ ڪيترائي مشهور ٻيٽ آهن: ڪيوبا، ٽرنيڊاڊ، هائتي، ڊومنيڪن ريپلڪ، جئميڪا، ائنٽيليز، ٽوباگو، وغيره وغيره، جيڪي ويسٽ انڊيز ٻيٽ سڏجن ٿا. انهن مان ائنٽيليز ٻيٽن جي جهڳٽي تي شروع کان ڊچن جو چڱي طرح قبضو رهيو، ايتري قدر جو هي سمورو ٻيٽن جو جهڳٽو ڊچ انڊيز سڏائي ٿو. انهن ننڍن ننڍن ٻيٽن جا ڌار ڌار نالا: اروبا، بونائز، ڪوراسائو(Curacao)، ونڊورڊ، سابا، سينٽ مرٽن وغيره آهن، پر انهن ٻيٽن جو يڪو جهڳٽو نيدرلئنڊس ائنٽيلز (Antilles)يا ڊچ انڊيز سڏجي ٿو. انگريزن هندوستان، برما، ڪينيا،نائيجيريا ڇڏڻ وقت ڪين خودمختياري ڏئي پاڻ ٽپڙ ڪٽي هليا ويا. پوءِ جيتوڻيڪ ڪامن ويلٿ جهڙيون مسخريون ناهي، پنهنجو هڪ حد تائين واسطو رکندا اچن پر ڊچن کان بيوقوفي يا بقول اسان جي هوٽل جي ڊچ مئنيجر جي ”ڊچن کان اها غلطي“ ٿي وئي ته سائوٿ آمريڪا ۾ سري نامِ ۽ ڪئريبين سمنڊ ۾ Antilles ٻيٽن کي 1954ع ۾ آزادي يا خودمختياري ڏيڻ بدران ساڻن اهو معاهدو ڪيو ته اهي ملڪ ۽ هالنڊ هڪ ئي شهنشاهيت جي رعيت ٿي رهنداسين. هر

ڳالهه ۾ برابر جا حصي وارا رهنداسين ۽ ڪابه ڪالوني يا رئيس نہ رهندو.

هاڻ اهو معاهدو هنن ڏچن جي ڳچيءَ ۾ پئجي ويو آهي. نيدرلئنڊ يورپ جي ڪيترن ئي ملڪن کان هر ڳالهه ۾ امير ۽ اُتم اتاهون ٿي ويو آهي، پر سري نام توڙي ائنٽيليز ٻيٽ اسان جي ايشيائي ملڪن کان بہ غريب ۽ پنتي پيل آهن، پر هڪ ٻئي وٿ اچڻ جي اجازت هئڻ ڪري سري نام ۽ ائنٽيليز ٻيٽن جا ڪٽڪ رنگا ماڻهو هتي نيدرلئنڊ ۾ ايندا رهن ٿا ۽ اهي سهولتون حاصل ڪن ٿا، جن تي مڪاني ڏچ ماڻهن جو حق آهي.

# پاپئانيوگني ۽ ايريان جايا

انڊونيشيا جي ٻيٽن جي قطار ۾ ۽ آسٽريليا جي اتر ۾ هڪ تمام ٻيٽ آهي، جيڪو ڪنهن زماني ۾ نيوگني سڏبو هو ۽ هاڻ ان جو اڌ حصو پاپئانيوگني سڏجي ٿو ۽ اڌ ايريان جايا. هن ٻيٽ سان پڻ ڊچن جو ڪافي واسطو رهيو آهي.

نئين دنيا جي ڳولها ۾ هي ٻيٽ پهرين پورچوگالين ۽ اسپيني جهازين ڪي نظريو آيو. هتي جي رهاڪن جا گهنڊي وار ڏسي پورچوگالين ان جو نالو پاپئا رکيو معنيٰ گهنڊي وار ۽ اسپيني ماڻهن نيوگني نالو رکيو. هن ٻيٽ جي الهندي اڌ تي 1828ع ۾ ڊچن قبضو ڪيو ۽ 1880ع ۾ اڀرندي اڌ ٻيٽ جا ٻه حصا ڪري اڌ جرمنيءَ ڪنيو اڌ انگلنڊ وارن-جيڪو پوءِ آسٽريليا وارن ڪنيو. ڇڻ ڏرتي نه هجي ڪيڪ يا لولو هجي ۽ جن جي ڏرتي انهن جي ڳالهه ٻه نه. بهرحال آسٽريليا ان سجي اڌ جو نالو پاپئانيوگني رکيو. ڊچن وارو اڌ حصو جيڪو ايريان جايا سڏجي ٿو اهو 1963ع ۾ انڊونيشيا جو حصو ٿيو. آسٽريليا وارن پاپئانيوگني کي 1975ع ۾ آزاد رياست جو حق ڏنو.

# ڊچ لڙايون

مهاياري، پاڻيپٽ يا آفيمي لڙائين وانگر ڊچ لڙايون(Dutch Wars)ٿي مشهور جنگيون آهن، جيڪي سترهين صديءَ ۾ انگلنڊ ۽ نيدرلئنڊس جي وچ ۾ لڳيون. رات ڪجهه عرب، انڊين ۽ فلپينو جهازي همراهه سي-مينڪلب ۾ يورپين تي بحث ڪري رهيا هئا ته”يورپ وارا ڪيڏو هڪ ٻئي سان پيار محبت ۾هلن ٿا. منجهن ڪا لڙائي جهڳڙو ناهي. اسان ايشين ۽ آفريڪن هڪٻئي سان وڙهندا وتون ۽ وجون ڏينهون ڏينهن غريب ٿيندا.“

بلڪل صحيح آهي. جنگ ۾ کٽڻ هارائڻ واريون ٻئي پارٽيون امن ۾ وقت گذارڻ واري پارٽيءَ کان غريب ۽ ڪمزور ٿيو وڃن. جيئن ايران عراق ۽ عراق ڪويت جي ڦڏن جو نتيجو ظاهر آهي. اهي ڳالهيون سڀ صحيح آهن پر اهو آهي ته جيسين اسان جي ملڪن کي اهي ڳالهيون ڌيان ۾ اچن. اسان جا ملڪ جنهن لولي يا ڪيڪ تي وڙهي فقير ٿي رهيا آهن، تي سگهي ٿو آخر ۾ ڪنهن کي ٻه نصيب نه ٿئي ۽ وچان ئي ڪو ڪانگ کڻي وڃي.

بهرحال لڙايون، هڪٻئي سان ڦڏا يا ڪدورتون هجڻ جو اهو مطب هرگز ناهي ته اسين ايشيا يا آفريڪا جا ملڪ هڪٻئي سان ڦڏا فساد ڇڏي دوستيون ياريون نٿا ڪري

سگهون. ضرور ڪري سگهون ٿا. يورپ جا ملڪ جيڪي اڄڪلهه هڪٻئي تان ساهه پيا صدقي ڪن، انهن جا اسان ڪان ٻه وڌا هڪ ٻئي سان، جهيڙا هئا ۽ يورپ جي تاريخ اهڙين جنگين لڙائين سان ڀري پئي آهي. يورپ جا سڀ ملڪ ڪنهن نه ڪنهن دور ۾ هڪٻئي جي خون جا اڃايل رهيا آهن. انگلينڊ ۽ هالينڊ جيڪي اڄڪلهه سڀ ۾ سنا دوست سمجهيا وڃن ٿا، اهي ٻه ماضيءَ ۾ وڙهندا رهيا، جنهن جو هڪڙو مثال مٿيون ٽي جنگيون آهن، جيڪي ڊچ لڙايون سڏجن ٿيون. انهن مان گهٽ ۾ گهٽ پهريون ٻه لڙايون مالي يعني واپاري مٽيرائي(Commercial Rivalry) حاصل ڪرڻ لاءِ هيون. انگريزن پنهنجي اوسي پاسي توڙي ڏورانهن سمندن ۾ ايسٽ انڊيز (يعني انڊونيشيا، ملائيشيا، سنگاپور ۽ ويٽنام واري حصي) تي پنهنجو قبضو ڄمائڻ تي چاهيو ۽ ڊچن پنهنجو زور ڄمائڻ ۽ مالڪ ٿيڻ چاهيو ٿي.

پهرين ڊچ لڙائي 1652ع ۾ لڳي، ٻي 1665ع ۾ ۽ ٽين 1672ع ۾. ٽئي لڙايون ٻه ٻه سال هليون. پهرين جو ڪو فيصلو نه ٿي سگهيو، ٻي لڙائي ۾ ڊچ لنڊن مان وهندڙ ٿيمس نديءَ جي اندر تائين ڊوڪي آيا. پوءِ انگريزن کي پڄڻ لاءِ گهٽي سا ڏنائون پر سري نام پاڻ وٽ رکيو. ٽين ڊچ لڙائيءَ ۾ انگلينڊ جي لوئيس چوڏهين فرانس جي چارلس ٻئي سان گڏجي ڊچن تي حملو ڪيو ۽ فرينچن ڊچن جي ملڪ جو ڪافي حصو پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتو، پر ڊچن ان جنگ

۾ به انگريزن کي ماري مڃايو. آخر ۾ وري فيصلا ۽ صلح ناما ٿيا ۽ انگريزن ڏچن کي سندن سمنڊ مان مڇيون ڦاسائڻ جي موڪل ڏني. مطلب اهو ته اها سڄي مار مارا ايڪانوميءَ جو چڪر هو. اهو جو انگريزيءَ ۾ چوندا آهن ته بکايل پيٽ وارو مرڻ مارڻ کان نه ڊڄندو آهي. Hungry man Angry man وارو چڪر هو. تنگ آمد جنگ آمد وارو حساب هو. جيسين يورپ وارن کي کجهه نه هو تيسين ڦرلٽ ڪندا رهيا. پنهنجو پاڻ ۾ وڙهندا رهيا ۽ هر هڪ گهٽي کان گهٽو ڦرلٽ ڪري پنهنجو گهر ڀرڻ چاهيو ٿي ۽ پوءِ جڏهن هر هڪ ضرورت کان وڌيڪ اچي ويو ته پوءِ ٻين لاءِ قانون ناهڻ لڳا ته هينئن نه ڪجي هونءَ نه ڪجي. ٻي جي ملڪ ۾ پورهئي ڪرڻ لاءِ به موڪل وٺجي، وغيره. بقول يمن جي مبارڪ جي هاڻ هر يورپي وٽ نه فقط ٿي ويلا پيٽ ڀري کائڻ لاءِ گهڻو ڪي کجهه آهي پر ايندڙ سڄي زندگيءَ لاءِ پڻ سڀ ڪجهه آهي،تڏهن ته هو آداب، فضيلت ۽ Etiquette جي ڳالهه ڪري. غريب ۽ بکايل ماڻهو ڪاٿي چريءَ تي چا خرچ ڪرڻ چاهيندو.

ڪنهن انڊين شاعر (شايد ساحر لڌيانويءَ) جو ”مادام“ نالي شعر جي هڪ سِٽ آهي ته:

”بهوک آداب کي سانچون مين نهين ڍل سڪتي.“

# ڊچ ويسٽ انڊيا ڪمپني

هيءَ ڪمپني اولهه انڊيا سان واپار ڪرڻ لاءِ نه پر ڏکڻ آمريڪا ۽ ڪئريبين سمنڊ جي ٻيٽن (جنهن کي ويسٽ انڊيز سڏجي ٿو) سان واپار ڪرڻ لاءِ 1621ع ۾ نيدرلينڊ ۾ کلي. هو آفريڪا جي الهندي ڪناري وارن بندگارهن ۽ اتر ۽ ڏکڻ آمريڪا جي بندرگاهن سان واپار ڪندا رهيا. نالي ۾ ته هنن هر قسم جو واپار ڪرڻ چاهيو ٿي پر اهم شيءِ غلامن جو واپار هو. آفريڪا ڪنڊ جي سگهارن شيدي جوانن کي ڌڪ هڻي بيهوش ڪري يا زنجيرن ۾ ٻڌي ان وقت جي خوفناڪ جهازن ۾ ڊوئي آمريڪا ڪٽي ويندا هئا. رستي تي ڪيترائي بک، گرمي، بيماري، سيءَ يا اُس اچ وگهي مري ويندا هئا. ڪيترن کي ته ڪهي ڪين ۽ جهاز هلائيندڙن کي ڪارائيندا هئا. باقي زنده بچيلن کي آمريڪا تي قبضو ڪندڙ پورچوگيز، اسپيني ۽ ٻين يورپي زميندارن ۽ سيٺين وٽ نيلام ڪندا هئا. اهي هنن کان جهنگل ڪٽائڻ ۽ پوک ڪرڻ جهڙا ڪم وٺندا هئا. بقول اسان جي يونيورسٽي جي هڪ آفريڪن شاگرد جي”آمريڪا کي آفريڪا جي شيدين ٺاهيو پر هو پاڻ اڃ به انگ اگهاڙا. پيٽ بکيا ۽ بي گهر آهن. اڃ به هو زنده رهڻ لاءِ اوترو ئي آتا آهن، جيترو اڄ کان ٽي سئو سال کن اڳ ائٽلانٽڪ سمنڊ لتاڙڻ وقت! ڏکڻ آمريڪا جي

ڪيترن ئي ملڪن تي قبضو ڪيو، جهڙوڪ سلوادور (جيڪو ان وقت Bahia جي نالي سان سڏبو هو)، برازيل ويندي نيويارڪ شهر جنهن کي انهن ڏينهن ۾ نيو ايمسٽرڊام سڏيندا هئا، پر سڀ ملڪ ڊچن جي هٿ ۾ فقط ڪجهه وقت لاءِ رهيا. جيئن ايشيا جو سريلنڪا، انڊيا، ملايا وغيره. ان بعد پورچوگيزن، اسپينين يا انگريزن ديرو ڄمايو ٿي. فقط سري نام (ڊچ گيانا) ڊچن وٽ 1667ع کان وٺي ڪافي عرصو رهيو، جنهن جا هتي هالينڊ ۾ تمام گهڻا ماڻهو رهن ٿا ۽ اهي اصل نندي ڪنڊ جا گجراتي، بهاري، مرهٽا ۽ پنجابي آهن. پورچوگيز، اسپيني ۽ ٻيا يورپي آمريڪا جي ڪيترن ئي ملڪن سان واپار وڙو ڪندا رهيا پر انهن ڊچن کي اوڏانهن اچڻ نٿي ڏنو. ڊچ ان بعد سئو سوا سال کن فقط سري نام ۽ هڪ ٻن ويسٽ انڊيز جي ٻيٽن سان واپار ڪندا رهيا.

# يورپين جي ڌارين لاءِ سوچ

رات جرمنيءَ جي ٽي وي چئنل RTL تان هڪ انگريزي فلم هلي رهي هئي. فلم ڇڳو اڳ شروع ٿي چڪي هئي، ان ڪري فقط آخري حصو ڏسي سگهيس. فلم BBC وارن ٺاهي آهي، جيڪي آفريڪا جي غريب ملڪن تي Immigrants مان يورپ ڏي نوڪري پورهئي، پنهنجي ۽ پنهنجي ٻارن جي پيٽ گذر لاءِ ظاهر ظهور يا لڪيو ڇپيو اچن ٿا. يورپي ننتا چاهين نه هي اچن، پر غريب آفريڪي ٻه ڇا ڪن. ڪيڏانهن وڃن؟ جڏهن سندن ملڪ ۾ سڀ ڪجهه هو ته هو اتي ئي وينا هئا. بلڪ يورپي سالن تائين ان آفريڪا (۽ ايشيا مان) جاوا ڪندا رهيا، پر هاڻ اهي يورپي پورهئي مزوري لاءِ ٻه انهن کي ننتا گهرائين جن جي ڪنهن زماني ۾ دولت لٽيائون. جن کي ڍڳن ڍورن وانگر وڪٽي پئسو ڪمايائون. جن ڪان زمينون ڪيڙائي، جبل ٽُڪرائي، پنهنجا شهر سرسبز ڪيائون.

هن فلم اهڙو گهرو اثر ڇڏيو جو ٻئي ڏينهن ڪنهن ڳالهه مان مزو نه اچي. چانهه جي گڏجاڻيءَ ۾ ان فلم جو ذڪر پنهنجن دوستن سان ڪرڻ وارو هوس ته ان ئي وقت هڪ ٻئي همراهه ٻه ان فلم جي ڳالهه ڪئي. هن پڻ اها فلم اڌگابري ڏٺي هئي ۽ ڪيس پڻ يورپين جي اسان لاءِ ڌڪار محسوس

ٿي رهي هئي. ساڳيو حال مون سان پڻ هو. ڪوشش ۾ آهيان ته راٽردئم جي ڪنهن وڊيو شاپ تان اها فلم ملي ته وري ڏسجي. آخر ۾ فلم ۾ ڪم ڪندڙن (Cast)جا نالا ڏيکارڻ مهل فلم جو نالو The Marchضرور نوٽ ڪيم. فلم ۾ ڏيکاريو اٿن ته آفريڪا کنڊ جي ملڪن جا غريب ماڻهو-سوڊان، سوماليا ۽ ايٿوپيا وغيره کان يورپ خلاف لانگ مارچ ڪري آفريڪا کنڊ جي چيڙي واري ملڪ موراڪو ۾ پهچن ٿا. بک، بيماري، بيروزگاري کان بيزار ٿي مهدي نالي پنهنجي ليڊر پويان هو يورپ اچڻ لاءِ سمنڊ جو اهو ننڍڙو حصو ٻيڙين رستي ٽپن ٿا، جتي ميڊيٽرينن ۽ ائٽلانٽڪ سمنڊ ملن ٿا. جتي اسپين جو ڪنارو موراڪو جي ويجهو آهي. هو اهوئي چون ٿا ته ائين پلا ڇو آهي ته يورپ جي ماڻهن وٽ سڀ ڪجهه آهي ۽ اسان وٽ ڪجهه به نه. هو اسان جا پاڙيسري، اسان کان سڌ پنڌ پري، درياهه جي هن پار(ميڊيٽرينن سمنڊ جي ٻي پاسي) رهن ٿا پر هنن وٽ ضرورت کان وڌيڪ آهي ۽ اسان (آفريڪن) وٽ جيئڻ لاءِ بنيادي ضرورتون به پوريون نه آهن، کائڻ لاءِ پٽاٽو گجر به نه آهي، پيئڻ لاءِ ٻاڙو پاڻي به نه آهي!

سوڊان کان موراڪو پهچڻ لاءِ هو صحرا جو رڻ پٽ، جنگل ۽ ڏکيا هنڌ لتاڙي پهچن ٿا. منجهن جوش ۽ جذبو آهي ۽ دل ۾ پڪو ارادو آهي ته ڪين دنيا جي ڪا طاقت نه روڪيندي ۽ نه رستي جا ڏاڪڙا. سنڌن يورپ ڏي وڌڻ جون

خبرون يورپ ۾ پهچن ٿيون، جتي يورپ ڪميونٽي جي ملڪن جا واسطيدار عملدار پهرين ته ان ڪي ڪا اهميت ڏيڻ بدران درگذر ڪن ٿا. پر پوءِ هو ان تي سوچين ٿا ته ان مارچ کي روڪيو وڃي جو يورپ هرگز نٿو چاهي ته هڪ غريب ڪنڌ جا جاهل ۽ بيمار سندن ڌرتيءَ تي پهچي سندن مزو خراب ڪن ۽ يورپ وارا اهو به سوچين ٿا ته سندن پهچڻ بعد جيڪڏهن کين واپس موڪلڻ لاءِ زوري ڪبي ۽ گولي هلائبي ته دنيا جي نظرن ۾ يورپ جو اندروني روپ ظاهر ٿي پوندو ته هو فقط ٻاهرين ڏيک سان انسان همدرديءَ جي ڳالهه ڪن ٿا، پر اندوني طرح ڪيڏا ظالم آهن.

ان مارچ کي روڪڻ لاءِ يورپ وارا ان هجوم ۽ سندس اڳواڻ ڏي رکي رکي پنهنجا ايجنٽ موڪلين ٿا ته هو ان کي قائم رکڻ بدران ختم ڪري ڇڏين پر ڪوبه راضي نٿو ٿئي. موراڪو پهچڻ وقت اهڙو هڪ ڳجهو يورپي ايجنٽ هجوم جي اڳواڻ مهديءَ کي مارڻ لاءِ لڪي پستول هٽي ٿو پر هو بچيو وڃي. مهدي ڪيس وراڻي ٿو:

”تون سمجهين ٿو ته مون کي مارڻ سان هي هجوم يورپ ڏي وڌڻ کان روڪجي ويندو ته تون غلط آهين. هن مارچ کي روڪڻو اٿئي ته مون سان گڏ هنن هزارين ماڻهن کي به مار. ڇا تون ايترن جو خون ڪري سگهندين؟ ڇا

تنهنجي پستول ۾ ايتريون گوليون آهن؟ جي نه ته پوءِ فقط مون کي مارڻ سان کو فرق نه ٿيندو.“

ان بعد هي اڳواڻ يورپ ڏي منهن ڪري تقرير ڪري ٿو:

”اي يورپ وارو! توهان نٿا چاهيو ته اسان توهان وٽ اچون. اسان جي اچڻ تي توهان اهوئي چونداٿو: ”چو آيا آهيو؟ اسين توهان لاءِ ڪجهه به نٿا ڪري سگهون.“ ته اسين اهو توهان کي ٻڌائڻ چاهيون ٿا ته توهان اسان کي ٻيو ڪجهه نه فقط توهان ڏي يورپ ۾ ئي مرڻ ڏيو .... توهان جي گهٽين ۾ ئي مرڻ ڏيو، جيئن سيان جو انسان ڪنهن غلط فهميءَ ۾ نه رهي ۽ هو توهان جي انساني همدرديءَ جون ڳالهيون ٻڌي اهو ياد ڪري ته سڀ ڪجهه هوندي به توهان اسان جي مدد نه ڪئي.“

يورپ کان آيل هڪ عورت شايد ڪنهن ملڪ يا يورپي ڪميونٽي جي حاڪمن طرفان وزير يا اڳواڻ آهي، اها پهرين ته يورپ ۾ يورپي ملڪن جي واسطيدار وزيرن کي سمجهائي ٿي ته اسان يورپين کي ايترو سخت نه ٿيڻ کپي. هڪ ئي ڌرتيءَ جي گولي تي رهون ٿا. اسان کي ضروتمندن جي مدد ڪرڻ کپي. ٻي جنگ عظيم کانپوءِ يورپ جي حالت ڏسو ڇا ٿي وئي هئي. آمريڪا طرفان اسان کي فنڊ طور رقم نه ملي ها ته اسان يورپين جي حالت اڄ آفريڪن کان به خراب هجي ها، پوءِ اسان کي به ته زنده رهڻ جو حق ۽ مدد ملي.

اڄ آفريڪن جي اسان ڇو نہ مدد ڪريون، جڏهن تہ هو شروع کان سکيا ستايا هئا. آفريڪا کنڊ جي ملڪن ۽ ماڻهن کي هن حال تائين پهچائڻ ۾ اسان جو بہ هٿ آهي. ٻيو نہ تہ پلا ڪجھ ماڻهن جي جتن کي تہ اچڻ ڏنو وڃي."

پر سندس ڳالھ قبول ڪرڻ لاءِ ڪوبہ تيار نہ آهي. سڀ اهوئي چون ٿا تہ اميگريشن جي قانون جي پڪڙي ڪري، جيڪڏهن ڪوبہ آفريڪن يا ڌاريون يورپ جي ڪنهن بہ ملڪ (فرانس توڙي اسپين، اٽلي يا پورچوگال) جي ڪناري تي قدم رکندو تہ ان کي شوٽ ڪيو ويندو.

هيءَ عورت نٿي چاهي تہ انسان ذات جو خون وهي. ان دوران هي هزارين آفريڪن عورتون، مرد، ٻار، پوڙها ڦاٽل ۽ پراڻن ڪپڙن ۾، ڪيترائي پيرين اگهاڙا، ڏٻرا ۽ ضعيف سوين ننڍن ننڍين ٻيڙين ۾ چڙهي يورپ ڏي وڌن ٿا ۽ يورپ جي ڪناري تي پهچڻ کان اڳ هيءَ عورت اسپيڊ بوٽ ذريعي اڌ سمنڊ تي آفريڪن جي اڳواڻ سان هڪ دفعو وري ملي يورپ اچڻ کان منع ڪري ٿي. کين سمجهائي ٿي: "اجا بہ وقت اٿانو موٽي وڃو. هي يورپي جڏهن توهان کي نٿا چاهين تہ ضد نہ ڪريو. پنهنجي وطن موٽي وڃو."

"تون اسان کي موٽي وڃڻ لاءِ ڪهڙي منهن سان چوين ٿي." آفريڪن جو اڳواڻ مهدي هن عورت کي چوي ٿو، "هڪ بہ صديون اڳ جڏهن يورپ جي حالت ٿوري خراب ٿي تہ

يورپ جو هڪ هڪ ملڪ اسان کي لٽڻ ڦرڻ لاءِ آفريڪا جا ٽڪرا ڪري پنهنجي جاگير ناهي مالڪ بڻجي ويٺو. اڄ جڏهن اسان کي ضرورت آهي ته توهان اسان کي نوڪر ڪري رکڻ لاءِ به راضي نٿا ٿيو.“

”منهنجي ڳالهه سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو ۽ موٽي وڃو.“ هيءَ عورت سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿي.

”اسان ايترو اڳيان وڌي آيا آهيون جو هاڻ اسان لاءِ موٽڻ ناممڪن آهي. اسان کي غربت جو طرف ڏيکارڻ بدران يورپ ۾ ئي رهڻ ڏيو.“

”توهان جي ائين ضد ڪرڻ سان يورپ جي فوج توهان مٿان سخت قدم کڻڻ تي مجبور ٿي ويندي ۽ پوءِ انهن تي منهنجو وس هلي نه سگهندو ۽ آئون نٿي چاهيان ته دنيا خون خرابيءَ جون خبرون پڙهي. توهان کي اسين يورپ ۾ گهرائيندا رهنداسين پر ٿورا ٿورا ڪري، ضرورت مطابق، جيتري توهان غريب آفريڪن کي اسان اميرن جي پئسي جي ضرورت آهي، اوتروئي اسان کي توهان جي پورهئي جي ضرورت آهي، پر ائين ايڏي وڏي هجوم کي اسين هڪ ئي وقت پاڻ وٽ گهرائي نٿا سگهون. موٽي وڃو. مهرباني ڪري موٽي وڃو.“

”اسين هاڻ موٽي نٿا سگهون.“ غريب آفريڪن وراڻيو.

”جي نہ موٽندائو تہ يورپ جي ڌرتيءَ تي پير رکڻ سان هي يورپي ملڪن جي پوليس توهان تي گولي هلائيندي.“

”پلي هلائي. هونءَ بہ تہ اسين جيئري ئي مئن برابر آهيون.“ آفريڪن اڳواڻ پڪي ارادي سان وراڻي ۽ هيءَ هڪ دفعو وري ڪيس ٺڏي دل سان سوچڻ لاءِ چوي ٿي.

”مون کي پنهنجو دوست سمجهي ان ارادي تان لهي وڃون. توهان جي موت بعد توهان جي پوين کي ڪو فائدو رسڻ بدران نقصان ئي رسندو.“

”ڪيئن؟“

”هيڏي خون خرابيءَ بعد يورپ توهان جي ماڻهن لاءِ دروازا بند ڪري ڇڏيندو. هينئر ضرورت موجب جيڪو اسين توهان کي ٿورا ٿورا ڪري گهرايون پيا اهو سلسلو بہ بند ڪري ڇڏينداسين. يورپ ڊپ، خوف، نفرت ۽ ڌڪار جون ديوارون اڀيون ڪري ڇڏيندو ۽ توهان هميشہ لاءِ انهن پٽين جي ٻاهر ٿي ويندائو. اسين يورپي پنهنجو پاڻ کي ان ڪوٽ اندر بند ڪري ڇڏينداسين ۽ پوءِ اهو ٿورو گهڻو توهان جو اچڻ بہ بند ٿي ويندو.“

اڳواڻ ڪا ڳالهہ مڃڻ لاءِ تيار نہ آهي ۽ ايستائين موراڪو کان اسپين تائين سمنڊ جو ٽڪرو پار ڪري ٻيڙيون يورپ جي ڪناري تي پهچيو وڃن. هڪ ننڍڙو ٻار خوشيءَ مان پستول جو نڪاءُ ڪري ٿو ۽ ٻئي لمحي ”تارن جي

هار“European Community جي نشان واري ٽوپي وارو بيٺل سپاهي بندوق جو گهوڙو دٻائي ٿو ۽ گولي لڳڻ سان ٻار زمين تي ڦهڪو ڪري ٿو. ڇوڏاري لڪيل سوين يورپي فوجي سامهون اچي وڃن ٿا ۽ اتي فلم ختم ٿئي ٿي.

# ريل گاڏيون سمنڊ ڪيئن ٽپن ٿيون

ٻن هفتن ڪن لاءِ مون کي ۽ مختلف ملڪن کان آيل منهنجي ساٿين کي ناروي جي ڪجهه شهرن ۾ وڃي اتي جي ميريٽائيم Administration آفيس جي ڪم ڪار کي ڏسڻو هو، جيڪي جهازن جي ڪَلَ پرزن کان وٺي هلڻ چلڻ تي ڪڙي نظر رکن ٿيون.

هن کان اڳ اسان جو سڄو گروپ ناروي جي گاديءَ واري شهر اوسلو وڃي چڪو هو، پر هن ڀيري ٻن ٻن ڄڻن جا گروپ ٺاهي ناروي جي ڏورانهن ۽ ننڍن بندرگاهن ۾ اسان کي موڪلي رهيا هئا. جهڙوڪ: اسٽيونگر (Stavanger) برگن، هئگ سنڊ وغيره.

اسان جي ويجهي دوست يمن جي مبارڪ ۽ فلپين جي گِلبرٽ کي Haugesund وڃڻو هو ۽ ان کان مٿي اتر ۾ ناروي جيجابلو بندرگاهه اليسنڊ (Alesund)۾ مون کي وڃڻو هو. منهنجي گروپ جو ٻيو همراهه ٿائلينڊ جو سوتي چائي هو. اسين چارئي خوش هئاسين ته ڪنهن آفريڪن يا سائوٿ آمريڪن سان گڏ هجڻ بدران پنهنجي ايشيا کنڊ جي ماڻهوءَ سان ٿيا آهيون. ڇو جو ڪجهه به هجي وري به اسان ايشيا جي ماڻهن جون عادتون، ڪلچر، کاڌو پيتو، رسم و رواج

هڪبئي سان ڪافي ملي ٿو. ڏکڻ آمريڪا جي ملڪن: چلي يا پيرو، بولويا يا ارجنٽائنا جي ماڻهن جون ڪيتريون ئي ڳالهيون اسان لاءِ نراليون ٿيو پون ۽ اسان لاءِ گڏ رهڻ هڪ ٻئي لاءِ ڏکيو ٿيو پوي. ڪڏهن ڪڏهن غلط فهميون اسان ايشيا جي ماڻهن ۾ به ٿي پونديون آهن. جيئن ته مبارڪ جي عادت آهي ٻئي جي مٿي تي هٿ رکڻ يا چرچي چرچي ۾ ٻئي ڪي مٿي تي آهستي ڌڪ هڻڻ جيڪا اسان لاءِ ڪٽي اهڙي ڳالهه نه هجي پر ٿائيلينڊ جو سوتي چائي يا ڪو ٻيو ان تي بگڙيو پوي. ڇو جو ٿائي ڪلچر موجب ٻئي جي مٿي تي هٿ نه رکجي، جيڪا ڳالهه مبارڪ کي سمجهه ۾ نه ايندي آهي ۽ سوتيءَ جي دل ۾ ڪرڻ تي مبارڪ ويتر چڙ ڪندو آهي:"سوتي چائي! آهي ڇا؟ معمولي ڌڪ هڻڻ تي چڙيو پئين."

"تون مون کي ڳل تي ٿڦڙ هڻ. پٺن تي ڌڪ هڻ، پر مٿي تي هٿ به نه رک." سوتي چوندو آهي.

"ڇو ڀلا؟" مبارڪ چوندو آهي.

"مسٽر الطاف!" سوتي چائي اهڙن موقعن تي مون کي سڏ ڪندو آهي، "منهنجي انگريزي ڪمزور آهي مهرباني ڪري تون مبارڪ کي سمجهاءِ."

۽ پوءِ آئون مبارڪ کي ٿائي ڪلچر بابت ٻڌائيندو آهيان. "ٿائي هونءَ ماڻهو ڀلا آهن. صبر ۽ برداشت جو به ڏاڍو مادو

اٿن(ٻين لفظن ۾ توهان عربن وانگر جذباني ۽ چيڙاڪ نہ آهن) پر ڪي ڳالهيون ٿائي ماڻهو سخت دل ۾ ڪن ٿا. جهڙوڪ: مٿي تي هٿ لائڻ يا ٽنگ ٽنگ تي رکي بوٽن جو ترو هنن ڏي ڪرڻ، وغيره.“

بهرحال انهن ننڍين ڳالهين جي باوجود هڪ ايشيائي سان گڏ رهڻ ۾ ايتري تڪليف ۽ مونجهارو ناهي، جيترو ڏکڻ آمريڪي يا آفريڪا جي چاڊ، نائيجر، موزمبق يا ملاوي جي باشندي سان.

ناروي وڃڻ لاءِ هر گروپ کي شهرن مطابق مختلف وقتن جي اڏامن ۽ بحري جهازن جون ٽڪيٽون مهينو کن اڳواٽ مليون ۽ هر هڪ جي رهائش جو بندوبست پڻ ان شهر جي هوٽل ۾ يونيورسٽي وارن اڳواٽ ڪري ڇڏيو هو.

مون کي ۽ سوتي چائيءَ کي بس ذريعي گهر کان مالمو جي بندرگاهہ تائين اچڻو هو. جتان ستين بجي صبح ساڻ ڪوپن هيگن(ڊئنمارڪ) لاءِ هلندڙ هُوور-ڪرافٽ ذريعي ڪوپن هيگن هوائي اڏي تي پهچڻو هو. مالمو کان ڪوپن هيگن ۽ واپس مالمو (سئيڊن) ڪيترن ئي قسمن جا بحري جهاز سڄو ڏينهن ايندا ويندا رهن ٿا. هڪ تہ وڏيون فيريون آهن جن ذريعي ماڻهو ۽ ڪارون تہ ڇا سڄيون بسيون ۽ ريل گاڏيون بالٽڪ سمنڊ ٽپن ٿيون، انهن فيرين جي هيٺين ڊيڪ تي ريل جا پٽا فڪس ٿين. سندن اڳ ۽ پٺ جو مٿيون حصو

ڪڄيو وڃي ۽ فيريءَ جا پٺا بندرگاهه جي پٽن سان پچي بيهن. ريل گاڏي اسٽيشن کان هلندي بندرگاهه مان ٿيندي سڌو فيريءَ ۾ اندر گهڙي ويندي آهي. ڊئنمارڪ، جرمني، بيلجم يا پولينڊ جي بندرگاهن ۾ ساڳي بندوبست ذريعي ٻاهر نڪري ايندي آهي.

بسين يا ڪارن جي بيهڻ لاءِ ڪجهه مٿيرو ڊيڪ ٿئي ٿو ۽ فيريءَ جا سڀ کان مٿاهان Decks مسافرن جي رهائش، ريسٽورنٽ ۽ دڪانن لاءِ ٿين.

انهن وڏين فيرين کان علاوه ٻيون ننڍيون فيريون پڻ هلن ٿيون، جيڪي ٻه کان ٽي سئو ڪن ماڻهن کڻن. اهي فيريون Catamaran سڏجن ٿيون. اهي پني مان ٺاهيل ڪندي ٻيڙين وانگر ٿين. پر ڪين تري ۾ هڪ بدران ٻه ڪندا(Keels) ٿين. ان کان علاوه هوور ڪرافٽ هلن جيڪي خچر وانگر نه گهوڙا آهن ۽ نه گڏهه. اهي نه هوائي جهاز آهن ۽ نه پاڻيءَ جا جهاز بلڪ انهن کي وچ وارا جهاز چئي سگهجي ٿو.

هوور ڪرافٽ(Hoover Craft)جهاز پاڻي توڙي زمين تي بيهي سگهي ٿو پر هلڻ وقت سمنڊ کان اڌ ميٽر کن مٿي اڏامندو آهي. سندس ۽ سمنڊ جي وچ ۾ هوا جو ڦوڪڻو هوندو آهي. هوور-ڪرافٽ مالمو کان ڪوپن هيگن جي بندرگاهه ۾ آڻڻ بدران سڌو ايئرپورٽ تي اچيو ڇڏي.

سو ناروي جي ان ٿوئر لاءِ اسان کي مالمو کان هوور ڪرافٽ ذريعي ڪوپن هيگن ايئرپورٽ تي اچڻو هو جتان ڪلاڪ ٻن بعد اوسلو(ناروي) ويندڙ هوائي جهاز ۾ چڙهڻو هو. يمن جي مبارڪ ۽ فلپين جي گلبرٽ کي ٻه اوسلو تائين ساڳيو هوور ڪرافٽ ۽ جهاز وٺڻو هو ان بعد ڏار ڏار اڏامن ۾ اسان کي اليسنڊ ۽ هنن کي هيگ سنڌ روانو ٿيڻو هو.

# ڏارئين ناٽي مٽائڻ جو مسئلو

مالمو جي بندرگاهه ۾ صبح جو ستين بجي پهتاسين ته خبر پئي ته سوتي چائيءَ کي ڪو ضروري ڪم ٿي پيو سو هڪ ڏينهن اڳ لندن هليو ويو. فلپين جي گلبرٽ جي طبيعت خراب ٿي پوڻ ڪري سندس گروپ مان فقط مبارڪ موجود هو.

”هاڻ ته ٻئي اڪيلا اڪيلا بور ٿينداسين.“ مون مبارڪ کي چيو.” ان کان ته بهتر هو ته پاڻ ٻئي هڪ گروپ ۾ هجون ها.“

ڪوپن هيگن پهچي اسڪينڊينيوين ايئر سسٽم(SAS) جي دخل تان معلوم ڪيوسين، پر هنن ٻڌايو ته جنهن کي جنهن شهر ۾ اڏام جي ٽڪيٽ آهي ان کي اوڏانهن وڃڻو پوندو، جو هيءَ ٽڪيٽ نه واپس ٿي سگهي ٿي نه بدلائي سگهجي ٿي. ايتري قدر جو اسان جا ٻه ڪلاس ميٽ جيڪي پهچي نه سگهيا انهن جون ٽڪيٽون ضايع ٿيون. مبارڪ کي چيم ته هاڻ سڄو هفتو اڪيلو ٽوئر ڪرڻي پوندي.

ڪوپن هيگن کان اوسلو ڏي ويندڙ فلائيٽ ۾ اجان ڪلاڪ هو، سو وقت گذارڻ لاءِ مبارڪ ۽ آئون ڪوپن هيگن ايئرپورٽ جا چڪر هڻڻ لڳاسين جيڪو دڪانن ۽ شاپنگ

ڪان مشهور آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته هتي دڪان ۾ سامان جو تمام وڏو تعداد وڪامي ٿو- خاص ڪري سگريٽ، عطر، شراب، چاڪليٽ، پرس، واچون ۽ ڪپڙا وغيره، پر ڇا ته سندن قيمتون آهن. ڊيوٽي فري هوندي به هر شيءِ سنگاپور، ٿائليند، دبئي جي عام مارڪيٽن کان به مهانگي آهي. خبر ناهي ڪيئن اسان جا ماڻهو ولائتي عطر، جوراب، رومال، واچون، صابڻ هن ايئرپورٽ جي هنن ڊيوٽي فري دڪانن تان وٺي گڏ گڏ ٿي واپس وطن اچن ٿا. ان کان سستي اگهه ۾ شيون ته ڪراچيءَ جي موتن داس مارڪيٽ ۽ حيدرآباد جي ريشم گلي ۽ گل سينٽر ۾ ملن ٿيون.

مبارڪ کي چيم: ”تنهنجو دماغ توائي ٿي رهيو هوندو. تون بيئر چاڙهڻ جو سوچي رهيو هوندين.“

”نه.“ هن وراڻيو، ” اڪيلو پيئڻ ۾ مزو ناهي. گلبرٽ جهڙي جي ڪمپني هجي ها ته سٺو.“

۽ پوءِ ٿوري دير هيڏانهن هوڏانهن جهاتيون پائي، به دفعا ٽئاليٽ جا ۽ هڪ دفعو ڪافي هائوس جو ڦيرو ڪري چيائين:

”الطاف! اتي ئي وينو آهين نه ؟“

”ها-چو ؟ پڇيومانس.

”منهنجي بئگ جو خيال رک ته آئون اچان ٿو.“مبارڪ چيو ۽ پوءِ ڏهه پندرهن منٽن بعد موٽيو ته سندس هٿن ۾

پلاسٽڪ جا ٻه وڏا ٿيلها هئا جن ۾ ٻارهن کن بيئر جا ڊٻا ۽ هڪ ٻه وسڪيءَ جون بوتلون هيون.

”چو!“، مون وائڙو ٿي پڇيومانس، ”تو ته اجا هاڻ چيو ته هن ٽوئر ۾ نه پيئندين؟“

”بس گلبرٽ ته آيو ئي ڪونه. هاڻ آئون اڪيلو هوٽل جي ڪمري ۾ ويهي ڇا ڪندس. دل وندرائڻ لاءِ ڪجهه ته هجي.“

ٿوري دير هتان هُتان جون خبرون ڪري آئون اٿيس.

”ڪيڏانهن؟“ مبارڪ پڇيو.

”ناروي پيا هلون پر مون وٽ ناروي جا پئسا ته بنهه ناهن. ناروي پهچي ايئرپورٽ تي ڪو ونڻ نه اچي ته بس يا ٽئڪسيءَ جو ته ڀاڙو هجي. اليسنڊ جي ننڍڙي ايئرپورٽ تي ڪير پئسا مَٽي ڏيندو. تو وٽ آهن؟“ مون مبارڪ کان پڇيو.

”آئون (مالمو) سئيڊن مان ئي فوريڪس دڪان تان مٽائي نڪتس. بئنڪون سنو اگهه نٿيون ڏين.“ مبارڪ سامهون بئنڪ ڏي شڪل بڇڙي ڪندي چيو.

”اها ڳالهه ته صحيح آهي پر هاڻ اهو ڦاهو ڦڪڻ لاءِ اتان ٿو.“ مون چيو.

ٻٽونءَ مان پنج سئو سئيڊش ڪرونن جو نوٽ ڪڍي بئنڪ جي ڪئش تي ويٺل عورت کي پئسا مٽي ڏيڻ لاءِ چيم.

”پنج سئو سئيڊش ڪرونن جا نارويجن ڪرونا ڏي.“ ڪئشر عورت ڪئلڪيوليٽر تي حساب ڪري پنج سئو ڪرونن جي عيوض چار سئو ڪرونا ڏنا. سئيڊن ۽ ناروي جي ڪروني(روپئي) ۾ اوڏهين ويهن جو فرق ضرور آهي پر ايترو بہ ناهي جيترو انب ۽ آلو بخاري ۾ آهي.

”سئيڊن جي پنج سئو ڪرونن جا ٿيا. ڊئنمارڪ جا ٽي سئو نوي ڪرونا ۽ انهن ڊئنش ڪرونن جا ٿيا چار سئو ويهہ ناروي جا ڪرونا.“ هن خاتون حساب ڪري ٻڌايو.

”پر تو مون کي چار سئو ڪرونا ڏنا آهن؟“ مون پڇيو.

”ويهہ ڪرونا اسان جي ڪميشن ٿي. آخر ايئرپورٽ جهڙي مهانگي هنڌ تي ڏيتي ليتي وينا ڪريون، اسان کي بہ تہ ڪٿان خرچ پکو ڪڍڻو آهي.“ هن واپاري لهجي ۾ ٻڌايو.

”پر سئيڊن جا پئسا سنئون سڌو ناروي جي پئسن ۾ بدلائڻ بدران ڦيرين ڊئنمارڪ جي پئسن ۾ ڇو بدلائي؟“ مون اعتراض ڪيو. مجال ٿو تہ مون ڪا وڏي رقم نہ پئي بدلائي. ۽ جتي منهنجي اڳيان ڪيترائي ماڻهو نوٽن جو ٿهيون بدلائي پئي ويا، اتي منهنجو اڪيلو سڪيلڌو پنج سئو ڪرونن جو نوٽ ڇا حيثيت رکي ٿو! پر مون غريب لاءِ تہ پنج سئو ڪرونا يعني پاڪستاني اڍائي هزار رپيا وڏي ڳالهہ هئي. مرتا ڪيا نہ ڪرتا وانگر سڀني ايئرپورٽ تي پئسا مٽائڻ جو اهو ئي واحد هنڌ هو ۽ پئسا مٽائڻ بہ ضروري هئا.

سو هي تہ چا انهن جو اڌ ڏئي تہ بہ مرڪي ونڌا هئا. پر ساڳي وقت معلوم ڪرڻ جو حق بہ رکيم ٿي تہ هن عورت ايڏو اٽانگو حساب ڇو ڪيو آهي.

”هڪ ملڪ جو ناڻو ٻئي ملڪ جي سڪي ۾ بدلائڻ ڪان اڳ اسان کي پنهنجي ملڪ جي ناڻي ۾ بدلائڻ ضروري آهي. اهو اسان جي ملڪ جو قانون آهي.“ هن مرڪندي ٻڌايو. پوءِ ڪئلڪيوليٽر مشين مان نڪتل پني تي ڇپيل بل ڏي اشارو ڪندي چيو:

”۽ هي جيڪي ڏهہ ڪرونا ڪٽيا اٿم اهي ان جي ڪميشن آهي.“

”ڏاڍي ٻڌائي“، مون بہ کلندي چيو مانس. ” يعني ڪايا پيا ڪچ نهين، گلاس توڙا باره آنا“ وارو حساب ٿيو. گذريل هفتي مون توکان جڏهن سئيڊن ۽ ڊئنمارڪ جي ناڻي جو اگهہ پڇيو هو تہ ان وقت تہ ٿو ڪجهہ ٻيو ئي ٻڌايو هو.“

”اسان جا هميشہ بہ اگهہ آهن. هڪ خريد ڪرڻ جو ۽ ٻيو وڪڻڻ جو.“ هن ٻڌايو.

”اهو تہ نسوروئي يهودين وارو حساب ٿيو، جنهن جي ڪنهن ٻار کان پڇيو ويندو آهي تہ، ٻہ ۽ ٻہ گهڻا ٿيا، تہ وراڻيندو:”جي ڏيڻا اٿم تہ ٽي ۽ جي ونڻا اٿم تہ پنج.“

اسين ڪلڻ لڳاسين. شيشي جي پتين پويان پري کان مبارڪ هٿ جي اشاري سان پڇيو ته ڪهڙي ڳالهه آهي. ڪيس هٿ جي ئي اشاري سان ورندي ڏنم ته ڪا ڪانهي. اچان پيو.

”خبر اٿئي“، عورت چيو، ” اجان ته رڳو ڪميشن ڪٽي اٿم. ان تي لڳندڙ سرڪاري ٽئڪس نه ڪٽيو اٿم. ٻڌڻ ۾ اچي پيو ته ٻئي سال کان ٽئڪس به ڪٽڻو آهي. سرڪار بئنڪن ۾ ناڻو مٽي ڏيندڙ ايجنسين تي ٽئڪس هنيو آهي، سو ظاهر آهي اسان پنهنجي کيسي مان ته نه ڏينداسين. گراهڪ کان ئي وٺنداسين.“

مون هارايل جواريءَ وانگر مليل سئو سئو جا چار نوٽ سڌا ڪري ٻٽوڻ ۾ وڌا. ”منهنجي خيال ۾ آئون هتان جلد غائب ٿي وڃان نه ته هتي بيهڻ جي مسواڙ به ڪٽي وٺنديءَ جيڪي ڏنو اٿئي ان کي رب جي رضا سمجهي راضي ٿي وڃان. ڪٽي ڪڪڙ واري مائيءَ جو حال نه ٿئي.“

مون کيس ان ڪڪڙ واري مائيءَ جي ڳالهه ٻڌائي جيڪا حج تي وڃڻ کان اڳ پنهنجي ڪڪڙ پاڙي واري ساهيڙيءَ وٽ ڇڏي وئي. ڇئن مهينن بعد موٽي اچڻ تي پاڙي واريءَ کيس ڪڪڙ موٽائي ڏيڻ کان پڙ ڪدي بيني. ڇي تنهنجي ڪڪڙ جي سار سنڀال تي جيڪو منهنجو خرچ آيو آهي ان جي حساب ۾ مون ڪڪڙ رکي آهي.

”اهو وري ڪيئن؟“ حَج تي وڃڻ واريءَ عجب مان پڇيو.

”تنهنجي ڪڪڙ ڪي روزانو جيڪا آن مٺ ڪارائيندي هيس سا هڪ روپئي جي تہ ضرور ٿيندي. ان حساب سان تنهنجي ڪڪڙ مهيني ۾ منهنجو ٽيهين روپئي جو اَنُ ڪائيندي هئي ۽ چئن مهينن ۾ سندس ڪاڌل اَنُ هڪ سئو روپين ڪان بہ مٿي ٿي ويو. سو هاڻ يا تہ پنهنجي چالهين روپئي جي ڪڪڙ واپس وٺڻ جي پچر ڇڏ يا منهنجو خرچ هڪ سئو ويهہ روپيا پيري ڏي. اجان تہ تو ڪان ونيون صاف ڪرڻ جي مزدوري نٿي وٺان.“

”سو هاڻ تو بہ جيڪي ڏنو آهي اهو خوش ٿي وٺي تو ڪان ڪلي موڪلايان نہ تہ ماڳهين ٻيا حساب نہ ڪدي ويهين.“

# هر ايئرپورٽ تي پاڪستانيءَ لاءِ مسئلو

ڪوپن هيگن ايئرپورٽ تي مَني چئنجر جي دڪان مان ٻاهر نڪتس ته مبارڪ واچ ڏي اشارو ڪري سامهون لڙڪيل ٽيليويزن سيٽن جي Screen ڏي اشارو ڪيو، جن تي هر اڏام جو نمبر، ٽائيم ۽ گيٽ نمبر اچي رهيو هو ته ڪهڙي دروازي وٽ ڪهڙي اڏام وارو هوائي جهاز بيهندو جيئن مسافر اوڏانهن روانا ٿين. ڪوپن هيگن هوائي اڏو هن تر ۾ سڀ ۾ وڏو اڏو آهي. يورپ جي مختلف ملڪن يا ٻين کنڊن ڏي ويندڙ، توڙي ڊئنماڪ جي مختلف شهرن ۽ اسڪينڊينيوين ملڪن ڏي ايندڙ مسافرن جو لنگهه هتان ٿئي ٿو. ان لاءِ هوائي ڪمپنين توڙي مسافرن جي مختلف ضرورتن لاءِ گهٽي ڪان گهٽو بندوبست ٿيل آهي. جهڙوڪ جهازن جي مرمت. ٻارڻ لاءِ تيل(Octane)جي خريداري، رهائش لاءِ هوٽلن جي گهٽائي، تار، فئڪس، فون(Communication) ۽ شاپنگ جو بندوبست وغيره ٿيل آهي. نتيجي ۾ هر ننڍي توڙي وڏي فلائيٽ هتي ڪوپن هيگن اسٽاپ ڪرڻ چاهي ٿي. ٻين لفظن ۾ ڪوپن هيگن جو ايئرپورٽ ڪوٽڙي يا روهڙي جنڪشن آهي. جتان مسافر آسانيءَ سان نه فقط ريلون بدلائي سگهن ٿا پر بسين ۽ ٽانگن ذريعي ماتلي، مٽياري، حسين آباد،

وحدت ڪالوني، ملڪ پاڙو ۽ شيدي پاڙو جهڙن هنڌن ڏي آرام سان روانا ٿيو وڃن.

اسان کي اوسلو ڏي ويندڙ اڏام جو وقت معلوم هو پر اليڪٽرانڪ بورڊ ذري ذري ڏسڻو پيو ٿي ته ڪهڙي دروازي تان مسافر چڙهندا. ڪوپن هيگن جي ايئرپورٽ تي چاليهه ڪن دروازا ۽ مسافرن جي وهڻ لاءِ اوترائي انتظار گاهه آهن، جتان هو پنهنجي پنهنجي هوائي جهاز ۾ چڙهي پنهنجي پنهنجي منزل ڏي روانا ٿي سگهن ٿا.

”ذري ذري اليڪٽرانڪ بورڊ ڏي اسان کي ڏسڻ جي تڪليف ڏيڻ بدران، ايئرپورٽ وارا انائونس ڇو نه ٿا ڪن؟“ مبارڪ چيو.

”ڳالهه ته واهه جي ڪئي اٿئي. اٿي بيهي ڏسڻ بدران هتي ويٺي ويٺي معلوم ٿي وڃي ها.“ مون وراڻيو مانس پر پوءِ حساب لڳايم ته هر اڏام جي اچڻ ۽ وڃڻ جو فقط هڪ دفعو به اعلان ڪيو وڃي ته مسافرن لاءِ ايئرپورٽ تي ويهڻ عذاب ٿي وڃي. ڇو جو هر ڪلاڪ ۾ ٽيهه ڪن اڏامون اچن ۽ وڃن ٿيون. هڪ اعلان تي جي منٽ ڏيڍ به لڳي ته ان جو مطلب اهو ٿيو ته لائونڊ اسپيڪر تان هڪٻئي پويان رڳو اعلان ٿيندا رهن.

اسان جي Oslo(ناروي) لاءِ اڏام سادي ڏهين بجي هئي ۽ ڏهين کان سادي ڏهين تائين ڪوپن هيگن جي ايئرپورٽ تان مختلف هنڌن ڏي اڏامون (Departure)هن ريت هيون:

بخارا ست (رومانيا)، اسٽاڪهوم (سئيڊن)، لنڊن (انگلينڊ)، مانچسٽر (انگلينڊ)، پئرس (فرانس)، هيلسنڪي (فنلينڊ)، هئمبرگ (جرمني)، فرئنڪفرٽ (جرمني)، گلاسگو (برطانيا)، لسبن (پورچوگال)، گوتابرگ (سئيڊن) ۽ اوسلو (ناروي)- جنهن ۾ اسان کي وڃڻو هو ۽ اهڙيون پندرهن کن اڏامون ان اڌ ڪلاڪ ۾ اچڻيون (Arrivals) هيون.

پوري سادي ڏهين بجي SAS جي جهاز ڪوپن هيگن کان Take off ڪيو ۽ ڪلاڪ بعد اوسلو هوائي اڏي جي Run Way تي لٿو.

”جيترو هوائي جهاز جو سفر ٿئي ٿو ان کان ٻيڻو وقت هوائي اڏن تي پهچڻ ۽ انتظار ۾ گذري ٿو.“ مبارڪ چيو.

”هائو. صبح جو ڇهين بجي گهران نڪتا آهيون ۽ ٻارهن ٿا ٿين پر اڃا اوسلو مس پهتا آهيون. ڇهه ڪلاڪ ته ٿي ويا. ان کان مالمو کان بس ۾ چڙهون ها ته اڌ خرچ ۾ هن کان به اڳ منزل تي پهچي وڃون ٿا.“ مون وراڻيومانس.

”هاڻ وري ٻي فلائيٽ لاءِ هتي به ڪلاڪ انتظار ڪرڻو پيو آهي.“ مبارڪ چيو.

”تنهنجي تہ ٻن ڪلاڪن بعد ٻي بجي Haguesund لاءِ اڏام آهي. منهنجو سوچ تہ مون کي تہ پنج ڪلاڪ هتي انتظار ڪرڻو آهي. جو جنهن شهر (اليسند) مون کي وڃڻو آهي ان جي اڏام پنجين بجي آهي.“

ڪوپن هيگن کان اوسلو تائين هوائي جهاز ۾ ڪافيءَ جو ڪوپ ۽ سئنڊوچ مليو، جيڪا پنير ۽ گوشت جي سنهي تهہ جي نهيل هئي. ايئرهوسٽس کان گوشت جي پڇا ڪئيسين.

”پورڪ ناهي باقي تي سگهي ٿو بيف يا ڪو ٻيو گوشت هجي.“ هن وراڻيو.

اتي چيف اسٽيورڊ اچي لنگهيو تنهن ٻڌايو تہ ان ۾ ترڪي (ڪڪڙ) جو گوشت آهي.

مبارڪ ان وقت باٿ روم ۾ ويل هو، موٽي اچڻ تي ڪافيءَ جو ڍڪ پري سئنڊوچ لاءِ پڇائين تہ آيا کائبي يا نہ.

”منجهس خنزير ناهي. ترڪي آهي. چئين تہ وري پڪ ڪريون.“ مون چيومانس.

”هاڻ تہ مون چڪ بہ هڻي ڇڏيو. بس ذري چا پڇبو.“مبارڪ چيو.

”صحيح ٿو چوين. اسان جي ان بابت گهڻي پُڇ پُڇ تي هتي جا ماڻهو ڪاوڙجن ٿا. هونءَ پڇڻ جو اهو بهتر طريقو نہ آهي. مالمو ۾ اسان جي پاڙي ۾ رهندڙ هڪ پاڪستاني

همراهه وزير سومري مونکي ٻڌايو ته اهڙن موقعن تي هو هميشه هنن کي ٻڌائيندو آهي ته هو پورڪ کان الرجڪ آهي.“

اوسلو تائين ڪا خاص ڳالهه نه ٿي، بس لهڻ وقت جيڪا ايئرپورٽ تي اسان غير گورن ۾ خاص ڪري پاڪستان، بنگلاديش ۽ يمن جهڙن غريب ملڪن جي ماڻهن سان وٺ پڪڙ ٿيندي آهي اهو ئي ٿيو. پريل بيڙيءَ ۾ واٽئي جو ڪولو ڳرو. سئو سوا سئو مسافرن جي قطار مان اميگريشن وارن مون کي ۽ مبارڪ کي سڏ ڪيو جو ٻيا سڀ اڇي ڪل ۽ يورن وارن وارا هئا. ويتر جو خبر پين ته پاڪستاني آهيان ته منهنجي پاسپورٽ جو هڪ هڪ صفحو ڪري ڏسڻ لڳا ته متان غيرقانوني طرح سندن ملڪ ۾ گهڙي رهيو هجان ۽ هڪ دفعو گهمڻ بهاني گهڙي پوءِ چوان ته احمدي (قادياني) آهيان يا پيپلز پارٽيءَ جو ماڻهو آهيان واپس وطن نه ويندس جو مون کي اسان جي حڪومت ماري ڇڏيندي.

ان قسم جا ڪيترائي مثال ملندا. اصل ۾ احمدي يا پيپلز پارٽي جي غريب ورڪرن ضيا توڙي نواز شريف جي ڏينهن ۾ پنهنجي وطن ۾ ئي ڏکي زندگي پئي گذاري. ڪيترائي موقعي پرست پاڻ کي احمدي يا ٻئي ڪنهن مظلوم طبقي جو چورائي، ڪوڙا سچا ظلم جا داستان ٻڌائي ڌارين ملڪن جي Citizenship وٺي ويا ٿي. سندن انهن ڳالهين مان حڪومت

۽ ملڪ جي بدنامي ٿئي ته پلي ٿئي، پر کين ولائت ۾ رهڻ جو موقعو ملڻ کپي.

هڪ سيالڪوٽ جو همراهه آمريڪا ۾ مليو. سڄو ڏينهن پيپلزپارٽي کي گاريون ڏيندو هو. پوءِ خبر پيئي ته هو پاڻ، زال ۽ ٻارن سميت اهو چئي آمريڪا ۾ رهيل آهي ته هو پيپلز پارٽي جو ماڻهو آهي ۽ ضيا جي حڪومت ڪان هن کي موت جو ڊپ آهي.

سو اهڙي قسم جا موقعي پرست ماڻهو گهٽائي ملندا، جيڪي جنهن جو نالو استعمال ڪري فائدو وٺن ٿا ان کي سڄ سماءَ به نه هوندي ته سندس نالي کي ڪيڏو غلط استعمال ڪيو پيو وڃي. هو پنهنجي معمولي فائدي لاءِ ملڪ ۽ قوم کي ذليل ڪندي ويرم نٿا ڪن. ايتري قدر جو پنهنجو دين ڌرم به بدلايو ڇڏين. ظاهر آهي ته ان ملڪ جا ماڻهو جتي ڪٿي شڪي نگاهن سان ڏٺا وڃن ٿا، پوءِ انهن ۾ ڪٿي ڪجهه ايماندار ۽ قانون جي عزت ڪرڻ وارا به هجن.

# اوسلو جي هوائي اڏي تي انتظار

اوسلو جي ايئرپورٽ تي اميگريشن مان جان ڇڏائيسين ته ڪسٽم وارن بئگ کولي هڪ هڪ شيءِ جانچي ڏٺي. مبارڪ کي چيم:

”ڏٺئه. اجان تو پئي چيو ته گهران پوڳاڙو يا ڇٽن جو حلوو نهرائي ڪٽي هلون. هتي جي ڪسٽم ڊپارٽمينٽ کي ڪهڙي خبر ته اها ڪائڻ جي شيءِ آهي. جيسين ان جي Chemical Analysis ٿئي، تيسين ان کي چرس يا هيروئن سمجهي يا ڪا ٻي نشي جي شيءِ جو اعلان ڪري پاڻ کي بدنام ڪن ها. ان ڪري هڪ پاڪستانيءَ جي حيثيت ۾ هر ڪم سوچي سمجهي ڪرڻو پوي ٿو جو پوءِ اجايو ايئرپورٽ تي اتي جو عملو غلط فهميءَ ۾ پوي.“

ناروي جي بين الاقوامي ايئرپورٽ تان نڪري Domestic Flight واري حصي ۾ آياسين. مبارڪ جي اڏام جو گيٽ نمبر ظاهر ٿي چڪو هو سو هو خدا حافظ چئي سورهين نمبر گيٽ ڏي روانو ٿيو. جتان کيس ساڳي ڪمپني SAS جو هڪ ننڍو جهاز هيگ-سنڊ وني روانو ٿيڻو هو.

مون کي ناروي جي ايئر ڪمپني Baathens جي هوائي جهاز ذريعي پنجين بجي اوسلو کان اليسنڊ روانو ٿيڻو هو.

چار پنج ڪلاڪ ايئرپورٽ تي گذارڻ لاءِ ڪنڊ ۾ رکيل صوفا سيٽ تي پٿل ماري وينس. ڪڏهن ڪڏهن وقت ڏاڍو انگهي پوندو آهي. هينئر تہ هونءَ بہ ڏکيو وقت هو جيڪو نارمل نموني سان گذرڻ ۾ ئي چني پٽي رهيو هو.

وقت گذارڻ لاءِ ڪجهہ وقت دريءَ کان ٻاهر برف باريءَ جو نظارو ڏسندو رهيس تہ ڪجهہ وقت ڪنهن اڏام مان لٿل يا ان ڏي ويندڙ رنگا رنگ مسافر ڏنم تي. يا وري اوسلو جي ايئرپورٽ ڪي ٻهاري ڏيندڙ ۽ ڪچري جا ڊٻا خالي ڪندڙ پاڪستاني مردن ۽ ماين ڪي ڏنم تي. ڏکڻ وارن ۽ ڳچيءَ ۾ لڙڪيل سوني تند سان هو پوچي سان ايئرپورٽ جو فرش بہ صاف ڪري رهيا هئا تہ رکي رکي پاڻ ۾ پنجابيءَ ۾ ڳالهائي رهيا هئا. هڪ ٻن سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪيم. پاڻ ڪنهن نندي ڳوٺ کان ٻن ٽن سالن کان هتي رهيل آهن. کين انگريزي يا اردو بہ چڱي طرح نٿي آئي پر بيحد خوش هئا جو کين مهيني ۾ پاڪستاني ڏهہ پندرهن هزار رپين جيترا ناروي جا ڪرونا پگهار طور مليا ٿي- جنهن پگهار جيترو پئسو ٽرَ جو تپيدار يا ڳوٺ جو زميندار پلي فصل مان بہ نٿو ڪمائي سگهي. نہ هنن ۽ نہ مون ان حقيقت ڪي آندو تہ پاڪستان ۾ ڊبل روٽي نائين ڏهين روپئي ملي ٿي ۽ هتي اسي نوي روپئي. پاڪستان ۾ مهانگا مهانگا پٽاٽا بہ

ڏهين روپئي سير آهن. هتي چار تولا تور جا Potato Chips سئو روپئي جا آهن.

پر ۾ وينٽل هڪ نارويجن(ناروي جي همراهہ) کي هن برف باريءَ تڏ ڏي اشارو ڪندي چيم:”مئي جو مهينو هلي رهيو آهي. هتي اونهارو ڪڏهن ايندو آهي؟“

”هي اونهارو تہ آهي. اسان وٽ اونهاري ۾ هيءَ موسم هوندي آهي ۽ ٽيمپريچر واڌو پنج تائين رهي سياري ۾ تہ ڪاٽو ڏهہ ڪان بہ وڌيڪ تڏ هوندي آهي.“

مس مس هڪ ڪلاڪ گذريو. ذري ذري واچ ڏسي ايئرپورٽ جو گهڙيال ڏنم تي جو شڪ ٿي ٿيم تہ ڪٿي واچ بيهي تہ نہ رهي آهي. ٿيلهو کولي ڏنم تہ ڪا اهڙي شيءِ ڪتاب يا اخبار رسالو هجي جيڪو وقت گذارڻ لاءِ پڙهجي. شيونگ جو سامان، ٽوٿ برش ۽ پيسٽ، پاسپورٽ، واپسي جون ٽڪيٽون، هڪ فالتو پڙهڻ جو چشمو، اليسنڊ ۾ بہ هفتا رهڻ جو روزمره جو پروگرام، ڪجهہ اڇا پنا ۽ انهن جي وچ ۾ پنهنجو ئي لکيل ڪتاب Proverbs of Far East جيڪو اليسنڊ جي آفيس باس لاءِ ڪنيو هوم ۽ نيوفيلڊس پبليڪشن طرفان تازو ڇپيل ڪتاب ”اوهريا جي عميق ڏي“ هو. ڪتاب ڪڍي ڪجهہ صفحا اٿلايان ٿو. اديب پنهنجو ڪتاب ڏسي خوش ٿيندو آهي پر هن ڪتاب جي سادي ڇپائي، چنجها فوٽا، هيڪاندي گهٽي قيمت- مون جهڙي ليکڪ کي خوشيءَ

بدران مايوسي ڏني ٿي. ڪيس وري واپس ٿيلهي ۾ رکان ٿو. ٿيلهي جي پاسي واري ڪيس ۾ جاڳو اخبار جون ڪٽنگس ڏسي دل بهار بهار ٿي وئي، جيڪي ڪراچيءَ کان ڪنهن موڪليون هيون. ٿي سگهي ٿو هونءَ انهن کي ايڏو غور سان نہ پڙهان ها، پر هاڻ نہ فقط انهن جو اکر بہ اکر پڙهڻ لڳس پر انهن جي پٺِ تي آيل اڌ ڳابريون خبرون، مضمون ۽ اشتهار پڻ پڙهڻ لڳس.

مس مس وقت اڳتي رڙهيو. چئين بجي ڌاري ٻارهين نمبر دروازي ڏي آيس، جتان ڪلاڪ بعد منهنجي اڏام اليسنڊ وڃڻي هئي. اليسنڊ هڪ ننڍڙو ٻيٽ نما مهاڻن جو ڳوٺ آهي. هتي جا ڳوٺ بہ شهرن وانگر ماڊرن آهن. اوسلو کان هن دور دراز ڳوٺ ڏي منهنجو وڃڻ ائين هو جيئن ڪنهن ناروي جي باشندي لاءِ پاڪستان پهچي ڪراچي کان مني يا چاچري وڃڻ. ان اڏام لاءِ انتظار گاهہ ۾ سمجهو تہ سڀ چاچري جا همراهہ وينا هئا ۽ مون کي وائڙن وانگر سوالي نظرن سان ڏسڻ لڳا تہ آئون ڪير آهيان ۽ اليسنڊ ڇو هلي رهيو آهيان! ڪجهہ دير بعد پر واري همراهہ کان اليسنڊ جو پڇيم تہ ايئرپورٽ کان وچ شهر ڪيترو پري آهي ۽ ائٽلانٽڪ هوٽل، جنهن ۾ منهنجي رهائش جو بندوبست ٿيل هو، وچ شهر کان ڪيترو پري آهي ۽ Ship Control آفيس، جتي ايندڙ هفتا مون کي ڪم ڪرڻو آهي، ڪٿي آهي.

هن منهنجي سوالن جا مختصر جواب ڏنا جو هن پاسي- ناروي توڙي سئيڊن جي ٻين ماڻهن وانگر هي به گهٽ ڳالهائو ۽ ٻين سان گهرا نه ٿيڻ جا عادي آهن، سو چپ ڪري ويهي رهيس. پنجين ٻجي جهاز ۾ ويهڻ لاءِ چيو ويو. ان وقت هتي جي گورن ماڻهن کان علاوه هڪ پاڻ جهڙو هوائي جهاز ۾ چڙهندو ڏٺم. پاڻ جهڙي رنگ روپ جو ڏسي اندازو لڳايم ته پاڪستان، هندستان جو آهي، يا وري مالديپ يا موريشس ٻيٽ جو ڪو ڪوجوبوهري يا گجراتي هوندو. قد ۾ ڪجهه ڊگهو ۽ رنگ ۾ ٿورو صاف هو ان ڪري بنگلاديش يا سريلنڪا جو نٿي ٿي سگهيو.

هوائي جهاز ۾ چڙهڻ وقت توڙي سفرر دوران هڪ ٻه دفعا دل ۾ آيو ته ساڻس ڳالهايان پر هڪ ته تمام گهڻو ٿڪل هوس ۽ ٻيو ته ان سفر ۾ آئون عجيب مايوسيءَ (Depression) جو شڪار ٿي پيو هئس ته اڪيلو ئي اڪيلو اتر قطب ڏي، دنيا جي آخري ملڪ ناروي جي وڏي شهر اوسلو کان سوين ميل پري اتر ۾ وڃي رهيو آهيان، جتي جي ميزبان طرفان ڪا خاطري (Confirmation) نه ملي آهي ته آيا منهنجو آڌرياءُ ڪيو ويندو يا پهچي دربدر ٿي ويندس. ان ڳالهه جو سوچي في الحال اخبار لاءِ لکڻ پڙهڻ جا شوق سڀ ڇڏائي ويا ۽ اچي ساهه جي لڳيم ۽ واقعي ٿيو به ائين،

ايئرپورٽ تي ونڻ لاءِ ڪير بہ نہ آيو، جنهن بابت اڳتي هلي لکان ٿو.

بهرحال ڪلاڪ جي اڌام بعد ڇهين بجي هوائي جهاز اليسنڊ پهتو. اوسلي واري برف باري ختم ٿي چڪي هئي پر هوا لڳڻ ڪري سخت سيءَ جو راڄ هو. چوڌاري سمنڊ ۽ جبلن جي چوٽين تي گڏ ٿيل برف تي سج جا ڪِرڻا پوڻ ڪري چمڪ پيدا ٿي رهي هئي. شام جا ڇهہ ٿي چڪا هئا، پر اجا سج مٿيرو هو، خط استوا وٽ اونهاري توڙي سياري ۾ ڏينهن رات هڪ جيڏو ٿئي پر جيترو اتر قطب ڏي وڌبو اوترو اونهاري جو ڏينهن وڏو ٿيندو ويندو. ناروي اتر ۾ آخري ملڪ آهي ۽ اليسنڊ، ٽرنڊام، بوڊه ناروي جا شهر اڃا بہ اتر طرف آهن، جتي اڄڪلهہ ساڍي انين بجي سج لهي ٿو ۽ اڃا تہ مئي جي شروعات آهي، جون جولاءِ ڌاري ڏينهن اڃا بہ وڏو ويهہ ٻاويهہ ڪلاڪن جو ٿئي ٿو ۽ سج ڏهين يارهين بجي ڌاري لهي بہ ٿي ڪلاڪ رات جي اونداهي ٿيڻ بعد وري هڪ ٻي بجي ڌاري سج اڀري ٿو.

جهاز مان نڪري ايئرپورٽ تان سامان کڻي ٻاهر نڪتس، ڪجهہ ٽئڪسيون ۽ بسون بيٺيون هيون. ٽئڪسيءَ جو نالو ونڻ نہ ٿي چاهيم، جيتوڻيڪ اوسلو ايئرپورٽ تي نارويجن ٻڌايو تہ هوٽل تمام ويجهي آهي ۽ ٽئڪسي وارو بہ اڍائي سو ڪرونا مس وٺندو، پر اهي بہ اڍائي سئو يعني

اسان جا هزار رپيا ڪن هن لاءِ ضرور ٿورا هوندا پر مون لاءِ بس جي ٽڪيٽ بہ تمام گھٽي هئي. بهرحال پنجونجاهہ ڪرونا بس تي خرچ ڪري هوٽل ۾ پهچڻ ۾ بهتري سمجهيم. پر سوال هو تہ ڪهڙي بس ۾ چڙهجي؟ نقشي ۾ توڙي سامهون اڪين اڳيان ٿي منهوڙي جيڏا وڏا ٻيٺ نظر اچي رهيا هئا، انهن مان ڪهڙي تي هوٽل ۽ آفيس آهي، جتي مون کي وڃڻ کپي.

گھران (مالمو-سئيڊن) مان نڪرڻ وقت اهو عقلمندي جو ڪم ڪيو هوم جو اليسنڊ (ناروي) جي هوٽل ۽ آفيس جي ايڊريس ۽ فون نمبر ٻن پنن تي لکي هڪ ٻٿونءَ ۾ ۽ ٻيو بئگ ۾ وجهي ڪنيو هوم، جيئن هڪ گم ٿي وڃي تہ ٻيو پنو تہ هجي ۽ ايئرپورٽ تي ڪا پهر ونڻ لاءِ نہ اچي تہ پاڻهي همت ڪري منزل تائين پهچي سگهجي. مون ٻٿونءَ مان ايڊريس ڪڍي پر مان لنگھندڙ نارويجن کان پڇيم، پر هن کي ايتري انگريزي نہ ٿي آئي جو مون کي سمجهائي سگهي. سامهون ڏنم تہ پاڻ جهڙو ايشين جيڪو مون سان گڏ هوائي جهاز ۾ هو اجا ايئرپورٽ جي بلڊنگ ۾ موجود هو. هو پنهنجي سامان اچڻ جو انتظار ڪري رهيو هو، هڪ بئگ اچي چڪي هيس، جنهن تي لڳل سجاٽپ ڪارڊ تي ”ممبئي-ڪوپن هيگن-اوسلو-اليسنڊ“ لکيل هو، يعني هو ممبئيءَ کان اچي رهيو هو ۽ هن وقت منهنجو مسئلو ۽ مون

کي منزل جو ڏس پتو ان قسم جو ئي ماڻهو ڏئي سگهيو ٿي.

مون تہ سمجهيو تہ دنيا جي هن ڪنڌ پاسي ۾ آئون پهريون ننڍي ڪنڌ جو ماڻهو هوندس، پر هن همراھ ٻڌايو تہ هو هتي ٻاويهن سالن کان رهيل آهي ۽ ممبئي جو سنڌي آهي. ساڻس سنڌيءَ ۾ خير عافيت ڪري هوٽل جو ڏس پتو پڇيم.

”ٻہ منٽ ترس- منهنجو سامان اچي وڃي تہ ٻاهر هلي ٻڌايائين ٿو.هو پڻ سخت ٿڪل هو. ظاهر آهي ڪوپن هيگن کان هيستائين تہ ڪيس مون وانگر ٻارهن ڪلاڪ ٿيا هوندا ۽ ممبئي کان ڪوپن هيگن پهچڻ ۾ گهٽ ۾گهٽ ڏهہ ڪلاڪ ڪن ٻيا لڳا هوندس.

ٻاهر نڪري هن هتي جي نارويجن زبان ۾ بس ڊرائيورن کان منهنجو ڏس پتو ۽ بس نمبر معلوم ڪري مون کي ٻڌايو.

”آئون اليسنڊ کان ٻہ پري هڪ ننڍڙي ڳوٺڙي ۾ ٿو وڃان، جنهن لاءِ مون کي ٻي بس وٺڻي پوندي. تون هن ۾ وڃ.“ هن مون کان موڪلايو ۽ ان ئي وقت ڪيس ياد آيو.

”پاڻ هڪ ٻئي جو نالو تہ پڇيو ڪونہ.“

اسان ٻنهي هڪ ٻئي کي ايڊريس ڪارڊ ڏيڻ چاهيا ٿي پر ان وقت نہ هن کي سنڌس ڪارڊ ملي سگهيو نہ مون

ڪي ۽ نه وري ڪا Pen ملي سگهي جو هڪ ٻئي جا فون نمبر لکجن.

"منهنجو نالو گل آهوجا آهي، بس "گل" ياد رکجانءِ ڪافي آهي. جڏهن به واندڪائي ملنئي ته مون وٽ گهمڻ اچجانءِ. فون ڪجانءِ ته اچي وٺي ويندو سانءِ، منهنجو فون نمبر چاليهه پنجهتر هڪ آهي" هن جلدي ۾ ٻڌايو جو بس اسٽارٽ ٿي چڪي هئي.

مهرباني، زندگي رهي ته ضرور ملاقات ٿي ويندي" مون هٿ لوڏي موڪلايو مانس.

# جهاز لاءِ هڪ ضروري ٽيسٽ

اليسنڊ (ناروي) ۾ پهرين ڏينهن اسان کي هڪ ننڍي جهاز جو Inclination Test وٺڻو هو. ان لاءِ هتي جي شپ ڪنٽرول آفيس جو سرويئر مسٽر ڊرونين مون کي نائين بجي صبح جو پنهنجي پراڻي فاڪس وئگن ڪار ۾ هوٽل کان وٺي هليو.

سڄي اليسنڊ شهر ۾ ڊرونين جي پراڻي ۾ پراڻي ڪار آهي ۽ سڄي شهر ۾ اها ئي هڪ فاڪس وئگن ڪار نظر اچي ٿي. ڪار ايتري ته پراڻي ۽ ڍانچو ٿيل آهي جو سيٽ بيلٽ جو ڪنڊو ئي ڪٽجي ويو اٿس، هر دفعي ويهڻ مهل وڏن مشڪلن سان اهو بيلٽ لاڪ ٿئي ٿو ۽ کُلڻ تي ڊرونين ۽ آئون خوش ٿيندا آهيون ته هڪ ڪارنامو سرانجام ٿيو. ڪڏهن ڪڏهن کلڻ ۾ دير ڪندو هو ته ڊرونين منهنجي همت افزائي ڪرڻ لاءِ چوندو هو: ”دل نه لوڏ. هيڏانهن يا هوڏانهن ته پاڻ وٽ ان جو آخري علاج آهي.“ ۽ پوءِ ڊئش بورڊ مان هڪ ڪٽ لڳيل ڪئنچي ڪڍي مون کي ڏيکاريندو هو، آئون کلي چوندو هومانس:

”مون کي ان ڪئنچيءَ ۾ شڪ آهي ته هھڙي ٿلهي بيلٽ کي ڪٽي نه سگهندي“

ٻرونين پنجهٺ سالن جو نارويجن آهي، سندس ڪار وانگر پاڻ به سڀ ۾ جهونو مڙس آهي پر ڪم ۾ پوڙهو اٺ به ڪنواٺ لهي جي مثال سان نهڪي اچي ٿو. زيرو ڊگري ٿڌ، تيز هوا ۽ سخت برف باري ۾ جهاز جي لوهي ڊيڪ تي ٿي ڪاڪ ڪن بيهي ڪم ڪيوسين، اهاني بهاني آئون ۽ جهاز جا نوجوان آفيسر اندر ڪئبنن ڏي وياسين ٿي، پر هي همراهه سڄو وقت کلئي آسمان هيٺ جهاز جون گهربل ماپون وٺندو رهيو. حالت اها هئي جو ڪيسي ۾ هٿ پيا هئا ته به ٿڌ کان جهڙا ڪيرا لڳا ٿي. ڪنهن لوهي شيءَ کي هٿ لاهڻ سان ائين محسوس ٿيو ٿي جڻ ٽانڊي تي هٿ پيو. ٻرونين جي به حالت خراب هئي جو سڄا هٿ رت جمڻ ڪري ڳاڙها ٿي ويا هئس، پين جهلي ماپون لکڻ بعد ڪا دير هٿ ان ئي صورت ۾ ٽنڊو ٿي رهيس پر ان هوندي به مرڪندو ۽ چرچا پوڳ ڪندو رهيو. ڪافي به ڪم پورو ڪري پوءِ پيتائين، باقي اسين (جن ۾ جهاز جو ڪئپٽن، چيف انجنيئر ۽ شپ يارڊ جو ڪنسلٽنٽ انجنيئر شامل هو) رکي رکي ڪافيءَ جي ٿرماس مان پنهنجا مگ ڀريندا رهياسين. ڪافي ڪير ۽ کنڊ بنا هئي. هتي جي ڪاڙهيل ڪافي انگلينڊ يا پاڪستان ۾ استعمال ٿيندڙ Instant Coffee کان ڪڙي ۽ اُگري ڏپ واري ٿئي ٿي، پر ان کي پيئڻ کان وڌيڪ گرمائش حاصل ڪرڻ لاءِ مگ کي هٿن ۾ جهلڻ ۾ فرحت آئي ٿي ۽ ڏنم پئي ته

بين جو بہ اهو ئي حال هو. سيني ڪافيءَ جي گرم ڪوپ ڪي ڳن ڪان جهلڻ بدران هٿ ۾ ائين جهليو ٿي جيئن گلاس جهلبو آهي. ائين ڪرڻ سان سڄو هٿ گرم ٿي ويو ٿي، پر ان جو فقط ڪجهہ منٽ اثر رهيو ٿي. ٿوري دير بعد برف باري بہ شروع ٿي وئي، پهرين Sleet جي صورت ۾ وسڻ لڳي، جيڪا ڪپهہ جي ذرڙن ذرڙن وانگر ٿئي ٿي، ان بعد رکي رکي ڳڙن (Grains) جي صورت ۾ وسڻ لڳي. هوا ۾ ايڏو زور هو جو ڳڙا ڪيسن ۾ هليا ويا ٿي، مٿي تي پاتل لوهي ٽوپلن تي اهي ڳڙا لڳڻ سان ٺڙڪاٽ ۽ ڏڪڙن جا آواز آيا ٿي.

ڪيترا ماڻهو پڇندا آهن تہ برف باري ۾ ڇٽي (امبريلا) کڻڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي، جڏهن برف باري ۾ ڪپڙا پُسن ئي ڪونہ؟

برف باري جيستائين ڪپهہ جي ڏينن (Sleet) وانگر آهي، تيسين مڙئي خير آهي پر ڇٽي ڳڙن جي بچاءِ لاءِ آهي. ڊرونين ٻڌايو تہ ڪڏهن اهڙا ڳڙا (وڏي سائيز جا) وسندا آهن جو ماڻهو پنهنجيون ڪارون لڪائڻ ۾ لڳي ويندا آهن، جو انهن ڳڙن ڪري ڪارن جي ڇتين ۾ گهٻ (Dent) پئجي ويندا آهن.

ٻيڙي (يا جهاز) جڏهن نئون نهندو آهي يا ڪجهہ عرصي بعد ان جو مالڪ ان ۾ ڪا بناوٽي ڦير گهير آڻيندو

آهي تہ ان بعد هو ملڪ جي ميريٽائيم سيفٽي ايڊمنسٽريشن ڪاتي ڪان سلامتي جو سرٽيفڪيٽ وٺندو آهي، جنهن بنا جهاز ڪي بندرگاهہ کان ٻاهر نٽو ڪڍي سگهجي. ناروي جي ميريٽائيم ايڊمنسٽريشن آفيس ڊرونين جهڙو سرويئر جهاز تي موڪليندي آهي، جيڪو جهاز جي پاسن تي ٽن چئن ٽنن جا ڳرا پٿر يا لوهہ جا ٽڪرا رکي جهاز کي هڪ هڪ پاسي جهڪائي ڏسندو آهي. جهاز جي وچ تي گهڙيال جهڙو لڏڻو ٻڌڻو پوندو آهي ۽ ان جي چرپر جي ڪنڊ معلوم ڪري حساب ڪتاب ڪرڻو پوندو آهي تہ جهاز جو وچ (Pendulum) ڪٿي آهي. بهرحال هن سڀي مٿاڪٿ مان (Centre of Gravity) اهو معلوم ٿي ويندو آهي تہ سمنڊ جي وڏين ڇولين تي جهاز پاسيرو ٿي وري موٽي پنهنجي وچ واري پوزيشن ۾ ايندو يا مسافرن ۽ مال سوڌو الله کي وڃي پيارو ٿيندو.

هي Inclination Test تمام اهم ٽيسٽ ٿئي ٿو ۽ جهازن لاءِ بيحد ضروري آهي. گهٽو گهٽو اڳ جڏهن جهازن جا مالڪ يا ناهڻ وارا پنهنجن جهازن يا ٻيڙين جي (Stability) تي ڌيان ڏيڻ بدران ان کي رڳو مضبوط ۽ وڏو ناهيندا هئا، ان زماني ۾ ڪيترائي نوان نوان جهاز هوا يا سمنڊ جي لهر جي لوڏي تي هڪ دفعو جهڪيا تي تہ وري سڌو نہ ٿيا- سمنڊ ۾ وڃي ڦهڪو ڪيائون ٿي. جيئانين جيڪو پهريون جهاز ناهيو هو اهو تہ شپ يارڊ مان نڪرڻ سان اونڌو ٿي ويو هو.

ٻه سئو سال کن اڳ هن هنڌ تي سئيڊن جي بادشاهه جو مال متاع سان ڀريل جهاز ٻڏي ويو هو، هي اهو زمانو هو، جڏهن سئيڊن ڊئنمارڪ وارن جي پاڙ ۾ چانڊين-مگسين واري لڳل هئي. ڊئنمارڪ جي بادشاهه جڏهن سئيڊن جي بادشاهه جي جهاز کان ٻه وڏو جهاز ٺهرايو ته

سئيڊن وارن لاءِ غيرت جو سوال ٿي پيو. سئيڊن جي بادشاه حڪم ڪيو ته سندس جهاز جون پٽيون وڏيون ڪريو- يعني Structure مٿاهون ڪريو! ڪمري مٿان ڪمرو ٺاهي ان کي گهڻ ماڙ (Multi Storied) بڻايو. نتيجو اهو ٿيو جو ٿوري طوفان تي ئي جهڙو هڪ پاسي جهڪيو ته وري سڌو نه ٿي سگهيو. اونڌو ٿي ٻڏي ويو.

عام ماڻهوءَ لاءِ اها ڳالهه سمجهڻ لاءِ ان ترڪ جو مثال آهي، جيڪا چت تائين ٻهه سان ڀرڻ بعد ان مٿان ٽريڪٽر يا ڪا ڳري مشين رکي وجي (جنهن سان Centre of gravity مٿي شفٽ ٿيو وجي) ۽ ٿورو ئي پاسيري ٿيڻ تي واپس ورڻ بدران ان پاسي وڃيو ڦهڪو ڪري ٿي.

# نارويجن جو ايراني پٽ

ٻي ٻجي ڏاري شپ يارڊ کان نڪتاسين. شپ يارڊ Friskstad نالي ٻيٽ تي هو، جنهن ٻيٽ تي پهچڻ لاءِ اسان ٻيا ٻه ٻه ٽي ننڍا ننڍا ٻيٽ پلين ۽ سرنگهن (Tunnels) ذريعي پار ڪري پهتا هئاسين. موٽڻ وقت وري ساڳيون واٽون، ساڳيا لوڙها لياڙي اليسنڊ آياسين. ڪلاڪ ڪن جو پنڌ هو، چوڌاري برف سان مڙهيل اڇين چوٽين وارا جبل هئا ۽ انهن جي چوڌاري سمنڊ ۽ ڪئنال، جن ذريعي سمنڊ جو پاڻي اندر تائين اچي ٿو. انهن ڪئنالن کي اسان ڪاريون سڏيون ٿا پر هتي جي زبان ۾ فيورڊ (Fjord) سڏجي ٿو. ناروي فيورڊن جو ملڪ آهي.

مسٽر ڊرونين ٻڌايو ته هو مون وانگر ڪنهن زماني ۾ جهاز جو مئرين انجنيئر هو، ان بعد شپ يارڊ ۾ جهاز ناهڻ جو انجنيئر (Naval Architect) ٿي رهيو ۽ هاڻ هو هن سرڪاري اداري ۾ سروي جو ڪم ڪري ٿو. پنهنجي ۽ ڌارئين ملڪن کان آيل جهازن جي سلامتي جي نقطي نگاهه کان چڪاس ڪرڻ، جيئن جهاز جو مالڪ پنهنجي جهاز کي غير سلامت نه ناهي ۽ مسافرن ۽ مال کي نقصان نه رسي، هن ڪاتي جو ڪم آهي.

ڊرونين کي ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن جي چڱي ڄاڻ هئي، خاص ڪري برما ۽ بصري، سوڊان ۽ سعودي عرب جي، جتي هن جو جهاز اڪثر ويندو هو.

”منهنجو پٽ خبر اٿئي ايراني آهي.“ هن ٻڌايو.

”سمجهي ويس، تو نپايو آهي.“ مون وراڻيو مانس.

”ها، چئن مهينن جو هو تڏهن کان مون وٽ آهي.“

ناروي، سئيڊن پاسي ماڻهن کي تمام گهٽ ٻار آهن- هڪ يا وڌ ۾ وڌ ٻه ٻار! ڪيترن کي ته صفا نه آهن. ڪي وري فلپيني، تامل، انڊونيشي، ٿائي ۽ انڊين ٻار نپائين، جن جا ماءُ پيءُ غربت يا گهٽي عيال ڪري پنهنجا ٻار ڏيو ڇڏين، يا جنگين ڪري ڪيترا يتيم ٻار بي گهر ۽ دربدر ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ اتي جون حڪومتون يا فلاحي ادارا ناروي سئيڊن جهڙن امير ملڪن جي ماڻهن حوالي ڪن. ان قسم جي آچن يا اشتهارن جا خط هن پاسي جي ملڪن ۾ ڪيترن ئي آفيسن ۽ ڊپارٽمينٽل اسٽورن ۾ نظر ايندا. تازو جنهن شپ يارڊ مان اچي رهيا هئاسين، ان جي آفيسرس ميس ۾ ڏکڻ هندستان جي ڪنهن اداري طرفان آچ جو خط، نوٽيس بورڊ تي لڳل هو ته اتي جون ڪجهه فيمليون گهٽي عيال ڪري پنهنجا ٻار ضرورتمندن کي ڏيڻ چاهين ٿيون.

”منهنجو پٽ“ ڊرونين ٻڌايو، ”شهنشاهه ايران جي ڏينهن ۾ مون کي مليو هو، هينئر هو ٻاويهه سالن جو آهي

۽ ڊاڪٽري پڙهي رهيو آهي. ڪيس مذهب سان ڏاڍو لڳاءُ آهي، هو تمام سنو ڪرسچن ثابت ٿيو آهي. هو ڳوٺ جي ڪليسا گهر (عيسائين جي مندر) جو هڪ اهم رڪن هو، پر هاڻ پڙهائيءَ ڪري ٻين ڳالهين کي وقت نٿو ڏيو سگهي.“

”ڇا توهان ايران ۾ رهيا آهيو؟“ مون پڇيو،

”نه، منهنجي زال جي پيءُ اتي ايران جي ڪنهن اسپتال ۾ ڪم ڪندي هئي، کيس هي ٻار ريلوي اسٽيشن تي مليو هو. ڪنهن عورت کي بنا شادي جي هي ٻار ٿيو هو ۽ ان کي پاپ سمجهي هن پنهنجي گهر ۾ رکڻ نه ٿي چاهيو. صبح ساڻ جڏهن ريلوي اسٽيشن تي ڪو مسافر موجود نه هو ته هن تنجڻ ۾ ٻڌي اتي ڪنڊ ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيو، جيئن جنهن کي وڻي کڻي وڃي. منهنجي ساليءَ ان کي خوشيءَ سان قبول ڪيو. هن کي خبر هئي ته اسان کي اولاد ناهي، سو چار مهينا ڪن پاڻ وٽ ايران ۾ رکي جڏهن ناروي آئي ته اچي اسان کي ڏنائين. هو اڄ تائين اسان وٽ آهي. ايران ۾ رهائش دوران سڀ هن کي ”رضا“ سڏيندا هئا. سندس اڏ نالو هتي جو نارويجن OLE (اولي) رکيو اٿئون ۽ اڏ ساڳيو ايراني رضا قائم اٿس، سو هاڻ سندس ڪرسچن نالو اولي رضا آهن.

# السينڊ (ناروي) جو گل آهوجا ...

ڪالهه صبح کان گل آهوجا جو سوچي رهيو هوس، جيڪو مون سان گڏ هوائي جهاز ۾ اوسلو کان ناروي جي هن ڏورانهين شهر اليسنڊ آيو هو. سندس ٽيليفون نمبر مون وٽ هو ۽ ارادو هوم ته هي شهر ڇڏڻ کان اڳ روبرو نه ته فون تي ساڻس ضرور ڪچهري ڪري معلوم ڪندس ته هو هتي ڪيئن آيو ۽ ڪڏهن کان رهيل آهي.

شام جو هوٽل جي ڪمري ۾ وينو هوس ته اوچتو سندس فون اچي ويو. ”معاف ڪجو“ مون کيڪارڻ بعد گل کي چيو، ”آئون فقط سوچيندو ئي رهيس، سستيءَ ڪري اجان توکي فون به نه ڪري سگهيس.“

”چڱو جو نه ڪئي، منهنجو فون نمبر بدلجي ويو آهي، دراصل آئون مهيني کن لاءِ ماءُ سان ملڻ ممبئي ويو هوس، واپسي تي توسان ملي گهر پهتس ته زال ٻڌايو ته منهنجي غير حاضريءَ ۾ گهر جي فون جو ڪوڊ نمبر بدلجي ويو آهي. اڄ جيئن ئي وقت مليو ته توکي فون ڪيو اٿم.“

گل پنهنجو نئون نمبر لکايو ۽ شام جو گڏ ماني کائڻ لاءِ چيو.

”مانيءَ جي تڪليف نہ ڪر، بس چانهہ پي ٿوري دير ڪچهري ڪنداسين“ مون چيو مانس،

”چگّو پلا توکي پر وارو شهر هلي گهمائيندس“، گل آهوجا چيو.

”اها بہ تڪليف نہ ڪجانءِ، سڄو ڏينهن ڊيوٽي ڪري ٿڪل هوندين ۽ مون بہ جايون جڳهيون تہ جام ڏٺيون آهن، سو توسان ويهي خبر چار ڪندس.

“ I am more interested in people than places”

”چگّو پلا اهو بہ صحيح آهي. شام جو ستين بجي تيار هججانءِ تہ وٺي ويندو سانءِ“ گل چيو.

مقرر وقت تي ائٽلانٽڪ هوٽل ۾، جتي آئون رهيل هوس، گل پهچي ويو ۽ مون کي پنهنجي گهر وٺي هليو. سندس گهر شهر کان ڏهہ ٻارهن ميل پري ٻهراڙيءَ ۾ آهي. هونءَ بہ ناروي جي گهٽ آدمشماريءَ ۽ سختي سيءَ ڪري هتي جي شهرن ۾ بہ جڻ ماٺ منوڙو لڳو پيو آهي. ٻهراڙيءَ جي تہ ڇا ڳالهہ ڪجي! بقول اسان جي هڪ ساٿي-سعودي عرب جي خالد جي تہ، هنن ملڪن جي شهرن ۾ چوڏاري بلڊنگون تہ آهن پر ماڻهو تمام گهٽ آهن. آفيسون بند ٿيڻ بعد جڻ تہ راڪاس گهميو وڃي. الف ليلوي ڪهاڻين وانگر ماڻهو جڻ پنڊ پهڻ ٿيو وڃن.

گل جي گهر جي چوڌاري ساموندي شاخون (Fjords) هيون ۽ برف سان ڍڪيل چوٽين وارا جبل. هتي جي حساب موجب اونهارو شروع ٿي رهيو هو سو سڪل ٽارين وارن وڻن توڙي ٻوٽن ۾ ساوا پن نڪري آيا هئا. گل ٻڌايو ته جون- جولاءِ ڌاري يعني مهيني کن اندر چوڌاري ساوڪ ۽ پيلا ڳاڙها گل هوندا. سندس گهر ٻين ڪيترن گهرن وانگر ڪاٺ جو هو. ناروي پاسي اهو ڪاٺ ناهي، جنهن مان خيرپور ناٿن شاهه جا واڍا ٻيٽي ۽ راڏڻ جي رهاڪن جا ڪٻٽ ۽ در دريون ناهين ٿا، هتي جو ڪاٺ دنيا جي بهترين ڪاٺن مان آهي، خاص ڪري OAK جو اڇو ڪاٺ ۽ ٻيون جنسون. هتي جيئن ته واڍڪو يا رازڪو ڪم تمام مهنگو آهي ان ڪري گهٽي پاڳي ماڻهو پنهنجي گهر جو وڏو حصو آهستي آهستي ڪري پاڻ ناهين.

گل آهوجا 1942ع ۾ ڪوئيٽا ۾ ڄائو، ”منهنجو ڳوٺ شڪارپور پرسان ڳڙهي ياسين هو پر اونهاري جا ڪجهه مهينا منهنجا مائٽ ڪوئيٽا ۾ وڃي رهندا هئا“. گل ٻڌايو، ”سنڌ ڇڏڻ وقت آئون پنجن سالن جو هوس، مون کي گهڻو ياد نه آهي، ڪراچي بندرگاهه مان جهاز ۾ چڙهي ممبئي ڏي روانو ٿيڻ جو نظارو اجا به ياد اٿم.“

گل آهوجا جي پيءُ جو نالو منگهارام آهوجا ۽ ڏاڏي جو گوبندرام آهي.”منهنجو پيءُ شڪارپور ۾ انگريزن جي

اسپتال ۾ فارماسسٽ هوندو هو، ڏاڏي جو واپار سان تعلق گهٽ پر تعليم سان گهڻو هو. اسان ڪامورا سڏبا هئاسين ۽ واپاري هندن سان اسان جو گهڻو واسطو نہ هو.“

گل آهوجا پاڻ بہ فارماسسٽ آهي. سندس دوائن ۽ ڊاڪٽرن سان واسطو آهي. پاڻ ٽيڪنيشن پڻ آهي. ”ٻين چئن ڊاڪٽرن سان گڏجي اسان هڪ سينٽرل اسپتال کولي آهي.“ گل ٻڌايو. ”هڏن ۽ جوڙن جي سور جا مريض، جن جو مشين ذريعي مالش ۽ گرم شعاعن سان گرمائش ڏئي علاج ڪرڻو هوندو آهي ، اهي مون وٽ ايندا آهن.“

گل جي زال ايلسا ناروي جي رهاڪو آهي بلڪ هن ڳوٺ جي آهي، جنهن ۾ هينئر هو رهن ٿا، پاڻ شهر جي ميونسپل آفيس ۾ آفيسرياڻي آهي.ڪين چوڏهن ۽ ارڙهن سالن جون بہ ڌيئرون ديوي ۽ جينيٽ نالي آهن.

”آئون هتي ناروي ۾ ٻاويهہ سال اڳ آيس، ان کان پهريان ڪئناڊا ۾ هوس، جتي ڏهہ سال کن رهيس. مون کي اڄ بہ ڪئناڊا جو پاسپورٽ آهي. ڪئناڊا کان هڪ ڏينهن چار وڳا ڪٽي گهمڻ لاءِ نڪتس. اهو ئي سوچيم تہ ڪنهن الڳ ٿلڳ جاءِ تي جتي پنهنجن مان ڪو نہ هجي، اتي ان ملڪ ۾ مڪاني ماڻهن جي وچ ۾ وڃي رهندس. انهن ڏينهن ۾ هڪ ٻئي جي ملڪن ۾ اچ وڃ تي نہ ويزا هئي ۽ نہ جهل هئي.

”ملڪ ملڪ گهمندو جڏهن ناروي جي هن ڳوٺڙي ۾ پهتس ته منهنجي دل کي ڏاڍو وڻيو، واپس موٽڻ جو نالو نه وٺي هتي ٽڪي پيس. ٻن سالن بعد ايلسا سان مليس ۽ شادي ڪيم. منهنجا ٽي ڀائر موهن، سياش ۽ بارام ۽ ماءُ پيءُ بمبئيءَ ۾ ئي رهن ٿا، جن سان ملڻ لاءِ هڪ نه ٻئي سال بمبئي ويندو آهيان.“

”هتي جي ماٺ منوڙي بعد بمبئي جي گوڙ گهمسان ۾ دماغ چڪرائجي ويندو هوندانو؟“ مون پڇيو مانس.

”گهر کان ئي نه نڪرندو آهيان. اڄ کان ڏهه سال اڳ تائين بمبئي وري به ڪنهن حال ۾ هو پاڻ هاڻ ته ڏينهون ڏينهن اسان جي شهرن ۽ ملڪن کي خبر ناهي ڇا ٿيندو وڃي ... چوريون، هنگاما، نڳيون، مذهب ۽ زبان جي نالي ۾ هڪ ٻئي جون خونريزيون....“

”هتي جا ماڻهو سوچي نه ٿا سگهن ته ڪنهن دور ۾ اسان جي ڌرتي ڪيتري خوش حال ۽ سڌريل هئي.“ مون چوڏاري برف سان ڍڪيل خاموش جبلن ڏي ڏسي چيو.

”واقعي، اسان جي تهذيب، اسان جو ڪلچر، اسان جا شهر، اسان ماڻهو، ڪيڏو سڌريل هئاسين ۽ هي ماڻهو وائيڪنگ ڦورو لٽيرا سڏبا هئا. اڄ هي ماڻهو ۽ انهن جا ملڪ سڌري ويا آهن ۽ اسين تباهه ٿيندا وڃون. ڪنهن پکي يا جانور کي ڌڪ لڳي ٿو ته هتي جي ماڻهن جي دل ڏکي

ٿي، يڪدم ان کي پنهنجي خرچ تي اسپتال وٺيو وڃيو دوا درمل ڪرائين، اسان وٽ رستي تي هنگامن، حادثن ۽ جهيڙن ۾ انسان جي جان ائين رت ڳاڙيندي، ڦٿڪندي رهي ٿي پر ڪنهن کي ڪا ڪهل، ڪو قياس نه ٿو اچي. ڪڏهن ڪڏهن مون کي لڳندو آهي ته نندي ڪنڌ جي تهذيب ۽ رحمدليءَ جون ڳالهيون، جيڪي اسان وڏن کان ٻڌيون يا ڪتابن ۾ پڙهيون سي افسانا ته نه هئا؟“

گل کي مون مانيءَ لاءِ ڪيترو جهليو هو پر ان هوندي به ڪٽان اٿو هٿ ڪري پاڻ ۽ سندس زال اڦڙاتا ۽ ڀاڄي تيار ڪئي هئي.

”ڀائي توکي سنڌي ماني ٿا کارايون، سال ٿي ويا هوندئي اڦراٽا کاڌي“ گل چيو.

”منهنجي لاءِ اجائي تڪليف ڪئي، تو شايد چڱي طرح نه ٻڌو ته آئون مالمو (سئيڊن) ۾ فئملي سان رهان ٿو، اسان ته هر روز اهوئي کائيندا آهيون. مرچ مسالا ڪجهه ڳوٺان آندا هئاسين، ڪجهه شيون جهڙوڪ: پڪوڙن لاءِ بيسڻ، آچار، ڳڙ وغيره مالمو ۾ ايرانين جي دڪانن تان مليو وڃي، جيڪي اهي شيون لندن مان پاڪستاني ۽ هندوستاني دڪانن تان گهرائين ٿا.“

”او يار معاف ڪجانءِ، تو ٻڌايو ضرور هو ته تنهنجي فئملي سئيڊن ۾ آهي ۽ تون هفتي ٻن جي ٽوئر تي هتي

ناروي آيو آهين، پر مون سمجهيو متان تنهنجي زال سئيڊن جي هجي، جنهن کي ماني پچائڻ نه ايندي هجي.“

گل جي زال ايلسا چيو: ”مون کي اهو سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته پاڪستاني يا هندستاني عورتون روز ڪيئن ٿيون ماني پچائين! مون کي ته اڌ ڏينهن لڳيو وڃي.“

” ۽ هنن کي وري ڊبل روٽي ناهڻ ۾ اڌ ڏينهن لڳيو وڃي، ان بعد به ڪڏهن اٽي ۾ خمير (Yeast) گهٽ پئجيو وڃي، ڪڏهن (Oven) جو ٽيمپريچر هيٺ مٿي ٿيو وڃي.“ مون چيومانس.

گل کان سنڌي رسالن ۽ گانن جي ڪئسٽن جو پڇيم.

”نه، مون وٽ ته نه آهن، پر توکي لڳي ٿو ته انهن جي ٻڌڻ جو شوق آهي، هينئر ممبئي ۾ هوس جتي منهنجي مائٽن وٽ ڏاڍا هئا، خاص ڪري هڪ اسان جي مائٽياڻي سوشي آهوجا آهي، اها تمام سٺي ڳائڻي آهي، ڪيس راڳ جي ڪوئل سڏين ٿا. آئون پاڻُ کي لکان ٿو ته توکي ڪجهه ڪئسٽ سئيڊن موڪلي ڏي.“

رات جا ڏهه ٿيڻ وارا هئا، گل کي چيم ته هاڻ مون کي هوٽل تي ڇڏي اچ، تنهنجو چڱو وقت وڃايو اٿم. صبح ساڻ توکي به نوڪريءَ تي وڃڻو آهي ته مون کي به آفيس ۾ حاضر ٿيڻو آهي.

”يار ويهه ته صحيح ايڏي تڪڙ به ڇاجي؟“ ڳل ويهڻ لاءِ زور ڀريو.

”بس هاڻ هلجي، ائين ته هتي ڇئي نه ٿو سگهجي ته رات ٿي وئي آهي يا آڏي ٽيڻ وارو آهي، جو اڃا ته سج لهڻ جو ئي نالو نه ٿو وٺي، روشني ئي روشني لڳي پئي آهي.“

”صحيح ٿا چئو،“ڳل ڪلندي چيو: ”اڃا ته مهينو سوا بعد چوويهه ئي ڪلاڪ سج رهندو. جنهن ڪي آڌي رات ڇئجي ان وقت سج لهي ۽ ٻي بجي (2-00 am) ڌاري اڀريو اچي ۽ صحيح معنيٰ ۾ اونداهه ڪا ڪلاڪ ڪن جي مس ٿي ٿئي، سا به هتي جتي اسين رهون ٿا. متي اتر ۾ ته اونهاري جا ٽي مهينا ڪن سج لهي ئي ڪونه ۽ سياري جا ٽي مهينا ڪن سج اڀري ئي ڪونه. لڳاتار اونداهه ۽ رات رهي.“

# ٿائي ۽ فلپينو عورتون ناروي ۾

ناروي جو هي شهر اليسنڊ بذات خود هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي، چوڌاري سمنڊ ۽ فيورڊ (سامونڊي واھ ۽ شاخون) اتس يا برف سان ڍڪيل جبل ۽ ننڍا ننڍا ٻيٽ.

هن شهر اليسنڊ کان ٿورو پري هري عيد (Hareid) نالي هڪ ٻيٽ آهي، جيڪو پري هجڻ ڪري اليسنڊ سان پل ذريعي نه، سامونڊي سرنگ ذريعي ڳنڍيل آهي. ڏينهن ۾ چار پنج دفعا هڪ وڏي فيري اليسنڊ کان ماڻهو کڻي ’هري عيد‘ ٻيٽ ڏي اچي وڃي ٿي. مون کي هڪ ڏينهن اوڏانهن پڻ وڃڻو پيو جو هري عيد ٻيٽ جي پر ۾ گرسڪن ۽ السٽن نالي ٻه ٻيٽ آهن، جتي ٻه نوان جهاز ٺهي رهيا هئا، جن تي ڪجهه مشينري چيڪ ڪرڻي هئي.

سادي انين بجي واري فيريءَ ۾ اليسنڊ کان روانو ٿيس. فيري سمنڊ ۾ ايريل جبل ۽ ٻيٽن وٽان لنگهندي اڌ ڪلاڪ بعد هري عيد ٻيٽ تي پهتي، جتي پروگرام موجب جهازن جو سرويئر ۽ نيول آرڪيٽيڪٽ مسٽر نيريم منهنجو انتظار ڪري رهيو هو. ڪيڪار ڪڙيءَ بعد هو مون کي پنهنجي ڪار ۾ ٻنهي شپ ياردن ڏي وٺي هليو، جتي ٻينل جهازن جي انسپيڪشن ڪرڻي هئي. هڪ ٻيٽ تي

پهچڻ لاءِ سمنڊ هيٺان نهيل وڏي سرنگ (Tunnel) مان لنگهي اتي پهتاسين، سندس گهر هڪ ٽين ٻيٽ Fosnavag تي هو، جتي آخر ۾ چانهه پيئڻ لاءِ آياسين،

”هتي ڪم ايترو آهي جو آئون نه موڪل ڪريان ٿو ۽ نه ملڪ کان ٻاهر گهمڻ لاءِ وڃان.“ نيريم چيو، ”پر هن سال ٻن هفتن جي موڪل ورتي اٿم ۽ زال سان گڏ ترڪيءَ ۾ Holidays گذاريندس.“

۽ پوءِ سگريٽ جو ڪش هڻي چيائين: ”اسين پنهنجي شادي جي پنجويهين سالگرهه ملهائڻ وڃي رهيا آهيون.“

”پنجويهين؟!“ مون تعجب ۽ تعريف منجهان پڇيو.

کلندي وراڻيائين: ”ها، پنجويهين! واقعي وڏي ڳالهه آهي نه- ههڙي ملڪ ۾ ساڳي زال سان ايترو وقت گهارڻ؟“

”واقعي“، مون داد ڏئي پنهي نيريمانس، ”توهان جي ملڪ ۾ ته سال شادي هلي ٿي ته به وڏي ڳالهه آهي. سئيڊن جي جنهن شهر مالمو ۾ آئون رهان ٿو، ان جو رڪارڊ آهي ته گذريل سال جيترين شاديون ٿيون ان کان وڌيڪ طلاق جا ڪيس رجسٽرڊ ٿيا.“

هڪ هنڌان لنگهي رهيا هئاسين ته هڪ ڪاري رنگ جي ايشين عورت کي هٿ ۾ باردي ڪٽي رستو ٽپندي ڏٺوسين. هنن گورن جي ملڪ ۾، سو به هڪ ننڍڙي، اڪيلي

۽ خاموش ٻيٺ تي ڪنهن ڏورانهين ڏيهه جي رهاڪوءَ ڪي ڏسي تعجب لڳو. نيريم ٻڌايو ته اها سريلنڪا جي تامل آهي.

”هتي پنجاهه ڪن تامل ۽ ڪجهه ڪرد ۽ عراقي فئمليون رهن ٿيون، جيڪي لڪ چوريءَ ٻيڙين ذريعي ناروي پهتيون هيون. سال اڌ ڪافي گوڙ رهيو پر پوءِ حڪومت کين هن ٻيٺ تي رهڻ جي موڪل ڏني. وڏن شهرن ۾ اسان جا ماڻهو هاڻ ڏارين کي نه ٿا سهن. هنن کي هن ٻيٺ تي رهي پنج سال ٿي ويا آهن پر ان هوندي به هن ٻيٺ جا ڪجهه لوڪل نارويجن ڇوڪرا هنن کي تنگ ڪندا رهن ٿا. هڪ ڏينهن هڪ رفيوجيءَ جي گهر ۾ ڪنهن باهه به اچلائي هئي، پر اهڙا خراب ماڻهو تمام ٿورا آهن ۽ منهنجي خيال ۾ هر ملڪ ۽ هر قوم ۾ سنن سان گڏ خراب ماڻهو پڻ ٿين ٿا.“

هڪ ٻئي ٻيٺ تان لنگهندي، هڪ گهر جي ٻاهران بورڊ تي Asian Food لکيل نظر آيو. نيريم ٻڌايو ته هن گهر ۾ رهندڙ فلپينو عورت ايشين ڪاڌو، جهڙوڪ: ڀت، نوڊل، مي (MEE) ۽ مڇي رڌي وڪڻندي آهي، اهي شيون اهڙيون ته سوادي ناهي ٿي جو هتي جا رهندڙ ايشين ته ڇا ڪڏهن ڪڏهن اسين نارويجن به وٺندا آهيون.

”هڪ ڳالهه مون کي سمجهه ۾ نه آئي“، مون نيريم کي چيو، ”ڪرد، تامل، لبناني يا عراقي ايراني ته پنهنجن ملڪن ۾ سياسي هنگامن ۽ ظلمن ڪري اچي هن پاسي

نڪتا آهن، پر هي فلپينو ۽ ٿائي عورتون جيڪي سڄي سئيڊن ۽ ناروي ۾ پکڙيون پيون آهن، اهي هتي ڪيئن آيون ۽ ڪين ڪهڙي بنياد تي هتي جي Citizenship ملي؟“

”انهن کي اسان جا ماڻهو سندن ملڪن ۾ وڃي، شادي رچائي وٺي آيا آهن. ان ڪم لاءِ سندن ملڪ فلپين ۽ ٿائيلينڊ پڻ مدعو ڪيو ته اچي اسان وٽان شاديون ڪريو. هتي ناروي ۾ اهو مشهور آهي ته انهن ملڪن جون عورتون غريب، چئيوان، پروهيت ۽ اسان جي ڪلچر ۽ مذهب سان يڪدم رِليو مِليو وڃن ۽ گهٽي پاڳي اسان جا ماڻهو هنن سان خوشحال زندگي گذاري رهيا آهن.“ نيريم ٻڌايو.

# پڪين اچڻ تي اسين چريون تڪيون ڪيون ٿا

جهاز تي ڪم ڪندي نيريم کي چيم: ”جيتري هتي ناروي ۾ ٿڌ هئڻ کپي اوتري ناهي. اڄ کان پندرهن سال کن اڳ جڏهن اسان هن پاسي جي بندرگاهن ۾ جهاز وٺي ايندا هئاسين ته سيءَ ۾ ساهه نڪرندو هو. ان وقت جيتوڻيڪ اسان جوان هئاسين پر سيءَ ۾ ڏڪندا هئاسين. ڇا ائين ته نه آهي ته ڌرتي جو گولو واقعي گرم ٿي رهيو آهي؟ هن دنيا تي Global Warming جو اثر آهي؟“

”ڇئي سگهجي ٿو“، نيريم چيو، ” سال ٻن کان موسم ۾ ڪافي تبديلي آئي آهي.“

پاڪستان جو اونهارو هونءَ به گرم ٿئي ٿو.“ مون کيس ٻڌايو، ” پر گذريل سال ڳوٺان ايندڙ هر هڪ جي خط ۾ اهو هو ته ڏاڍي گرمي ٿي آهي ۽ هن سال ته سياري ۾ به ڪي خاص سيءَ نه ٿيا. الله خير ڪري.“ مون پنهنجي فڪر جو اظهار ڪيو.

” هتي به گذريل سال ۽ هن سال ايترا سيءَ نه پيا“، نيريم چيو ۽ پوءِ سگريٽ جو ڪش هڻي چيو، ” گهٽ سيءَ ڪري ناروي ۾ ڏاڍو لطف رهيو“. ۽ پوءِ يڪدم ڌيان ۾ ڳالهه اچي ويس ۽ مون کي پاڪر پائي چوڻ لڳو:

”او نو نو پلي هتي سخت سيءُ ٿئي، نہ تہ پاڪستان ۾ سياري ۾ بہ گرمي ٿيندي. گهٽي سيءَ ۾ ڪٽي هڪ وڏيڪ سئيٽر يا ڪوٽ پائبو پر گهٽي گرمي ۾ ماڻهو ڇا ٿو ڪري سگهي.“

خير ڪيس تہ ان سوچ لاءِ مهرباني چيم پر مون پنهنجي دل ۾ سوچيو تہ هن ملڪ جي ماڻهن کي ذرتي گرم ٿيڻ جو ڪهڙو فڪر؟ پاڻ هنن لاءِ مزو، پر ان هوندي بہ ڪين شابس هجي جو ان جو فڪر بہ انهن کي آهي ۽ رڙيون ڪري اڳوات اسان کي آگاهہ ڪري رهيا آهن تہ ايندڙ ڏڪئي وقت لاءِ خبردار ٿيو ۽ ان لاءِ هينئر کان سوچيو. گهٽو دونهون برپا نہ ڪريو، گهٽي کان گهٽا وڻ پوکيو، جيڪي ماحول جي ڪاربان گئس ختم ڪن ٿا، پر اسان وتون وڻ ڪٽيندا.

هن پاسي جي اهم شيءِ هتي جا سمنڊ اندر ننڍا ننڍا جبل آهن، جن تي اونهاري ۾ آفريڪا ۽ ڏکڻ يورپ کان هزارين پکي اچي آنا لاهي ڦوٽاڙو ڪن ٿا. هڪ اهڙي جبل وٽ نيريم ٻيڙيءَ ۾ وٺي هليو. لکن جي تعداد ۾ پکي جبل جي تري کان وٺي چوٽيءَ تائين جبل کي ڇهتيا پيا هئا. هڪ تہ وِنيون پئي لاٽائون ۽ ٻيو چرچر (رڙيون) پئي ڪيائون. يورپ جي ڪيترن ئي ملڪن جا ٽوئرسٽ هي نظارو ڏسڻ لاءِ آيا هئا.

نيريم چيو، ”هنن Migratory پکين کي اسان مهمان سمجهي عزت ڪندا آهيون. هو اسان وٽ ڪجهه مهينن لاءِ اچن ٿا، کين پڄندي آهر ان کٽا ڏيندا آهيون.“ پوءِ سگريٽ جو ڪش هڻي پڇيائين، ”توهان وٽ ٻئي ملڪ جا پکي اچن؟“

”ها، سياري ۾ روس ۽ وچ ايشيا کان ڪونجون، آڙيون، ٻدڪون، تلور ايندڙيون آهن“ مون ٻڌايو مانس ۽ پوءِ دل ۾ چيو ”اسين کين ان کٽا ڏيڻ بدران پڄندي آهر ڇريون تکيون ڪري کهي ڪائي ڇڏيندا آهيون يا وڏن عملدارن ۽ عربن کي دعوت ڏئي سندن شڪار ڪرائيندا آهيون.“

# ڪجھ ناروي بابت

ناروي لفظ شايد انگريزي لفظ Northern Way مان نڪتو آهي. ناروي دنيا جي اتر ۾ آهي. هتي جي نارويجن زبان ۾ ناروي کي Norge سڏجي ٿو، ناروي ملڪ جي ايراضي سوا لک چورس ميل آهي، ساڍي سوا ٽي لک چورس ڪلوميٽر. سڄو ناروي جابلو علائقو آهي. سندس چوڌاري سمنڊ آهي، فقط اتر ۾ سئيڊن اتس ۽ اتر واري ڪنڊ ۾ روس ۽ فنلئنڊ جو پڻ ٿورو حصو ملي ٿو، جيئن پاڪستان جو چين سان. پر ناروي جي ان حصي ۾ توڙي روس ۽ فنلئنڊ جي ان پاڱي ۾ نہ برابر ماڻهو رهن ٿا.

ناروي جي اڌ آدمشماري ڏکڻ ۾ اوسلو ۽ ان جي آس پاس رهي ٿي، جو اتر پاسي اونهاري ۾ سخت سردي ٿئي ٿي. سڄو ملڪ جبلن ۽ ٽڪرين سان ائين پريل آهي، جيئن ڪنهن ماڻهو جي سڄي جسم ۾ ڊبڙ ٿي پيا هجن. ساموندي ڪنارو بہ لسو هجڻ بدران سخت ڪاڏل آهي ۽ جتي ڪٿي سمنڊ جا وهڪرا ڌرتي اندر ائين گهڙي آيا آهن، جيئن درياهہ(سمنڊ ۾) چوڙ (Delta) واري حصي ۾ ڪئين شاخون ناهيندو آهي. سمنڊ ڪان ڪناري ڏي ويندڙ انهن ڪاري پاڻيءَ جي شاخن کي فيورڊ (Fjord) سڏجي ٿو. (نارويجن زبان ۾ J کي Y پڙهيو ويندو آهي، جيئن جانسن کي يانسن چون. اهڙي

طرح جپان کي يپان پڙهن) انهن ساموندي شاخن (فيورڊن) ڪري ناروي جي ڪناري پرسان اڌ لک ڪن ٻيٽ آهن، جيڪي سڀ ڳٽيل ۽ نقشي ۾ ڏيکاريل آهن، جيئن ساموندي سفر ڪرڻ وارن کي سهولت رهي. باقي هتي جي ٽپيدارن جو سر رلي ويندو هوندو.

ناروي جو ملڪ تمام گهڻو جابلو آهي. ٻارهو ئي برف باري ۽ ٿڌ ڪري ماڻهوءَ لاءِ رهڻ عذاب آهي. هتي جي رهاڪن جو گذارو ۽ دارو مدار ٻين ملڪن سان آهي. شروع ۾ هتي جا جهازي جيڪي وائيڪنگ (Vikings) سڏبا هئا، پنهنجين ٻيڙين ۾ چڙهي انگلينڊ، اسڪاٽلينڊ ۽ يورپ جي ملڪن کي ڦريندا هئا. انگريز اڄ به انهن Vikings کي سنا جهازي ۽ Navigators سڏڻ بدران ڦورو (Plunderer) سڏين ٿا ۽ جرمن مردن ۽ عورتن صدين تائين دعائن ۾ انهن جي حملن کان پناهه گهريو.

ان بعد هتي جا ماڻهو مهاڻا ۽ ڪاٺ جا واپاري ٿيا، مڇيون مارڻ ۽ ٻين ملڪن سان واپار ڪرڻ لڳا. هاڻ جهاز ناهين ٿا ۽ بئنڪون هلائين ٿا. برگن (Bergen) انجڻ توڙي Jotun رنگ روغن جون ڪمپنيون هتي جون مشهور ڪمپنيون آهن، ان ڪانسواءِ ٻين به ڪيترين شين جي ٺاهڻ ۽ ايجاد ۾ ناروي اڳيان اڳيان آهي. اڄ جنهن جهاز جي سروي ڪرڻ جو موقعو مليو، ان جي لفٽ Sthale ۽ ڪاڪوس هتي

جا نهيل آهن، هن قسم جا Suction Toilets پاڻيءَ جي جهازن توڙي هوائي جهازن ۽ هوٽلن ۾ مشهور آهن ۽ هاڻ ڪجهه سالن کان ناروي جي سامونڊي ڪنارن تان تيل نڪري رهيو آهي ۽ هو جهاز سازي (Ship Yards) ۽ تيل ۽ گئس جي کوٽائي Off-Shore Drillings ۾ پڻ ماهر ٿيندو وڃي.

# فن لئنڊ ۾ ٿائي کاڌو

فن لئنڊ ڇڏڻ واري آخري ڏينهن تي هيلسنڪي جي ايئرپورٽ تي وڃي هلڻ لاءِ اسان جي آفيس جو ڪئپٽن پيڪا مقرر وقت تي اسڪاٽا هوٽل ۾ پهتو، جتي اسين مختلف ملڪن جا نمائندا رهيل هئاسين. سڀ پنهنجون بئنگون ۽ ٿيلها کڻي اچي هيٺ لابيءَ ۾ گڏ ٿياسين.

”نهيو هيلسنڪيءَ ۾ ٻه ويا ٽي هفتا گذري ۽ هاڻ جان ڇٽي،“ مون ٿڌو ساهه کڻي زور سان چيو.

”ڇا مان؟“ فلپينجي نيول آفيسر گلبرٽ چيو.

”ٽريننگ ٽوئر مان.“ مون پاران ٿائلنڊ جي انجنيئر مسٽر سوتي چائي چيو.

” نه، نه “ مون يڪدم درستي ڪندي چيو، ”تنهنجي ٿائي کاڌي مان.“ سڀ کلڻ لڳا.

هوٽل ۾ منهنجو ڪمرو 610 هو، يعني ڇهين ماڙ تي ڏهون نمبر ڪمرو، بلڪل منهنجي هيٺان واري ڪمري ۾ 510 ۾ ٿائلنڊ جو هي ٿائي نيويءَ جو ڪمانڊر سوتي چائي رهيل هو. هيءَ هوٽل جيئن ته هاسٽل نموني هئي ۽ هر ڪمري ۾ رڌپچاءَ جو سامان ۽ ٻه اليڪٽرڪ جا چلها هئا، سو شام جو هر ڪو پنهنجي ڪمري ۾ Cooking ڪندو هو.

سوتي چائيءَ ان قسم جي هوٽل جو بڏي مالمو (سئيڊن) چڙهڻ تي ئي اهو راڳ ڪنيو هو تہ هو هيلسنڪي هلي Thai Food رڌيندو. فلپين جو گلبرٽ (جنهن کي پڻ ان قسم جو ڪاڏو مڇي، چانور، ڪيڪڙا وغير پسند آهن) ۽ مبارڪ (جنهن کي ٿائي ڪاڏو پسند آهي يا نہ پر رڌپچاءَ جي ڪم ۾ ٿوتي آهي) هوائي جهاز ۾ ئي سوتي چائي جي حوالي سئو سئو مارڪ ڪري، ساٽس پاڳي پائيوار ٿيا ۽ ڪيس مڪمل اختيار ڏنائون تہ جيڪي وٽنئي ۽ جڏهن وٽنئي ائين رڌي پاڻ بہ کاءُ ۽ ڪين بہ کاراءِ.

سوتي چائي هيلسنڪي پهچڻ سان هڪ ٿائي دڪان ڳولي ٿائي چانور، سڪل مڇيون ۽ ٿائي چٽنيون، ساسون (Sauces) ۽ رڌ پچاءَ لاءِ تيل وٺي آيو، پوءِ روزانو جڏهن هو مسالو پيچي ان ۾ سرڪي ۽ ساسن سان گڏ تازيون ۽ سڪل مڇيون تريندو هو تہ هوٽل جي بهري (Basement) ڪان وٺي مٿاهين ماڙ تائين امونيا گئس جهڙي نڪ ساڙيندڙ ڏپ (Pungent Smell) هوندي هئي. منهنجو ڪمرو تہ بلڪل هن جي مٿان هو ۽هن جي دريءَ ۽ پنهنجي دريءَ ۾ ڪو اٺ فٽ فاصلو مس هو. دري کولڻ سان سوتي چائي جي ٿائي فوڊ جي نہ فقط ڏپ پر دونهون ۽ ٻاڦ بہ منهنجي ڪمري ۾ گهڙي ايندي هئي.

سندس ان رڏپچاءَ ڪانپوءِ جيڪو ڪيس ملندو هو اهو هلي دب پٽيندو هوس، ويندي ڪمري نمبر 617 ۾ رهندڙ تنزانيا جو شريف انسان دوبيلو به ڪيس چوندو هو: ”سوتي چائي! مهرباني ڪري هاڻي ٿائي ڪاڏن جي پچر ڇڏ.“

ٻيا ته ٺهيو پر سندس ڪاڏي جا شريڪ ساٿي يمن جو مبارڪ ۽ فلپين جو گلربٽ به رڙيون ڪندا هئا ته مڇي ۽ ساس جي ايڏي تکي ڏپ آهي جو ٻن ڏينهن تائين ڪپڙن مان نه ٿي نڪري. ان ڪري اهي ٻئي جڻا ماني کائڻ لاءِ جڏهن سوتيءَ جي ڪمري ۾ ويندا هئا ته گنجي ۽ چڏي پائي ويندا هئا.

اسان کي به سوتي چائيءَ جي ڪاڏي جي ڏپ تنگ ڪندي هئي، ڪجهه وري رونشي خاطر سوتي چائيءَ کي تنگ ڪرڻ ۾ مزو ايندو هو، پر سوتي چائي ان معاملي ۾ بنهه نٺر ثابت ٿيو ۽ آخر تائين پچر نه ڇڏيائين. رڌ پچاءَ شروع ڪرڻ واري ڏينهن کان وٺي آخري ڏينهن تائين سوتي چائي سڀني جون خوشامندون ڪندو رهيو ته ڪيس شڪي نه ڪريو، جيڪو ملندو هوس ان کان پڇندو هو: ”ٻاهر گهمڻ نه ٿو وڃين؟“ جيئن اسين ٻاهر هليا وڃون ته اهو هن لاءِ سڀ کان سٺو رهي ۽ آرام سان ادرڪ ٿومون ساڙي تڙڪا ڪندو رهي.

هڪ ڏينهن مرچ مسالن کي گرم تيل ۾ ساڙي رهيو هو ته عين ان وقت دري کولي مٿان رڙ ڪئي مانس: What

پنهنجي دري مان منهن ڪڍي are you doing, Mr, Suti Chai? منهنجي سوال جو جواب ڏيڻ بدران ڪيڪارڻ لڳو، جيئن اصل ڳالهه تان ڌيان هليو وڃي. " How are you Mr. Altaf, "Okay?

"ڏوڙ اٿئي پئي." مون ڪلي چيو مانس، "ٻيهه ته اچانءِ ٿو."

سندس ڪمري ۾ آيس ته مبارڪ ۽ گلبرٽ به ويٺا هئا، مون سان گڏ هو به سوتيءَ کي تنگ ڪرڻ لڳا. "سوتي چائي روز روز مڇي رڌي ماري رکيو اٿئي" مبارڪ چيس.

پر سوتي چائي مجال آهي جو ان عنوان تي ڳالهه ڪري. هو خير عافيت ئي پڇندو رهيو: "مسٽر الطاف! طبيعت ڪيئن آهي؟"

"اسان جو ٿو ساهه نڪري توکي طبيعت جي لڳي آهي." وراڻيو مانس.

ان بعد ڪيس ۽ مبارڪ کي سنڌ جي هڪ وڏيري ۽ سندس شيدي نوڪر جو چرچو ٻڌايو ته هڪ رئيس اونڌو ٿيو ستو پيو هو ۽ سندس شيدي خادم ڪيس زور پئي ڏنا. اوچتو رئيس کان ٺٺ نڪري ويو. هن روڪڻ جي گهڻي ئي ڪوشش ڪئي پر مڪمل طرح ڪامياب ٿي نه سگهيو. بهرحال نوڪر جو ڌيان هٽائڻ لاءِ پڇيائين:"ابا جمعا! گهٽا پائر آهيو پاڻ ۾؟"

نوڪر به هو استاد ماڙهو تنهن ئه پهه وراڻيس: ”رئيس پائر ته چار آهيون. ٽي ته ماتليءَ پنهنجن گهرن ۾ سکيا ويٺا آهن، باقي چوٿون جمعو توب جي منهن ۾ آهي. الاءِ مري يا بچي!“

مبارڪ وارن سان گڏ سوتي چائي به ڪلڻ لڳو. جڏهن هنن ڪِلي بس ڪيو ته سوتيءَ کي چيم: ”سوتي چائي تون به طبيعت چا ٿو پڇين. ٽائي فوڊ رڌڻ بند ڪر نه ته مالمو موٽڻ تائين الاءِ بچي به سگهون يا نه.“

# اعليٰ تعليمي نظام جو راز ....

۽ هاڻ وئن ۾ سامان رکي مالمو (سئيڊن) موٽڻ لاءِ هيلسنڪيءَ جي ايئرپورٽ ڏي وڃي رهيا هئاسين. گاڏي هلڻ سان سوتي چائي، گلبرٽ ۽ ٻيا پوين سيٽن وار سمهڻ ۽ ڪونگهرا هڻڻ لڳا. اسان جو ميزبان ڪئپٽن پيڪا مون سان ئي ڳالهائيندو هليو ۽ پوءِ مون کي ٻه اوچتو خيال آيو ته هيلسنڪيءَ جو هوائي اڏو ته شهر کان تمام پري آهي، آئون ٻه ڇو نه ٿوري دير ننڊ ڪري وٺان.

”باقي ڪيترو آهي؟“ مون پيڪا کان پڇيو.

”ڇا مطلب؟“ هن نه سمجهيو.

”ايئرپورٽ پهچڻ لاءِ باقي ڪيترو پنڌ بچيو آهي؟“

”ڪجهه به نه بچيو آهي، اهو سامهون ايئرپورٽ بيٺو آهي. ڇو؟“

”بس مون به ڪانگ واري اک هڻڻ چاهي ٿي، پر هاڻ هوائي جهاز ۾ ننڊون ڪندس“

ايئرپورٽ تي پهچي يمن جي مسٽر مبارڪ اسان جي چئن جي ٽولي ۽ پنجين تنزانيا جي دوبيلي کان ٽڪيٽ ورتي، ڪائونٽر تان جهاز ۾ هڪ ٻئي جي پرسان ويهڻ جا سيٽ نمبر (بورڊنگ ڪارڊ) وٺي آيو.

جهاز ۾ گهڙياسين ته منهنجو سيٽ نمبر گلبرٽ ۽ سوتي چائيءَ جي وچ ۾ هو.

”توکي سموکرس سيٽ کپيا نان-سموکرس سيٽ؟“ يمن جي مبارڪ مون کان پڇيو. دراصل هن کي مون واري سيٽ کتي تي جيئن هو ”هم پيالا هم نوالا“ گلبرٽ ۽ سوتي چائيءَ سان گڏ ويهي سگهي.

”سموکنگ جي ته سڀي جهاز ۾ اجازت ناهي جو هي جهاز هڪ اسڪينڊينيوين ملڪ کان ٻئي ۾ پيو وڃي. بهرحال مون کي نان-سموکنگ سيٽ نه پر نان-اسپيکنگسيٽکپي،سوآئوندوبيلوسانٽوويهان.“موناٽيپنهنج يسيٽمبارککيڏني.

تنزانيا جو مئرين انجنيئر دوبيلو مانيٽي طبيعت جو آهي، سفر ۾ پاڻ به ننڍون کندو آهي ۽ پر واري جو به سک نه ڦٽائيندو آهي.

پر هيلسنڪي کان کوپن هيگن جي هن فلائيٽ ۾ اتفاق اهڙو ٿيو جو دوبيلو جهڙو ماڻهو، جيڪو هر هلندڙ شيءِ ۾ هميشه سمهندو آهي پوءِ چاهي بس هجي يا لاري، جهاز هجي يا ريل گاڏي پر هن دفعي دوبيلو خبرون کندو رهيو ۽ آئون ماني اچڻ تائين سندس ڳالهيون ٻڌندو ۽ پڇندو رهيس.

دوبيلو ٻڌايو ته هو کيئن جهاز جو انجنيئر ٿيو.

”منهنجو گهر نہ دارالسلام جهڙي بندرگاهہ ۾ آهي ۽ نہ ڪنهن سمنڊ جي ڪناري واري ڳوٺ ۾. آئون جنهن ڳوٺ ۾ ڄايس، وڏو ٿيس ۽ پڙهيس اهو سمنڊ ڪان سوين ميل ڏور آهي.“ هن ٻڌايو.

”پوءِ پلا جهاز جي نوڪريءَ جو توکي ڪيئن شوق ٿيو؟“ مون پڇيو مانس.

”مون ڊاڪٽر ٿيڻ ٿي چاهيو، پر ڪاليج ختم ڪري جن ڏينهن ۾ آئون ملٽري ۾ هوس تہ اتي مئرين انجنيئرنگ لاءِ هڪ اخبار ۾ اشتهار ڏسي Apply ڪيم. اسان وٽ تنزانيا ۾ هر هڪ کي ٻہ سال فوج ۾ رهڻو هوندو آهي، سو انهن ٻن سالن دوران مون کي انٽرويو لاءِ سڏ ٿيو. مون پنهنجي ڪمانڊر ڪان انٽرويو تي وڃڻ لاءِ موڪل ورتي پر هن نہ ڇڏيو. پر هوڏانهن مون کي بنا انٽرويو جي چونڊي ورتائون جو منهنجي اسڪول ۽ ڪاليج جا سرٽيفڪيٽ ۽ مارڪون تمام سٺيون هيون، جن ڪري هنن مون کي مرچنٽ نيويءَ ۾ ڪڻڻ جو فيصلو ڪيو.““

”دوبيلو! تنهنجين ڳالهين مان لڳي ٿو تہ توهان جي ملڪ تنزانيا ۾ انگريزن جي وڃڻ بعد بہ تعليم جو معيار مٿانهون رهندو اچي ... سفارش بنا، قابل ۽ حقدار شاگردن کي حق ملي ٿو، نہ تہ تون غريب هئين، هڪ ڳوٺ جو هئين، انٽرويو تي بہ نہ وڃي سگهئين- ان هوندي بہ تنهنجي

مجبوريءَ کي درگذر ڪري، تنهنجي حق جو خيال رکي توکي ڪنيو ويو.“ مون چيو مانس.

”ها صحيح چئو ٿا. تنزانيا ۾ اجا تائين تہ تعليم جو معيار بلند آهي، ان ڪري اسان جي ملڪ مان جيڪو پڙهي ڊاڪٽر، انجنيئر يا وڪيل ٿئي ٿو اهو پنهنجي ڪم ۾ پڙ سمجهيو وڃي ٿو.“ دوبيلو ٻڌايو.

”هائو.“ هن جي ڳالهہ کي دل سان مڃيندي مون ان جي پوئواري ڪئي، ”هونءَ هتي اچڻ بنا ڪو اها ڳالهہ ڪري ها تہ يقين نہ اچي ها، پر ڏسان پيو تہ تنهنجي ملڪ جا ٻيا همراهہ مسٽر چيپا، مسٽر ڪمولو يا نائيجيريا جي مئڊم جوليانا، مئڊم آرت ۽ مسٽر ايدي- هڙ شاگرد پنهنجي تعليم توڙي عام معلومات ۾ هوشيار آهن، هر عنوان تي سندن سوچ ۽ صلاحون مفيد ثابت ٿيون آهن، ايتري قدر جو بحث مباحثي دوران هتي جا ڪي گورا ڪٽر يورپي پروفيسر بہ سندن خيالن ۽ قابليت جو اعتراف ڪن ٿا.“

آفريڪا جي ان قائم ڪيل تعليمي معيار توڙي اعليٰ ذهين لاڙن جو سوچي جتي خوشي ٿيندي اتم، اتي پنهنجي ملڪ جي نوجوانن ۽ تعليم جي واسطيدارن کي هيڻاهين جي واٽ ويندو ڏسي ڏک ٿيندو آهي ۽ السينڊ (ناروي) ۾ مليل هڪ سنڌي همراهہ گل آهوجا جي ڳالهہ دل سان لڳي ٿي تہ اسان جا ملڪ ۽ ماڻهو جيڪي تهذيب ۽

تعليم کان مٿاهان مڃيا ويندا هئا، اڄ انهن جو ھي حال ڏسي لڳي ٿو تہ اهي اڳ جي دور جون ڳالهيون ڇڻ حقيقتون نہ پر افسانا هجن.

مون تنزانيا (آفريڪا) جي هن پنهنجي ڪليگ کان سندس ملڪ جي اعليٰ تعليمي نظام جو راز معلوم ڪرڻ چاهيو ٿي، ان بابت ڪجھ پڇانس ان کان اڳ پاڻ چيائين:

”اسان جي ملڪ (تنزانيا) ۾ تعليم کي پرائمري ليول کان اهميت ڏني وڃي ٿي. ننڍن ننڍن ڳوٺن ۾ جيڪي ٻارا اٺا يا پرائمري اسڪول کلن ٿا، انهن ۾ استاد توڙي ٻارن جا مائٽ محنت ڪن ٿا ۽ دلچسپي وٺن ٿا. ڳوٺ جو وڏو يا قبيلي جو سردار ان اسڪول کي پنهنجي هڙون بہ ڏئي ٿو ۽ اسڪول جي بهتري کي پنهنجي عزت جو سوال بہ سمجهي ٿو....“

دوبيلو آفريڪا جي هڪ ملڪ تنزانيا جي دور دراز ڳوٺن ۾ انهن ۾ تعليم لاءِ چاهت ۽ سچائي جون ڳالهيون ڪندو رهيو، منهنجو ڌيان سنڌ جي ڳوٺن ڏي ڦرندو رهيو، جن مان علامہ آءِ آءِ قاضي، محمد عمر دائود پوٽي، امينا خميساڻي، اي ڪي بروهي ۽ ويندي اڄ جي دور جا جمال ابڙو، امر جليل، ڪي بي رند، حسن مجتبيٰ، فقير محمد لاشاري جهڙا قابل ماڻهو پڙهي نڪتا ۽ هو هڪ شهري پڙهيل کان ڪنهن بہ ليکي ۾ گهٽ نہ آهن. شايد هو انگريزن ۽ ڌارين جو دور هو، جڏهن ڳوٺن جا اسڪول بہ صحيح طرح

هليا ٿي پر اڄ جڏهن پنهنجن جو دور آهي تہ پنهنجي ماڻهن ۽ انهن جي ٻچن جي تعليم جو سوچڻ ۽ ان کي بهتر بڻائڻ بدارن ڳوٺ جو وڏيرو توڙي تعليم کاتي جا آفيسر يا اسڪول جا ماستر توڙي ٻارن جا والدين ڪهڙي خدمت سرانجام ڏئي رهيا آهن؟ اها ڳالهہ ڪنهن کان ڳجهي ناهي. هڪ سنڌي اخبار ۾ ڪنهن پڙهندڙ جو سنڌي ۽ تعليمي نظام بابت تفصيلي خط ڇپيو هو. اسان جي تعليم جي تباهي بابت سندس تت اهو هو تہ ڪيترا ماستر بنا محنت جي گهر ويٺي پگهار کڻڻ چاهين ٿا. وڏيرا، پير، پوتار پنهنجي مستقبل جي اونداهي ڏسي، هو ڪنهن بہ پنهنجي ڳوٺ جي ٻارن جي تعليم جي همت افزائي نہ ٿا ڪرڻ چاهين ۽ ٻارن تي سندن ماءُ پيءُ محنت ڪرڻ بدران تعليم جو سڄو بار استاد تي سونپڻ چاهين ٿا ۽ هنن کي فقط اها اون آهي تہ سندن ٻار جلد وڏا ٿي، ڪا سرڪاري نوڪري ڪن - پوءِ اها پلي ڪنهن کاتي ۾ ڪلارڪي هجي- پر هجي رشوت واري.

# تون سوئر چوڻ نہ ٿو ڪائين...؟

هيلسنڪي کان ڪوپن هيگن ڏي سفر ڪرڻ واري هن هوائي جهاز ۾، خبر ناهي ڪنهن وقت منهنجي پر واري سيٽ تي وينل تنزانيا جي هن دوست دوبيلي ماٿ ڪئي.

”چا پيئندائو؟“ايئر هوسٽس جي پڇڻ تي منهنجي خيالن جو سلسلو ٽٽي پيو. آئون SAS جي جهاز ۾ هيلسنڪي (فنلئنڊ) کان ڪوپن هيگن (ڊئنمارڪ) وڃي رهيو هوس، جتان پوءِ هوور ڪرافٽ ذريعي مالمو (سئيڊن) وڃڻو هو جتي جي ورلڊ مئريٽائيم يونيورسٽيءَ سان منهنجو واسطو آهي.

تنزانيا جي مئرين انجنيئر مسٽر دوبيلو پيئڻ لاءِ ايئر هوسٽس کي ڪوڪا ڪولا چئي ۽ مون چانهه لاءِ گُهرَ ڪئي جو هوائي جهاز ۾ آئون ٿڪاوٽ محسوس ڪري رهيو هوس.

”چا چانهه نہ هلندي؟“ مون دوبيلو کان پڇيو.

”ماءِ ڊيئر فرينڊ!“ دوبيلو منهنجي جوٽ تي هٿ هڻندي چيو چانهه يا ڪافي يا ڪوڪا ڪولا، ڳالهه مڙئي ساڳي آهي. منجهن ڪا بہ غذائي Value نہ آهي. بس مڙئي ٽيا چپ آلا ڪرڻا.“

مون کلي چيومانس: ”واقعي ڳالهه صحيح ٿو ڪرين، بقول هڪ سنڌي چوڻيءَ جي ڪارو منهن ٽيو ڪرٽو، جهڙو تئي مان تهڙو دانگيءَ مان.“

۽ هاڻ دوبيلو به کلڻ لڳو. دوبيلو به انهن مان آهي، جيڪي بيئر، وسڪي يا ٻئي ڪنهن شراب ڪان پري پڄن ٿا، جيتوڻيڪ پاڻ عيسائي آهي. ان جو سبب منهنجي پڇڻ تي شروع ۾ ٻڌائي چڪو آهي ته شراب نه فقط مسلمان لاءِ خراب شيءِ آهي پر هڪ سني عيسائي لاءِ پڻ.

”شراب جي سني شيءِ هجي ها ته هنن ملڪن جا سڀ امير ماڻهو هر وقت اهو پيئندي نظر اچن ها،“دوبيلو هڪ ڏينهن ٻڌايو هو، ”هنن وٽ ته نه پئسي جي کوٽ آهي ۽ نه شراب جي. پاڻ جهڙن غريب ملڪن ۾ شراب پيئڻ هڪ کوکلي شان ۽ ڏيکاءُ جي نشاني بڻجي چڪو آهي. اسان جهڙن ترقي پذير ملڪن ۾ جيڪي ماڻهو شراب پيئن ٿا اهي دراصل احساس ڪمتريءَ جو شڪار آهن.“

”اهو ڪيئن؟“ مون پڇيو مانس

”بس. ڪيترا ماڻهو جن وٽ هتان پئسو ته اچي ويو آهي پر ٻيو ڪو لچڻ نه اٿن ته هو پاڻ کي يورپي-يعني بين لفظن ۾ اعليٰ سڏائڻ لاءِ شراب پيئن ٿا، چو ته هي يورپي، جيڪي اسان جا مائي باب سمجهيا ويندا هئا، جنهن دور ۾ اسان جي ملڪن ۾ ڪلبن ۾ ۽ جيم خانن ۾، ويهي

شراب پيئندا هئا تہ اسين ديسي ماڻهو ان تي ريس كندا هئاسين. هاڻ اسان جي ماڻهن کي کير ٻڌائي تہ بابا اهي گورا اڄ ان شراب ۽ سگريٽ کي پنهنجو جاني دشمن سمجهن ٿا. کلي عام تہ ڇا پر مئخانن ۾ شراب پيئندي بہ هو شرم محسوس کن ٿا.“

”اسان وٽ پڙهيل ڳڙهيل آفيسر بہ تہ پيئن ٿا جن کي وڏيون ڊگريون ۽ وڏا عهدا آهن.“ مون دوبيلو کي چيو

”بلڪل. اسانجي ملڪ (تنزانيا) يا آفريڪا جي ٻين ملڪن جو بہ ساڳيو حال آهي،“ دوبيلو چيو، ”پر افسوس جو اهي پڙهيل ڳڙهيل بہ احساس ڪمتريءَ جو شڪار آهن. هو هيترو سڀ ڪجهہ هوندي بہ پنهنجو پاڻ ۾ خال محسوس کن ٿا تہ شايد شراب پيئڻ بنا هو وڏا ماڻهو نہ سمجهيا ويندا، پوءِ هنن جو پلي سمورو پئسو ۽ صحت ان ۾ ڳري وڃي، پر هو شراب پيئڻ ضروري سمجهن ٿا. هنن کي هر وقت اهو احساس رهي ٿو تہ ائين ۽ فقط ائين ڪرڻ سان هو ملڪ جي هٽ نوڪي ”هاءِ سوسائٽيءَ“ ۾ هلي سگهن ٿا ۽ عام ماڻهوءَ کي مرعوب ڪري سگهن ٿا.“

پيئڻ لاءِ ڪجهہ رکي وجڻ بعد ٻي ايئر هوسٽس ماني ڏيڻ لاءِ ڦيٿن واري لوهي ٽرالي ريڙهيندي آئي. پلاسٽڪ جي وڏي ٿالهيءَ ۾ انگور، مکڻ، پنير ذرو، سلاد، گوشت جا سنها

پترا، ڏنئوري جو گلاس، ٻہ ڪن چاڪليٽ وجهي هر هڪ مسافر اڳيان رکڻ لڳي.

هيلسنڪي جي هوٽل مان نڪرڻ وقت آئون چڱي طرح ڪائي نڪتو هوس جو هن پاسي جي جهازن ۾ اڪثر سوئر جو گوشت (Pork/Ham) ملي ٿو ۽ سيني مسافرن لاءِ ساڳيو ڪاڌو ايئرپورٽ تان ئي ڪٽي نڪرن ٿا. ان ڪري جهازن وارن لاءِ ڪنهن ہ مسافر جو ڪاڌو بدلائي ٻيو ڏيڻ هڪ مشڪل ڳالهہ آهي. ساڳي وقت پڪ ڪرڻ لاءِ تہ آيا اهو خنزير جو گوشت آهي يا ڍڳي ٻڪري جو، خراب لڳي ٿو ۽ هينئر تہ يمن جو مبارڪ گڏ هو سو ان ”پچ پچ“ جي پڳ هن پنهنجي مٿي تي رکي هئي. هو هينئر ہ وسڪيءَ جو گلاس هٿ ۾ جهلي ايئر هوسٽس کان پڇي رهيو هو تہ سئندوچون کهڙي گوشت جون آهن، جيڪا ورندي ۾ ٻڌائي رهي هيس تہ بئڪن جون آهن، معنيٰ سوئر جي گوشت جون آهن.

دوبيلو مبارڪ ڏي منهن ڪري پڇيو:

“My friend! Why you don’t eat pork?”

(تون سوئر جو گوشت ڇو نہ ٿو ڪائين؟)

مبارڪ ٿورو چڙ مان وراڻيس، ”ان ڪري جو آئون مسلمان آهيان.“

دوبيلي ڪلندي چيس: ”اها تہ مون کي ہ خبر آهي تہ تون مسلمان آهين، پر مسلمان کي تہ شراب ہ نہ پيئڻ کپي.“

مبارڪ لاجواب ٿي ويو. کهڙي ورندي ڏئيس.

”دوبيلو، هي مرزا غالب وانگر اڌ مسلمان آهي.“

مون غالب واري ڳالهه جو حوالو ڏنو.ننڍي کنڊ جي مشهور مسلمان شاعر مرزا غالب کان ڪنهن ڪيس دوران ڪورٽ ۾ جڏهن قسم نامي وقت پڇيو ويو ته آيا هو مسلمان آهي يا سک يا عيسائي ته وراڻيائين.

”آئون اڌ مسلمان آهيان، شراب پيئان ٿو، پر سوئر نه ٿو کان.“

# هيلسنڪي کان ڪوپن هيگن ۾ مالمو

جهاز پوري وقت تي ڪوپن هيگن پهتو پر سيني مسافرن جي لهڻ بعد اسان ڏهه منٽ کن پوءِ لٿاسين.جهاز ۾ ماني کائڻ دوارن نرم وارو چاڪليٽ گلبرٽ جي پليٽ تان سندس سيٽ تي ڪري پيو ۽ پاسا ورائڻ تي ماڳهين پتلون هيٺان چِلهجي ويو. جهاز جي سيٽ ته خراب ٿي پر گلبرٽ جي هلڪي رنگ جي پتلون تي پٺيان چاڪليٽ جا ائين داغ ٿي پيا ڄڻ دست ڪيا هجنس.

گلبرٽ اهي نشان ڏسي چيو: ”آئون جهاز مان ائين نه لهندس، ڪوپن هيگن ايئرپورٽ تي ماڻهو ڪلندا.“ سو جهاز جي ڪاڪوس ۾ پتلون لاهي ڌوئڻ لڳو، تيسين اسين باقي چار ڄڻا ۽ پنجين SAS جي پوڙهي ايئر هوسٽس بيٺي رهي ته اسين لهون ته هوءَ جهاز جو در بدن ڪري پاڻ به نڪري. گلبرٽ جي ڪوشش ناڪام وئي ۽ سوتي چائيءَ جي صلاح ۽ مبارڪ جي فيصلي موجب اسان چارئي ڄڻا سندس اڳيان پويان ۽ ساڄي کابي ٿي هلڻ لڳاسين- ڄڻ اسان سندس باڊي گارڊ هجون. پر هتي اسان جو مقصد سندس جان بچائڻ نه پر آن بچائڻ هو، جيئن ڪنهن جي نظر سندس پتلون تي نه پوي. اها ڊيوٽي ڪندا رهياسين، جيسين ايئرپورٽ تي

سندس بئگ ملي جنهن مان ٻي پتلون ڪڍي هن ان وقت ئي پاتائين.ان بعد هن ۽ اسان سُک جو ساهه کنيو.

جنهن وقت جهاز مان نڪري اسان ايئرپورٽ ڏي اچي رهيا هئاسين ته گلبرٽ چيو: ”اهو سچو ڪم مبارڪ ڪري ٿيو.مانيءَ کائڻ مهل ايڏي ڦٽ ڦٽ ڪيائين جو منهنجي ٿالهي اونڌي ٿي وئي ۽ چاڪليٽ ڪاڏم ته ڪونه، ماڳهين پتلون خراب ڪري وڌائين.“

مبارڪ کلي سوتي چائي کي چيو: ”گلبرٽ گشا ٿو هٽي، منهنجي ڏوهه نه پر تنهنجو آهي.“

”اهو ڇيلا ڪيئن؟“ سوتي چائيءَ هميشه وانگر پنهنجي معصوم انداز ۾ پڇيو.

”گلبرٽ! چاڪليٽ جو فقط بهانو ٿو ڪري، دراصل فنلئنڊ ۾ تنهنجي رڌل ٿائي فوڊ ڪري سندس پيٽ خراب ٿي پيو آهي.“ مبارڪ چيو.

سوتي چائي ٺهڪ ڏئي گلبرٽ کي چيو:”گلبرٽ! پليز آئنده ٻارن واري نئپي ٻڌي هلندو ڪر.“

۽ ويچارو گلبرٽ ان تي وڏيڪ ٽيڪا ٽپڻي ڪرڻ بدران هر هڪ کي منٿ ڪندو رهيو ته ٿورو ويجهو ٿي هلو، جيئن ڪنهن ٻئي جي نظر سندس پتلون تي نه پوي. پتلون بدلائڻ بعد اسين تڪا تڪا ڪوپن هيگن جي گيٽ نمبر C 29 ڏي وڌياسين، جتان هوور ڪرافٽ (Hoover Craft) ذريعي

مالمو روانو ٿيڻو هو. هوور ڪرافٽ ”هوائي جهاز“ ۽ پاڻي واري جهاز جي ڪار ڇئي سگهجي ٿي. هوور ڪرافٽ ٻاهران شڪل ۾ پاڻيءَ جو جهاز ٿئي ٿو پر اندران هوائي جهاز وانگر ٿئي ۽ پروپيلر تي هلڻ بدران هوائي جهاز وانگر ٽربائين انجڻ تي هلي ٿو. هو پاڻي توڙي خشڪي تي بيهي سگهي ٿو. هلڻ مهل پاڻي يا زمين کان فٽ ڏيڍ مٿي اڏري ٿو.

ڪوپن هيگن جو ايئرپورٽ يورپ جي هن پاسي جي ملڪن ۾ وڏي ۾ وڏو ايئرپورٽ آهي، جهاز مان مسافرن جي لهڻ چڙهڻ لاءِ منجهس چالهيارو ڪن دروازا آهن. گيٽ نمبر اوڻٽيهين ڏي ويندي رستي تي ايئرپورٽ جو وڏو ”ڊيوٽي فري دڪان“ اچي ٿو، جنهن ۾ رکيل شراب مبارڪ ۽ گلبرٽ کي چقمق وانگر ڇڪيو. وسڪي جي بوتل ٻه ۽ بيئر ونڻ لاءِ هو ان ۾ گهڙي ويا. اسين پنهنجي ٽڪيٽ ڏيکاري، هوور ڪرافٽ ۾ ويهڻ جو سيٽ نمبر (Boarding Card) وٺي اچي انتظار گاهه ۾ ويٺاسين. سوتي چائيءَ کي چيم ته وقت تمام ٿورو آهي، شل مبارڪ وارا پهچي وڃن، نه ته خبر ناهي هوور ڪرافٽ وارا هنن لاءِ ٿوري دير به ترسندا يا نه؟

جواب ۾ هن پنهنجو تڪيو ڪلام دهرايو:

“Whatever will be, will be, Que sera sera” (جيڪي ڪجهه ٿيڻو هوندو سو ٿي رهندو)

راڳ جي Que sera sera سڻ اسپيني آهي، جيڪو ٻڌي اسان جا پري کان وينل وينزوئلا ۽ ڪاسٽاريڪا جا ڪُليگ ڪلڻ لڳا جو هنن جي مادري زبان اسپيني آهي ۽ هنن نرسري اسڪول ۾ ماسترياڻي کان اهو راڳ ضرور ٻڌو هوندو.

اتي بس ۾ چڙهي هوور ڪرافٽ ڏي هلڻ جو اعلان ٿيو. سوتي چائي ڪلي چيو: ”ڏنئہ هي پنهنجا يار نہ پهتئہ. هاڻ پلي بہ ٿي ڪلاڪ، ٻئي هوور ڪرافٽ جي وڃڻ تائين اتي ڪوپن هيگن جي ايئرپورٽ تي انتظار ڪن.“ ۽ پوءِ پنهنجو مٺيون دلپسند راڳ وري جهونگارڻ لڳو....

When I was just a little girl

I asked my mother, what will I be

Will I be pretty

Will I be rich

Here's what she said to me

Que sera, sera

Whatever will be, will be

The future's not ours to see

Que sera, sera
What will be, will be
When I grew up and fell in love
I asked my sweetheart, what lies ahead
Will we have rainbows
Day after day
Here's what my sweetheart said
Que sera, sera
Whatever will be, will be
The future's not ours to see
Que sera, sera
What will be, will be

اتي سامهون مبارڪ ۽ گلبرٽ کي ٻوڙندو ايندو ڏٺوسين. بس ۾ آخري مسافر سوار ٿئي ان کان اڳ هو بس وٽ پهچي ويا ۽ بس ۾ چڙهي هوور ڪرافٽ ڏي آياسين، جيڪو ٻه ميل ڪن پري خشڪيءَ تي پارڪ ٿيل هو. سامهون بالٽڪ سمنڊ هو جيڪو هن جهاز کي ڪراس ڪري اسان کي پرينءَ پر (مالمو) شهر پڄائڻو هو.

شروع ۾ ٻڌائي چڪو آهيان ته ڪوپن هيگن ۽ مالمو ائين آهي جيئن منهوڙو، ڪياماڙي. منهوڙو ڪوپنگ هيگن بيٺ آهي ته ڪياماڙي مالمو-جيڪو سئيڊن جي ڏاکڻي پڇڙي تي

آهي. سئيڊن جي گادي جو هنڌ اسٽاڪهوم مالمو بندرگاهه کان ائين پري آهي، جيئن ڪراچي بندرگاهه کان اسلام آباد. هاڻ ظاهر آهي ته ڪوپن هيگن پهچي پوڻ پاڻيءَ رستي ڪلاڪ اڌ ۾ مالمو اچجي ته وڌيڪ سولو ۽ سستو آهي. ڪراچي کان مالمو ايندي وقت به اسين اسٽاڪهوم بدران ڪوپن هيگن ان ڪري آيا هئاسين.

# ”ڊائناسورس“ معنيٰ خوفناڪ چچي...

هن پيري هُووَر ڪرافٽ ۾ هر هڪ کي ڌار ڌار جاءِ ملي. مون کي جهاز جي پيٺاري واري حصي ۾ ملي، هر قطار ۾ پندرهن کن سيٽون ٿين، منهنجي پر ۾ هڪ جرمن يا شايد بيلجم جو پروفيسر وينل هو. تمام سٺي انگريزي ڳالهائين ٿي. هو سئيڊن جي ٻئي نمبر شهر گوٿن برگ وڃي رهيو هو، جتي ٻئي هفتي کان گوٿن برگ جي ”نئچرل هسٽري ميوزم“ ۾ ڊائنا سورس، دنيا جي قديمي وڏن جانورن جي هڏن جي نمائش لڳي رهي آهي. پاڻ ان سبجيڪٽ جو ڄاڻو ۽ اهم شخصيت مڃيو وڃي ٿو. افسوس جو هن جو نالو هن وقت وسري ويو آهي، مالمو ايندي تائين هن دنيا جي هنن قديمي جانورن Dinosaurs بابت ڪيتريون ئي ڳالهيون ٻڌايون. جيڪي ياد آهن هتي قلمبند ڪريان ٿو:

- موهن جو دڙو يا فرعونن جا مصر ۾ ٺهيل اهرام (Pyramids) پراڻا پراڻا ته به پنج ڇهه هزار سال پراڻا آهن. اهڙي طرح ڏهه هزار سال ۽ اجا به وڏيڪ ته هڪ لک سال ان مقابلي ۾ وڏو عرصو آهي. ڏهه لک سال يعني هڪ ملين (Million) سال اجا به گهٽو ٿيو. سائنسي کوجنائن مطابق ڊائنا سورس جانورن هن ڌرتي تي ڪڏهن

جنم ورتو ان لاءِ سئو سال يا هزار سال جو يونٽ نہ پر هڪ ملين سالن جو ماپو استعمال ڪرڻ ضروري آهي.

- هي جانور جيڪي تمام وڏي قدبت جا هئا، اڄ کان بہ سئو ويهہ ملين سال اڳ هن ڌرتي تي ظاهر ٿيا. ڏيڍ سئو ملين سالن تائين انهن جون ڪئين جنسون هن ڌرتي جي گولي تي موجود رهيون ۽ پوءِ اوچتو ئي اوچتو غائب ٿي وايون، انهن جي ختم ٿيوڃڻ کيہ پنجهٺ ملين سال ٿي ويا آهن.
- ڊائناسورسDinosaurs قديم يوناني لفظ آهي. ڊائنو معنيٰ خطرناڪ ۽ سورس معنيٰ ڇچي ۽ هن ڇچيءَ جي ڇا ڳالهہ ڪجي جنهن جا ڪي ڪي قسم هڪ سئو فٽن کان بہ وڏا هئا، خاص ڪري Seismosaurus (سيموسورس) تہ سوا سئو فٽن کان بہ ڊگهو هو، يعني ڇهہ فوٽا ويهہ ماڻهو هڪ ٻئي جي ڪلهن تي مٿي چڙهي بيهن تڏهن وڃي سندس منهن تائين پهچن. سيموسورس هلندو هو تہ اوسي پاسي جي زمين ڌڏي ويندي هئي- ان ڪري سندس نالو ”زلزلو پيدا ڪندڙ ڇچي“ رکيو ويو آهي.
- اهي جانور درياءَ ۽ جهڙي تهڙي سمنڊ ۾ تہ ائين هلي ويندا هئا، جيئن ڪتو ٻلو مينهن جي پاڻي ۾ هلي. ڊائناسورس جا ڪي قسم اونهي سمنڊ ۾ بہ تري

سگهندا هئا ته کي پکين وانگر اڏامندا به هئا. اڏامڻ وقت ڌرتي تي سندن ايڏو ته وڏو پاڇو ٿيندو هو جڻ ڪڪرن ڪري جهڙ ٿي ويو هجي.

سائنسدانن کي اها ڪيئن خبر پيئي ته ايڏا وڏا جانور، ايڏا ايام اڳ هن ڌرتي تي هئا؟

- سائنسدانن کي ڌرتيءَ مان لڌل هڏن مان معلوم ٿيو آهي، جيڪي دنيا ۾ ڪيترن هنڌن تي پٿرائين صورت ۾ مليا آهن ۽ اڄ تائين ملندا رهن ٿا. جانور جي کل ۽ گوشت ته ان ئي وقت ئي سڙيو وڃي پر هڏائون پڃرو ثابت رهي ٿو. ان هڏائين پڃري مان انهن جي قدبت ۽ ٻين ڳالهين جي ڄاڻ پوي ٿي.
- هنن جانورن مان ڪن جا هڏا ڳوهه ۽ ساندي جهڙا آهن ۽ Saurischiaus(معنيٰ ڇڇيءَ جي ڏڌ وارا) سڏجن ٿا ۽ ٻيا Ornithisvhiaus(پکيءَ جي ڏڌ وار) سڏجن ٿا. اهي گاهه ۽ ٻوٽا کائيندا هئا، جنهن جي ڄاڻ سندن ڏندن جي ڳاٺ مان پئي آهي.
- جنهن دور ۾ هنن جانورن جون شروعاتي جنسون پيادا ٿيون هيون اهو Traissic دور سڏجي ٿو. ٽرائسڪ دور کانپوءِ وارو دور جُوراسِڪ (Jurassic) سڏجي ٿو، جيڪو اڄ کان ڏيڍ سئو ملين سال تائين هليو.

- هن دور ۾ يعني اڄ کان ٻه سئو ملين سال اڳ (ياد رهي ته هڪ ملين ڏهه لک سالن برابر آهي) ڌرتي جا مختلف کنڊ، آفريڪا، ايشيا، آمريڪا وغيره اڄ وانگر ڌار ڌار نه هئا پر هڪٻئي سان ڳنڍيل هئا ۽ هڪ سئو ملين سال ٻيا ٻه هڪٻئي جي ويجهو ويجهو رهيا ۽ پوءِ آهستي آهستي پري ٿيندا ويا ۽ اڄ جي صورت اختيار ڪيائون. نتيجي ۾ هنن قديمي ۽ آفتن جهڙن جانورن جا هڏا جتان ڪٿان ملندا رهن ٿا، ميڪسيڪو توڙي منگوليا مان، آسٽريليا توڙي آمريڪا مان.
- آمريڪا جي جوراسڪ فلم ۽ پارڪ جو نالو ان دور تان رکيو ويو آهي، جنهن ۾ قديمي جانور ڏيکاريل آهن. هن دور کانپوءِ جو دور Createaceous سڏجي ٿو، جيڪو پنجهتر ملين سال هليو ۽ اڄ کان پنجهٺ ملين سال اڳ تائين هو. ان دور جي آخر ۾ راهي سڀ وڏا ۽ قديمي جانور نابود ٿي ويا، ڪيئن ختم ٿي ويا ان جو جواب ڪو به خاطري سان نه ٿو ٻڌائي. ڪي چون ٿا ته هي جانور بک وگهي مري ويا، جو هنن ڪي ڪاڌي خوراڪ لاءِ تمام گهڻو ڪتو ٿي ۽ ڪائي ڪائي ٻيلا جهنگل چٽ ڪري ڇڏيا هئائون، ڪي چون ٿا ته ڪا اهڙي وبا پکڙي جنهن ۾ سڀ مري ويا. ڪي چون ٿا ته هن ڌرتي سان پڇڙ تاري (Asteroid/Comet) جو اهڙو زور سان ٽڪر ٿيو جو

سڀني ڌرتي جي چوڌاري مهينن جا مهينا اڏاميل ڌوڙ جا گهاٽا ڪڪر ڇانيل رهيا ۽ لڳاتار اونداهه ڪانيار هجڻ ڪري، وڻ ٽڻ، ٻوٽا ۽ ساهوارا هوا ۽ کاڌي جي فنا ٿيڻ ڪري مري ويا.

- بهرحال هي جانور هن ڌرتي جي گولي تي تقريبن ٻه سئو ملين سال رهيا ۽ ان عرصي کي هڪ انساني عمر سان ڀيٽجي ته هڪ سئو سال يا ويندي پنج هزار سال ٻه ڄڻ هڪ خواب برابر آهن.

# پرديس ۾ رهندڙن جا ڪجهه مذهبي مونجهارا

سئيڊن جو شهر مالمو جنهن ۾ آئون رهان ٿو، ان ۾ هڪ تمام وڏي مسجد آهي. مسجد جي چوڌاري وڏو ميدان آهي، جنهن تي سوين ڪارون پارڪ ٿي سگهن ٿيون. در ۾ گهڙڻ سان چورس ورانڊو آهي، جتي ويهڻ لاءِ ڪيترائي صوفا سيٽ رکيل آهن. وچ تي ٿلهو غاليچو وڇايل آهي، جيئن عيد نماز ۽ جمعي نماز تي اندريون وڏو حال ڀرجي وڃي ته هن ورانڊي ۾ پڙهي سگهجي. هال جي مٿان ماڙي آهي، جتي عورتون ويهي واعظ ٻڌن ۽ نماز پڙهن. عورتن کي مسجد ۾ اچڻ کپي يا نه پر هتي اچن ٿيون، خاص ڪري جمعي نماز تي تمام گهڻيون هونديون آهن.

مسجد جو امام تبديل ٿيندو رهي ٿو. اڄڪلهه ترڪي کان آيل هڪ ترڪ آهي. سندس رهائش جو بندوبست مسجد ۾ آهي. مسجد جي خرچ پکي جو وڏو حصو عرب ۽ ترڪ سفارتخانا ڏين ٿا، باقي حصو نمازي ڏين. نمازين ۾ گهڻا عرب ۽ بلقاني رياستن جا ماڻهو نظر اچن ٿا، يعني يوگوسلاويا، بلغاريا، البانيا ۽ رومانيا پاسي جا. هزار کن جماعتين ۾ ٻه سئو کن شيدي به هوندا آهن، جيڪي آفريڪا جي مختلف ملڪن جا آهن، خاص ڪري گهانا، نائيجيريا، موريطانيا، جبوتي وغيره جا. پاڪستاني ۽ هندوستاني به

هوندا آهن پر اتي ۾ لوڻ برابر، جو ٻين جي مقابلي ۾ هن پاسي پاڪستاني گهٽ رهن ٿا ۽ نماز تي ويهارو ڪن مس هوندا آهن. اهڙا ٻه سئو ڪن يورپ جي ملڪن جا مڪاني گورا مسلمان هوندا آهن جيئن ته جرمني، فرانس، انگلينڊ، ويندي ناروي، ڊئنمارڪ ۽ هن ملڪ سئيڊن جا نو مسلم يعني ڪنهن ٻئي مذهب مان مسلمان ٿيل.

مهيني ڏيڍ، ٻاهرين ملڪ جو ڪو مولوي واعظ لاءِ دعوت تي گهرايو ويندو آهي يا ڪو پاڙهي اچي هتان نڪرندو آهي يا هتان (مالمو يا ڪوپن ٻيگن شهرن مان) سندس لنگهه ٿيندو آهي ته ڪيس ان ملڪ جا هتي رهندڙ باشندا تقرير/واعظ/ليڪچر ڏيڻ لاءِ عرض ڪندا آهن. ڪوشش اها رهندي آهي ته ڪو ليڪچر انگريزي ۾ ٿئي جيئن گهڻي ڪان گهڻا فيض حاصل ڪري سگهن. هونءَ هتي جي زبان سئيڊش سڀ سمجهن ٿا، (سواءِ اسان ٿورن ڏارين جي جيڪي ڪجهه سالن لاءِ نوڪري تعليم، گهمڻ يا واپار لاءِ هتي آيل آهن) پر ظاهر آهي پاڪستان، ايران، سعودي عرب، الجيريا، فرانس يا آمريڪا جو عالمِ دين سئيڊن جي زبان ۾ تقرير ڪرڻ ڪان مجبور آهي، ان ڪري ٻي نمبر تي انگريزي سمجهي وڃي ٿي. ڪو عرب يا پاڪستاني عالم عربي يا اردو ۾ تقرير ڪندو آهي ته ان کي يڪدم يا تقرير بعد انگريزي ۽ سئيڊش ۾ ترجمو ڪيو ويندو آهي جيئن

گهٽي کان گهٽا ماڻهو معلومات حاصل ڪري سگهن، انگريزي بعد ٽئين نمبر تي ترڪي زبان آهي، جيڪا هتي رهندڙ نه فقط ڪيترائي ترڪ سمجهن ٿا پر ترڪي جي پرپاسن وارن ملڪن بلغاريا، البانيا ويندي پراڻي روس جي رياستن آذربائيجان، ترڪمانستان وغيره جا رهاڪو سمجهن ٿا. شايد اهو ئي سبب آهي جو نه فقط سئيڊن ۾ پر ناروي ۽ فنلئنڊ جي به ڪيترين ئي مسجدن ۾ امام اتي جا ترڪ آهن يا ترڪي کان گهرايا وڃن ٿا. جيئن ملائيشيا، سنگاپور، ٿائلنڊ ۽ هانگ ڪانگ پاسي جي مسجد لاءِ پاڪستان کان (خاص ڪري صوبي سرحد کان پٺاڻ) امام طور گهرايا وڃن ٿا. هن پاسي جي مسجدن ۾ جمع نماز جو پهريون خطبو هميشه ترڪيءَ زبان ۾ پڙهيو ويندو آهي ۽ ٻيو عربيءَ ۾.

مسجد ۾ دنيا جي عالمن کي گهرائي نه فقط اسلام تي ليڪچر ۽ واعظ ڪرايو وڃي ٿو پر هتي رهندڙ مسلمانن جي مسئلن ۽ مونجهارن تي سوالن جا جواب پڻ ڏنا وڃن ٿا، جيئن هر هڪ کي صحيح طرح پنهنجي دين اسلام جي ڄاڻ پوي ۽ اجايو منجهيل نه هجن.هو پاڻ ۾ بحث مباحثا ۽ جهيڙا ڪري نه فقط پاڻ ۾ تلخيون پيدا ڪن پر ڌارين غير مسلم ۾ به ڪل جو سبب پيدا ڪن. ڇو ته هتي دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جا ماڻهو رهن ٿا ۽ ڪيتريون ڳالهيون آهن، جيڪي اسانجا ذاتي عقيدا ۽ رسم ۽ رواج (ويندي بدعتون) آهن، جن

کي اسان مذهبي رنگ ڏئي پنهنجو پاڻ کي بہ گمراهہ ڪريون ٿا تہ ٻين کي بہ اسلام جي غلط تعليم ۽ تاثر پهچايون ٿا. جيئن اسان جي ملڪ ۾ خاص ڪري سنڌ ۾ ڪو سيد پير ڪٽي نيڪ نہ هجي پر هن کي اهل بيت سمجهي ان کي مٿاهون سمجهون ٿا. اها ڳالهہ نہ فقط عرب دنيا ۾ پر جتي ڪٿي خراب سمجهي وڃي ٿي ۽هو ان کي هندو رسم جو حصو سمجهن ٿا، اسلام ۾ ڪي بہ طبقا نہ آهن. اسلام مطابق الله جي نظرن ۾ اهو نيڪ ۽ بهتر آهي جيڪو عبادت ڪري ٿو ۽ خدا جو خوف دل ۾ رکي ٿو، پوءِ اهو چاهي شودر، ڀنگي، موچي مان نئون مسلمان ٿيل هجي. جنهن نموني سان اسان سيد کي برهمڻ وارو درجو ڏئي پوڄا جي حد تائين مان مٿاهون ڪيون ٿا، ان کي عالمِ اسلام شرڪ سان تعبير ڪري ٿو. اهڙين ڳالهين ۽ سوالن جا جواب هتي بحث هيٺ ايندا آهن.

هڪ ٻيو مثال، اسان جا پاڪستاني يائر ڪنهن مائٹ مٹ جي مرڻ تي ٽيجهو، ڏهو، چاليهو وغيره ڪن ٿا. ان بابت دنيا جا عالم اهو ئي ٻڌائين ٿا تہ اهي ڳالهيون نہ حضور اڪرم صہ جن جي ڏينهن ۾ هيون ۽ نہ اصحابي سڳورن جي ڏينهن ۾. ڪنهن کي قرآن پڙهي ثواب بخشڻو آهي تہ اهو تہ ڪهڙي بہ ڏينهن ڪري سگهجي ٿو، باقي اها هروڀرو جي رسم آهي

تہ مري جهري غريب ماڻهو قرض بہ ڪٽي ٿيجهي جو پت ڪري.

”افسوس جهڙي ڳالهہ آهي،“ هڪ عالم دين ٻڌايو، ”ڪو نماز نہ ٿو پڙهي يا روزي جهڙي فرض جي ادائگي نٿو ڪري تہ ان لاءِ ڪو بہ هن کي نہ ٿوڪيندو، پر ٿيجهي، چاليهي جهڙين رسمن لاءِ هر ڪو اهڙي ٿوڪ ڪندس جو هو ڪنهن محفل ۾ منهن ڪٽي نہ هلي سگهندو آهي.“

بهرحال ههڙن سوالن جوابن (مسئلن) جي محفل ۾ اڪثر اهي مونجهارا حل ڪيا ويندا آهن، جيڪي هتي، هنن ملڪن ۾ ماحول ۾ ماڻهن کي درپيش اچن ٿا. گهڻا سوال نماز جي وقتن جا هوندا آهن جو هتي ڪڏهن ڏينهن ننڍو تہ ڪڏهن رات ننڍي ٿئي ٿي. بهرحال نموني خاطر تازو نوٽ ڪيل سوال هتي ڏيان ٿو:

سوال: ڇا يورپ جي سخت سيءَ ۾ وضو ۽ غسل جي بدران تيمم ڪري سگهجي ٿو؟

جواب: جي نہ، اهڙي صورت ۾ تيمم ڪرڻ صحيح ناهي، البتہ پاڻي گرم ڪري وضو ڪري سگهجي ٿو.

سوال: جانور جي کل جي ٽوپي پائي نماز پڙهڻ جائز آهي يا نہ؟

جواب: جائز آهي

سوال: سفر دوران نماز جو وقت ٿي وڃي ته قبلي جي طرف جو ڪيئن فيصلو ڪجي؟

جواب: غور ۽ فڪر کان ڪم وٺجي، چڱيءَ طرح سوچي سمجهي پوءِ جنهن طرف دل شاهدي ڏئي، اهو قبلي جو طرف مجي ان ڏي رخ ڪري نماز پڙهجي.

سوال: آپريشن تي جيڪا ڇوڪري رت ڏئي ان سان شادي ٿي سگهي ٿي؟ اهو چيو وڃي ٿو ته رت ڏيڻ سان ڀاءُ ڀيڻ جو رشتو قائم ٿيو وڃي

جواب: رت ڏيڻ يا وٺڻ سان سڳو ڀاءُ ڀيڻ نه ٿو ٿي سگهجي، انهن جو هڪٻئي سان نڪاح ٿي سگهي ٿو.

سوال: سڀ کان وڏو گناهه ڪهڙو آهي؟

جواب: سڀ کان وڏو گناهه شرڪ آهي. ٻين سڀني گناهن جي معافي ۽ بخشش آهي پر مشرڪ جي ڪنهن حال ۾ به بخشش ناهي.

سوال: مينهن يا برف باري جي ڏينهن ۾ جيڪڏهن ڪو ماڻهو مسجد ۾ نه وڃي سگهي ته گهر ۾ نماز پڙهڻ سان نماز ٿئي ٿي؟

جواب: اهڙي موسم ۾ مسجد بدران گهر ۾ نماز پڙهڻ جي اجازت آهي.

سوال: قبرستان ۾ ڪي پڪيون قبرون نظر اچن ٿيون، جن مان لڳي ٿو ته اهي امير ماڻهن جون آهن ۽ ٻيون ڊٺل

حالت ۾ ڪچيون آهن، جيڪي غريبن جون ٿي سگهن ٿيون.
قبر کي پڪو ڪرائڻ يا مٿان قبو اڏڻ وغيره جي سلسلي ۾
اسلامي تعليم ڇا آهي؟

جواب:اسلام پڪي قبر کان منع ڪري ٿو. اسلام جي
تعليم اها آهي ته قبر ڪچي ۽ سادي هجي ۽ ماڻهو عبرت
حاصل ڪرڻ لاءِ قبرستان وڃن ته اسان جو آخرڪار اهو ئي
مقام ٿيندو ۽ هڪ ڏينهن هتي ئي اچڻو آهي..

سوال: روزي جي حالت ۾ سرمو پائڻ، مٿي ۾ تيل
وجهڻ، ميندي لڳائڻ جائز آهي يا نه؟

جواب: روزي ۾ اهي سڀ ڪم ڪري سگهجن ٿا، انهن
جي ڪا جهل ناهي.

سوال: ڪنهن غير مسلم کي ضرورت وقت هڪ
مسلمان پنهنجو رت (Blood) ڏئي سگهي ٿو يا نه؟

جواب: ان ۾ ڪا خرابي ناهي.

سوال: ڊاڪٽري پڙهڻ وقت لاش کي وڍ جي ڪٽجي ٿو،
ان جي اجازت آهي يا نه؟

جواب: ميڊيڪل اسٽوڊنٽ کي ان جي اجازت آهي.

سوال: پينٽ بشرٽ ۾ نماز ٿئي ٿي يا نه؟

جواب: پينٽ بشرٽ ۾ به نماز ٿئي ٿي، پر ڪوشش
ڪري اهڙو لباس پائجي، جنهن ۾ انسان سولائيءَ سان چرپر
ڪري سگهي- خاص ڪري رڪوع ۽ سجدي ۾ دقت نه ٿئي.

سوال: هڪ ماڻهو شراب وٺي ٿو ۽ نماز جماعت سان پنج وقت پڙهي ٿو، هن جي نماز قبول ٿيندي؟
جواب: نماز جي قبوليت ته الله تعاليٰ جي رحم ۽ ڪرم تي منحصر آهي، پر هڪ نمازي کي شراب وٺڻ جو ڪم نه ڪرڻ کپي.

# چيني آفيمي ڪيئن ٿيا...؟

يورپ جي جنهن شهر ۾ اڄڪلهه آئون رهان ٿو، اتي مون سان گڏ دنيا جي ٻين ٻه ڪيترن ئي ملڪن جا جهازي آفيسر آهن يا انهن ملڪن جي Ministry of Communication سان واسطو رکندڙ مرد توڙي عورتون آفيسر آهن. رهائش ۾ هڪ ئي هنڌ اٿئون، ان ڪري ائين لڳندو آهي ڄڻ هڪ ئي فئملي جا ميمبر هجون. پوءِ جيئن چوندا آهن ته ساڳي هٿ جون آڱريون به برابر نه آهن ۽ ساڳي ماءُ جي پٽن جي طبيعت ۾ به فرق رهي ٿو، اهڙي طرح اسان جيڪي مختلف ملڪن، قومن، آب هوائن، تهذيبن ۽ زبانن سان تعلق رکون ٿا، هڪ ٻئي جي فطرت ۽ عادتن ۾ فرق هجڻ ڪا حيرت انگيز ڳالهه سمجهڻ نه کپي.

هونءَ اسان سڀ هڪ ٻئي جي چال ڍال، رسم رواج، کاڌي پيتي ۽ ڪپڙي گنديءَ تي چٿرون ڪندي ڪڏهن تڪا ٿي ويندا آهيون ته ڪڏهن پرچي سرچي ويندا آهيون. چينين جي طبيعت کي آئون Admire ڪريان ٿو، جيڪي پنهنجو منهن پنهنجي مهاڙ وٺي هلن ٿا. هو ڪنهن تي رمارڪ بازي، اجائي سجائي Comment يا ٽوڪ طعنو نٿا ڪن، پر جي ٻيو متائن ڪري ٿو ته به ڏسان پيو ته صبر ڪان ڪم وٺي هلن ٿا. خاص ڪري يورپ جي ڪجهه ملڪن جا همراهه

چينين تي هرويرو پنهنجي ڪاوڙ چنديندا آهن: ”جاهل آهن، ڳُندا آهن“ -هو چينين لاءِ چوندا آهن ... يا ”سوشل نہ آهن، ڪنجوس آهن.“ وغيره وغيره.

يورپين (خاص ڪري فرانس، هالينڊ، اسپين- ويندي انگلينڊ جي رهاڪن) ڪي چينين لاءِ هرويرو اجايا رمارڪ ڏيندو ٻڌي مون کي افسوس ٿيندو آهي، پر سڀ کان گهٽو افسوس تڏهن ٿيندو آهي، جڏهن هو چينين کي Pot Smokers يا Opium Eaters چوندا آهن.هنن جو اهوئي مطلب هوندو آهي تہ چيني نشئي موالي هئا، هاڻ سڌريا آهن.

مائوزي تنگ جي انقلاب تائين چيني نشئين جي قوم بنجي چڪي هئي. گهٽي گهٽيءَ ۾ ماڻهو ڏوڏي، چرس، آفيم (Opium) واپرائي رهيا هئا، پر اڄ جي نوجوان جيڪو تواريخ کان واقف ناهي، ان ڪڏهن اهو بہ سوچيو آهي تہ چا چيني اصل کان نشئي هئا؟ چينين کي ڪنهن نشئي ڪيو؟ ڪنهن هنن جو اخلاق تباهہ ڪيو؟ ان ۾ يورپين جو هٿ آهي- خاص ڪري انگريزن جو، جيڪي هاڻ اخلاق (Morality) ۽ نيڪيءَ جا چئمپين سڏائين ٿا ۽ درس ڏين ٿا.

اڄ جڏهن سئو سال جي قبضي بعد هانگ ڪانگ واپس چينين وٽ وڃي رهيو آهي ان تي انگريزن قبضو ڪيئن ڪيو ۽ پئسي ڪارڻ چين جهڙي هڪ سلجهيل ملڪ کي

نشئي چو ڪيو ويو؟ ان بابت هتي مختصر طور ڪجهه لکڻ ضروري سمجهان ٿو.

چين هڪ وڏو ملڪ رهندو اچي، سندس تهذيب نه فقط پراڻي آهي پر ڪانئس ٻيا ملڪ ۽ قومون به سِکيون. جپان جهڙي ملڪ جي جپاني لکٽي به چينيءَ تان نهيل آهي. چين هنر مند ماڻهو ۽ واپار وڙي ۾ سڄي دنيا ۾ مشهور رهيو آهي. ارڙهين صديءَ جي شروعات ۾ انگلينڊ وارن جو چين سان واپاري تعلق هو. هنن چين مان ڪيترين ئي شيون در آمد ڪيون ٿي، خاص ڪري چانهه، سلڪ ۽ رابارب (Rhubarb) وغيره به تمام وڏي مقدار ۾ ورتو ٿي، ان ڪان علاوه نانڪنگ مان ڪاٽن جو ڪپڙو (جيڪو نانڪين سڏبو هو)، چيني مٽيءَ جو سامان، ڪاٺ جو ڪَٺ ورڪ ۽ فرنيچر سڄي انگلينڊ ۽ فرانس ۾ ويو ٿي .

پر انگلينڊ وارن ڪي اهو سوچي وڌ پوندا هئا ته اهو سڄو واپار هڪ طرف هليو ٿي - يعني انگلنڊ وارن چين مان ڪيترين ئي شيون خريد ڪري پنهنجا چاندي ۽ سوني جا سڪا ڏنا ٿي، پر هوڏانهن چين انگلينڊ ڪان ڪا به شيءِ نٿي خريد ڪئي. چين پاڻ ئي سڪيو ستابو هو. هن وٽ هر شيءِ پنهنجي هئي. هو چو ٻئي ملڪ ڪان هروپرو وني. اها ڳالهه انگريزن لاءِ پريشانيءَ جو باعث هئي ۽ هنن چاهيو

ٿي تہ چين مان خريد ڪيل سامان تي ڏنل سڪا ڪنهن طرح هنن مان واپس ڪيجن.

چيني سياڻا هئا، هنن ڏٺو پئي تہ ڪيئن انگريزن واپار جي بهاني سان هندستان تي قبضو ڪري ورتو، ان ڪري هنن پنهنجو مال انگريزن کي وڪيو ٿي، پر کين پنهنجي ويجهو نٿي اچڻ ڏنو. انگريزن جي جهازن کي فقط ڪئنٽن بندرگاهہ تي اچڻ جي اجازت هئي-اتي بہ هنن کي چيني واپارين سان سڌو رابطو رکڻ جي اجازت نہ هئي. نہ انگريز واپارين کي، نہ برٽش ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کي چين جي حڪومت سان سامهون اچڻ يا ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي موڪل هئي. فقط پورچوگالي هئا جن کي چين ۾ اچڻ جي موڪل هئي.

پورچوگيز چين ۾ سورهين صديءَ ۾ آيا هئا. هو چين جي سرزمين کان ٿورو پرڀرو مڪائو ٻيٽ تي رهيا ٿي. هن مڪائو ٻيٽ (جيڪو هانگ ڪانگ کان سڌ پنڌ پري آهي) اڄ بہ پورچوگالين جي ايئن ڪالوني سمجهيو وڃي ٿو جيئن هندستان ۾ گوا. مڪائو اڄڪلهہ جوا جي اڏن کان مشهور آهن.

ڪئنٽن جي بندرگاهہ ۾ چينين انگريزن کي اچڻ جي موڪل ڏني هئي، پر سا بہ اونهاري جا چند مهينا. سياري ۾ هنن کي اڏا پٽي مڪائو وڃڻو پيو ٿي. ڪئنٽن بندرگاهہ

۾ انگريزن کي فقط بندرگاهہ جي علائقي ۾ گهمڻ ڦرڻ جي اجازت هئي. انگريزن جا واپار وڙي جا عهدناما يا حڪومت جي ڪامورن سان نياپا نڙا پهچائڻ لاءِ ، خاص چيني مقرر هئا، جيڪي Co-Hang جي نالي سان سڏبا هئا، جيئن حج دوران ذارين ملڪن کان آيل حاجين جا ڪيترا سرڪاري ڪاغذ پٽ ۽ ٻيون ڳالهيون معلمن ذريعي طئہ ٿين ٿيون.

انگريز جيڪي هاڻ هندستان، سريلنڪا، برما، ملايا جا حاڪم ٿي چڪا هئا، انهن لاءِ چيني ماڻهن جو اهو سلوڪ بي عزتي برابر هو.، انگريز تہ ان ڪوشش ۾ هئا تہ ڪنهن اٽڪل سان چين ۾ بہ ايئن گهڙجي جيئن هندستان ۾ ڪيائون، پر هتي چينين وٽ نٽي ڏنو. هوڏانهن چينين کي بہ پنهنجو حشر سُجهيو ٿي. انگريزن جيڪو بنگال ۽ بهار سان ڪيو هو اهو بہ سندن اکين اڳيان هو ۽ هنن کي چڱي طرح ياد هو. ان ڪري چينين انگريزن کي هڪ محدود دائري ۾ رکڻ چاهيو ٿي ۽ هنن نٽي چاهيو تہ انگريزن کي ڍر ڏجي جيئن هو Divide & Rule تي عمل ڪري سندن بہ سِر وجائين، جيڪو انڊيا ۾ مغلن ۽ ٻين سان ڪيائون.

ڪئنٽن ۾ رهندڙ انگريز واپارين پنهنجي حڪومت کي عرض ڪيو تہ هوءَ چين جي شهنشاهہ سان ملي سندس

پابندين کي نرم ڪرائي. پهرين سپيٽمبر 1975ع تي انگلينڊ جي پهرين سفير لارڊ مئڪارٽني (Lord Macartney) پيڪنگ ۾ چين جي شهنشاهه سان ملي هن کي اهو عرض ڪيو ته کين (انگريزن کي) ڪو ڏورانهون سهي پر هڪ ٻيٽ نماءُ ذرتي ٽڪرو ڏنو وڃي، جنهن تي هو پنهنجي واپاري بينڪ ناهين. انگريزن جي مجبوريءَ جو ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته 1789ع تائين انگريزن جو چينين سان هڪ طرفو واپار ايترو ته وڏي چڪو هو جو انگريزن چينين کان ويهه ملين (يعني ٻه ڪروڙ) پائونڊ چانهه خريد ڪئي ٿي، جنهن تي انگلينڊ وارن کي ٽيهه لک پائونڊ پنهنجي بجيٽ مان ڏيڻا پيا ٿي. انهن ڏينهن ۾ 1793ع ۾ انگلينڊ وارن جي فرانس سان جنگتي هئي ان ڪري انگلينڊ جي مالي حالت کي ويتر ڌڪ لڳو هو ۽ هنن نٿي چاهيو ته سندن هيڏو پئسو چين کي ملي، هنن جي پوري پوري ڪوشش رهي ته ڪنهن نموني سان چينين کي پنهنجي ملڪ (انگلينڊ جي شين لاءِ هِرڪائجي ته هو ٻه انگلينڊ مان ڪجهه وٺن ته کين ٻه فائدو ٿئي. ان سلسلي ۾ انگريز سفير لارڊ مئڪارٽني چين جي شهنشاهه لاءِ ڪجهه تحفا ڪٺي آيو هو، جيئن ته ڪرسٽل جا ڇَٽَ، گهڙيال، ڊربي شائر جا ٿانوَ ٿپا، ٻئرواميٽر، دنيا جا گلوب وغيره وغيره.

انگريزن تہ سمجيو تہ اهڙيو شيون ڏسي چينين جو وات پاٽيتي ويندو ۽ ان جي بدلي ۾ هو انگريزن کي وڏيون سهوليتون ڏيندا پر چين جي شهنشاهہ جي جواب هنن کي جلاب ڏئي ڇڏيو: ”اسان جي ملڪ کي توهان جي ڪنهن بہ مال جي ضرورت ناهي.“

ان وقت انگلينڊ جو بادشاهہ جارج ٽيون هو. تنهن ڏي بہ چين جي شهنشاهہ تحفن جو شڪربجا آٽيندي صاف صاف لکيو تہ، هو نہ سندس سفير کي پيڪنگ ۾ رهڻ جي اجازت ڏيندا، نہ ڪو ذرتي ٽڪرو (پلي اهو ڪٽي ڪنهن ڏورانهين ٻيٽ جو هجي) سندن واپاري ماڻهن کي رهائش لاءِ ڏيندا.

چوڏاري ڪاميابي نظر نہ اچڻ بعد مئڪارتني وٽ هاڻ فقط هڪ ڪارڊ وڃي رهيو هو، اهو هو آفيمOpium جو. انهي دور جي هندستان ڏي نظر ڊوڙائبي تہ پلاسي جي لڙائي (جيڪا 1757ع ۾ لڳي) ۽ بڪسر جي لڙائي (جيڪا 1761ع ۾ لڳي) بنگال ۽ بهار صوبي جي ديواني ۽ نظامت ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي حوالي ڪيا ويا، ان ڪان پوءِ اهڙي ڦرلٽ هلي جو انڊيا جا سکر صوبا بهار ۽ بنگال تڙپٽ ۽ غريب ٿي ويا. ڪمپني (ايسٽ انڊيا ڪمپني) جي پنهنجي ڪمائي بہ گهٽجي وئي. پئسي کي حاصل ڪرڻ لاءِ هاڻ ڪمپني Opium تي پاڙڻ لڳي ۽ آفيم (Opium) جو وڪرو

ڪمپنيءَ لاءِ نه فقط خوشحاليءَ جو سهارو ٿي پيو پر جياپي لاءِ به ضروري ٿي پيو. ان مان ڪمائيءَ جو انگ ڏينهون ڏينهن وڌڻ لڳو. ايتري قدر جو آفيم جي هڪ پيٽي جنهن جي پيدوار تي پنجاهه ڊالر خرچ آيو ٿي، سا 1796ع هڪ سئو ڊالرن ۾ وڪامي پئي ۽ اها ئي پيٽي ڏهن سالن بعد 1803ع ۾ 1400 ڊالر تي وئي ۽ اڳتي هلي 2000 ڊالر تي. سو ان آفيم ڪمپنيءَ کي عيش ڪرائي ڇڏيو ... ڪين 4000 في سيڪڙو فائدو ٿيڻ لڳو، يعني سئو ڊالرن جي شيءِ چين ۾ هزارن ۾ وڃي رهي هئي. (انگلينڊ جو سڪو پائونڊ اسٽرلنگ آهي پر ان زماني ۾ آفيم جو واپار اسپيني ڊالرن ۾ هلندو هو.)

نشي واري شيءِ جي اها مصيبت آهي ته هڪ دفعو ان جي عادت ۾ جيڪو ڦاٿو ته پوءِ ان مان هن جو نڪرڻ ڏکيو آهي. گهر وڪڻي به پورائو ڪندو. سو انگريزن جا چيني گراهڪ روزانو وڌندا ويا ۽ جيڪي ٿيا تي اهي پڪا ٿيندا ويا. ان تان مون کي هڪ ڳالهه ياد آئي جيڪا پاڪستان ۾ وڌندڙ نشي جي عادي موالين بابت اخبارن ۾ آئي آهي ته پاڪستان ۾ نشي جي لعنت ايتري وڌي وئي آهي جو هاڻ ڪاڌي جي شين جهڙوڪ، بسڪٽ، ٽافين، چولن، سوپارين ۾ به نشو ملايو وڃي ٿو ته جيئن ٻار ان جا عادي ٿين.ڪراچي صدر جي هڪ اسڪول جون به ڇوڪريون روزانو موڪل

مهل حليم وٺي ڪائينديون هيون. سندس مائٽن کي تڏهن خبر پئي تہ ان ۾ چرس جهڙو نشو آهي، جڏهن اسڪول کي موڪلون ٿيون تہ اهي ڇوڪريون حليم کائڻ بنا ويڳاڻيون ٿي پيون. هنن لڪي رڪشا ڪري، جيسين اهو حليم نٿي کاڌو تيسين هنن جون وايون بتال نٿي رهيون.

سو اهڙي طرح آفيم(Opium ) جي عادت چيني ماڻهن ۾ گهر ڪندي وئي. هو پئسو هڪ طرف وڃائڻ لڳا تہ صحت ٻئي طرف. انگريز پاڻ کي دنيا جا سڌريل ۽ تهذيب يافتہ سمجهي بہ پئسي ڪمائڻ خاطر اخلاق ۽ سنائيءَ جا سڀ ليڪا لتاڙي وينا. انسان ذات نشئي ۽ ٿوٽي ٿئي تہ پلي ٿئي پر پئسو اچي. اهي انگريز ۽ يورپي جيڪي اڄ پاڻ کي اخلاق جا چئمپين سڏائين ٿا، افغانستان، پاڪستان ترڪي ۽ ٻين ملڪن ۾ آفيم ۽ چرس جي وڪري توڙي پوک تي بندش وجهائيندا رهن ٿا. (جيڪا بلاشڪ سٺي ڳالهہ آهي) پر ماڻهن جي معلومات خاطر اها حقيقت لکڻ ضروري سمجهان ٿو تہ اهي پاڻ نہ فقط اهو واپار ڪري دنيا جي هڪ سڌريل قوم چينين کي ٿوٽي ڪيو ۽ بداخلاقي پکيڙي، پر هندوستان جي ماڻهن کي ٻي ڪا پوک ڪرڻ بدران ڪين آفيم (Opium) پوکڻ لاءِ زور زبردستي ڪيو. Buchanan نالي هڪ ليکڪ جو ڪتاب: (An account of the Districts of Bihar and Patna in 1812) ڪجهہ ڏينهن اڳ

پڙهيو اٿم. هن لکيو آهي تہ سنيون ۽ پليون زمينون جن تي باغ پوکجن انهن ۾ آفيم پوکجڻ لڳو. انگريزن طرفان هندستان جي رهاڪن کي اهو حڪم مليل هو تہ هو ٻي ڪا پوک ڪرڻ بدران گهٽي کان گهٽي ڏوڏي (Opium) پوکين. هنن کي ڀاڄي پٽي پوکڻ کان بہ منع ڪئي وئي هئي ۽ آفيم پوکڻ مان غريب هاريءَ کي ڪو فائدو نہ ٿيندو هو. هن کان اهو انگريز سرڪار پٽاڻ بصرن جي اگهہ تي خريد ڪندي هئي ۽ پوءِ پاڻ 4000 سيڪڙو فائدي تي وڪڻندي هئي.

1815ع ۾ انگريز اهو معلوم ڪري وائڙا ٿي ويا تہ پورچو گالي مالوا ۾ پوکيل آفيم 750 ڊالرين پيٽي جي حساب سان چينين کي وڪٽي رهيا آهن، ان ڪري سندن آفيم جو وڪرو گهٽجي ويو آهي. اها ڳالهہ انگريزن کي نہ وڻي ۽ پوءِ جيئن انگريز ڪندا هئا تہ ڪو بهانو ڳولهي جهيڙو ڪرڻ، سو هنن کي بهانا ۽ سبب ڪڍي مرهٽن سان جنگ ڪئي جن جي ڪنٽرول ۾ مالوا وارو علائقو هو. (اها لڙائي چوٿين مرهٽا جنگ جي نالي سان هندوستان جي تواريخ ۾ مشهور آهي) انگريزن جي سوپ ٿي ۽ مالوا هنن جي قبضي ۾ آيو.ان سان گڏ اتي جو سڄو واپار وڙو پڻ.

هاڻ انگريزن جي هٿ ۾ آفيم جي وڏي پيداوار هئي ۽ جيئن تہ فقط ڪئنٽن جي ڪپت کان مٿي هئي ان ڪري هنن

هاڻ اتر چين ڏي بہ وکرو شروع ڪري ڏنو. چين طرفان کين بئي ڪنهن پاسي ڏندو ڏاڙي ڪرڻ جي منع ٿيل هئي پر انگريز لڪ چوريءَ چيني ٻيڙن ذريعي جيڪي Opium Clippers سڏبا هئا، آفيم جي سمگلنگ ڪرڻ لڳا ۽ سڄي چين ۾ هن خراب شيءِ جو اثر پکڙجي ويو. هتي پڙهندڙ جي رڪارڊ لاءِ اها ڳالهہ لکڻ پڻ ضروري سمجهان ٿو تہ انهن آفيم ڪٽندڙ جهاز جي قافلي جو پهريون جهاز ( The Sylph) نالي هو جنهن تي عيسائين جو هڪ تبليغي ملون مترجم جي حيثيت سان هو. هن آفيم تان ملندڙ ڪميشن ذريعي نون نون هنڌن تي عيسائيت جي پرچار ڪرڻ چاهي ٿي.

آفيم واپرائڻ جي منحوس عادت سڄي چين ۾ ايترو تہ عام ٿي وئي جو هاڻ اتي جي شهنشاهہ جي دربار توڙي حڪومت پريشان ٿي وئي. هنن پهرين انگريزن کي ان غلط ڌنڌي کان باز اچڻ لاءِ چيو پر چيني حڪومت جي ڳالهہ ٻڌڻ بدران هو هنن تي ٺٺوليون ڪرڻ لڳا. نيٺ چيني سرڪار چينين جي انهن ٻيڙين تي سختي ڪئي جيڪي آفيم جي سمگلنگ ۾ رڌل هيون. نتيجو اهو نڪتو تہ هاڻ انگريز پاڻ ٻيڙين ۾ آفيم پري چين جي چوطرف وڪڻڻ لڳا. پري پري تائين ۽ اندر ڳوٺن ۾ وڃي ورهائي ايندا هئا. ونڻ وارا آتا هوندا هئا، جو هو حد درجي جا آفيمي بڻجي پيا هئا ۽

آفيم جي کپت ڏهہ لک ڊالرن تائين وڃي پهتي، هاڻ اهي انگريز جن هر سال چين کي چانهہ لاءِ پئسو ڏنو ٿي ۽ چينين کائنئن ڪجهہ نٿي ورتو، سي هاڻ نشي جا عادي ٿي انگريزن کي آفيم وڪڻڻ لاءِ منٿون ڪرڻ لڳا. آخر ڪار چيني حڪومت 1839ع ۾ Lin Tse Hsu کي ڪئنٽن جو ڪمشنر مقرر ڪيو تہ آفيم جي سمگلنگ کي بنجو ڏنو وڃي. هن ڪمشنر ڪئنٽن(Canton) پهچڻ سان ڏنڊا کنيا ۽ هڪ طرف پنهنجن ماڻهن تي سختي ڪئي، ٻئي پاسي تن ڏينهن جي انگلينڊ جي راڻي وڪٽوريا کي منٿ ميڙ الڳ ڪئي تہ هن ظلم کان سندن ملڪ ۽ ماڻهن کي بچايو. راڻي وڪٽوريا ڏي لکيل هن ڪمشنر جا خط اڄ بہ موجود آهن. انهن خطن جا ڪي ڪي جملا ڪيڏا درد ڀريا لڳن ٿا: ”راڻي صاحبہ! مون ٻڌو آهي تہ توهان جي ملڪ ۾ آفيم چڪڻ تي بندش آهي. ان مان صاف ظاهر آهي تہ توهان کي هن منحوس شيءِ جي نقصان جي ڄاڻ آهي. منهنجي خيال ۾ آفيم جي چکڻ تي رڳو بندش وجهڻ کان بهتر تہ اهو آهي تہ هن شيءِ جي وڪري تي بہ بندش وڌي وڃي ۽ اڃا بہ بهتر اهو آهي تہ ان جي پوک تي ئي بندش وڌي وڃي. اهو هڪ بهتر طريقو آهي، جنهن ذريعي هن موذي مرض کان انسان ذات کي نجات ملي سگهندي، پر جيڪڏهن توهان ان تي سختي نہ ڪندائو ۽ پنهنجن ماڻهن کي وڪري کان نہ

جهليندائو ته اسين اهو ئي سمجهنداسين ته توهان کي پنهنجن ماڻهن جو خيال آهي پر اسان جي چينين جو توهان کي ڪو فڪر ناهي- يعني پنهنجي فائدي جي لالچ ۾ توهان ٻين انسانن کي نقصان رسائي رهيا آهيو... “ وغيره.

پنهنجي ماڻهن ۽ انگريز واپارين جي وڪري تي جڏهن چيني حڪومت سختي ڪئي ته انگريز وڏي ٽَٽ پٽان ۾ اچي ويا. ڪلڪتي ۾ رهندڙ برٽش حڪومت جي نمائندن راڻي وڪٽوريا ۽ پارليامينٽ ۾ اهو لکي پئي موڪليو ته آفيم جو ڌنڌو هلڻ کپي، جنهن مان انگريز سرڪاري کي فائدو ئي فائدو آهي.

ان بعد اهوئي ٿيو جيڪو ٿيندو آهي. انگريزن جي واپار ۽ ڪمائي بند ٿيڻ تي هنن بهانا ناهي چين تي حملوڪيو. انگريزن وٽ ماڊرن بارود ۽ وڏو جنگي سامان هو، جن جي رڳو نڪائن تي چيني وائڙا ٿي ويا ۽ ڪٽي آڻ مڃيائون.

ڪجهه سال اڳ هڪ ڪتاب (Reflecion on China) پڙهيو هوم جيڪو ڊاڪٽر محمد يونس لکيو آهي. ڊاڪٽر يونس پڻ پير علي محمد راشديءَ وانگر ڪيترائي سال چين ۾ سفير ٿي رهيو آهي. هن ان جنگ، جنهن کي آفيمي لڙائي (Opium War ) سڏجي ٿو، جو احوال تمام پيرائتي نموني سان لکيو آهي، اها 1841ع لڳي جنهن بعد چين جهڙو وڏو ۽ تهذيب يافته ملڪ انگلنڊ جي ننڍي ملڪ جي قبضي ۾

اچي ويو.اهو رڳو ان ڪري جو انگريز حرفتي هئا، انگريزن مشينري ۽ جنگي جهاز و سامان ايجاد ڪري ورتو هو.

انگريزن جي جنگي جهازن (Gun Boats) اڳيان چين جي پراڻين ٻيڙين ڪا ٻہ حيثيت نہ ٿي رکي.

بهرحال آفيمي جنگ اها جنگ هئي، جيڪا انگريزن هرويرو چينين تي ٿاڦي، هنن کي آفيم وٺڻ لاءِ آڻ مڃرائي ۽ جنگ تي آيل خرچ بدران هنن چينين کان هانگ ڪانگ ورتو.

# يورپ ۾ رهندڙ جپسي ڪير آهن؟

پنهنجي نارويجن ساٿي ڪئپٽن ڊال نيلسن جو اوسلو ريلوي اسٽيشن تي انتظار ڪري رهيو هوس. پاڻ ڳوٺ ويل هو ۽ ان رات اسان کي ريل گاڏيءَ رستي اوسلو کان اسٽاڪهوم واپس روانو ٿيڻو هو.

ريلوي پليٽ فارم تي وڏو تعداد نارويي ۽ سئيڊن جي ماڻهن جو هو، ڪجهه ڪجهه آفريڪن ملڪن جا شيدي، عرب ۽ ڪيترائي ايشيائي پڻ هئا. آئون سوير ئي ريلوي اسٽيشن تي اچي ويو هوس، سو اسٽيشن جي اندر ۽ ٻاهر جو چڪر ڏئي، چانهه جو ڪوپ وٺي ڪنڊ ۾ رکيل صوفا تي ويهي پيئڻ شروع ڪيم.

هنن برفاني ملڪن جي سيءَ ۾ گرم چانهه يا ڪافيءَ جو ڪوپ ايترو ئي مزو ڏئي ٿو جيترو پنهنجي ملڪ جي گرم چاليهي ۾ ٿڌي پاڻي جو گلاس.

چانهه پيئندي وقت ڏٺم ته ٽرين هلڻ ۾ اجان ڪلاڪ سوا هو، آهستي آهستي ماڻهو اچي رهيا هئا، وقت گذارڻ لاءِ ماڻهن سان خبرون چارون ڪرڻ چاهيم ٿي. نارويي ۽ ڊئنمارڪ ۾ اها ڳالهه ڪامن آهي ته ٻنهي ملڪن جي هوائي اڏن ۽ وڏين ريلوي اسٽيشنن تي

صفائيءَ جو ڪم توهان ڪي پاڪستاني مرد يا عورتون ڪندي نظر ايندا. اهڙي هڪ مرد ۽ عورت (صفائي ڪندڙ) سان خبر چار ڪري پوءِ چانهه وڪڻندڙ عرب کان ناروي جا پئسا بدلايم. ايتري ۾ ڪجهه نوجوان عورتون ڪليل وارن سان، جن مان ڪي راجستاني نموني جي پڙن ۾ ته ڪي جينز اسڪرٽن ۾ هيون، اچي پر واري صوفا تي ويٺيون. هو اوسلو جي ڪنهن يونيورسٽيءَ جون بنگالي ۽ هندستاني هيون جيڪي ڪنهن ڪلچرل شو ۾ حصو وٺڻ لاءِ پر واري ڪنهن شهر ڏي وڃي رهيون هيون. آئون ساڻن ڳالهائي رهيو هوس ته اتي منهنجو نارويجين دوست اچي ويو ۽ آئون کانئن موڪلائي اچي هن سان مليس.

”اهي جپسي ڪير آهن؟“ هن مون کان پڇيو.

”جپسي نه پر اعليٰ تعليم يافته عورتون آهن، جيڪي بنگلاديش ۽ انڊيا جون آهن.“ مون ٻڌايو مانس ، ”توکي اهي جپسي ڪيئن ٿيون لڳن؟“

”سندن ڊگهن وارن، چهري ۽ رنگ مان مون سمجهيو جپسي آهن.“ هن وراڻيو.

- اسان جي پر واري محلي ۾ رهندڙ منهنجي هڪ سئيڊش سڄاڻي جي گهر ويندو هوس ته ڪڏهن ڪڏهن ان جي سامهون واري پارڪ ۾ ڪجهه

ٿلهيون عورتون ۽ ڇوڪريون، دڦ وڄائي ڳائينديون نظر ايينديون هيون. سئيڊش همراهه ٻڌايو ته اهي جپسي ماڻهو آهن، جيڪي رومانيا، هنگري ۽ ٻين پرپاسي وارن ملڪن کان هتي پنڻ اچن ٿا. ”اهي وڏا چورا آهن.“ هن راز واري نموني ۾ ٻڌايو.

- اسان جي هڪ موراڪو جي دوست جي پولش زال وٽ هر هفتي گهر جي صفائيءَ لاءِ هڪ ڊگهن وارن واري عورت ۽ مرد اچر ڏينهن ايندو آهي، هوءَ ساڻن پولش زبان ۾ ڳالهائيندي آهي. منهنجي پڇڻ تي ٻڌايائين:”هو غريب جپسي آهن، جيڪي پولينڊ کان لڏي هتي آيا آهن. هتي سئيڊن ۾ نوڪر رکڻ جي اجازت ناهي پر هي لڪي مون وٽ ڪم لاءِ ايندا آهن ۽ آئون به کين ماني پور ۽ ڪپڙا گنديون ڏيندي آهيان.“

”جپسي اصل ڪٿي جا آهن؟“ مون پڇيومانس.

”خبر ناهي ته اصل ڪٿي جا آهن پر سڄي يورپ ۾ نظر اچن ٿا ۽ بدوئن وانگر روزگار جي تلاش ۾ ڪڏهن ڪٿي ته ڪڏهن ڪٿي رلندا رهن ٿا. ساڻن هر ڪو نفرت ڪري ٿو، هر ڪو کين چور چوي ٿو، غريبويچارا!“ هن افسوس ڪندي ٻڌايو.

- اسان جي گهر جي مٿان واري فليٽ ۾ پڻ هڪ پولنڊ جي عورت رهي ٿي، جيڪا امپورٽ

ايڪسپورٽ جو ڪم ڪري ٿي. هڪ ڏينهن هوءَ گهر ۾ نہ هئي، سندس آفيس ۾ ڪو ڪم ڪندڙ همراهہ پچائيندو مون وٽان اچي نڪتو. شڪل ۾ اسان جهڙو نندي ڪنڌ جو همراهہ لڳي رهيو هو. پڇيومانس ڪير آهين، وراڻيائين:

- "انڊين سک."

"پوءِ تہ هندي يا پنجابي ايندي هوندءِ؟" مون چيو مانس.

سندس نہ ڪرڻ تي مون کي تعجب لڳو، ڪيس ڏاڙهي بہ نہ هئي.

"پوءِ تون ڪهڙو سک آهينءَ" مون پڇيومانس.

"منهنجا ڏاڏا، پڙ ڏاڏا هزار سال کن اڳ انڊيا کان هتي آيا، " هن انگريزيءَ ۾ ٻڌايو، جيتوڻيڪ اها بہ صحيح طرح نہ پئي آيس. هن سئيڊن جي سئيڊش ٻولي ڳالهائي ٿي.

"ڪمال آهي!" مون تعجب ڪاڏو ۽ دل ۾ سوچيو تہ نندي ڪنڌ جي ماڻهن يورپ جو رخ انگريزن جي اچڻ بعد ئي رکيو آهي، هي ڪير آهي ۽ ڪهڙا پيو گشا هڻي!

مون کي حيرت ۾ ڏسي چيائين:"آئون جپسي آهيان، تو کي خبر ناهي تہ جپسي ڪير ٿيندا آهن؟" ۽ پوءِ هو

ڪجهہ لفظ چوڻ لڳو جن مان ڪجهہ پنجابي ۽ هندي جا هئا ۽ ٻيا شايد سنسڪرت وغيره جا هجن، پر اهي مون نہ سمجهيا. بهرحال مون کي تعجب لڳو تہ هيءُ ڪهڙي مخلوق آهي.

- اهڙي طرح هڪ دفعي ٻہ نوجوان مرد مليا جي اسان جي پاسي جا لڳي رهيا هئا.

( Are you Indians?) مون پڇيو مانس.

(Yes. But we are Gypises)، هنن وراڻيو.

”اهو ڪيئن؟“ مون پڇيو مانس.

ان تي هڪ پنجابيءَ ۾ هڪ ٻہ تي انگ ٻڌائڻ لڳو، ”توهان اڙدو يا هندي ڳالهائي سگهو ٿا.“ مون پڇيومان.

”سوين سال گذرڻ جي عرصي ۾ اسان جي زبان ۾ وڏو فرق اچي ويو آهي، نہ تہ اوريجنلي اسان انڊيا جا آهيون.“ هن ٻڌايو.

منهنجي لاءِ اهي ڳالهيون بيحد انوکيون هيون. گذريل ويهن پنجويهن سالن ۾ يورپ جي ڪيترن شهرن ۾ جپسي مردن توڙي عورتن کي نچندي يا پنندي ضرور ڏٺو هو پر مون اهو ئي سمجهيو ٿي تہ اهي يورپ جي ڏورانهن ڳوٺن جا آهن، جيئن اسان وٽ باگڙي عورتون وڏا پڙا پائي شهرن ۾ پنڻ لاءِ اينديون آهن.

جپسين Gypsies هنن جي يورپ جي هڪ دفعي پوءِ بابت جن کي روما پڻ چون ٿا، نيوز ويڪ رسالي ۾ تحقيقي ۽ دلچسپ مضمون پڙهيم، جنهن مان معلوم ٿيو ته يورپ جا هي جپسي (روما) هڪ هزار سال کن اڳ هندستان جي اڄ واري پنجاب واري رياست کان لڏي نڪتا. سندن واسطو گهٽ ذات جي قبيلي سان هو. هو چار سو سال کن وچ روس ۽ بلقاني رياستن ۾ دربدر پٽڪندا رهيا. ان بعد جڏهن يورپ پهتا ته اتي جا ماڻهو کين مصر جا سمجهي (ايجپشن) Egyption سڏڻ لڳا، جيڪو لفظ پوءِ جپسي ٿيويو. گهڻي تعداد ۾ هي جپسي جيئن ته شروع ۾ رومانيا ۾ رهيا، ان ڪري کين "روماني" يا نلهو روما (Roma) پڻ سڏيو وڃي ٿو.

هنن جپسين جي شڪل اسان ايشين سان ڪافي ملي ٿي پر رنگ ۾ ڪي ڪي تمام گهڻو صاف آهن. شايد هيترين صديون يورپ جي ٿڌن ملڪن ۾ رهي رنگ سڌري ويو اٿن يا ٿي سگهي ٿو اصل کان اڇا هجن جو اڄ به اسان جي اتر ۾ رهندڙ ڪي ڪي پٺاڻ توڙي افغاني يورپين وانگر اڇا آهن. منجهن ڪي سردي مهاندا آهن يعني وڏي ۽ ڏگهي منهن وارا آهن ته ڪي تمام سهڻا آهن، خاص ڪري ننڍي عمر جون ڇوڪريون. هنن (جپسين) لاءِ چيو وڃي ٿو ته هي رومانيا

۾ گهڻو عرصو رهيا ۽ اتي جي امير زميندارن وٽ غلام ٿي رهيا، جن وٽ هنن هيٺائين درجي جو پورهيو ڪيو. گهر گهٽيون صاف ڪرڻ، هر ڏيڻ، رڍوون ۽ ٻڪريون پالڻ، ڪتن جي سار سنڀال لهڻ، وغيره. جڏهن 1950ع ۾ غلامي ختم ٿي تہ هنن وچ يورپ ڏي لڏ پلاڻ شروع ڪئي.

جيتوڻيڪ سڄي يورپ ۾ اڄ بہ هنن جپسين کي هيٺاهين درجي جو سمجهيو وڃي ٿو، پر وري هنن جا پاڻ ۾ بہ درجا ۽ ذاتيون آهن، جيڪي سندن پورهئي ۽ واپار جي حساب سان مليل آهن. ڳائڻا ۽ ڳهہ ناهڻ وارا ٻين کان اتاهان سمجهيا وڃن ٿا. ان بعد گل وڪڻندڙ، جانور پاليندڙ، رڇن کي ڪرتب سيکاريندڙ، هڪ هنڌ ٽڪي رهڻ وارا، در در پٽڪڻ وارا، وغيره وغيره، سڄي يورپ ۾ هنن جي جملي آدمشماري هڪ ڪروڙ (ڏهہ ڪن ملين) آهي. هو جنهن ملڪ ۾ رهن ٿا اتي جي زبان بہ ڳالهائين،پر پنهنجو پاڻ ۾ پنهنجي زبان روماني ڳالهائين، جيڪا هندي، سنسڪرت، پنجابي ۽ يورپي ملڪن جي ٻولين جو ڦيٽ آهي.

# چا سگريٽ مان نقصان آهن؟

يورپ جي هن پاسي وارن ملڪن ڏي سگريٽ تمام مهانگو آهي. ڪجهه جاٽي واٽي به مهانگو رکيو ويو آهي، جيئن هن خراب عادت ڦاسڻ وارا ڪجهه پنهنجي صحت جي خيال کان ته ڪجهه پئسي جي زيان جوسوچي سگريٽ جي ويجهو نه اچن ته سٺو.

صحت ته پوءِ جي ڳالهه آهي کهڙي خبر ڪڏهن خراب ٿئي يا نه به ٿئي، پر پئسو ته اتي جو اتي ڏيٺو ٿو پوي ان ڪري هتي جا سُٺين نوڪرين ۾ پگهارن وارا به سگريٽ سوچي سوچي دڪائين ٿا ۽ اها هڪ عام ڳالهه آهي ته هڪ سگريٽ ۾ به پاڱي پائيوار ٿي پين ٿا. هڪ همراهه اڌ ڪن پي پوءِ ٻئي کي ڏئي ٿو جيڪو فلٽر تائين هلائي ٿو.

ڪيترن هنڌن تي مرد توڙي عورتون ڏسبيون ته سگريٽ جو اڌ ڪن چڪي باقي اڌ ٻئي دفعي لاءِ رکي ڇڏينديون. پهرين دفعو پنهنجي لائبريري جي انچارج عورت کي سگريٽ جو اڌ پيئڻ بعدوسائيندو ڏٺم ته دل ۾ تعريف ڪيم. سگريٽ آئون نه پيان پر اهو ٻڌو اٿم ته سگريٽ جا ٽي حصا چڪڻ بعد اڳلي ڇڏجي جو آخري

حصي ۾ نڪوٽين، ڏونهون يا زهريات ٿئي ٿي، جنهن کان پاسو ڪجي. سو هن يورپي عورت ته فقط اڌ پي اجهايو ٿي، پر پوءِ ڏنم ته اچلڻ بدران ان اڌڙ کي پاڪيٽ ۾ ٿاهي نوڪي رکي ڇڏيو ۽ پوءِ لنچ بعد، ان اڌڙ کي سيني اڳيان ڪڍي وري ڏُکائي ڇڪڻ لڳي.

# اصل بار کهڙو آهي...

مون نئين ٿي وي وٺڻ ۽ پراڻي وڪڻڻ چاهي ٿي، جيڪا تنزانيا جي جهازي انجنيئر مسٽر دوبليو وٺڻ جو ارادو ڪيو.

”اسان جي ملڪ ۾ ٽي وي تمام مهانگي آهي.“ هن ٻڌايو.

”سئيڊن کان دارالسلام (تنزاليا) پاڙو ڏيئي ڪٽائي ويندس ته ٻه سستي پوندي.“

شام جو ٽي وي کڻڻ لاءِ دوبليو منهنجي گهر آيو. هيڏي ساري ٽي ويءَ لاءِ ڪا پيتي يا ڪوڪو ڪٽان اچي، چيومانس: ” هڪ پاڪستاني طريقو آهي جنهن ذريعي تون ڪٽي سگهين ٿو.“

”ماءِ فرينڊ! ڪهڙو طريقو آهي.“ هن معصوميت مان پڇيو، ” اهو پاڪستاني اسٽائيل مون کي ٻه ٻڌاءِ.“

مون هنڌ تان چادر لاهي پٽ تي وڇائي وچ تي ٽي وي رکي آمهون سامهون وارين ڪنڊن کي ڳنڍ ٻڌي هڻ ناهي.

”واهه جو ڪم ٿي ويو.“ دوبيلو چيو.

”پر يار! ٿي وي تمام ڳري اٿئي، اڪيلي سر کڻي ويندين؟“ مون پڇيومانس. هن هڙ ڪلهي تي رکي چيو:”ماءِ فرينڊ! اسان جي ملڪ ۾ ان کان وڏيون هڙون مرد ته ڇا عورتون به کڻيو وڃن. بلڪ جيڪا شيءِ مٿي تي رکيل يا پٺن سان ٻڌل آهي اهو ته ڇڻ بار ٿيو ئي نه. اصل بار اهو سمجهيو وڃي ٿو جيڪو هٿن ۾ ٻئگن وانگر کڻجي.“

# پٽ ڪپي يا پٽاٽا؟

يورپ جي هنن اتراهن ملڪن ۾ چانور صفا گهٽ ٿئي ٿو. ڪٽڪ به ايشيا، آمريڪا يا آسٽريليا کان اچي ٿي. پوءِ پلا کهڙو اناج، Staple Food طور) کاڌو وڃي ٿو، جيئن اسان وٽ ڪٽڪ آهي، بنگلاديش ۾ چانور آهن. هتي ڊبل روٽي، چانور ۽ پٽاٽا هلن ٿا. پاڻ وٽ پٽاٽا پاڄي آهي هتي پٽاٽا ماني آهي، يعني ڪنهن دعوت ۾ پٽ ۽ ٻوڙ هوندو ته ڪنهن ۾ پٽاٽا ۽ ٻوڙ هوندو آهي.

اسان يونيورسٽي ميس ۾ ”مين ڊش“ يعني گوشت جي ٻوڙ يا مڇي پئسن سان وٺي ٽيبل تي اچي وهندا آهيون ۽ پوءِ Serve ڪرڻ واري عورت ٽري ۾ چانورن ۽ پٽاٽن جا الڳ الڳ پيالا کڻي هر هڪ کان پڇندي اهي:

(Rice or Potatoes?) چانور کپن يا پٽاٽا. پوءِ هر هڪ کي ان جي پسند جي شيءِ پليٽ تي ڏيندي ويندي آهي.

منهنجي لاءِ ان سوال جو جواب ڏيڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم هوندو آهي. پٽاٽا ڪنهن ڏينهن اوٻاريل هوندا آهن ته ڪنهن ڏينهن meshed ته، ڪنهن ڏينهن تريل فرينچ فرائيز. پوءِ جنهن ڏينهن تريل هوندا آهن ان ڏينهن دل

چوندي آهي ته ”رائيس آر پٽئٽوز؟“ جي جواب ۾ چوانس: ”بئي ڏي.“ چو ته اسان ته ننڍي هوندي کان پٽ سان پٽاٽا کاڌا آهن، گهر توڙي هاسٽلن ۾ ، جهاز توڙي ڏور اوپر جي ملڪن (جپان، ملائيشيا، سنگاپور، هانگ ڪانگ) ۾- پٽاٽن کي پاڄي يعني ٻوڙ سمجهي پٽ سان کاڌا آهن.

۽ پوءِ ڪڏهن ڪڏهن Serve ڪندڙ عورت کي چئي ٻه ڏيندو آهيان ته بئي ڏي، جيڪا ڳالهه هن کي توڙي مون کي عجيب لڳندي آهي. جي رڳو پٽاٽا ئا ملن ته ان سان مين ڊش (ٻوڙ يا مڇي) ڪائڻ ٻه اسان لاءِ اوپري ڳالهه آهي! پوءِ ان مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ مانيءَ جي ٽائيم تي منهنجو پنهنجن دوستن سان اهو ئي بحث هوندو آهي ته ڪو پٽاٽا وٺي ۽ آئون چانور ۽ پوءِ اڌو اڌ ڪريون.پر هر ڪو اهو ٻه چوندو آهي: ” اسان جي مرضي. تو کي پٽاٽا ئا وڻن ته پٽاٽا وٺ جي پٽ ته پٽ.“ هاڻ هنن کي ڪير سمجهائي ته مون لاءِ نارمل ڳالهه رُڪا پٽاٽا ڪائڻ بدران پٽ سان ڪائڻ آهي.

# اسان جا ٻار موڳا ڇو آهن؟

اسان پاڪستانين جي خاص ڪري ۽ ٻئي نمبر تي بنگالين ۽ انڊين جي اها عادت آهي ته مهمان سان موڪلائڻ وقت گهر اندر ته هٿ ملائي خدا حافظ چئبو آهي، پر پوءِ ٻاهر نڪري به پيو زور زور سان خدا حافظ ڪبو آهي. قدم قدم تي مهمان ميزبان کي، ميزبان مهمان کي، وري وري اچڻ جون پارتون ڪندو آهي.

”وري اچجو، هاڻ ته گهر به ڏسي ڇڏيو اٿوَ.“

”ها. پر هاڻ توهان به اچجو.“

”فلاڻيءَ کي هن دفعي وٺي نه آيائو، ٻئي دفعي ان کي، ماسيءَ کي، سيني کي وٺي اچجو.“

بس مهمانن جي وڃڻ وقت هڪ دانهن جو سلسلو هوندو آهي. هڪ ٻئي وقت ٻنهي ڌرين جون عورتون ۽مرد ڳالهائڻ ۾ پورا هوندا آهن ته ٻار رڙيون ڪرڻ ۽ ڊوڙڻ ۾- جيسين مين گيٽ کان ٻاهر نڪري ڪار ۾ وهن ۽ پوءِ ڪار هلڻ وقت به دانهون ڪري هڪ ٻئي سان موڪلائيندا رهندا.

اها رڙين واري ڳالهه هن پاسي (يورپ) جي پاڙيسري ماڻهن کي نٿي وڻي، جو هو ڊسٽرب ٿين ٿا.

ويتر اسان پاڪستانين، انڊين -ءَ ان معاملي ۾ عربن جون دعوتون رات جو دير دير تائين هلن ٿيون.اها ڳالهه هتي خراب سمجهي وڃي ٿي، ڇو جو هتي جا ماڻهو موڪل هوندي آهي ته پوءِ ديرتائين جاڳن، ٻارن کي ته موڪل واري ڏينهن به ڪوشش ڪري جلد سمهاري ڇڏين. هتي جي ماڻهن کي ڇڱي ريت ڄاڻ آهي ته 18 سالن تائين ٻار کي جيترو جلد ٿي سگهي ته سمهارجي جيئن ٻئي ڏينهن اسڪول وڃڻ وقت تازو توانو هجي. سوير سمهڻ سوير اٿڻ سان ٻار صحتمند رهي ٿو. دير تائين جاڳڻ ٻار کي موڳو بنايو ڇڏي.

سو اهڙي ماحول ۾ جڏهن هو اسان کي ۽ اسان جي ٻارن کي نه فقط آڌي رات تائين جاڳيندي پر رڙيون ڪوڪون ڪري ٻين پاڙي وارن جوسڪ ڦٽائيندو ڏسن ٿا ته ڪين ڪاوڙ لڳڻ لازمي آهي، پوءِ جنهن يورپيءَ جو اسان جهڙو ايشين پاڙيسري هوندو آهي ان سان سندس دوست ۽ مائٽ مٽ همدردي ڪندا آهن ۽ صلاحون ڏيندا اٿس ته ڪيئن اسان جهڙي مسواڙيءَ کي تڙجي يا خود ڀڄي جان ڇڏائجي.

ڪوپن هيگن ۾ پاڪستاني ايمبسيءَ مان پاسپورٽ Renew ڪرائي رهيو هوس ته سفارتخاني جي سيڪريٽريءَ پنهنجي ايڊريس جو ڪارڊ ڏيندي چيو: ”ڪجهه ڏينهن بعد

گهر تبديل ڪرڻ وارو آهيان ان ڪري گهر بدران آفيس جي ايڊريس تي رابطو رکجو.“

”ڇو ڀلا؟“ مون گهر بدلائڻ بابت پڇيومانس.

”بس يار پاڙي وارن بيزار ڪري ڇڏيو آهي،“ هن ٻڌايو. ”PIA وارو مئنيجر منهنجو دوست آهي سو هفتي ۾ ٻه ٽي دفعا هن جا ٻار اسان وٽ اچن ۽ اسين هنن وٽ وڃون، پوءِ رات جو دير تائين جاڳي موڪلائڻ مهل گهٽيءَ ۾ اچيو بيهون ته پاڙي وارن کي چڙ لڳي ٿي.“

”ڇو ڀلا؟“ مون پڇيو.

”بس! ان تان ته اسان زور زور سان خدا حافظ، گڊباءِ وغيره چئي موڪلايون ٿا. ان تي سنڌن ننڊ ڊسٽرب ٿئي ٿي. هاڻ مهمان سان اندر ئي موڪلائي ڪيئن چئبس ته هليو وڃ. ٻاهر تائين اچي موڪلائڻ اسان جو ڪلچر آهي.ان تان مالڪ مڪان اسان کي گهر خالي ڪرڻ لاءِ چيو آهي.“هن ٻڌايو.

دل ۾ چيم هتي جا گورا اسان جي ”ڪلچر“ مان چڱو ڦاٿا ۽ ان ۾ ته ڪو شڪ ناهي ته سوير سمهڻ، سوير اٿڻ ڪري گورن جا ٻار اسان جي ٻارن کان گهڻو هوشيار آهن. اسان جا ٻار هيڏين ولايتن ۾ رهن ته به جهڙا موڳا مٽر، ۽ ڇو نه ائين ٿين جڏهن رات جو دير تائين جاڳي ٿي ويون ڏسن، صبح جو پڇيون لڳل اکين سان اسڪول وڃن، شام

جو هوم ورڪ ڪرڻ بدران گهر ۾ گهٽين ۾ ڊوڙون پائين ۽ رڙيون ڪن. ميزبان ملڪ جي زبان سکڻ ۾ انهن جي ٻارن سان ملي فضيلت سکڻ بدران پنهنجن سان ملي جهيڙو ڪن ۽ گندا لفظ سکن. سواءِ چند ٻارن جي، اسان جي ملڪ جي گهٽائي بين الاقوامي تعليمي معيار کان گهٽو گهٽ آهي پوءِ اهي ڪٽي ڪوپن هيگن لنڊن جي اسڪول ۾ هجن يا رياض، شارجه، ڪويت جي اسڪولن ۾.

# ڇا ٻج پکين جو کاڌو آهي؟

ان ڏينهن سئيڊن ۾ ويهن سالن کان رهندڙ شڪارپور جي سنڌي دوست وزير علي سومري جي گهر ويس ته سندس زال گدري، يا شايد سردي جو ٻج کائي رهي هئي. وزير جي زال هتي جي سيئڊش آهي ساٺس گڏ هڪ ٻي به پاڙي جي عورت، جيڪا اصل نارويجي جي آهي، پڻ ٻج ڇلي کائي رهي هئي. مون کي ڏاڍو تعجب لڳو، ڇو جو يورپي ٻج نه کائين، بلڪ اسان تي به کلن. اسان سان منهنجو مطلب پاڪستاني، هندوستاني، ملئي، چيني ۽ ٻين ايشين سان آهي، خاص ڪري عربن سان جيڪي ٻج کائڻ جا اسان کا به وڌيڪ شوقين آهن. وارياسن پٽن ۾ گدرا ۽ ڇانهيون جام ٿين، اونهاري توڙي سياري جي ڊگهين راتين ۾ تسبيءَ جا ڪڻ ڇورڻ بعد ٻئي نمبر تي هنن جي وندر ٻج کائڻ آهي. يورپين کي هنن تي توڙي اسان تي تعجب ۽ چڙ ويندي آهي ته ”ڇا ڇيهو ڇا ڇيهي جو شوروو“ وانگر هَوَ ٻج مان ڇا مال نکري ٿو، جنهن لاءِ وينا جفاڪشي ۽ محنت ڪريون ۽ سڄو گهر کلن سان پريون. يورپين جي اها راءِ آهي ته ٻج ماڻهن جو نه پر پکين جو ”کاڌو“ آهي.

۽ هاڻ هڪ سئيڊش ۽ نارويجن عورت کي ٻج کائيندو ڏسي تعجب لڳم. اها ڳالهه وزير عليءَ به محسوس ڪئي.

”هن کي هي ٻج ڪٿان هٿ آيو.“ مون پڇيو مانس.

”گذريل مهيني اسين پاڙي جا، هفتي کن لاءِ، موڪلن تي اسپين ويا هئاسين.“ وزير ٻڌايو، ”اتي جنهن جي گهر وجون ته ٻج ڪائي رهيا هئا ۽ هنن کي ٻه انهن سان گڏ ڪائيندو ڏسي مزو اچي ويو.“

”اها ڳالهه ڪر.“ مون چيومانس. ”سڄي يورپ ۾ اسپين اهڙو ملڪ آهي جتي پاڻ سنڌين ۽ عربن وانگر ٻج ڪائڻ هڪ عام ڳالهه آهي.“

”اهو ڀلا ڇو؟“ وزير پڇيو.

”اها مون کي به خبر ناهي، شايد ٻين ڳالهين سان گڏ اهو پڻ عربن ڪري ٿيو هجي جن جي ست سئو کن سال اسپين تي حڪومت رهي.“

# ڇا عربي ڳالهائڻ وارا مسلمان آهن

يورپ جي هنن ملڪن ۾ رهڻ کان اڳ مون اهو ئي سمجهيو ٿي ته عرب معنيٰ مسلمان. مون هر عربي ڳالهائڻ واري کي مسلمان سمجهيو ٿي پر هتي ڪيترن عربن جي ڳچيءَ ۾ صليب ڏسي تعجب لڳو ۽ پوءِ خبر پيئي ته عربي ڳالهائيندڙ نه رڳو مسلمان آهن پريهودي ۽ عيسائي پڻ، جيئن ايراني ڳالهائيندڙ مسلمان، بهائي، پارسي به آهن يا برما جا سڀ برمي ڳالهائين ٿا، پر انهن ۾ ڪي هندو آهن، ڪي ٻڌ ته ڪي مسلمان.

هڪ فلسطيني عرب کان پڇيم ته سئيدن ۾ سڀ کان گهڻا عرب ڪهڙي ملڪ جا آهن.

”شام (Syria) جا، پر اهي عيسائي آهن“ هن ٻڌايو.

# ڪهڙي فلم جو گانو آهي؟

هتي جي هڪ يورپي ڪارخانيدار سان ملاقات ٿي، جنهن جي ڪارخاني ۾ گهڻو تعداد ويٽنامين جو آهي، جيڪي ٻيڙين رستي هتي اچي نڪتا. هو هاڻ سئيڊن جا شهري آهن. سندن ملڪ ويٽنام ۽ هتي جي آب هوا ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. هتي هر وقت سيءُ ۽ سوڪڙ آهي ويٽنام ۾ گهم ۽ گرمي.

ڪارخاني جي يورپي مالڪ چيو: ”ويٽنامي قد جا هلڪا ڦلڪا هوندي به چڱو ڪم ڪن ٿا ۽ چئيوان به آهن پر هنن ۾ منجهند جي وقت ٿوري گهڙي ننڊ ڪرڻ جي پِٽ آهي. جيئن ئي منجهند جو هڪ يا ٻه ٿيندو ته هر ڪو اوٻاسيون پيو ڏيندو ۽ ڪنڌ پاسا پيو ڳوليندو، جيئن سُوپو ننڊ جو ڪري وٺي.“

دراصل اها عادت نه فقط ويٽنام وارن جي آهي پر ڪيترن ئي خط استوائي ملڪن جي ماڻهن جي آهي. ڪينيا، تنزانيا،ملائيشيا ۽ سنگاپور جهڙن ملڪن ۾ لنچ جي رسيس ڏيڍڪلاڪ ڪن ٿئي ٿي جنهن جو مقصد فقط ماني کائڻ نه آهي پر ٿوري دير ننڊ ڪرڻ پڻ آهي.

اسان وٽ پاڪستان ۾ به منجهند جي ننڊ جا ڪيترائي عادي آهن، خاص ڪري سنڌ ۽ ڏکڻ پنجاب جا. آئون پڻ انهن مان آهيان. اسان جي ڏينهن ۾ پرائمري اسڪول صبح ۽ شام جو ٿيندو هو. ڳوٺ ۾ بجلي نه هئي. صبح جو انين ڪان ساڍي يارهين تائين اسڪول هلندو هو. وري شام جو ٽين ڪان پنجين تائين هلندو هو. وچ ۾ ماني کائي ڪلاڪ به ننڊ ڪبي هئي، اها عادت اهڙي گهر ڪري وئي آهي جو اڃا تائين چاهي ههڙن ٿڌن ملڪن ۾ هججي يا ننڍين ڏينهن وارن ملڪن ۾، منجهند جو وڌيڪ نه ته پندرهن منٽ ڪرسيءَ تي ويٺي اک هڻڻ لاءِ موقعو ڳوليندو وتندو آهيان ۽ ان بعد سڄو ڏينهن اهڙو تازو جهڙو صبح جي وقت. بنان ان ننڊ جي باقي ڏينهن اوٻاسين جو ٿڪو هوندو آهي.

ملائيشيا، اسپين، ڪينيا، سريلنڪا جهڙن ملڪن ۾ اسان جهڙا ماڻهو خوش گذاريندا آهن، جتي سڄي قوم آفيشلي منجهند جو سمهي ٿي پوءِ منجهند جي ننڊ کي ڪو " قيولہ" چئي ٿو ته ڪو نئپ يا "سائيستا" وغيره.

هونءَ اسان جهڙا ماڻهو- ويندي ملئي، ويٽنامي، پنجابي، عرب -اٿن به ته صبح جو سوير ئي ٿا. نوڪريون ۽ ڌنڌا هاڻ ٿيا آهن نه ته دنيا جو ڪاروبار پوک تي هلندو هو. مصر ڪان منگوليا تائين، بصري ڪان بخارا تائين جا ماڻهو منهن اونداهيءَ ۾ ئي اٿي ٻني ٻاري جو ڪم ڪندا هئا جو اسان

جهڙن ملڪن ۾ گرمي ايڏي آهي جو يارهين ٻارهين ڪانپوءِ سج تتل ڌرتيءَ تي بيهڻ نٿو ڏئي.

بهرحال اها صبح جو سوير اٿڻ واري عادت گذريل ويهارو سالن کان ماڻهن مان نڪرندي وڃي، جڏهن کان ٽي ويءَ ۽ چانهه جي هوٽلن زور ونڻ شروع ڪيو آهي. اڄ اسان جو سنڌي هاري به رات جو دير تائين ناڪي واري هوٽل تي ويهي چانهه پئي ٿو ۽ "زي" ٽي وي ڏسي ٿو يا وي سي آر تي ڪئسيٽ ڏسي ٿو ۽ پوءِ صبح جو اٿيو نٿو ٿئي.

هڪ NGO جي خيراتي ڪمن واري يورپيءَ هند، سنڌ، سريلنڪا جهڙن هنڌن جو دورو ڪري چيو ته، ايشيا ۽ آفريڪا جي ڪيترن ملڪن جي تباهي ۽ ترقيءَ ۾ رخنو ٽي وي آهي.اسان جو ماڻهو وندر لاءِ هڪ اڌ پروگرام ڏسڻ بدران سڄو وقت ٽي ويءَ اڳيان ويهي برباد ڪن ٿا.

دراصل هن پاسي يورپ جي ملڪن ۾ سيءُ- ٿڌ ايڏي آهي جو ماڻهو گهر کان نڪرندي ڪيٻائين ٿا. ويتر سياري جي ڊگهين راتين ۾ گهر ۾ ويهي ايڏو منجهن ٿا جو ڪيترا مايوسيءَ جي دوري ۾ پاڻ کي ماريو رکن. کين مشغول رکڻ لاءِ سرڪار ٽي وي پروگرام ۽ چئنل وڌائڻ تي زور ڏئي ٿي، جيئن ملڪ جا ماڻهو وندريا پيا هجن ۽ گهر ۾ اڪيلي بور ٿيڻ بدران ٽي وي ڏسڻ ۾ مشغول رهن. انهيءَ ڪري مٿئين يورپي همراهه پاڪستان جهڙن ملڪن جي

دوري بعد اهوئي تبصرو ڪيو تہ اسان جهڙن ملڪن ۾ ايتري ٿي وي ڏسڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ سئنيما هال ۾ فلم ڏسڻ جي جيڪڏهن ٽڪيٽ نہ هجي تہ ان جو مطلب جو اهو تہ ناهي تہ ماڻهو ڏينهن رات سئنيما هال ۾ وڃنو فلم ڏسي.

مٿين ڳالهين کان علاوه هن پاسي (يورپ ۾) تعليم ايتري آهي جو هر مائٽ "ڀَلي ٻُري" کي سمجهي ٿو ۽ ننڍي هوندي کان ٻارن کي اها ئي سٽي وجهي ٿو تہ ٽي وي ٿوري دير لاءِ ڏسجي ۽ ڪهڙا پروگرام ڏسجن ۽ ڪهڙي وقت ڏسجن- خاص ڪري هوم ورڪ ڪرڻ بعد ٿوري دير لاءِ ٽي وي ڏسجي. پر اسان جا ٻار ڪِن جهڙي انڊين فلم ڏهون دفعو پئي هلندي تہ بہ وينا ڏسندا. ان جو هر هڪ ڊائلاگ ۽ گانو ياد هوندن. مائٽ وڏي فخر سان پريل محفلن ۾ هنن کان پڇندا: پٽ! هي جيڪو گانو "تنها تنها" پيو هلي ڪهڙي فلم جو آهي؟ يا ماڌوري ڊڪشت جنهن گاني "اکيان ملائون کبهي اکيان چرائون، ڪيا تو ني ڪيا جادو" تي ڊانس ڪئي آهي، ڪهڙي فلم جو آهي؟

# ولايت ۾ نوڪري لاءِ پورهيت...

پاڻ سان ڪم ڪندڙ سعودي عرب جي همراهن ڪي چيم تہ پاڪستاني اخبارن ۾ جيڪي سعودي عرب ۾ نوڪري ڪرڻ جا اشتهار اچن ٿا، اهي هڪ تہ تمام ننڍين ۽ لئبر ڪلاس جي نوڪرين جا اچن ٿا- مثال طور اليڪٽريشن، ٽرڪ ڊرائيور، واڍو، فورڪ لفٽر، پائيپ فٽر وغيره. ۽ ٻيو تہ انهن جا پگهار ايترو گهٽ هوندا آهن جو پڙهي افسوس ٿيندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ورلي انجنيئرن ۽ ڊاڪٽرن جي ضرورت جا اشتهار ايندا آهن، انهن جا بہ پگهار تمام گهٽ هوندا آهن، ڪين رهائش لاءِ اڪيلو ڪمرو ڏنو ويندو آهي، ٻارن کي آڻڻ جي بہ موڪل نہ هوندي اٿن. اهو ڇالاءِ؟

”دراصل ان ۾ اسان سعودي وارن جو سنئون سڌو هٿ نہ آهي.“ هڪ ٻڌايو، ” اسان ٺيڪو نيڪو ڏيندا آهيون. مثال طور بندرگاهہ جي ڪم هلائڻ لاءِ اسان ٻن سالن جي ٺيڪي لاءِ اشتهار ڏيندا آهيون، پوءِ جيڪو گهٽ اگهہ Quote ڪري. پوءِ ڪڏهن آمريڪن تہ ڪڏهن برٽش يا وينديجپاني ياڪورين اهو ٺيڪو حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهن، پوءِ مٿين پوسٽن تي هو پنهنجا رکن ٿا باقي ننڍين ننڍين ڪمن Sub- Contracts ٻين کي ڏين ٿا. مثال طور

ڪنهن جپانيءَ ڪي بندرگاهه جو ٺيڪو مليو، پوءِ اهو بندرگاهه جي لانچن ۾ ٽگن لاءِ فليپنو آفيسر رکندو ته خلاصي بنگالي يا چيني -جيڪي گهٽ پگهار تي گهٽي ڪان گهٽو ڪم ڪن تا ۾ سندن به فائدو ٿئي ٿو. بندرگاهه جي رستن ۾ عمارتن لاءِ هو وري مختلف ملڪن جي ايجنٽن کي ٺيڪا ڏيندو، پوءِ جيڪو گهٽ اگهه وٺي، مثال طور ڪنهن پاڪستاني ايجنٽ کي اهو ٺيڪو مليو. پوءِ اهو پاڪستاني اخبارن ۾ مزورن انجنيئرن لاءِ اشتهار ڏيندو ۽ ڪوشش ڪري هو اهي ڪڍندو، جيڪي گهٽ پگهار تي راضي ٿي وڃن، جيئن ڪيس وڌو فائدو ملي. هاڻ هڪ پاڪستاني انجنيئر يا رستو ٺاهيندڙ مزور کي ڇا پيو ملي ان جي نه اسان کي خبر آهي نه اسان جو واسطو آهي. اسان جو واسطو ان جپانيءَ سان آهي، جنهن کي اسان سڄي بندرگاهه جو ٺيڪو ٻن سالن لاءِ ڏنو آهي. دراصل ان پاڪستاني مزور يا ڪاريگر جو جپانيءَ سان به واسطو ناهي- ڇو جو هن جپانيءَ سب- ٺيڪو پاڪستانيءَ کي ڏنو آهي ته هي هي رستا هر وقت صحيح هجن. پوءِ اهو پاڪستاني ٺيڪيدار پنهنجي ملڪ جا ڪيترا ماڻهو رکي ٿو کين ڪيترو پگهار ڏئي ٿو اهو هن جو ڪم آهي.

ڪجهه سال اڳ دمام بندرگاهه ۾ جهازن تي سامان چاڙهڻ لاهڻ جو ڪم پاڪستاني مزورن حوالي هو.

پاڪستانين عيد براد ۽ ٻين ڏينهن تي اهاني ٻهاني ڏاڍيون موڪلون ڪيون ٿي. جهازي ڪم اهڙو آهي جنهن ۾ روز ڪم هلي ٿو ۽ ڏينهن رات ڪم هلي ٿو. نتيجي ۾ بندرگاهه جي جرمن فرم ٻئي سال ڪان ڪوريا جا مزور رکيا ۽ پاڪستاني مزورن کي سال پورو ٿيڻ بعد ٻئي سال جو ٺيڪو نه ڏنو.“

هڪ اهڙي پاڪستاني ايجنسيءَ جي مالڪ سان جنهن جو ڪم پاڪستان ڪان مزور ۽ پورهيتن کي ٻاهرين ملڪن ۾ ڪميشن تي نوڪري وٺي ڏيڻ آهي، تنهن کان پڇيم:”توهان ڪهڙي قسم جا ماڻهو سعودي عرب موڪليو ٿا؟“

”گهر جي ڪم ڪارين ۽ دڪانن، هوٽلن جي صفائيءَ لاءِ بنگالي موڪليون ٿا ۽ ڳري ڪم لاءِ، جيئن تہ رستا ناهڻ، عمارتون ناهڻ ۽ ڪارخانن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ پٺاڻ ۽ افغاني موڪليون ٿا.“

”چو ڀلا؟“ مون پڇيومانس.

”ان لاءِ جو هو اتي پهچڻ سان ڪم ۾ جنبيو وڃن تہ وري پُٺِ جو نٿا سوچين. هو نخرا ۽ موڪلون گهٽ ڪن ٿا. هنن کي نہ بيوي کپي نہ ٽي وي کپي، جيڪو سادو سودو ملين ٿو اهو کائي، پئسو بچائين ٿا. نہ گهمڻ ڦرڻ جي عادت اٿن نہ ڪچهرين جي تات.“

”افغاني ۽ بنگالي ڪٿان آٽيو؟“ مون پڇيو.

”اهي هتي اچن ٿا ۽ پاڪستاني پاسپورٽ جو پاڻهي بندوبست ڪن ٿا ۽ اسان ڪين پاڪستاني ڪوٽا تي موڪليون.“ هن ٻڌايو.

” اهو ته توهان پنهنجي ملڪ (پاڪستان) جي ماڻهن سان ظلم ڪيو ٿا،“ مون چيو.

”ظلم پاڻ اسان تي ٿئي ٿو جو جڏهن ڪيترا سست پاڪستاني صحيح طرح ڪم ڪرڻ بدران گسائين ٿا يا اهاني بهاني مقرر مدي کان اڳ موٽيو اچن ته پوءِ ڪمپني اسان کي وارننگ موڪلي ٿي ۽ ڪيترا دفعا اسان جي ضمانت ضبط ٿيو وڃي. ان ڪري هر ايجنٽ پورهئي لاءِ اهڙا ماڻهو موڪلي ٿو، جيڪي گهر کان پري رهي چڱي طرح مزوري ڪري سگهن يعني پورهيت هجن ۽ هوم سِڪ هرگز نه.“هن ٻڌايو.

# سرڪار جا نہ جهاز ملڪيت نہ بندرگاهہ

پاڪستان جي اتر ۾ افغانستان آهي ۽ ان مٿان روسي رياستون تاجڪستان، ازبڪستان، قازڪستان وغيره آهن ۽ ڪابي پاسي ايران ۽ ترڪي آهي، ترڪيءَ مٿان اتر ۾ بلغاريا، رومانيا، پولينڊ آهن. انهن جي بہ اتر ۾ وجبو تہ بيلا روس ۽ سوويت يونين جون بلقاني رياستون ليٿونيا (Lithuania) ، لٽِويا (Latvia) ۽ ايسٽونيا (Estonia) آهن. ايسٽونيا تمام گهڻو اتر ۾ سٺ ڊگريون ويڪرائي ڦاڪ (Latitude) جي لڳ ڀڳ آهي.

ايسٽونيا جي گاديءَ جو هنڌ ٽالن (Talinn) آهي. ٽالن ۽ هيلسنڪي (فنلئنڊ جي گاديءَ جو هنڌ) هڪٻئي جي آمهون سامهون ائين آهن جيئن روهڙي سکر يا دادو مورو. انهن شهرن جي وچ ۾ سنڌوندي وهي ٿي ۽ هيڏانهن بالٽڪ سمنڊ جو هڪ حصو يڪو ”فنلئنڊ نار“ (Gulf of Finland)آهي،جيئن عربي سمنڊ جو هڪ حصو ايراني نار ايران ۽ عرب رياستن کي ڌار ڪري ٿو تيئن گلف آف فنلئنڊ ايسٽونيا ۽ ٻين بلقاني رياستن کي فنلئنڊ کان جدا ڪري ٿو.

پاڪستان کان مٿيون رستو ڏئي فنلئنڊ پهچڻ تي فنلئنڊ روس جو پاڙيسري ۽ مائٽ ملڪ لڳي ٿو. ان ۾ ڪو شڪ

ناهي ته فنلئنڊ روس جو ايئن پاڙيسري ملڪ آهي جيئن پولينڊ، هنگري،چيڪو سلاويڪيا يا رومانيا ۽ بلغاريا آهن - جن جي رهڻي ڪهڻي، توڙي ايڪاناميءَ جو هيٺو حال- يا ڪارو منهن ڪرڻ ۾ سابق سوويت روس جو هٿ رهيو ۽ آخر تائين ان جو اثر رهيو.

فنلئنڊ پنهنجو پاڻ کي ان رڇ جي چنبن کان بچائڻ ۾ وڏا وس ڪيا. فنلئنڊ جي زبان يا اٿڻي ويهڻي يا ماڻهن جو قدبت پنهنجي ان طاقتور پاڙيسريءَ جهڙو ضرور آهي، پر ملڪ جي ايڪانامي يا سياسي نظام پنهنجي ڪابي پاسي واري پاڙيسري ملڪ سئيڊن ۽ ناروي جهڙو آهي. فنلئنڊ روس جو نه پر اسڪينڊينيويا جي ملڪن جو حصو سڏيو ۽ سمجهيو وڃي ٿو، جنهن جا ٻيا ملڪ ناروي، سئيڊن، ڊئنمارڪ ۽ آئس لئنڊ آهن.

ناروي ۽ ڊئنمارڪ وانگر فنلئنڊ پڻ جهازراني ۽ جهازسازيءَ ۾ گهڻو اڳيان اڳيان رهيو آهي. ساموندي جهيڙن، صلح صفائين ۽ فيصلن جون ڪيترين ئي بين الاقوامي گڏجاڻيون هن ملڪ ۾ ٿينديون اچن، خاص ڪري هيلسنڪي ان خيال کان هڪ تواريخي شهر آهي. هونءَ ته پاڪستان کان پگ ٻڌي، هلي ملي هن اتراهين شهر هيلسنڪي جي گهمڻ لاءِ پاڙو پرڻ ۽ تڪليف سهڻ کان ته بهتر آهي ته انهن پئسن جو وڏو ريفريجٽر وٺي ان ۾ پاڻ

کي بند ڪري ڇڏجي. پر سئيڊن جي شهر مالمو توڙي اسٽاڪهوم (جتي اسان رهيل آهيون) کان فنلئنڊ جو هي شهر هيلسنڪي ائين آهي جيئن ڪراچي حيدرآباد کان بمبئي مدراس. هوائي جهاز رستي ٻه ڪلاڪ ڪن جو پنڌ آهي ۽ ساموندي جهاز رستي پندرهن ويهه ڪلاڪ لڳن ٿا، پر هنن ملڪن ۽ اسان جي پاڙيسري ملڪن ۾ فرق فقط اهو آهي ته اسان جا ملڪ هڪٻئي جو خيال رکڻ ۽ هڪٻئي جي عزت ۽ تعريف ڪرڻ بدران سڄو وقت رٺل رنڊيءَ وانگر فقط هڪ ٻئي کي مهڻا ڏيندا آهن، هر وقت هڪٻئي جي ڏاڙهيءَ ۾ هٿ هوندو اٿن، پر هن پاسي جا يورپي ملڪ هڪٻئي جون ڳالهيون ٻڌن، هڪٻئي جي ايجادن مان فائدو وٺن، هڪٻئي سان ٿيل پراڻا توڙي نوان جهيڙا پنهنجي منهن ويهي، پيار محبت سان نبيرين ۽ آئينده جي وڌڻ ويجهڻ لاءِ صلاح مشورو ڪن- ٻين لفظن ۾ هڪ ٻئي جا ترا ڪڍڻ بدران ترقيءَ لاءِ سوچين.

مالمو (سئيڊن) جي ”ورلڊ مئريٽائيم يونيورسٽيءَ“ ۾ ٻه سال رهڻ دوران هر هڪ کي ٻن هفتن لاءِ هيلسنڪي پڻ موڪليو ويو ٿي، جيئن هن ملڪ جي ساموندي ڪم ڪارين جي آفيسن ۽ بندرگاهن جو پڻ رنگ ڍنگ ۽ طور طريقو ڏسي سگهجي.

ساموندي دنيا ۾ فنلئنڊ هڪ مثالي شهر آهي. فنلئنڊ بندرگاهن ۽ ڊنڊين جو شهر آهي. هر قسم جي ٻيڙين، جهازن ۽ ساموندي رستن پيچرن جو ملڪ آهي. فنلئنڊ کي سٺ بندرگاهه آهن ۽ هڪ لک کان مٿي ننڍيون وڏيون ٻيڙيون آهن! جهاز ۽ ٻيڙيون ته سرڪار بدران پرائيويٽ ماڻهن جون آهن پر بندرگاهه پڻ پرائيويٽ آهن. فنلئنڊ جي بندرگاهن جو پڳ ڌڻي نه سرڪاري ڪامورو آهي ۽ نه ڪو فوجي ائڊمرل. هالا جي مچي مارڪيٽ يا ڪراچي جي زينب مارڪيٽ وانگر هي بندرگاهه عام ماڻهن جي ملڪيت آهن ۽ اهي ئي انهن کي هلائين. ڪن ڪن بندرگاهن کي ان شهر جون ميونسپالٽيون هلائين ۽ چا ته سندس اعليٰ ڪارڪردگي ۽ ڪمائي آهي!هر جهاز کي وقت تي بندرگاهه ۾ جاءِ مليو وڃي، حفاظت سان سامان لهيو چڙهيو وڃي، لنگر ڪڻڻ وقت پوري شيڊول تي رسا ڪليو وڃن. جهاز وارا به خوش ته بندرگاهه وارا به خوش. نه مزور سامان پيچن يا چوري ڪن ۽ نه ڪسٽم ۽ پوليس اجائي ڪٽ ڪٽ ڪري، پنهنجي ڪيسي پرڻ لاءِ جيري خاطر ٻڪري ڪهن. ان ڪري امپورٽر ايڪسپورٽر به خوش ته دڪاندار ۽ خريدار به خوش- ملڪ به پيو ترقي ڪري ته ماڻهو به پيا خوش گذارين.

# جنهن کي وڏين مور بنائين....

فنلئنڊ کي ڇڳو ڊگهو ساموندي ڪنارو آهي ۽ اٺ هزار ڪلوميٽر مختلف ساموندي ڪئنال ٽيندس. ان کان علاوه ست هزار ڪن ڪلوميٽر (Inland Channels) اٿس، انهن مڙني ۾ جيڪي جهاز ۽ ٻيڙيون هلن ٿيون، انهن لاءِ جيڪي سمنڊ تيBuoys بتيون، لائيٽ هائوس،Beacons (چمڪندڙ ۽ وسامندڙ بتيون) ۽ رڊار لڳل آهن، انهن جو تعداد ٻاويهه هزار آهي. مزي جي ڳالهه اها ته دنيا ۾ فنلئنڊ ئي هڪڙو ملڪ آهي جنهن جا سياري ۾ سمورا بندرگاهه بند رهن ٿا. سخت سرديءَ ڪري چوڌاري سڄو سمنڊ برف ٿيو وڃي، پر ان هوندي به وقت بوقت "آئيس بريڪر جهازن" ذريعي برف ڀڃي ڪيترن بندرگاهن تائين پيچرا ٺاهيا وڃن ٿا ۽ جهازن کي قافلي جي صورت جلدي جلدي ڪجهه بندرگاهن تائين پهچايو وڃي ٿو. سخت سيءَ ۽ برف ڪري سياري ۾ ته اها تڪليف ٿئي ٿي پر اونهاري ۾ سج نڪرڻ ۽ برف جو سمنڊ ۾ ٽڙڪڻ ڪري اتر قطب کان برف جا وڏا جبل (Ice Bergs) سمنڊ ۾ لڳل بتين ۽ Bouys کي هر سال لوڙهيو وڃن ۽ پوءِ حڪومت ۽ بندرگاهه وارا انهن پنيان وري وري خرچ ڪندا رهن ٿا، چاڪاڻ جو هنن طوفاني، برفاني ۽ اونداهن ساموندي علائقن ۾ جهازين کي رستا ڳولڻ ۾

اهي ٿي بتيون ۽ Buoys، لائيٽ هائوس ۽ بيڪن بتيون-پري تائين ڏيک ڏيندڙ چمڪندڙ بتيون، مدد ڪن ٿيون. سخت جهڙ ڪري ڪو چنڊ، تارو يا سج نظر نٿو اچي.

اسان جو هوائي جهاز ڪوپن هيگن جي هوائي اڏي تان پوري وقت تي اڏاميو هو ۽ هاڻ پائليٽ طرفان ٿيل اعلان مطابق پوري وقت تي هيلسنڪيءَ ۾ لهي رهيو هو.

”مسافرن کي بيلٽ ٻڌڻ لاءِ اطلاع ڪجي ٿو، ٿوري دير بعد اسين فنلئنڊ جي بين الاقوامي هوائي اڏي هيلسنڪي تي لهنداسين ۽ جيسين ڏاکڻ نہ لڳي مسافرن کي عرض آهي تہ هو پنهنجين جاين تي ٿي وينا هجن. ڊئنمارڪ ۽ فنلئنڊ جي وقت ۾ ڪلاڪ جو فرق آهي ... ڏينهن جهڙالو آهي ۽ ٽڌڪار (ٽيمپريچر) واڌو ٽي ڊگريون آهن. اميد تہ توهان جو هن هوائي جهاز ۾ سفر سٺو گذريو هوندو. مهرباني.“

دري مان هيٺ ڏٺم جهاز ڪافي هيٺ لهي چڪو هو پر اڃا ڪڪرن جي مٿان واري Altitude تي هو، پوءِ سگهوئي هيٺيرو ٿيندو ويو...رستا ، وڻ ٽڻ، ننڍڙا ٻيٽ توڙي ڍنڍون ڊورا صاف نظر اچڻ لڳا. ساڄي پاسي واري دريءَ تي ٿائليند جو مسٽر سوتي چائي هو. هڪ گهڙيءَ لاءِ اسان درين مان هيٺ ڏسڻ بدران هڪ ٻئي کي ڏٺو ۽ سوتي چائيءَ هيٺ اشارو ڪري چيو: ”ڏس ڏس! پاڻ کي وڏا شريف ۽ مهذب

سڏائڻ وارا هي يورپي! وڻن جي ستيا ناس ڪري رهيا آهن.“

هيٺ چوڌاري پاڻي هو، رستا هئا، گهر هئا، باقي وڻ ئي وڻ هئا، جيستائين نظر وئي ٿي! جبل به ڍڳهن وڻن سان جهنجهيا پيا هئا، پر انهن گهاٽن ٻيلن ۾ ڪٿي ڪٿي سوين ايڪڙن ۾ ڪٽيل وڻ هئا. انهن هنڌن تي ساوڪ بدران ڌرتيءَ جو ميٽوڙي رنگ نظر اچي رهيو هو، ڌرتيءَ جا اهي حصا هوائي جهاز مان ائين نظر اچي رهيا هئا، جيئن ڪنهن جي مٿي ۾ پاڪيءَ سان چٽيون نڪتل هجن. سوتي چائيءَ هڪ دفعو وري چيو:”هي سڌريل ملڪ پاڻ پلي وڻ ڪٽين، پاڻ پلي فئڪٽريون ڪارخانا ٺاهي انهن مان گئس ۽ دونهون ڪڍن- ڪين چوڻ واري ڪا پهر ناهي. اسان ڪٿي ڪو وڻ اڌ ڪٽينداسين ته مغربي پريس ۾ رڙ پئجي ويندي ته ٿائليند وڻڪار ختم ڪري رهيو آهي، ملائيشيا وڻ وڍي هن ڌرتيءَ جي گرمائش وڌائي رهيو آهي، هر ڳالهه ۾ موچڙو مار ڪمزور تي آهي.“

سومر جو ڏينهن هو، شايد ان ڪري هوائي جهاز اڌ کن مس ڀريل هو. هن پاسي ماڻهن جي گهڻي چرپر جمع، ڇنڇر ۽ آچر ڏينهن رهي ٿي. هفتي جا اهي موڪل وارا ڏينهن Week- End سڏجن ٿا، باقي ڏينهن پورهئي ۽ محنت جا Week- Days سڏجن. بهرحال ٿورا ٿورا تڏهن به جهاز ۾ ڏيڍ

سئو کن ماڻهو هئا، پر ايئرپورٽ تي لهي اميگريشن وٽ پهتاسين تہ فقط اسين اٺ ڏهہ ڌارين ملڪن (ايشيا ۽ آفريڪا) جا وڃي بچياسين، اسان جي پاسپورٽ چڪاس لاءِ الڳ دري هئي، جنهن تي Foreigners لکيل هو. ٻي دريءَ تي Scandinavian لکيل هو، (جيڪا فنلئنڊ ۽ هن ترَ جي ملڪن: سئيڊن، ڊئنمارڪ، ناروي ۽ آئيس لئنڊ جي ماڻهن لاءِ هئي)، جنهن دريءَ تان هن پاسي جا ماڻهو پنهنجي پاسپورٽ يا شناختي ڪارڊ جي جهلڪ ڏيکاري، وڃي گهر پيڙا ٿيا.

اسين ڪارا، ڪڻڪ رنگا، هئڊا، ڦڪا، ميٽوڙي ۽ چاڪليٽي تنزانيا، يمن، پاڪستان، ٿائليند، وينزوئلا ۽ ويسٽ انڊيز جا قطار ٺاهي اچي دريءَ اڳيان بيٺاسين. اسان لاءِ هيلسنڪيءَ جو هوائي اڏو بہ جڻ هالا جو ٽپال گهر هو. انچارج همراهہ وينو هو پر جڏهن موڊ ٺئيس تہ اسان جي ڪم جو اڪلاءُ ڪري. فلپين جو مسٽر گلبرٽ اهو حال ڏسي قطار مان نڪري، ڪنڊ ۾ رکيل ايمبارڪيشن فارم ڪڍي پرڻ لڳو.

” گلبرٽ اچ، فارم جي ڪهڙي ضرورت آهي، پاسپورٽ تي ويزا ۽ سڀ ڪجهہ لکيو پيو آهي تہ اسين گروپ ۾ سفر ڪري رهيا آهيون ۽ UNO جهڙي بين الاقوامي اداري جي يونيورسٽيءَ سان تعلق رکون ٿا،“ مون چيو.

”هنن جو ڪو ڀروسو ناهي،“ گلبرٽ چيو، ”پوءِ جو ساڳيو فارم ڀرجي، تنهن ڪان بهتر آهي آئون هينئر ئي ٿو ڀري وٺان.“

گلبرٽ جي ڳالهه صحيح نڪتي. پاسپورٽ چڪاس ڪرڻ واري ”پوليس واريءَ“ وينزوئلا ۽ تنزانيا جي همراهن کي ته فقط پاسپورٽ ڏسي ايئرپورٽ ڪان ٻاهر نڪرڻ جي اجازت ڏني، باقي اسان کي چيو ته فارم ڀري اچو ته اسان جي ملڪ ۾ ڇو آيا آهيو، ڪٿي رهندائو، ڇا ڪندائو، ڪير آهيو ۽ ڪير توهان جي گئرنٽي ڪٽندو.. وغيره

ٿائلينڊ جي سوتي چائيءَ کي ڳالهه نه وڻي، ”پاڻ جڏهن اسان جي ملڪ ۾ ايندا آهن ته اسان ته ايڏي سختي نه ڪندا آهيو ۽ هن وقت ته اسان ذاتي چڪر تي نه آيا آهيون. اها اسان جي بي عزتي آهي، ترسو ته آئون اميگريشن واران سان ڳالهايان.“

سوتي چائي دريءَ وٽ ويو، پنيان يمن جي مبارڪ به ڊگهي فارم ڪان بچڻ لاءِ سوتيءَ پنيان وڃڻ جو ارادو ڪيو پر ان ئي گهڙيءَ سوتي چائي ڦلهوڙو منهن ڪري موٽيو.

مون يمن جي مبارڪ کي فارم ۾ پين ڏيندي چيو:

”ابا اچ. هاڻ ٿي پڪ. جتي ٿائلينڊ تي ئي سختي آهي، اتي پاڪستان ۽ يمن جهڙا ملڪ کهڙي باغ جي موري آهن.“

”وينزوئلا تہ ڪٽي آمريڪا ۾ آهن،“ سوتي چائيءَ چڙ مان يمن جي مبارڪ کي چيو، ”پر تنزانيا تي اها مهرباني ڇو ڪئي اٿن، جيڪو آفريڪا جو ملڪ آهي.“

”بس تنزانيا جا ماڻهو توهان ٿائين وانگر پراين ملڪن ۾ ڦڏا نہ ڪندا هوندا.“ يمن جي مبارڪ چيس.

”اوه نو! مسٽر مبالڪ!“ سوتي چائيءَ معصوميت مان چيو، هو اڄ ڏينهن تائين ”ر“ اچاري نہ سگهيو آهي، ان ڪري مبارڪ کي مبالڪ ئي سڏي. ”اسان ٿائين کي پنهنجو ئي ملڪ وڻي ٿو، جتي هر قسم جو سڪون ۽ سک آهي، هتي فنلئنڊ وارا جيڪڏهن اهو سمجهن ٿا تہ آئون هتي سندن ملڪ ۾ رهي پوندس تہ اها سندن وڏي غلط فهمي آهي.“

”وري بہ شڪر ڪر.“ مبارڪ ڏڍ ڏيندي چيس، ”اسان جي ملڪ يمن کي تہ اسان جا عرب ملڪ توڙي يورپي دهشتگرد ٿا سمجهن.“

”پر اهو ڪيڏو غلط آهي جو هن وقت اسان هڪ بين الاقوامي اداري سان تعلق رکون ٿا ۽ هڪ ئي ملڪ سئيڊن کان اچي رهيا آهيون. ان حالت ۾ هتي جي اميگريشن کي سيني سان هڪ جهڙو هلڻ کپي. اهو ڇا تہ ڪن کي ائين پيا ڇڏين تہ ڪن کي چور سمجهي انهن کان فارم پيا پرائين.“ سوتي چائيءَ چيو.

”هن وقت اهڙيون ڳالهيون ئي ڌيان ۾ نہ آڻ.“ مون کيس آٿت ڏني، ”هتي ماڻهو پنهنجي ذاتي اخلاق کا بہ نہ پر ملڪي ليبل سان سڃاتو وڃي ٿو ۽ اها ليبل هنن چوڌري ۽ وڏيرن ملڪن جي هٿ ۾ آهي، جنهن کي وڻين مور بنائين جنهن کي وڻين چور بنائين. جيستائين گڏيل روس جو وجود قائم هو. انهن سان دشمني پارٽي هئي ۽ ڏک ڪڏڻو هو تہ پاڪستان کي مور بنايو ويو، جمهوريت جي ڳالهہ ڪرڻ واري آمريڪا کي ان جو فوجي ڊڪٽيٽر بہ پئي وڻيو. ڪم نڪري ويو، روس ختم ٿي ويو تہ هاڻ پاڪستان چور ٿي پيو آهي. جمهوريت هوندي بہ ڪين جمهوريت نظر نٿي اچي، سو هتي ڪير سٺو آهي يا ڪير خراب، ڳالهہ ناهي. هتي راڻي اها سڏرائي ٿي جنهن کي راءِ چاهي ٿو.“

اميگريشن مان واندا ٿي ڪسٽم ۾ پهتاسين، ڪسٽم آفيسر هر هڪ جي سامان تي چاڪ سان ٽِڪ ڪندو ويو ۽ گڏوگڏ هڪ نظر پاسپورٽ تي بہ هٽندو ويو. منهنجي سامان کي بہ پاس ڪرڻ وارو هو تہ منهنجي سائي رنگ جي پاسپورٽ تي نظر پوڻ سان ترسي پيو.

(Are you form Pakistan) هن مون کان پڇيو.

”جي ها.“ مون وراڻيو مانس.

”يو ڊونٽ مائينڊ اِف آءِ چيڪ يوئر لگيج.“ هن تکلف طور پڇيو. جواب کان اڳ مون بئگ کولڻ شروع ڪئي،

مون ڪانپوءِ ٻيو جنهن جو سامان کولرايو ويو، اهو مبارڪ هو. منهنجي بئگ پرسان بئگ رکي، مبارڪ عربيءَ ۾ ڪسٽم واري کي گار ڏني.

”سڀ ميڙ ۾ ڪين اسان چور ٿا نظر اچون.“ هن مون کي چيو.

”انهيءَ ذلالت ڪري ته مون سئيڊن مان نڪرڻ ٿي چاهيو. ايشيا ۽ آفريڪا جا ملڪ ته هونءَ ئي هنن جي نظرن ۾ خراب آهن پر انهن ۾ به ڪي ڪي اسان جهڙن جا ملڪ وڌيڪ ئي خراب آهن، جن کي هو هھڙن موقعن مهلن تي ذليل ڪندا رهن ٿا.“

# فنلئنڊ ۽ ٿائلنڊ ۾ فرق ...

اميگريشن ۽ ڪسٽم جون اونون لاهي ٻاهر نڪتاسين ته لابيءَ ۾ هيلسنڪيءَ جي ”مئريٽائيم ايڊمنسٽريشن آفيس“ جي نمائندي ڪئپٽن پيڪا (سڄو نالو: Pekka Korhonen، انهن سڀني لاءِ جيڪي معلوم ڪرڻ چاهين ته فنلئنڊ جي ماڻهن جا ڪهڙي قسم جا نالا ٿين ٿا) استقبال ڪيو. هونءَ هن پاسي مڙيئي Scandinavian ماڻهو هڪ ٻئي سان ايترو گهڻو ملن ٿا جو شڪلين مان سڃاڻڻ ڏاڍو ڏکيو آهي ته ڪير ڊئنمارڪ جو آهي ۽ ڪير ناروي سئيڊن يا فنلئنڊ جو، پر سندس نالن ۽ نالن جي اسپيلن مان هتيجا ماڻهو سمجهيو وڃن ته ڪير اسڪينڊينيويا جي ڪهڙي ملڪ جو آهي.

پيڪا پهرين ئي ڪيڪار ڪڙيءَ ۾ اسان کي ڪلمڪ ۽ يار ويس ماڻهو لڳو ۽ ساڳي پروفيشن جو هجڻ ڪري هن کي اسان لاءِ ۽ اسان کي هن لاءِ عزت ۽ دوستيءَ جو جذبو ائين محسوس ٿيو، جيئن هڪ ملڪ جي ڊاڪٽر سرجن کي ٻئي ملڪ جي پاڻ جهڙي ڊاڪٽر سرجن لاءِ ٿئي. پوءِ اها ٻي ڳالهه آهي ته هڪ ڪٽي گهٽي سڌريل ملڪ مان هجي ٻيو گهڻ سڌريل ملڪ مان.

اسان پنهنجو پنهنجو سامان کڻي اچي سندس بس جهڙي ڊگهي وئن ۾ رکيو. هيلسنڪي ايئرپورٽ جو نالو Vanataa آهي ۽ شهر کان ايڪيهه ميل پري آهي. ايئرپورٽ کان شهر تائين ڊگهو رستو پار ڪرڻ دوران اسان مان هر هڪ پنهنجو تعارف ڪرايو. آخر ۾ ٿائليند جو جهازي انجنيئر سوتي چائي هو. ان جي تعارف ختم ٿيڻ تي مون پيڪا کي کلي چيو:

”توهان فنلئنڊ وارا خوش نصيب آهيو جو اسان جو يار سوتي چائي هتي هيلسنڪي آيو آهي، نه ته هو نه ناروي هليو ۽ نه ڊئنمارڪ جي آروس شهر ۾، پر هيڏانهن فنلئنڊ اچڻ لاءِ هو صبح ساڍ سيني کان ڪلاڪ ڏيڍ اڳ ايئرپورٽ تي پهچي ويو هو.“ سڀ کلڻ لڳا. پيڪا پڪ ڪرڻ لاءِ پڇيو: ”واقعي؟“

سوتي چائيءَ شرمائي پنهنجي ڪچي ڦڪي انگريزيءَ ۾ چيو: ”هائو. چو جو آئون ڊجي ويو هوس.“

”ڇا مطلب..؟“ پيڪا وائڙو ٿي پڇيو ۽ پوءِ اسان ڪيس ٻڌايو ته اوڏانهن وڃڻ لاءِ ٻئي دفعا سوتي چائي کان اڏامون مس ٿي ويون هيون. فلائيٽ جو ٽائيم تمام صبح ساجهر هو ۽ هي وقت اندر ايئرپورٽ تي پهچي نه سگهيو هو ۽ ٽڪيٽون به Non-Non-RefundableTransferable, هيون سو اڏام نڪري وڃڻ تي انهن ٽڪيٽن جا پئسا به رفوچڪر ٿي ويا.

هن دفعي يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر سوتي چائيءَ کي دٻ ڪڍي تہ هيلسنڪي واري فلائيٽ ۾ گسائيندي تہ ٻانهن ۾ هٿ وجهي ٿائي ايئر لائينز جي هوائي جهاز ۾ ويهاري ايندوسانءِ تہ مهرباني ڪري پنهنجي ملڪ بئنڪاڪ موٽي وڃ، جتان آيو آهين.

”انهيءَ ڪري تہ آئون هن دفعي ڊنس“، سوتيءَ مرڪندي ٻڌايو، ”رات جو ستس ئي ڪو نہ. سوير ئي اچي ايئرپورٽ تي ويٺس. منهنجي باس يا حڪومت کي خبر پوي تہ آئون هتي پڙهڻ ۽ تعليمي ٽوئرون اٽينڊ ڪرڻ بدران گسائيندو رهان ٿو تہ ساهہ ڪڍي ڇڏين.“

”مون ٿائليند ڪڏهن بہ ڏٺو ناهي.“ ڪئپٽن پيڪا سوتي چائيءَ کي چيو.

”چوينس تہ ٿائليند ۽ فنلئنڊ ساڳيو آهي.“ مبارڪ وچ ۾ ڳالهايو.

”اهو ڪيئن...؟“ سوتي چائيءَ مبارڪ کان پڇيو.

”اهو هينئن،“ مبارڪ بدران هاڻ مون جواب ڏنومانس، ”ٿائليند سَترن جي ڌرتي آهي ۽ فنلئنڊ موج مزي (fun) جي جاءِ آهي.“

”اوه نو!“ سوتيءَ سختيءَ سان Portest ڪيو.

” چڱو پلا ٻڌ.“ مون ٻڌايو مانس.“ ٿائليند جو اصل نالو سيام آهي، جيڪو (S) سان شروع ٿئي ٿو، فنلئيند جو بہ

اصل نالو Soumi آهي، جيڪو پڻ ساڳي اُچار سان شروع ٿئي ٿو. ان کان علاوه سڄو ايشيا ۽ آفريڪا کنڊ ڪنهن نہ ڪنهن يورپي ملڪ جي ڪالوني ٿي رهيو، سواءِ ٿائليڊ جي. اهڙيءَ طرح ٻي وڏي لڙائيءَ ۾ يورپ جي ملڪن تي نازي حڪومت جو ٿورا يا گهڻا ڏينهن قبضو رهيو پر انگليڊ کان علاوه ٻيو خوشنصيب ملڪ فنلئڊ هو، جنهن پاڻ کي ڌارين جي جلهہ کان بچائي رکيو. ٿائلئڊ ۾ هڪ نمايان فرق پڻ آهي- هڪ ملڪ (ٿائلنڊ) ۾ هميشہ بادشاهي راڄ رهيو ٻئي ۾هرگز نہ."

"اها ڳالهہ آهي،" ڪئپٽن پيڪا منهنجي ڳالهہ کي ٽيڪو ڏيندي چيو." ان معاملي ۾ فنلئڊ ويندي سندس پاڙ پينر ملڪ: ناروي، ڊئنمارڪ ۽ سئيڊن کان نرالو رهيو آهي، ڇو جو باقي انهن Scandinavian ملڪن ۾ هر وقت ڪانہ ڪا راڻي يا راجا رهندو اچي."

ان بعد هوٽل تائين ڪئپٽن پيڪا فنلئڊ ۽ ان جي گادي واري شهر هيلسنڪيءَ بابت ٻڌائيندو هليو. ڪجهہ اهم، معلوماتي، دلچسپ ۽ ڪم جون ڳالهيون جيڪي هن وقت ياد اٿم هن ريت آهن:

فنلئڊ جي ايراضي سوا ٽيلک چورس ڪلوميٽر آهي، يعني پڪيڙ ۾ جپان ۽ جرمني جيڏو ٿيندو. اتر کان ڏکڻ تائين سندس ديگهہ ٻارنهن سئو ڪلوميٽر آهي، سڄيملڪ

جي آدمشاري پنج ملين يعني پنجاهہ لک آهي. ماڻهن جو وڏو حصو ڏاڪٽين شهرن ۾ رهي ٿو. هيلسنڪي شهر جي آدمشاري پنج لک آهي. جيڪا ڪراچي، ڪلڪتي يا بمبئي بئنڪاڪ جي مقابلي ۾ تہ ڪجهہ بہ نہ آهي پر سکر، ساهيوال ۽ بصري بغداد کان بہ تمام گهٽ ٿي.

# فنلئنڊ_ سيسوءَ سانا جو ملڪ

فنلئنڊ جون ٻه قومي زبانون آهن، هڪ خاص هتي جي ٻولي فنس (Finnis) ۽ ٻي پر واري ملڪ سيئڊن جي سئيڊش- سئيڊش زبان ڳالهائڻ وارا جيتوڻيڪ ست سيڪڙو کو مس آهن پر سئيڊن جو هن ملڪ (فنلئنڊ) تي وڏو اثر رهيو آهي. ايتري قدر جو هيلسنڪي شهر جو بنياد 1550ع ۾ سئيڊن جي بادشاهي گستائو واسا رکيو، فنلئنڊ 1155ع کان 1809ع تائين سئيڊن جو حصو رهيو، 1809ع ۾ روسين فنلئنڊ فتح ڪيو ۽ سڄي صدي 1917ع تائين روسين جي هٿ ۾ رهيو، 1917ع ۾ روسي انقلاب دوران فنلئنڊ وجهه وٺي پنهنجي خودمختياريءَ جو اعلان ڪيو.

-فنلئنڊ ۾ رستن جا نالا توڙي سرڪاري ڪاغذ پٽن تي فنلئنڊ ۽ سئيڊن (ٻنهي ملڪن ) جون زبانون لکيل نظرا يندیون ۽ ڪن ڪن هنڌن تي جتي مختلف ملڪن جي ماڻهن جو واهپو آهي، اتي ٽي زبان انگريزي پڻ هلي ٿي. جيئن ايئرپورٽ تي مرداني ڪاڪوس ٻاهران فنش زبان ۾ Miehille سئيڊس زبان ۾ Herr ۽ انگريزيءَ ۾ Men لکيل آهي ۽ اهڙي طرح عورتن جي ڪاڪوس ٻاهران ٽنهي زبانن ۾ Naisile ، Dame ۽ Ladies لکيل آهي. اسان وٽ ڪن شهرن ۾ رستن يا شهرن جا نالا سنڌي ۽ اڙدوءَ ۾ لکيل

آهن يا سنڌي اڙدو انگريزيءَ ۾، پر نالو ساڳيو آهي، جيئن حيدرآباد جو جيل روڊ انگريزي توڙي سنڌي اڙدوءَ ۾ ساڳيو جيل روڊ آهي- ائين نہ تہ انگريزيءَ ۾ (Jail Road) ۽ سنڌيءَ ۾ ”قيد رستو“ پر هتي ٻنهي زبانن ۾ ترجمو ٿيل آهي، جئين هيءَ هوٽل اسڪاٽا جنهن ۾ اسين رهيل آهيون. جنهن روڊ تي آهي ان جو سئيڊش نالو Stottsgatan آهي ۽ ان جي هيٺان ساڳي رستي جو فنشن زبان ۾ Linnaankatu نالو لکيل آهي. سئيڊش زبان ۾ رستي (روڊ) کي گاتن سڏجي ٿو ۽ فنشن زبان ۾ ڪاتو.

بهرحال هڪ ڳالهہ ضرور سني آهي تهڪو روڊ يا پارڪ سئيڊن جي دور ۾ سئيڊش بادشاهہ يا مسٽر نوبل جهڙي امير يا سخي مرد نهرايو تہ اهو نالو بہ موجود آهي تہ فنلئنڊ جي آزديءَ بعد نئون مليل نالو پڻ رکيو ويو آهي. ائين ناهي تہ مئڪلوڊ روڊ چندريگر روڊ ٿي ويو، رام باغ آرام باغ ٿي ويو، خبر ناهي مينارام هاسٽل، فريئر هال ۽ برٿو روڊ جهڙا نالا اجا قائم آهن يا ائين اڏامي ويا، جيئن بنگلاديش مان جناح روڊ، اقبال پارڪ ۽ ڪيترن ڪوجن، بورين ۽ ٻين سخي مردن طرفان نهرايل پارڪ ۽ اسپتالن مٿان سندن رکيل نالا.

-فنلئنڊ کي پارليامينٽري نظام آهي، پارليامينٽ ۾ ٻہ سئو ميمبر آهن، جن جي چونڊ چئن چئن سالن بعد ٿئي

ٿي. ملڪ جو وڏو ”صدر“ آهي، جنهن کي چڱا انتظامي اختيار مليل آهن ۽ ڇهن ڇهن سالن بعد چونڊجي ٿو. حڪومت ۾ ٻارهن وزارتون آهن. وزيراعظم جي چونڊ صدر صاحب ڪندو آهي.

-فنلئنڊ يورپ جو پهرين ملڪ آهي، جنهن 1906ع کان عورت کي ووٽ جو حق ڏنو.

-فنلئنڊ جي اها ڳالهه غور طلب آهي تہ هي ملڪ جيتوڻيڪ جرمني جپان جيڏو آهي پر پوک لاءِ سندس فقط ڏهہ سيڪڙو زمين ڪتب اچي ٿي.

ملڪ جو وڏو حصو- اٽڪل سٺ سيڪڙو گهاٽا ٻيلا آهن ۽ ڏهہ سيڪڙو ڍونديون درياهہ ۽ ساموندڊ رستا آهن. گهاٽن ٻيلن ۾ جيڪي وڻ ٿين ٿا ان جونرم ڇوڏو ۽ ٿڙ پني ناهڻ جي ڪم اچي ٿو ۽ منهنجي خيال ۾ تہ دنيا ۾ سڀ کان گهڻو پنو فنلئنڊ ۾ ٺهي ٿو. دنيا ۾ ڪتب ايندڙ پني جو ويهہ سيڪڙو هتان روانو ٿئي ٿو. هينئر بہ فقط گلف ڏي روزانو هڪ جهاز پني جو پرجي وڃي ٿو. اهڙي طرح آمريڪا، يورپ ۽ ايشيا جي ٻين ملڪن ڏي هتان پنو وڃي ٿو.

_ فنلئنڊ جهازن ۽ وڏين مشينن کان علاوه پني مان غير ملڪي ناڻو ڪمائي ٿو، سئيڊن وول وو (Volvo) ڪارين کان مشهور آهن، جرمي

مرسيڊيز ڪار ۽ هي ملڪ (فنلئنڊ) سيسو (Sisu) بسين ڪان.

- فنلئنڊ جا ماڻهو سنا تارو ۽ برف تي Skiing ڪرڻ جا ڄاڻو ليکيا وڃن ٿا. اهو مشهورو آهي تہ فنلئنڊ جا ٻار جيئن ئي پنڌ سکن ٿا تہ هنن کي برف مٿان اسڪنگ سيکاري وڃي ٿي ۽ اسڪول پهچڻ تي ترڻ. هتي جا ماڻهو مختلف راندين جا شوقين آهن پر سڀ ڪان گهڻو سانا Sauna باٿ جو شوق آهن. هوٽلن، هاسٽلن توڙي ڪيترن گهرن ۾، وهنجڻ جاءِ وانگر هڪ عدد ڪمرو سانا لاءِ مخصوص آهي، جتي اليڪٽرڪ هيٽر يا ٻاڦ ذريعي تمام گهٽي گرمائش پيدا ڪئي وڃي ٿي. هتي ڪجهہ دير اگهاڙو ويهي پوءِ ٿڌي پاڻيءَ سان وهنجڻ Sauna آهي.

- سانا باٿ (ان قسم جي گرمائش ۾ وهنجڻ) سنو آهي يا خراب پر Sauna اصل ۾ فنلئنڊ ڪان شروع ٿيو.

- Sauna لفظ ڪان علاوه Sisu پڻ نيٺ فنش زبان جو لفظ آهي. سيسو معنيٰ طاقت، همت، پڪو ارادو. ڪنهن ڳالهہ تي پڪو رهڻ کي سيسو چئجي

ٿو. هتي جي نهيل طاقتور ٽرڪ لاريءَ جي ڪمپنيءَ جو نالو Sisu پڻ ان مقصد خاطر آهي.

– بهرحال سانا ۽ سيسو فنلئنڊ جا نج لفظ آهن جيئن يوگا ۽ نرواڻ انڊيا جا، سومو ۽ سايونارا جپان جا، پيزا ۽ اسپاگهيٽي اٽليءَ جا ڪيمسٽري ۽ الجبرا عربي جا، جيڪي هاڻ سڄي دنيا ۾ مشهور ٿي ويا آهن.

– سڄو فنلئنڊ ٻارهن صوبن ۾ ورهايل آهي، هر صوبي کي چڱا خاصا اختيار مليل آهن، جن هيٺ هو پنهنجي پنهنجي صوبي کي گهٽي ڪان گهڻو ناهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

# راتين بنا راتيون ...

ناروي ۽ ڊئنمارڪ وانگر فنلئنڊ جا ماڻهو به انگريزي چڱي طرح سمجهن ۽ ڳالهائين ٿا، اها ٻي ڳالهه آهي ته سندن ڪي ڪي اُچار مختلف آهن. جيئن اسان جو ٿائي دوست ”ري“ اچاري نٿو سگهي ۽ هو مبارڪ کي مبالڪ چوي ۽ يمن جو هي عرب مبارڪ ”پي“ کي هميشه ”بي“ پڙهي -پاڪستان کي باڪستان ۽ پورٽ (بندرگاهه) کي بورٽ چوندو آهي. اهڙي طرح فنلئنڊ جا ڪي ماڻهو ٿ کي ش پڙهن. ”ٿئنڪ يو“ بدران ”شئنڪ يو“ چون. ڪي ته ٿ کي ڊ پڙهن ۽ ”ڊئنڪ يو“ چون.

هتي جي هڪ فنش ڪئپٽن يوڪا (Joka) پنهنجو ۽ زال جو تعارف ڪرائيندي چيو:

(I am dirty and my wife is also dirty)

سندس مطلب هو ته هو پاڻ ۽ سندس زال ٽيهه (ٽرٽي) سالن جا آهن! -سئيڊن ۽ ڊئنمارڪ جي ماڻهن وانگر فنلئنڊ جا ماڻهو پڻ ”جي“ کي ”يي“ اچارين، جيئن مٿئين ڪئپٽن يوڪا جو نالو جوڪا لکيو وڃي ٿو.

-ڪجهه هن پاسي جي ملڪن جا لفظ جن مان معلوم ٿيندو تہ ڊئنش، سويڊش توڙي جرمن زبانون انگريزيءَ سان ٿورو گهڻو ملن ٿيون.

| جرمن | انگلش | سئيڊش | فنش |
|---|---|---|---|
| kaHvi | Kaffe | offee | Kaffee |
| Tee | Te | Tea | Te |
| - | Lift | Hiss | Hissi |
| - | Breakfast | - | Aamininen |

_ فنلئنڊ جي فنشن زبان سندس پر وارن اسڪينڊينيون ملڪن (ناروي، سئيڊن، ڊئنمارڪ) جي زبان کان بلڪل نرالي آهي ۽ نہ وري سندس انڊو-يورپين زبانن سان واسطو آهي. فنش زبان جو بنياد وولگا ماٿريءَ مان چيو وڃي ٿو. اها هنگري ۽ايسٽونين زبانن جي ڪار آهي. بهرحال چيني، تامل، جرمن زبانن وانگر سندس لکڻ لاءِ واندڪائي ۽ وقت کپي. منجهس جپاني ۽ عربي زبانن کان بہ گهڻا vowel موجود آهن، مثال طور ”اوپيرا“ لفظ جنهن ۾ اڌ کان وڌيڪ Vowel آهن پر فنش زبان ۾ اجان بہ هڪ ”او“ جو واڌارو ٿيو وڃي، ان سان گڏ پي اکر جو پڻ ۽ انگريزيءَ جو Operaفنش زبان ۾ Ooppera ٿيو وڃي. اهڙي طرح Cathedral کي فنش

زبان ۾ Katedraali چون. زيبرا کي Seepa, ڊيسيمل کي Desimaali ، مينهن کي Sataa، درزيءَ Raatali، ڪٽڻ کي Otta “ ، بيهڻ کي Pysayttaa، چرچي کي Koiruus چون.

انهن چند لفظن مان اندازو لڳائي سگهو ٿا ته هتي جي ٻوليءَ ۾ Vowel جو واهپو ڇگو خاصو آهي. هتي جي زبان جو هڪ لفظ Paapiirteissaan آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، ”عام طرح“ يا Seuraava لفظ ۾ اجان به گهڻا Vowels آهن، جنهن جي معنيٰ ”ٻيو“ (Next )، پائونڊر کي فنش زبان ۾ Puuteri چئجي ٿو.

فنلئنڊ ۾ پهچڻ سان جيڪي به چار لفظ يڪدم ياد ٿيو وڃن اُهي هن ريت آهن:

هڪ ٻئي سان ڏينهن جي وقت ملڻ تي ڪيڪار لاءِ Hyvaa Paivaa چئجي ٿو، رات جي وقت ملڻ تي Hyvaa Yota.اهڙي طرح فنش زبان ۾ ”مهرباني“، کي Kiitos چئجي ٿو ۽ ڀليڪار لاءِ Olkaa hyvaa چئجي ٿو. ڪائيلا Kyalla معنيٰ ”ها“ ۽ EI معنيٰ ”نه“ ۽ ڪنهن شيءِ جي قيمت پڇڻي هجي ته پڇجي: Mita Maksaa

اسڪينڊينيويا جي سڀني ملڪن جي نوٽ جو نالو ڪرونا آهي پر فنلئنڊ جي سڪي جو نالو ”مارڪا“ آهي.

جيئن ملائيشيا ۽ انڊونيشيا جهڙن ملڪن ۾ فقط هڪ موسم مينهوڳيءَ جي ٿئي ٿي تيئن هتي فنلئنڊ ۾ به فقط هڪ ”سياري“ جي موسم ٿئي ٿي. سال جا ٻه چار مهينا گهٽ سيءُ ٿئي ٿو باقي اٺ مهينا ڪن سخت سيارو- ڪاٽو ڏهن ڪان به گهٽي ٿڌ پوي ٿي. نومبر ڊسمبر جنوري فيبروري ۾ ته ڏينهن تمام ننڍو ٿئي ٿو ۽ راتيون ارڙهن ويهن ڪلاڪن جون. هيلسنڪي اڃان به ڏکڻ ۾ آهي پر جيئن اتر ۾ وڃبو ته سياري جي مهينن ۾ ڏينهن ويندو وڌيڪ ننڍو ٿيندو.

فنلئنڊ جي اتراهن شهرن سوڊان، ڪيلاءِ ڪيمياروي جهڙن هنڌن تي ته اهي ڏينهن سج نظر ئي نه ايندو آهي ۽ ٻه مهينا لڳاتار اونداهه رهي- آفيس اسڪول دڪان وغيره (گهڙيال) جي ڪاٽن مطابق کلن بند ٿين. منجهند جو اڪ ڪلي يا آڌي رات جو ته اهائي اونداهه انڌوڪار. اهڙي طرح اونهاري وارن مهينن ۾ ڏينهن وڏو ٿيندو. آخر ان حد تي پهچي ٿو جو چوويهه ڪلاڪ ئي سج بيٺو آهي ۽ رات جي اونداهي بلڪل نه ٿئي، اها حالت ٻن مهينن لاءِ رهي ٿي، جنهن ۾ رات واري وقت به سج مٿان بيٺو آهي. ان بعد آهستي آهستي ٿي ٿوري دير اونداهه ٿئي ٿي

۽ ڏينهن چويھ ڪلاڪ مان سايا ٽيويھ ۽ ٽيويھ ڪلاڪ ٽئي ٿو، اهي ٻہ ميهنا ڪن جن ۾ رات جو ٻہ سج بيٺو آهي انهن راتين کي Nightless Nights ۽ Midnight Sun سڏجي ٿو.

# گهران رُسي گهمڻ لاءِ نه نڪرجي ...

يورپ جي ٻين ماڻهن وانگر فنلئنڊ جا ماڻهو به اڇي چمڙيءَ جا آهن، پر سندن وار پولنڊ يا جرمني جي ماڻهن وانگر ڳاڙها يا لاکي هجڻ بدران ڪبوتر جي پرن جهڙا Blonde آهن ۽ اکيون ڊنڊ جهڙيون نيريون يا هلڪيون سائيون آهن. سئيڊن، ناروي ۽ ڊئنمارڪ جي ماڻهن جي وارن ۽ اکين جو رنگ پڻ فنلئنڊ جي ماڻهن جهڙو آهي.

فنلئنڊ جي هن شهر هيلسنڪي ۾ 1952ع ۾ اولمپڪ رانديون ٿي چڪيون آهن، جيڪي پندرهون نمبر اولمپڪ گيمس هيون. هيلسنڪيءَ ۾ ورلڊ چئمپين شپ جون رانديون پڻ سن 1983ع ۾ ٿيون هيون.

Scandinavian ملڪن جي شاهوڪار ۽ سهڻين عمارتن جو پنهنجو نمونو آهي ۽ هڪ ٻئي سان ڪافي ملن ٿيون. اکيون پوري ڪوپن هيگن جي ڪنهن رهائشي گهٽيءَ ۾ هليا وڃو يا مالمو، اوسلو جي ڪنهن رستي تي، سهڻي شڪل ۽ ڪاٺ جي نهيل در درين واريون رنگين عمارتون ۽ سندن

چوڌاري گلڪاري نظر ايندي، پر اسڪينڊينيويا جي ٻين ملڪن مان ٿي فنلئنڊ ۾ گهڙڻ سان محسوس ٿئي ٿو ته ماڻهو ڪٽي هڪ ٻئي جهڙا آهن پر عمارتن ۾ فنلئنڊ نرالو ۽ عجيب آهي، جيتوڻيڪ هيلسنڪي فنلئنڊ جي گاديءَ جو هنڌ ۽ وڏو بندرگاهه آهي پر سندس پراڻين ۽ ٿلهين پٿين واريون، سادي ميٽوڙي رنگ ۽ چاپوڙا لٺل چن وارين عمارتن ڪي ڏسي هيلسنڪي اسڪينڊينيويا جو نه پر روس، هنگري يا رومانيا جهڙن سوشلسٽ ملڪن جو حصو لڳي ٿو.

بهرحال هيلسنڪي اهڙي هنڌ تي آهي، جتي مغربي يورپ جا جهاز ۽ ماڻهو به نظر اچن ٿا ته مشرقي يورپ جا به! ۽ هن شهر (هيلسنڪي) کي ايسٽ (ڪميونسٽ يورپ) ۽ ويسٽ ( سرمايه دار يورپ) جو مڪسچر مڃيو وڃي ٿو. بالٽڪ سمنڊ ۾ هي مشغول، سهڻو ۽ وڏو بندرگاهه آهي، شايد ان ڪري (يا ڪن ٻين سببن ڪري) هن شهر هيلسنڪيءَ کي بالٽڪ سمنڊ جي ڌيءَ (Daughter of Baltic) سڏجي ٿو.

هيلسنڪي وڏو ۽ مادرن شهر آهي، امير ۽ سهڻو شهر آهي، اونهاري ۾ جڏهن دنيا سج جي تپش ۾ ٿڪي ٿي تڏهن به هيلسنڪي سدا بهار آهي. جنت

جون دريون ڇڻ ڪليون پيون آهن. خوشبودار هوا جا جهوٽا مدهوش ڪن ٿا، پر اهي گل ڦل، اهي خوشبوئون ۽ مدهوشيون اونهاري جا فقط ٻه ٽي مهينا آهن، پوءِ سخت سيءُ ۽ سيءُ هوندو آهي، جنهن ڪي اسان ڏينهن چئون ان ۾ به هتي اونداهه انڌوڪار هوندو آهي. ڪوٽن ، سئيٽرن جا تهه چاڙهي ٻاهر نڪر ته به جهڙو ماڻهو سرڪاري اسپتال جي سردخاني ۾ اگهاڙو پيو هلي. وات مان ڳالهائڻ گهٽ ٻاڦ گهڻي ٿي نڪري. هر هڪ کي پنهنجي سر سان لڳل هوندي آهي. سياري ۾ ورلي ڪو واندو ماڻهو نظر ايندو ۽ جتي ايندو ته به هن کي ٻي جي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ نه دلچسپي هوندي ۽ نه وقت، ٿر جي ڊٻن وانگر هتي جي شهرن جا رستا، سياري ۾ ويران نظر اچن ٿا.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته هن پاسي جا شهر (هيلسنڪي) توڙي اسٽاڪهوم، اوسلو وغيره، سهڻا ۽ امير آهن پر اسان جهڙن ايشيائي ماڻهن جي کهڙي ڪم جا. جن جي کيسي ۾ پنج هزار روپيا هجن ته به هو غريب آهن، ڇو جو هتي ڪنهن اهڙي تهڙي هوٽل ۾ هڪ سادو ويلو ڪائڻ تي به گهٽ ۾ گهٽ هزار روپيا خرچ اچيو وڃي. چانهه يا ڪافيءَ

جي ٽريل ڪوپ لاءِ پندرهن ويهه مارڪا- يعني سئو رپيا ڪن! ان ڪان ته پنج سئو روپيا ڪيسي ۾ رکڻ وارو اسان جي ملڪ ۾ امير آهي ۽ اسان جي ملڪ ۾ چانهه جو ڪوپ ته غريب ۽ اڻ واقف وٽ وڃڻ تي به هو پياري ٿو ۽ هتي سڄاڻو ۽ ساڳي آفيس ۾ ڪم ڪندڙ به نٿو پڇي! وڏا وڏا آفيسر چانهه جي رسيس ۾، پنهنجي چانهه جي ڪوپ جا پئسا ڏئي، ڪوٽ جي اندرين ڪيسي مان، گهران آندل مکڻ ليپ ڏنل ٻه ٽوش ڪڍي ويهي کائيندا. اها هتي جي زندگي آهي. پگهار جي گهٽي هجڻ جي باوجود ايڏي مهانگائي آهي، جو ان جي ڇپَ ۾ امير به ڇيپاٽجي ٿو. وڏي ڳالهه ته ايڏي مشيني ۽ Meterialistic دنيا آهي جو پٽ کي پيءُ جو، پاءُ کي پيڻ جو فڪر ناهي.

ساڳيو حال هتي جي سواريءَ جو آهي. ٽئڪسين ۾ بيحد امير چڙهن ٿا يا وري سرڪار يا ڪمپنيءَ جي خرچ تي سفر ڪرڻ وارا، يا وري ڪو مجبوريءَ جي حالت ۾، نه ته ڏسٽا وائسٽا ماڻهو بسين ۽ ٽرامن اڳيان قطار ڪيو بيهن ۽ شهر ۾ هلندڙ انهن سستين سوارين جا پاڙا به ايترا ڳرا آهن، جو ساڳي پاڙي ۾ ڪراچي ڪان نواشاهه يا دادو بليو لائين ۾ وڃي سگهجي ٿو. مطلب اهو ته هن پاسيجي موسم

يا شهر، کي اهڙا نہ آهن، جو گهر کان رسي گهمڻ لاءِ نڪرجي.

# بهتر آهي سموڪنگ ڇڏي ڏجي

ڪو زمانو هو-اڄ ڪان پندرهن ويهه سال اڳ تائين- جڏهن اسان جي ملڪ کان ڪافي نوجوان، ٽولا ٽولا ٿاهي گهمڻ بهاني يورپ جي هنن ملڪن (سئيڊن، ناروي، ڊئنمارڪ وغيره) ۾ پهچي، پوءِ مهينن جا مهينا لڪي ڇپي ويندا هئا. پوليس جي جهلڻ جي ڊپ کان هو هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ ۾ لڪندا رهندا هئا، پوءِ گرفتار ٿيڻ تي پنهنجي ملڪ جي حڪومت طرفان (سچا يا ڪوڙا) ظلم جا داستان ٻڌائي ڪورٽن مان هتي رهڻ جي اجازت — يعني سياسي پناهه وٺندا هئا، جو هتي جا ملڪ انسان ذات سان ٿيندڙ ظلمن جي خلاف آهن ۽ هنن کي هر مظلوم انسان سان همدردي هئي، پر پوءِ هڪٻئي پويان ايشيا آفريڪا کان ماڻهن جا ايترا ڪٽڪ پهچي ويا- خاص ڪري گذريل ٻه ڏهاڪا سال ايران، عراق، سريلنڪا، سوماليا، لبنان وغيره کان ايترا ته خاندانن جا خاندان هيڏانهن پهچي ويا، جو يورپ جي ملڪن ۽ ماڻهن جي ايڪانامي لوڏن ۾ اچي وئي- ويتر جو هتي جي حڪومتن کي خبر پيئي ته جيڪي ماڻهو سندن ملڪن ۾ مظلوم سڏائي پهتا آهن انهن

۾ انيڪ مظلوم نه، پر سڀ ڪان وڏيڪ موقعي پرست ۽ واپاري نموني جا آهن، ته هنن ڪي هاڻ اسان (ايشيا توڙي آفريڪا جي رهاڪن) سان اها همدردي نه رهي آهي. هاڻ هن پاسي جي مڙني حڪومتن قاعدا قانون اهڙا سخت ڪري ڇڏيا آهن، جو ڪنهن جي مقصد ۾ ٿورو به شڪ ٿئين ٿو ته هن کي ويزا هوندي به ايئرپورٽ تان ئي موٽايو ڇڏين.

هنن ملڪن ساموندي رستن تي پڻ ايتري ته پوليس وڌائي ڇڏي آهي، جو ڪنهن لاءِ لڪي ڇپي بيڙين ۾ اچڻ به محال ٿي پيو آهي. ان هوندي به سندن ملڪ اندر ڪو پهچيو وڃي ته ان سان همدردي ڪري رهڻ جي موڪل ڏيڻ بدران ان وقت ئي ان کي ان جي ملڪي سفارتخاني ۾ پهچايو وڃي ٿو ته پنهنجي ماڻهوءَ کي پنهنجي خرچ تي هينئر جو هنيئر پنهنجي ملڪ روانو ڪيو وڃي ۽ سفارتخاني تائين وٺي وڃڻ جو به خرچ اوڳاڙيو وڃي ٿو.

سو هن پاسي جا شهر، هاڻ نه ڪنهن موقعي پرست جي لاءِ ائڊوينچر آهن ۽ نه ڪنهن امير ماڻهوءَ جي لاءِ عياشيءَ جا اڏا! ڪو به عقلمند امير توڙي جفاڪش پورهيت هنن حالتن ۾ هن پاسي اچڻ جو، جوکم نه کڻندو، ڇو جو هن پاسي نه سنگاپور،

ڪوالالمپور جهڙا شاپنگ سينٽر آهن ۽ نہ منيلا، بئنڪاڪ واريون عياشيون.سخت سيءَ ۾ هڪ هڪ ڏينهن گذارڻ مسئلو ٿيو پوي. ڪيترا هوائي ڪمپنيون، جهازن ۽ سفارتخانن وارا جن کي ڌارين ملڪن ۾ رهڻ جون تمام گهڻيون سهولتون ملن ٿيون، مون ڏنو آهي تہ اهي بہ هن پاسي جي شهرن ۾ رهڻ ڪان پڇن ٿا ۽ ان ڪان ڪولمبو، شنگهائي ۽ نئروبي، ڪمپالا ۾ رهڻ کي ترجيح ڏين ٿا. پر توهان جيڪڏهن هن شهر هيلسنڪي ۾ نوڪري يا تعليم جي سلسلي ۾ مجبورن پهچي ويا آهيو تہ پوءِ ان صورت ۾ دل لاهڻ جي ضرورت ناهي. ڦاٽي تہ ڦٽڪڻ کهڙو، ماڻهو جيلن ۽ بندخانن ۾ بہ وندر ڳوليو وٺن، وقت جو سٺو استعمال سوچيو وٺن. هيلسنڪي تہ وري بہ هن تر جو اهم ۽ تواريخي شهر آهي، ڪيس چڱي طرح گهمڻ ۽ڏسڻ لاءِ ڏينهن جا ڏينهن گهرجن. توهان پنهنجي هتي جي رهائش دلچسپ بنائي سگهو ٿا، بشرطيڪ توهان اڪيلو رهڻ ۽ هلڻ چلڻ جي همت پيدا ڪري سگهو، پوءِ شهر جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري پنڌ يا سائيڪل تي گهمي سگهو ٿا. شهر گهمڻ وقت پاڻ سان سئنڊوچون ۽ ٿرماس ۾ ڪافي يا چانهہ ضرور رکو، جيڪا هتي

هڪ عام ڳالهه آهي، ڇو جو هتي نه اسان جي ملڪ جي شهرن وانگر ڇپي ڇپي تي هوٽلون آهن نه وري اها سستائي آهي. هتي جا مڪاني ماڻهو پڻ ٻاهر نڪرڻ وقت پاڻ سان ڏوپ- ڇٽي ۽ پڪنڪ بئگ ائين کڻن ٿا جيئن پاڻ وٽ سنگهه اگهڻ لاءِ رومال.

هن پاسي جا ملڪ اسان جي پاسي وارن ملڪن جيان نه آهن جتي ناروشاهه ۽ نري ميرواهه جهڙن ڳوٺن ۾ به (بي پلي پيننگ هجي)، چانهه جون ٿي چار هوٽلون ضرور هونديون، جتي ڏينهن تتي جو به چانهه جا هندا پيا ڪڙهندا ۽ اسان جهڙن غريب ماڻهن ۽ ڳوٺن جي پيننگ به انهن چانهين ۽ هوٽلن ڪئي آهي، جتي نسلن جا نسل ويهي وقت وڃائين ٿا ۽ ٺوٺي بنجن ٿا.

هيڏانهن يورپ پاسي چانهه، ڪافي، ڪوڪا ڪولا، بيئر يا سگريٽ جهڙيون شيون -جيڪي نهن ته هتي ئي ٽيون پر اگهه ايڏا وڏا رکيا ويا آهن جو ٻئي ڪي پيارڻ ته پري جي ڳالهه آهي پر هر ڪو پاڻ پيئندي به چار دفعا سوچي ٿو، توهان جي ڪنهن اسڪينڊينيويا جي ملڪ جي رهاڪوءَ سان پنهنجي ملڪ پاڪستان ۾ يا ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ ملاقات ٿئي، ته مهرباني ڪري ڪانئس اهو پڇجوس ته هو

روز ڪيتري ڪوڪا ڪولا يا پيپسي پيئي ٿو؟ جيڪڏهن سراسري هفتي ۾ هڪ گلاس به پيئي ٿو ته هو خوش نصيب آهي. ساڳيو حال بيئر ۽ چانهه ڪافيءَ جو آهي. چانهه يا ڪافي هو ضرور ڏينهن ۾ ٻه ٽي دفعا پيئي ٿو پر گهر ۾ ناهي ۽ نه هوٽل ۾! سگريٽ ڇڪڻ وارا همراهه ڏينهون ڏينهن گهٽبا وڃن. نئين ٽهي ته بلڪل پسند نٿي ڪري. باقي جن جي سگريٽ پيئڻ جي عادت ٿي وئي آهي، انهن کان پڇندائو ته روزانو هو گهٽا سگريٽ ڇڪين ٿا ته جواب ۾ شرمائي چوندا:

”او! آءِ ايم ساري. آئون سموڪنگ ڇڏڻ جي ڪوشش ۾ آهيان.“

هتي جي آفيسن توڙي دڪانن ۾، بسين توڙي گاڏين ۾ سگريٽ ڇڪڻ جي بندش آهي. اڳ ۾ فقط ڊوميسٽڪ اڏامن تي سگريٽ جي منع هئي، هاڻ ته اسڪينڊيوينيوين ملڪن ۾ هلندڙ هوائي جهازن ۾ به سگريٽ ڇڪڻ جي منع آهي. ڊئنمارڪ کان هيڏانهن فنلئنڊ ايندي SAS جي انٽرنيشنل اڏام ۾ سڄو وقت سگريٽ ڇڪڻ کان منع جي بتي ٻرندي رهي. منهنجي اڳيان ويٺل هڪ سموڪر ايئر

هوسٽس کان ان جو سبب پڇيو، جواب ۾ هن وراڻيس:

”کوپن هيگن کان هيلسنکي هوائي جهاز ٽن ڪلاڪن کان گهٽ وقت وٺي ٿو، سگريٽ ڇڪڻ جي پابندي فقط انهن اڏامن مان لاٿي وئي آهي جن ۾ ٽن کان مٿي ڪلاڪ لڳن ٿا.“

فنلئنڊ جي مسافر سگريٽ واپس رکي چيو:”ان کان بهتر آهي تہ سموڪنگ ڇڏي ڏجي.“

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هن پاسي جا سڌريل ملڪ ۽ انهن جون حڪومتون ان قسم جي خراب شين واپرائڻ کان پنهنجي ماڻهن کي هر طرح سان دلشڪستو ڪن ٿا، پر جيستائين انهن جي ناهڻ جو سوال آهي- فئڪٽريون بند ڪرڻ کا ٻرو چڙهين ٿو، ڇو جو اسان جهڙن ملڪن ۾ ڏينهون ڏينهن سگريٽ ۽ شراب پيئڻ وارا وڌي رهيا آهن، جيڪي هنن ڪارخانن ۽ ماڻهن جي جياپي جي تند آهن. اسان جا ماڻهو سگريٽ ڇڪڻ ڇڏي ڏين، مغربي شربت بند ڪري ڇڏين، بندوقون ۽ بم وٺڻ ڇڏي ڏين تہ ههڙا يورپي ملڪ بک مري وڃن- هو انهن مان ڪمايل ناڻي مان تہ اسان کان ڪڻڪ، چانور ۽ داليون خريد

ڪن ٿا، جن جي هنن ٿڌن ملڪن ۾ پوک مشڪل آهي.

# هيلسنڪي جو شهر

هيلسنڪي شهر جي بيهڪ جو مثال اسان جي ڪنهن بہ شهر سان ڏئي نٿو سگهجي، هڪ عجيب Shape (نڪ نقشي) جو شهر آهي. سڄي شهر جي چوڌاري سمنڊ آهي ۽ شهر ڪيترن ئي ننڍن وڏن ٻيٽن جو جهڳٽو آهي، جن مان ڪي ٻيٽ هڪ ٻئي سان قدرتي نهيل خشڪي جي پيچرن ذريعي ڳنڍيل آهن تہ ڪي پلين ۽ Tunnelsذريعي. انهن ٻيٽن جي وچ ۾ بہ وڏيون وڏيون ڍنڍون يا ساموندي وهڪرا اندر تائين هليا وڃن ٿا. هي شهر ڪراچي، ڪولمبو يا لنڊن، لاهور جهڙو چورس يا مستطيل ناهي.

هر شهر جا ڪجھ حصا مشهور ٿين ٿا، جيئن ڪراچيءَ ۾ صدر، لي مارڪيٽ، سوسائٽي، ڪلفٽن، ٽاور، ناظم آباد، چورنگي ڪٽي چئجن- جتي اهم آفيسون، هوٽلون يا شاپنگ سينٽر آهن، تيئن هن شهر هيلسنڪيءَ جا ڇھ اهم حصا ان نوعيت ڪان مشهور آهن: سينٽ اسڪائر، اسٽيشن اسڪائر، ميلاهتي، اسپلانادي، مارڪيٽ اسڪائر ۽ ڪاٽايانوڪا.

اسان جي هوٽل Skatta ڪاٽايانوڪا ۾ آهي، جيڪو هڪ ٻيٽ نما علائقو آهي ۽ پل ذريعي باقي حصن سان مليل آهي. هونءَ ته هيلسنڪي جو سڄو شهر بندرگاهن سان ڀريو پيو آهي پر اهم بندرگاهه هن ٻيٽ ڪاٽايانوڪا جي چوڌاري آهي، جتي روزانو ”مسافر —
جهاز،“ ۽وڏيونفيريوناسٽاڪهوم،ڪوپنهيگن،مالمو، ٽالن ۽يورپجيٻيناهمبندرگاهنڪاناچن وڃن ٿيون. اسان جي هوٽل مان اهي جهاز سامهون نظر اچن ٿا. اسان واري هوٽل Skatta دراصل هڪ Seamens-Club (جهازين جو ڪلب) هو جنهن جهڙا ڪلب جهازرانن لاءِ دنيا جي هر وڏي بندرگاهه ۾ آهن، جتي هو گهٽ مسواڙ تي رهي سگهن، پر هنڪلب کي هاڻ هوٽل طور هلايو وڃي ٿو، جنهن ۾ عام ماڻهو به رهي سگهن ٿا. بندرگاهه جي ويجهو هجڻ ڪري هينئر به گهڻا جهازي رهن ٿا. جيئن اسٽاڪهوم کان سياٽي ايندڙ هڪ پئسينجر جهاز Cindrella تي ڪم ڪندڙ بلغاريا جي هڪ ميوزڪ بئنڊ رهيل آهي. سياٽي جهاز اچڻ تي اهي هوٽل ڇڏي جهاز تي هليا ويندا. مهينو ڪن ان جهاز تي Sailڪندا ۽ مسافرن جي وندر لاءِ ناچ گانا پيش ڪندا. فنلئنڊ جي ڏورانهن

ڳوٺن جا ٽي چار انجنيئر پڻ هن هوٽل ۾ رهيل پنهنجي فلائيٽ جو انتظار ڪري رهيا آهن. هنن ڪي ڏينهن ٻن بعد هوائي جهاز ۾ دبئي وڃڻو آهي، جتي جي Dubai- Drydocks ۾ هو ڪم ڪن ٿا. اهڙي طرح هتي جي هڪ جهازران ڪمپنيءَ جا ڪجهه آفيسر ۽ خلاصي رهيل آهن، جيڪي ٻن مهينن جي موڪل تي پنهنجي پنهنجي ڳوٺ وڃڻ وارا آهن، پر ان ڪان اڳ ٻن ٽن ڏينهن لاءِ هتي رهندا جيئن ان دوران هو پنهنجي "ڪمپني- آفيس" سان پگهار جو حساب ڪتاب چڪتو ڪري سگهن.

هن بيٺ تي، اسان جي هوٽل ڪان پنج منٽ پنڌ تي هڪ تمام وڏو چرچ آهي، دنيا جي هن پاسي وارن ملڪن ۾ تمام وڏا ۽ اوچا ڪليسا گهر (Cathedral) نظر ايندا، جن ۾ اعليٰ قسم جو آرٽ ورڪ پڻ ٿيئي ٿو، اسان جي هوٽل جي پر وارو هي ڪليسا گهر، روسي ڪئٿولڪ چرچ آهي، جنهن جو نالو Uspenski ڪئٿيڊرل آهي. هي 1868ع ۾ نهيو ۽ آرٿوڊڪس ڪئٿيڊرل پڻ سڏيو وڃي ٿو، پر ان ڪان ٻه وڏو ۽ هيلسنڪي ۾ سڀ ڪان مشهور عيسائين جو عبادت گهر، سينٽ اسڪائر ۾ آهي، جيڪو پروٽيسٽنٽ چرچ سڏجي ٿو، 1852ع ۾ نهيو. دراصل هن ڪان اڳ

هن جاءِ تي هڪ ٻيو چرچ، ڪاٺ جا گهر، قبرستان ۽ ٽائون هال هو، پر پوءِ ارڙهين صديءَ جي وچ وارين جنگين ۾ ۽ 1808ع ۾ روس ۽ سئيڊن جي هتي لڙائي لڳڻ ڪري سڀ سڙي ويو، ان بعد فنلئنڊ روس جي قبضي ۾ آيو ۽ اڳتي هلي هي چونڪ ۽ هي چرچ نئين سنئينءَ ٺهيو.

هن ڪليسا گهر جي سامهون جيڪو اسٽئچيو آهي اهو روس جي بادشاهه زار اليگزينڊر ٻئي جو آهي ۽ 1894ع ۾ رکيو ويو. ان بت جي سامهون ڪنڊ تي (اليگزينڊر ڪاٽو- روڊ تي) هيلسنڪي جو سڀ کان پراڻو گهر آهي، سيڊرهوم (Sederholm House) نالي هي ڳاڙهين سرن جو گهر 1757ع ۾ ٺهيو هو ۽ ان کي نمائش لاءِ اجا تائين ان حالت ۾ رکندا اچن. ٿورو اڳيانHallituskatu روڊ تي هڪ ٻي ڳاڙهين سرن واري عمارت آهي، جيڪا 1890ع جي ٺهيل آهي. اها فنش ادبي سوسائٽيءَ جي ملڪيت آهي. هن ۾ هتي جي لوڪ ادب ۽ فن جون يادون رکيل آهن. ٻه ٽي بلاڪ مٿي اتر طرف Maurin-katu (ڪاٽو معنيٰ روڊ) تي هتي جي ملٽري اڪيڊمي ۽ ملٽري وارن جو ميوزيم آهي ۽ بلاڪ ٻه ڪاٻي پاسي هتي

جي يورنيورسٽي ۽ فاريسٽ ريسرچ انسٽيٽيوٽ آهي.

سينٽ اسڪائر ڪان هينپرو اچڻ تي اسپلانڊي پارڪ آهي، ان جي پر ۾ دڪانن ۽ هوٽلن جي خيال ڪان Pohjoiseplandi ۽ Mannerheimintie روڊ تمام مشهور آهن. سمجهو تہ هتي جا طارق روڊ ۽ زيب النساءِ اسٽريٽ آهن. اتان ئي هڪ ٻيو ويڪرو رستو Lonnrotsgatan آهي، جنهن ۾ اڳيان سٺتيهين نمبر پلاٽ تي مسجد آهي. مٿين رستي ڪي اڌ تان فريڊرڪ ڪاٽو (رستو) ڪٽي ٿو ۽ هڪ ٻي مسجد هن روڊ تي پڻ آهي. هيلسنڪيءَ ۾ ايترا پاڪستاني، انڊين يا بنگلاديشي نٿا رهن تہ بہ پاڪستانين جا پنج سئو گهر آهن. انهن ۾ بہ ٿي همراهہ ڪراچيءَ جا آهن باقي ٻيا لاهور، ڪاريان، سيالڪوٽ ۽ اتر پنجاب جي شهرن جا آهن، جيڪي ويهارو سال کن اڳ آيا ۽ مسجدن جي آسپاس واري علائقي ۾ رهائش اختيار ڪيائون.

خالد نالي هڪ پاڪستانيءَ ٻڌايو تہ هيلسنڪي جي هنن ٻن مسجدن مان هڪ کي عرب هلائين ٿا ۽ ٻيءَ کي ترڪ.ظهر نماز جماعت سان ٿئي باقي وقتن تي ڪڏهن ٿورو ڪڏهن گهڻا اچن.

# ”پورب جائي“ ڪتاب سئيڊش زبان ۾

هيلسنڪي شهر جي لونورسگاتن روڊ تي، مسجد جي پرسان هتي جي هڪ سيڪنڊ هئنڊ مارڪيٽ پڻ آهي، جتي ڪلئي ميدان تي ٽيبل رکي ڪو به گهر جون فالتون شيون وڪڻي سگهي ٿو. هن قسم جون مارڪيٽون سئيڊن ۾ به آهن خاص ڪري مالمو شهر ۾، پر اتي هفتي ۾ هڪ يا ٻه ڏينهن وڪرو هلي پر هتي فنلئنڊ جي هن شهر هيلسنڪي ۾ اهو ڇهڇٿو روز متل هوندو آهي. وڪرو ڪندڙ ۽ خريدارن ۾ نه فقط هتي جا مڪاني ماڻهو فنش هوندا آهن پر پر وارن ملڪن، سئيڊن، ناروي خاص ڪري بلقاني پاڙيسري رياستن (ايسٽونيا، لٿِويا وغيره) جا پڻ هوندا آهن. ان ڪان علاوه اسان جهڙا ۽ پر ۾ بينل پئسينجر جهازن جا مسافرن پڻ هوندا آهن. انهن ۾ ڪي روز جا ناسوري هوندا آهن، جيڪي اخبار پڙهڻ جي عادت وانگر جيسين روز هڪ چڪر نه هڻن تيسين مزو نه اچين. ڪي وري ڪڏهن ڪڏهن اچن ٿا.

پرائمري اسڪول جي ماستر صاحب جي ميز جيڏي ٽيبل تي هر ڪو پنهنجو آندل سامان Display ڪندو آهي، جنهن ۾ پنهنجا ۽ مائٽن مٽن جا نوان پراڻا ڪپڙا، جوتا، ڪوڙن سچن ڳهه ڳنن ڪان وٺي خالي دٻا دٻيون، رانديڪا ويندي گهڙيال، ريڊيا ۽ پرس پينون رکيون ويٺيون آهن، هيءَ مارڪيٽ صبح جو نائين ڪان ٻي ٻجي تائين لڳي.

هڪ ڏينهن ان مارڪيٽ جو چڪرڏيندي هڪ عورت کي ڪتاب وڪڻندي ڏٺم. مٿان ئي مٿان رکيل ڪتاب تي محترمه بينظير ڀٽو جي تصوير هئي. پڪ سمجهيم ته هي سندس لکيل ڪتاب Daughter of the East هوندو، پر نالو پڙهيم ته وڏن اکرن ۾ لکيل هو: (Ostems Dotter).

”ڪهڙي زبان تي سگهي ٿي؟“ مون دل ئي دل ۾ سوچيو. هن ملڪ فنلئنڊ جي فنش زبان آهي يا پر واري ملڪ ايسٽونيا يا ناروي سئيڊن پولنڊ جي؟

ڇو جو ”وسٽيمس ڊوٽر“ انگريزيءَ جا لفظ ته ٿي نٿا سگهن.

ڇا هيءَ توهان جي فنش زبان آهي؟“ مون وڪڻ واري فنلئنڊ جي عورت کان پڇيو.

”نه. سئينڊش زبان ۾ آهي.“ هن وراڻيو.

ڪتاب کي اٿلائي پٿلائي ڏٺم، منجهس اهي ئي ساڳيون تصويرون نظر آيون جيڪي انگلينڊ مان ڇپيل انگريزي ڪتاب ۾ آهن. سئيڊن لاءِ مشهور آهي تہ اتي هر شيءِ جهاز موٽرڪار کان باٿ روم جي نلڪي ۽ رڌڻي جي چلهہ تائين هر شيءِ مضبوط، سهڻي ۽ پائيدار ناهي وڃي ٿي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ قيمت ضرور گهڻي هوندي آهي ۽ هينئر هن ڪتاب کي جيڪو سئيڊش زبان ۾ سئيڊن ۾ ڇپيل هو، پني، ڇپائي، ٽائيٽل ڪور ۽ بائيڊنگ جي لحاظ کان غور سان ڏسڻ لڳس تہ واقعي هر خيال کان اصل انگريزي ڪتاب کان اعليٰ هو، سئيڊش زبان مون کي نہ اچي پر مون ان ڪتاب کي خريد ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيو.

”هن ڪتاب جو گهڻو وٺنديءَ.“ مون دڪاندار عورت کان اگهہ پڇيو ۽ دل ئي دل ۾ سوچيو تہ گهٽ قيمت ٻڌائي جو هي ڪتاب پڙهڻ لاءِ نہ پر هڪ قسم جي سوکڙي (Souvenior) طور وٺي رهيو آهيان.

فنش عورت ڪتاب جو پهريون ورق اٿلائي مٿين ڪنڊ تي هٿ سان لکيل قيمت ڏي اشارو ڪري چيو: ”ٽيهہ مارڪا!“

مون اصل قيمت لاءِ هيٺ ڏنو جيڪا ان ڪان پنجوٽي هئي، يعني انگريزي واري ڪتاب ڪان به گهٽي هئي، ان حساب سان ٽيهه مارڪا گهٽ قيمت ٿي پر تڏهن به ههڙين مارڪيٽن ۾ جتي ٽائيم پيس يا ٽرانسسٽر ريڊيو جهڙي شيءِ به ڏهه پندرهن مارڪي مليو وڃي اتي هڪ ڪتاب جي قيمت ٽيهه مارڪا- يعني ڏيڍ سئو روپيا تمام گهٽي هئي. اها بي ڳالهه هئي ته ان ڪتاب مون لاءِ اهميت رکي ٿي، نه ته باقي ڍير ڪتابن مان ڪو بي مارڪي به نه وٺانس.

”ڳالهه بڌ“ مون چيومانس، ”ڪجهه گهٽ ڪر، مون کي ته سئيڊش پڙهڻ به نٿي اچي.“

”خبر اٿئي هن جي اصل قيمت ڪيتري آهي؟“ هن مون کان پڇيو.

مون اصل قيمت ڏي اشارو ڪري ٻڌايومانس ته سمجهان ٿو ته اها تمام گهٽي آهي.“

پر مون کي ان ڪان به مهانگو پيو“ هن ٻڌايو، ”مون کي هن ڪتاب پڙهڻ جو ڏاڍو شوق هو. هيلسنڪيءَ جو هڪ هڪ دڪان ڇڃايم پر نه مليو. پوءِ ٽپال رستي اسٽاڪهوم (سيئڊن) مان گهرايم ۽

توکي تہ خبر آهي تہ هيڏانهن ٽپال خرچ ڪيڏو ڳرو آهي.“

۽ پوءِ ٿوري دير ترسي چيائين: ”توهان چيو تہ توهان کي سئيڊن جي زبان (سئيڊش) نٿي اچي؟“

”بلڪل صحيح چيم.“

”اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو، جو سئيڊن ۾ رهڻ جي باوجود توکي اتي جي زبان نٿي اچي؟“ هن سوال ڪيو.

”منهنجو جنهن اداري سان واسطو آهي اتي سڀ انگريزي ڳالهائين ٿا.“ مون جواب ڏنو مانس ۽ هوءَ ڪافي حد تائين مطمئن ٿي وئي. هونءَ بہ هنن مارڪيٽن ۾ بي شرم ٿي اگهہ ائين گهٽ ڪرائبو آهي، جيئن منيلا، بئنڪاڪ، سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ جي ڪپڙي مارڪيٽن ۾. منجهند جو ٻارهين ڪان پوءِ تہ هونءَ بہ باقي بچيل سامان جا اگهہ ڪري پوندا آهن جو ٻي ٻجي هر هڪ کي پنهنجو سامان هٽ ۾ ويڙهي ڪٽڻو پوندو آهي جو ميونسپالٽي وارا جيڪي هر ٽيبل لاءِ سئو مارڪا ٽئڪس طور وٺندا آهن، اهي اچي سيئي ٽيبلون ٽرڪ ۾ چاڙهي ميدان جي صفائي ڪندا آهن، جيئن شام جي وقت ٻار ان ميدان تي ڪيڏي سگهن.

ڪتاب جو اگهه گهٽ ڪرڻ ڪان اڳ هن جي دماغ ۾ اوچتو ٻيو سوال پيدا ٿيو.

”توکي جڏهن سئيڊش زبان نٿي اچي ته پوءِ ڇو ٿو وٺين؟“ هن پڇيو.

ڳالهه ته هن واهه جي ڪئي. ان بابت ته مون به نه سوچيو هو ته وٺان ڇو پيو؟ بس اهو ڪتاب خريد ڪرڻ چاهيم ٿي ۽ هاڻ جڏهن هن ان جو سبب پڇيو ته آئون به دل ئي دل ۾ چڱيءَ طرح سوچڻ لڳس ته ڇو وٺي رهيو آهيان.“ اهو ساڳيو ڪتاب جي ڪراچي، لاهور، اسلام آباد يا ويندي بمبئي، بئنڪاڪ يا منيلا، مانچسٽر جي ڪنهن دڪان تي رکيل هجي ها ته ڪا اهم ڳالهه نه لڳي ها، ڇو جو اتي پاڪستاني يا پاڪستان سان واسطو رکندڙ ڪيترائي آهن. يا انهن ملڪن جو انگريزي يا انگريزنسان واسطو هجڻ ڪري انگلينڊ ۽ ڪامن ويلٿ جي ملڪن ۾ ماڻهن کي سڃاڻن ٿا. پر هتي دنيا جي هن اتراهين ۽ ڏورانهين هنڌ (هيلسنڪي) ۾ ان ڪتاب کي ڏسي تعجب لڳو، جيڪو ڪتاب اسان جهڙي ملڪ جي ڪنهن ماڻهوءَ لکيو آهي، پوءِ اهو لکندڙ مرد توڙي عورت ڪٿي ملڪ جي پرائيم

منسٽر هجي يا ٽر جي ڪنهن Remote ڳوٺ جي گهرو عورت- مون لاءِ وڏي اهميت رکي ٿي.“

”توهان هي ڪتاب ڇو وٺڻ چاهيو ٿا“ مون کي ماٺ ۾ ڏسي دڪاندار عورت وري پڇيو.

”اهو ڪتاب سئيڊن وجي پنهنجي باس يا ڪنهن خاص دوست کي تحفي طور ڏيندس ته هن ڪتاب جي ليکڪا اسان جي ملڪ جي آهي.“

”واقعي؟“ هن تعجب مان پڇيو.

”توکي خبر ناهي ته هيءَ پاڪستان جي ليکڪا آهي، بلڪ پرائيم منسٽر آهي...“ هونءَ ته سئيڊن ۽ فنلئنڊ جا ماڻهو ننڍي هوندي ئي ڏيڳ ڪتابن جا پڙهي ۽ ريڊيو ٽي ويءَ تان معلوماتي پروگرام ڏسي ننڍين وڏين ڳالهين جا ڄاڻو ٿي ويندا آهن، پرهن موڳيءَ کي مون سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. پر منهنجو اهو خيال غلط نڪتو جو هن منهنجي ڳالهه يڪدم اڌ ۾ ڪٽي سختيءَ سان چيو:

I Know that, but I did not know that you are also from the same country..

(مون کي اها ته خبر آهي، پر مون کي اها ڄاڻ نه هئي ته تون به ان ئي ملڪ جو آهين)

۽ هاڻ آئون دل ئي دل ۾ خوش ٿي، ڏند ڪڍي داد وصول ڪرڻ لڳس ۽ حسابن ۾ اُن ڪچي ٻار وانگر خوش ٿيڻ لڳس جيڪو وڏي مٿاڪٿ بعد آلجبرا جي جدول مڪمل ڪرڻ تي Hence the equation is complete لکي گد گد ٿيندو آهي.

” ۽ پوءِ ....؟“ مون ٻٽون ڪڍي هاڻ گهٽ قميت-گهٽ ۾ گهٽ اڌ قيمت جو انگ هن هيلسنڪيءَ جي نوجوان گلابي ڳلن واري عورت کان ٻڌڻ چاهيو ٿي، پر منهنجي سڄي ڪهاڻي ٻڌڻ بعد هوءَ جيمس بانڊ جي فلمن جي ولين وانگر ٺي پيئي.

”So that is the thing چئبو ته اها ڳالهه آهي.“ هن مرڪندي چيو. هن جي مرڪ راز جي فاش ٿيڻ ۽ پنهنجي سوچ تي خوش ٿيڻ واري هئي.

”هاڻ ته آئون هڪ مارڪ به قيمت گهٽ نه ڪنديس، جو مون کي خبر آهي ته تون هي ڪتاب ضرور وٺي پنهنجي سئيڊس پروفيسر تي لئه رکندين.“ هن جهرڪي ڪاڌل ٻليءَ جهڙي شڪل ناهي چيو.

مون سندس پڪي عزم ۽ پنهنجي پرس جو جائزو لڳائي ڪيس سندس گهربل رقم ڏني ۽ سوچيم ته مالمو (سئيڊن) پهچي ڪتاب پنهنجي

يونيورسٽيءَ جي ريڪٽر (وائيس چانسلر) کي تحفي طور ڏيندس ۽ هڪ عدد ڏوراپي جو خط پنهنجي دادوءَ جي دوست ظهير بابر قريشي کي لکندس جيڪو هتان تعليم حاصل ڪرڻ بعد ويندي وقت فنلئنڊ جي ماڻهن لاءِ ٻڌائي ويو هو ته فنلئنڊ جا مرد سو ضرور نپٽ چندا آهن پر عورتون ڪلفيون ۽ کون آهن، يعني تمام نرم دل آهن پر شايد جنهن نياڳيءَ سان منهنجو واسطو پيو سان ڪلفي ۽ کون جهڙي نرم دل ته نه نڪتي پر اتر قطب جي برف جهڙي سخت ۽ پڪي نڪتي جيڪا هزارين سال گذرڻ بعد ڳرڻ جو نالو نٿي وٺي.

# آخري زار ۽ زرينا جو اولاد

هيلسنڪي (فنلئنڊ) جي بندرگاهه جي منهن وٽ مارڪيٽ چونڪ آهي، جتي ڀاڄي ۽ ميوي کان علاوه هتي جي نهيل گڏين، رانديڪن ۽ ٻين سوکڙين جا دڪان آهن، جيئن هن بندرگاهه ۾ روزانو هزارين اينڊڙ ويندڙ مسافر هتي جا سووينئر (سوکڙيون،تحفا) وٺي سگهن. هي دڪان ٽيبلن يا گاڏن تي هوندا آهن ۽ ٻي ٻجي دڪاندار پنهنجا دڪان بند ڪري دڪانن سميت يعني ڦيٽن وارن گاڏن سميت روانا ٿي ويندا آهن. هنن دڪاندارن ۾ ڪيتريون ئي عورتون، پر وارين روسي رياستن، مرمانسڪ، ڪاريلئاءِ خاص ڪري ايسٽونيا جون هونديون آهن. ايسٽونيا جو بندرگاهه ۽ گاديءَ جو هنڌ ٽالن، هن بندرگاهه هيلسنڪيءَ کان پنجاهه ڪلوميٽرن کان ٻه اوري آهي پر ملڪ جي معاشي حالتن ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. ايسٽونيا کان روزانو ڪيترائي ماڻهو- خاص ڪري عورتون ٻيڙين رستي هيلسنڪيءَ ۾ نوڪريءَ لاءِ يا هٿ جون هنر جون شيون وڪڻڻ لاءِ اچن ٿيون.

هونءَ تہ کو زمانو هو جو هي فنلئنڊ روس جي رحم ڪرم تي هوندو هو. ڪيس روس کان هڪ ٿڦڙ لڳندي هئي تہ ڳل ورائي ٻيءَ لاءِ ڏيندو هوس، پر اهو زمانو 1917ع کان اڳ جو هو. هن مارڪيٽ جي وچ تي هڪ پٿر جو، روس سلطنت جو، ٻنهي منهن واري سونهري عقاب جو مجسمو (statue)رکيل آهي. سن 1833ع ۾ روس جو شهنشاهہ ”زار نڪولس اول“ ۽ سندس راڻي صاحبہ ”زرينا اليگزينڊريا“ هتي هيلسنڪيءَ ۾ پهريون دفعو گهمڻ آيا هئا، انهن جي ياد ۾ هي پٿر جو بت ناهيو ويو ۽ ٻن سالن بعد 1835ع ۾ هن جاءِ تي کوڙيو ويو.

1917ع واري انقلاب کان اڳ روس تي شهنشاهيت هئي ۽ حاڪم کي زار Czarءِ راڻيءَ کي زرينا سڏيو ويندو هو. ”زار نڪولس ٻيو“ روس جو آخري بادشاهہ هو، جنهن کي 1918ع ۾ سندس راڻي (زرينا) اليگزينڊريا ۽ ٻارن (اولگا، تاتيانا، ماريا، اناستاسيا ۽ اليگزي) سميت قتل ڪيو ويو هو.

روس جي هيءَ آخري راڻي اليگزينڊريا سان اڄ جي انگلينڊ جي راڻي ايلزبيٿ جي مڙس فلپ جي مائٽي پڻ ٿئي. فلپ جي ماءُ جو نالو ائلس (Alice) هو ۽ نانيءَ جو شهزادي وڪٽوريا، (انگلينڊ واري

راڻي وڪٽوريا نہ پر هيءَ وڪٽوريا آف هسي سڏبي هئي) سو هيءَ وڪٽوريا ۽ روس جي آخري راڻي (زرينا) پاڻ ۾ سڳيون ڀيڻون هيون- ٻين لفظن ۾ روس جي هن آخري شهنشاهه ”نڪولس ٻئي“ جا ٻار: اولگا، ماريا، اليگزي وغيره انگلينڊ جي شهزادي فلپ جا سڳا ماسات ٿيا.

نڪولس ٻيو 1868ع ۾ ڄائو هو، ڪانئس اڳ روس جو شهنشاهه سندس پيءُ زار نڪولس ٽيون هو. ان کان اڳ ان جو پيءُ ”زار اليگزينڊر ٻيو“ هو ۽ ان کان اڳ ”زار نڪولس پهريون“. راز نڪولس پهرين 1796ع ۾ ڄائو ۽ 1818ع ۾ گذاري ويو.

مٿي شهزادي فلپ جي ڳالهہ ان ڪري ڪدي اٿم جو اڄڪلهہ هڪ ڪڏ مان لڌل هڏائن ڍانچن بابت هن پاسي اهوئي گمان ڪيو پيو وڃي تہ اهي روس جي آخري حاڪم زار نڪولس ٻئي ۽ سندس خاندان جا آهن، ان لاءِ DNA-Analysis ذريعي اڄڪلهہ جي سائنسدانن انهن هڏن مان ڪوريل DNA کي فلپ جي رت مان نڪتل DNA سان ڀيٽي اوائلي درجي تي خاطري ڪئي آهي تہ اهي هڏا ساڳئي نسل سان تعلق رکن ٿا، خاص ڪري زرينا اليگزينڊريا سان، جيڪا فلپ جي نانيءَ جي سڳي ڀيڻ ٿي.

17- جولاءِ 1918ع تي انقلابين روس جي هن آخري شهنشاهه کي سندس زال ۽ ٻارن سميت اڪاترنبرگ واري گهر ۾ ماريو هو. هنن سان گڏ خاندان جو ڊاڪٽر ۽ ٽي نوڪر پڻ هئا. پوءِ ثابتي ختم ڪرڻ لاءِ انقلابين لاش کي ساڙڻ جو پروگرام ٺاهيو هو، پر هو فقط ٻه لاش ساڙي سگهيا. تواريخدانن موجب اهي ٻه لاش زار جي وارث پٽ اليگزي ۽ ننڍي ڌيءَ اناستاسيا جا ٿيا وجن ٿا. باقي لاش کڏ ۾ پوريا ويا هئا. اهي لاش هاڻ هٿ ڪيا ويا آهن ۽ ٻه ٽي مهينا اڳ روس کان انگليند پهچايا ويا آهن، جتي هي DNA ٽيسٽ هلي رهيا آهن. DNA-Mitoehondrial اهڙي شيءِ آهي، جيڪا ورثي ۾ ماءُ کان ٻار کي ساڳي ملي ٿي.

# فنلئنڊ ۽ هيلسنڪي بابت

مٿي ذڪر ڪيل روس جا اتر اولهه وارا علائقا مرمانسڪ (Murmansk) ۽ ڪريليا (Karelia) فنلئنڊ سان مِلن ٿا، يعني بارڊر جي ساڄي پاسي اهي علائقا آهن ته کابي پاسي فنلئنڊ. فنلئنڊ کي جڏهن روس فتح ڪيو ۽ هڪ صدي ڪن ان جي قبضي ۾ هو ته فنلئنڊ جا رهاڪو فنش توڙي روسي هڪٻئي جي علائقن ۾ نه فقط ايندا ويندا هئا، پر ڪيترن ئي هميشه لاءِ رهائش پڻ اختيار ڪئي. ان زماني ۾ فنلئنڊ توڙي روس جي ايڪانامي ساڳي هئي ۽ فنلئنڊ وارن کي خواب خيال ۾ به نه هو ته سندس جان روس مان ڇٽندي، پر پوءِ 1917ع واري روسي انقلاب ۾ فنلئنڊ پنهنجي خودمختياريءَ جو اعلان ڪري روس کان ڌار ٿي ويو ۽ هاڻ فنلئنڊ دنيا جو بيحد سکيو ستابو ملڪ آهي. بارڊر جي هن پار روس جي حالت بيحد مسڪينن واري آهي. فنلئنڊ جي فنش ماڻهن جا اهي سئوٽ ماسات ۽ مائٽ مٽ جيڪي روس ۾ رهيل آهن اهي فنلئنڊ واپس اچڻ لاءِ واجهائين ٿا. سندن حالت مڪاني روسي ماڻهن کان به غريب ۽ رحم جوڳي آهي ۽ انهن روسي فنش

ماڻهن استالن جي دور ۾ سخت ظلم سَنا جن جو ذڪر روسي ليکڪ سولزينتسن پڻ پنهنجي مشهور ڪتاب (The Gulag Archipelago) ۾ ڪيو آهي.

هونءَ جنهن روسي فِن (Finn) ڪي وجهه لڳو ٿي اهو لڪي ڇپي، يا شاديءَ جي آڌار تي پنهنجي اباڻي وطن فنلئنڊ هليو آيو ٿي، پر هاڻ انهن لڏي ايندڙن جو تعداد ايترو وڌي ويو آهي جو هن سال ڪان فنلئنڊ جي حڪومت سندن اچڻ کي روڪڻ لاءِ سخت اپاءَ ورتا آهن.

هيلسنڪي جي مشهور Esplaneden روڊ تي روسين جي نهرايل چرچ (عيسائين جي عبادت گهر) پرسان پريزيڊنٽ هائوس آهي، جيڪو 1818ع ۾ نهيو آهي. 1919ع تائين اهو محلات روسي شهنشاهن (زارن) جي رهائش لاءِ ڪتب ٿيندو رهيو. فنلئنڊ کي خودمختياري ملڻ بعد اهو ملڪ جي صدر جي سرڪاري رهائشگاهه ٿيو. اڄڪلهه هتي جو چونڊيل صدر ”مائونوڪوئي وسطو“ هن ۾ رهي ٿو. آفيس ايندي ويندي اسان جو هن محلات اڳيان روزانو لنگهه ٿئي ٿو- نه فوج، نه پوليس جون گاڏيون، نه ڊير ڪارين، جيپن جو نه ڊرائيور ۽ خذمتگار- رڳو ٻه نوجوان سنتري ڇرو لڳل

”بندوقڙيون“ ڪٽي محلات جي در اڳيان بيٺل نظر اچن ٿا. ان مان اهو چڱي ريت اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ملڪ ۾ ڪيتري حد تائين امن امان آهي ۽ ملڪ جا ڪامورا ڪڙا ته نهيو پر وزير ۽ صدر به ڏيکاءُ يا ٺيٺڙي نٽا ڪن.

اڄڪلهه جي هن دور ۾ جڏهن اسان جهڙن ملڪن ۾ عام ماڻهن جي باڊي گارڊن جي هٿن ۾ به ڪلاشنڪوف بندوقون آهن، اتي هي جهوني زماني جون سادڙيون بندوقون، جن سان اسان ڪي ننڍي هوندي ڳوٺ جي مخدوم غلام حيدر هاءِ اسڪول ۾ ڊرل ٽيچر اسحاق پريڊ سيکاريندو هو، انهن کي ”بندوقڙيون“ ئي سڏي سگهجي ٿو.

پريزيڊنٽ هائوس پرسان ئي ملڪ جي سپريم ڪورٽ آهي ۽ ان پر ۾ سئيڊش سفارتخانو ۽ سٽي هال.

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

[https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book](https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book)